سامي

هڪ ويدانتي شاعر



ڊاڪٽر وندنا اشوڪ رامواٽي

018/7
V.Ram

سامي
هڪ ويدانتي شاعر

ڊاڪٽر وندنا اشوڪ راموائي

رونق انٽرپرائيزز
آفيس نمبر: 1، اي ونگ،
ڦريون ماڙو، ووڊلئنڊ ڪامپليڪس،
فرنيچر بازار، نهرو چونڪ،
اُلهاسنگر-421002



ممتاميءَ جي صدقي،
منهنجي مصريءَ کان ٻه وڌ
ماتا پدما ڀاڳچند موٽوائي؛
جنهن جي بي پناهه محبت ۽ راهنمائيءَ
مونکي هن مقام تي پهچايو....
-وندنا اشوڪ راموائي

سامي هڪ ويدانتي شاعر
(تحقيقي مضمون)

ڪاپي رائيٽ : وندنا اشوڪ راموا ٽي

ڪور ڊزائين : رام لعلچنداڻي
ڊي. ٽي. پي : شوڀا لعلچنداڻي
ڇاپو پهريون : سيپٽمبر 2010
قيمت : -/250
پبلشر : رونق انٽرپرائيزز
آفيس نمبر : 1، اي ونگ،
پهريون ماڙ، ووڊلئنڊ ڪامپليڪس،
فرنيچر بازار، نهرو چونڪ،
الهاسنگر-421002 موبائيل: 9324713046

"Sami-Hik Vedanti Shaair"
(Sami - A Vedantic Poet)
Research Essay

By : Dr. Vandana Ashok Ramwani

Copyright : Dr. Vandana A. Ramwani

First Edition : September 2010
Price : Rs. 250/-
Cover Design : Ram Lalchandani
D.T.P. : Shobha Lalchandani
Printers : Allied Arts
Allied Ind. Estate,
Mahim, Mumbai - 400016
M : 9323726436
Published by : Raunaq Enterprises
Office No. 1, A Wing,
1st Floor, Woodland Complex,
Furniture Bazar, Nehru Chowk,
Ulhasnagar - 421002
M : 9324713046

Published with the financial assistance of
NCPSL, Ministry of HRD, Govt. of India, New Delhi

ٻه لفظ

ڪنهن به ٻوليءَ ۽ ادب جي خزاني کي مالا مال ڪرڻ لاءِ تحقيق جو سلسلو بيحد ضروري آهي. تحقيق ۾ اهڙين عمده ۽ انوکين ڳالهين جو انڪشاف هوندو آهي، جو قارئين اُن کي پڙهندي انتهائي تسڪين ماڻيندا آهن. اڪيميڊڪ ميدان ۾ ممبئي يونيورسٽيءَ جو تاريخي ڪردار رهيو آهي، جتي ٻين شعبن سان گڏ سنڌي وڀاڳ پڻ هر کيتر ۾ پاڻ موکيو آهي.

'سامي - هڪ ويدانتي شاعر'، سامي صاحب جي شاعري ۽ سندس جيون ڪاريه جي سلسلي ۾ هڪ رتائتي تحقيق آهي، جنهن جي روشنيءَ ۾ ساميءَ جي سوانح عمري، ڀڳتي هلچل واري شاعري ۽ ساميءَ جي سلوڪن جي فنڪارانه افاديت سان گڏ ان دور جي سماجي ۽ سياسي حالات جو جائزو پڻ ورتل آهي.

منهنجي عزيز طالب علم، وندنا اشوڪ راموٽيءَ جي انتهائي محنت ۽ مشقت هن علمي ڪاوش کي جنم ڏنو آهي. قوي اُميد اٿم ته پوري سنڌي ادبي حلقي ۾ موجوده ڪتاب جو ڀرپور خير مقدم ڪيو ويندو!

-ٻلديو ٻختراءِ مٽلاڻي

ممبئي: 13 آگسٽ 2010ع

مهاڳ

سنڌ جي ادبي تاريخ جو اُهو دور جڏهن، شاه، سچل ۽ سامي پيدا ٿيا؛ سنڌ جي معاشي ۽ مذهبي حالتن لاءِ انتهائي تڪليف ده دور هيو. وقت جا حاڪم جيتوڻيڪ ڏيهي سنڌي هئا، پوءِ به فطرتا ''نيڪ، بامروت ۽ خوش خلق هوندي به مُشرڪن جي باري ۾ سختيءَ کان ڪم وٺندا هئا. لاڙ ۾ جڏهن ڪنهن بدنصيب هندوءَ کان ڪا معمولي خطا به ٿيندي هئي، ته اُن کي جهلي، ڪلمه پاڪ پڙهائي زوريءَ مٿس اسلام جا فرائض نافذ ڪندا هئا. ساڳيو ئي حال ميرن جو به هيو. هوُ سڀ کان وڌيڪ تبليغي سرگرمين ڏانهن مائل رهيا. ڪنهن انگريز مفڪر اهڙي صورتحال جي پيش نظر ائين به چيو هيو ته عقل ان ڳالهه کي سمجهڻ کان قاصر آهي ته هندو پوءِ به سنڌ ۾ ڇو رهيا پيا آهن؟ جنهن جو تجزيو ڪندي هُن صاحب آخر، اِهو ئي سبب ڳولي لڌو ته سنڌي، هندو هجي يا مسلم، ڪيس جنم ڀومي سنڌ لاءِ بي پناه محبت رهي آهي... پوءِ به ڪهڙي به جابر طرفان ڪنهن مظلوم تي ڪيل عقوبتون ديرپا اثر ته ڇڏين ئي ٿيون... شايد اِهو ئي باج نانون‌مل جهڙا ڪردار ته پيدا ڪري ۽ نتيجي ۾ تقريبا اڌ

ڪئي.

مون ڪي شروعءَ کان ئي سنڌي ادب جي اساسي شاعريءَ سان ڏاڍي رغبت رهي آهي. قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم، خواجه محمد زمان لنواريءَ وارو، شاهه ڀٽائي، سچل سائين ۽ سامي؛ سندن ڪلام منهنجي دل و دماغ تي ڇانيل رهيو آهي. جيتوڻيڪ ڪنهن به هڪ شاعر کي ڪنهن ٻئي تي فوقيت نه ڏيئي سگهبي، پوءِ به جئين ته ساميءَ کي ڇڏي ٻين تمام شعراءِ حضرات تي ڪافي ڪجهه ڪم ٿي چڪو آهي ۽ هينئر به سنڌ ۾ وڏي پيماني تي انهن جي ڪلام ۽ سندن زندگيءَ کي جاچڻ ۽ پرکڻ تي وگيانڪ انداز ۾ تحقيق ٿئي پئي. تڏهن هتي ڀارت ۾ هن ناچيز، سامي صاحب کي به ڪجهه ياد ڪندي ڪيس سنڌي ادب ۾ پوري جاءِ ڏيڻ جي مقصد کان مٿس قلم هلائڻ جي عاجزانه ڪوشش ڪئي آهي. اِهو سچ آهي ته تحقيق، هڪ نه ختم ٿيندڙ سلسلو آهي ۽ اها به حقيقت آهي ته اڄ جا مفروضات، مستقبل ۾ رد به ٿي سگهن ٿا. پوءِ به مون هتان جي حالتن انوسار جڏهنماديت پرستيءَ جي دنيا ۾ ڪنهن به ٻوليءَ ۽ خاص ڪري ڀارت ۾ سنڌي ادب ڏانهن ته خير ڪو ڌيان ڏنو وڃي ٿو؛ تڏهن همت ڪري سامي صاحب کي موضوع بڻائي مٿس تحقيق ڪرڻ لاءِ خدا جو نالو وٺي گهڙي پيس. خبر تڏهن پيئي جو خود ڪوڙومل ڪلناڻي صاحب جا به ڇاپي نسخا هِت ميدان ادب تي ناپيد هئا. تمام اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي ۽ ڪيترين ئي شخصي لائبريرين تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. جيترو ڪجهه مواد ملي سگهيو؛ جيستائين هٿ پهچي سگهيا؛ اُن کان لاڀ ورتو ويو. باقي سنڌ جا تمام ٿورا ڇاپي نسخا ملي سگهيا، جن کي موجوده تحقيق ۾ داخل ڪيو ويو آهي. پڪ آهي ته اُتي اچا به گهٽو ڪجهه ڪم ٿيو هوندو! شل اهڙو وقت اچي جو اسان جي هڪ ٻئي جي ڪاوشن تائين رسائي آسان بڻجي ۽ گڏجي پنهنجي علم ادب جي وڌيڪ خدمت ڪرڻ جي قابل ٿي سگهون!

سنڌ واسين کي ڌرتيءَ کان ٻي گهر ڏيڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو...

تاريخ جي ايترين گهرائين ۾ نه وڃي به ايترو ضرور چئبو ته اهڙي سماجي ۽ سياسي اڻ برابريءَ واري دور ۾ به رب پاڪ سنڌ جي سڀاجهي ڌرتيءَ جي سيني مان اهڙا ڪردار به اُپايا، جي پنهنجي پوري زندگي محبت ۽ اخوت لاءِ وقف ڪندا رهيا. انهن صرف انساني برابري ۽ اعليٰ اخلاقي قدرن جو پرچار ڪيو، ۽ نتيجي ۾ صدين تائين هر سنڌيءَ جي دل ۾ پنهنجو مستقل گهر قائم ڪيو.

اهڙي ئي صف ۾ شاه، سچل ۽ سامي سرِ فهرست آهن؛ جن جي زندگي، پيغام ۽ سندن اعمال ايندڙ تمام نسلن لاءِ مشعل راه آهن. اهڙي جَبر واري دور ۾ شاه ۽ سچل ته ڪيئن نه سينو ساهي، حاڪمن مٿان ڪليو ڪلايو تنقيد ڪئي ۽ سنڌ جي ڌرتيءَ کي مٺ محبت جو ريج ڏنو. ساميءَ وري چپ چاپ، پنهنجو هڪ جدا مارڳ وٺندي اِهو ساڳيو 'اخوت وارو پيغام ماڻ مِٺ ۾ چٽڪيون لکي مٽڪين ۾ وجهندي ڏنو. اُنهن ٽنهي عارفن جو مقصد اهو ساڳيو ئي هيو ته سنڌ جا ماڻهو محسوس ڪن ته ٻيئي مذهب پنهنجو وجود برقرار رکندي به منجهن ڪو ويڇو پيدا ٿي نٿو سگهي. هنن ٽنهي شاعرن سموري سنڌي جاتيءَ کي هڪ ئي تهذيب واري ڳنڍ ۾ ٻڌندي منجهن اتفاق قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هنن جي اُن ڳانڍاپي، سنڌي سماج لاءِ هڪ وڏي نعمت جو روپ ورتو ۽ اُن جي وجود جي بقا لاءِ ضمانت.

ڄام نظام الدين، مخدوم بلال، خواجه محمد زمان لنواريءَ وارو، شاه اسماعيل صوفي ۽ ٻين ڪيترن اهلِ حال بزرگن جو مذهب اُهو ساڳيو هو، جيڪو افاده عام جي رنگ ۾ رڱيل هو. جو سنڌي ماڻهن جي تهذيب سان هم آهنگ ٿيندو ويو. هو پنهنجي مادي ۽ روحاني فلاح لاءِ ٻي خوف ٿي اڳتي وڌيا ۽ بني نوع انسان جي آفاقي مسرت ۽ ڪماليت لاءِ پنهنجو فرض ادا ڪندا رهيا. حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سائين ۽ چئنراءِ 'سامي' به ان ساڳي سٽ جا رڪن هئا، جن سنڌ ۽ سنڌي سماج جي اجتماعي امنگ جي ترجماني

فهرست

آءٌ ممنون آهيان پنهنجي راهنما، ڊاڪٽر بلديو متلاڻيءَ جي، جنهن هن سموري تحقيق جي گهڙت ۽ اُن کي موجوده روپ ڏيڻ لاءِ قابل قدر صلاحن سان نوازيندي ۽ وقت سر راهنمائي ڏيڻ فرمائي! آءٌ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جي پڻ آڀاري آهيان، جنهن هن تحقيق جي هر پيچيده موڙ تي پنهنجي اونهي علم جو فيض ڏنو!

الهاسنگر،

سيپٽمبر 2010ع — وندنا اشوڪ راموائي

باب-1

ساميءَ جي سوانح عمري

ڪنهن بہ قوم، ملڪ ۽ سماج ۾ پيدا ٿيندڙ عظيم انسان، پنهنجي حياتي ۽ عمل جي حوالي ۾ ان سموري دور جا ساکي ۽ شاهد بڻجي جنم وٺن ٿا. اهي تاريخ جي هڪ مخصوص گهڙيءَ لاءِ پنهنجي ذات ۾ پراڻي ۽ نئين، ٻنهي پيڙهين جا ترجمان ٿي ايندڙ نسل لاءِ نيون راهون گهڙين ٿا؛ جن تي اڳتي وڌڻ لاءِ الائي ڪيترين پيڙهين کي راهنمائي ملندي آهي. اهڙا انسان پاڻ سان ڪو خواب، ڪو آدرشي اُڌيش، ڪا فطري ڏاهپ کڻي ايندا آهن؛ جنهن جي روشنيءَ ۾ هو ثابت ڪري ڏيکاريندا آهن، تہ نئين نسل کي ڪهڙي سانچي ۾ نپجي، ڪهڙو مخصوص روپ اختيار ڪرڻ گهرجي.

هر مهذب قوم هميشه اهڙين مهان هستين کي سڃاڻي، انهن سان پنهنجا پيوند پختا ڪندي پنهنجي لاءِ هڪ امله نعمت محسوس ڪندي آهي. هو پنهنجي دور جي مروج ۽ مڃيل نظام جي رواجي پيداوار نہ، پر پنهنجي ذات ۾ هڪ نئون ۽ انوکو ڪردار ٿي ساماٽبا آهن. هو هڪ نئين ۽ منصف سماج جي پيدا ڪرڻ جا داعي هوندا آهن. هو شخصي مفاد کي ڇڏي عام مفاد لاءِ لڇندا آهن. هو پنهنجي ذات کان هٽي ڪري ٻين لاءِ جيئندا آهن. هو هڪ نئين دنيا جي تعمير لاءِ جدوجهد ڪندي ڳهندا ۽ ڳرندا آهن. پاڻ کان لاپرواهي ۽ ٻين جي اون، هنن جو غيررواجي حوصلو ۽ همت، اهي ئي سندن عظمت جون نشانيون آهن. اهڙا لازوال انسان پنهنجي قول ۽ عمل سبب تاريخ جي صفحنِ اوراق تي هميشه حيات هوندا آهن.

انگريزي ڪتاب 'سانگ آف دي سپرٽ'، جو شانتي ايل شهاڻيءَ لکيو آهي ۽ جنهن جو مهاڳ، سنڌ جي پرسٽ فيلسوف، ساڌو واسواڻيءَ لکيو آهي. ان ۾ پروفيسر ايس.اين.ڦيرواڻي، سامي صاحب جي جيون بابت لکي ٿو:

"Sami the saintly mystic Poet,
lived up to a hundered and seven years
and died in 1850, seven years after
the British occupation of Sind," 1

'سنڌ جي ادبي تاريخ' برٽش حڪومت کان اڳ (پاڱو پهريون)، جو ڪتاب سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ حيدرآباد وارن سال 1937ع جو ٽيون ڪتاب ڪري ڇپايو آهي، اُن ۾ خانبهادر محمد صديق ميمڻ چوي ٿو:

''سامي صاحب 1743ع ۾ ڄائو هو، جڏهن ڪلهوڙن جي حڪومت سنڌ ۾ هئي. هو ٽالپرن جي صاحبيءَ وارو سمورو عرصو حيات هو ۽ هڪ سؤ ستن ورهين جي عمر ۾ 1850ع ۾ چالاڻو ڪيائين.''(2)

پروفيسر ڄيٺمل پرسرام، ڪوڙومل سنڌي ساهتيہ منڊل پاران ڇپايل ڪتاب 'ساميءَ جا چونڊ سلوڪ' ۾ ساميءَ جو جيون چرتر لکندي، جنم جي تاريخ واري سري هيٺ لکي ٿو:

''سندس جنم جي تاريخ نسبت ۾ ڪجهہ پيد پيو پائنجي، پر ممڪن آهي تہ هو سنبت 1800 (1743ع) ۾ پيدا ٿيو ۽ سنبت 1907 (1850ع) ۾ گذر ڪري ويو. سندس عمر ڪبير ڪان بہ وڏي ڄڻبي''(3)

1. شانتي ايل شهاڻي'Song of the spirit' : (مهاڳ-ايس.اين. ڦيرواڻي) صفحہ2
2. خانبهادر محمد صديق ميمڻ: 'سنڌ جي ادبي تاريخ' (پاڱو پهريون) صفحہ 229
3. پوڄراج ناگراڻي: 'ساميءَ جا سلوڪ' (پاڱو پهريون) : صفحہ 2

ساميءَ جو جنم:

حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ولادت 1689ع ۾ هالا ۾ ٿي. 1729ع ۾ سچل سائين درازه شريف ۾ تولد ٿيو. اُن کان 4 ورهيه پوءِ 1743ع ۾ شڪارپور ۾ چيئنراءِ ٻاچومل ڏتاراماڻي 'لنڊ' جو جنم ٿيو؛ جنهن کي سنڌي ادبي دنيا اڄ 'سامي'ءَ جي نالي سڃاڻندي آهي. شاه ۽ سچل جي حياتيءَ جو احوال فارسي ڪتاب 'تحفةالڪرام' ۾ ملي ٿو؛ جو شاه صاحب واري دور ۾ پيدا ٿيل مير علي شير قانع (1788ع-1727ع) جي هٿان لکيل آهي. هيءُ ڪتاب ٽن ڀاڱن ۾ آهي، جنهن جي ٽئين ڀاڱي ۾ سنڌ بابت احوال ڏنل آهي، جيڪو راءِ گهراڻي کان وٺي غلام ڪلهوڙو جي دور تائين ڦهليل آهي. ان ئي حصي ۾ شاه ڀٽائيءَ جو احوال ملي ٿو. شاه ۽ سچل سائينءَ جي ڀيٽ ۾ ساميءَ نہ تہ پنهنجا ڪي شش ڪيا ۽ نہ ئي وري ڪي فقير ۽ درويش پنهنجي پنيان ڇڏيا. ان ڪري سندس حياتيءَ بابت پروسي جوڳو احوال ملڻ قدري مشڪل آهي. سامي صاحب جي جنم ۽ ديهانت جي تاريخ بابت الڳ الڳ ليکڪن جي راين ۾ تضاد نظر اچي ٿو. جيئن تہ ديوان ڪوڙومل چندنمل کلناڻي ان نسبت هيٺينءَ ريت ٿو لکي:

> **''ڪي ماڻهو چون ٿا تہ هن (ڀائي چيئنراءِ) جي عمر 65 ورهيہ هئي، پر اها ڳالهہ وسهڻ جهڙي نہ آهي. گهڻن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ جڏهين هن سرير ڇڏيو تڏهن هن جي ڏاڍي ورڊ اوستا هئي، سندس چالاڻي کي 35 کن ورهيہ ٿيندا. سندس پٽ گهنشامداس، جنهن کي مئي ٻہ ٽي ورهيہ ٿيا، سو 35 کن ورهين جو هو ۽ چون ٿا تہ اهو پٽ 70-80 ورهين جي ڄمار ۾ ڄائو هوس. تنهنڪري ڀانئجي ٿو تہ ڀائي چيئنراءِ جي عمر 100 ورهيہ کان مٿي هئي. ڏسجي ٿو تہ سنبت 1800 ڌاري هن جو جنم ٿيو ۽ هن جو چالاڻو 1907 ڌاري ٿيو.''(1)**

---

1. يوجراج ناگراڻي: ''ساميءَ جا سلوڪ'' (ڀاڱو پهريون) صفحہ 2

ان وقت جي روايت موجب ساميءَ جي شادي ننڍي عمر ۾ ڪئي ويئي۽ هو پنهنجي گهر جي گذران لاءِ شڪارپور جي سيٺ تندٿملاڻي جي ڪوٺيءَ تي ڪم ڪرڻ لڳو. اُن سيٺ جا ايران ۽ خراسان سان واپاري ناتا هئا. هو اُتان مال گهرائيندو هو ۽ اُتي مال موڪليندو هو. سندس گهڻو تڻو ڏنڌو ڪپڙي جو هو. 1

اُن سيٺ وٽان پائي چئنراءِ کي ڪميشن طور جيڪي ڪجهه ملندو هو، هو اُن تي راضي هوندي به ڪجهه غير مطمئن رهندو هو، جنهن جو هڪ پيو به ڪارڻ هيو ته ننڍپڻ کان ئي هو گرونانڪ وانگر سچي سودي جي تلاش ۾ هو:

ورلو واپاري، سودو ڪري سچ جو،
پري ڪيپ ڪميا سان، پڳت جي پاري،
’سامي‘ لوڪ پرلوڪ جي، سڌ رکي ساري:
ڪري نيزاري، سنمک ٿئي شاهن سان.

گرهست به هن رشيءَ لاءِ ’انيتيءَ‘ جهڙو هو.

گيانيءَ کي گرهست، آهي انيتيءَ جهڙو

سامي صاحب ور ور ڏيئي ساپرس سوداگرن جي استتي ڪئي آهي. سنسار پوساگر جي ڪُن مان، سچن سوداگرن جي ٻيڙي، پريم جي پرتاب ۽ گر گيات جي پرڪاش سان، سلامتيءَ سان اُڪري وڃيو ابدي امن جي ڪناري تي رسي: پر ڪوڙا پوءِ به وڃيو عميق جي اوڙاه ۾ ڪرن:

ٻيڙي سير چڙهي، سوداگر ساپرس جي،
سودي سار اپار سان، پورن پريم پري،
ڪن ڪپر لُڙ، ۾ ’سامي‘ ڪين اڙي،
بنا گهاٽ گهڙي، گٽڪاري گرگيات سان.

---

1. پوجراج ناگراڻي: ’ ساميءَ جا سلوڪ‘ (پاڱو پهريون) : صفحح 25

مولچند گياني ڪوٺنا وارو، جنهن ساميءَ جا 21 سوءُ سلوڪ بن ڀاڱن ۾ ڇپايا، تنهن سامي صاحب جو جيون چرتر، ڀائي نارائڻداس شڪارپوري صراف جي اختياريءَ تي ڏنو آهي، جو ساڻس گڏ ڪوٽنا ۾ رهندو هو. ڀائي نارائڻداس شڪارپوري، ڀائي چئنراءِ جي برادري مان هو، جنهن جو ڀائي چئنراءِ جي پٽ گهنشامداس سان گهرو رستو هو. نارائڻداس جيڪو احوال مولچند گيانيءَ کي ڏنو هو، سو سڀ ڀائي گهنشامداس کيس ٻڌايو هو :

''سامي صاحب جو اصل نالو ڀائي چئنراءِ ڏاتاراماڻي لنڊ هو، جنهن جو جنم اٽڪل سنبت 1787ع ڌاري ٿيو هو... سندس چالاڻو 120 ورهين جي ڄمار ۾ اٽڪل سنبت 1907 ۾ ٿيو. جڏهن گهنشامداس اٽڪل 40 ورهين کن جو هو.''[1]

ان سموري بيان ۾ ناگراڻي صاحب، مولچند گيانيءَ جي حوالي سان ٻيئي ڀيرا 'اٽڪل' لفظ جو استعمال ڪيو آهي، جنهن ڪري اهو بيان پوري طرح وسهڻ جوڳو نه ٿو ٿئي. پوءِ به بقول گياني، بيانيه سنبت موجب سامي صاحب 1730ع ۾ پيدا ٿيو ۽ 1850ع ۾ روحاني راه جو راهي ٿيو.

ساميءَ جو گرهست جيون :

سامي صاحب جو گهر شڪارپور جي ننڍي بازار ۾ جهڱل پياري ٿان جي سامهون هو، جو ڀائي گهنشامداس آخر نيڪال ڪري ڇڏيو. چاڪاڻ ته هو گهڻو ڪري امرتسر ۾ رهندو هو. چئنراءِ جي چت جو لاڙو به ننڍي وهيءَ کان ئي تردم ۽ ساڌ سنگت ڏي هوندو هو. هن جو پتا، ٻچومل هڪ مالدار واپاري هو. دنيا جي ايترن سکن هوندي، چئنراءِ پنهنجو سمورو ڌيان ودِيا جي اڀياس ڪرڻ ۽ ساڌ سنگت جي رس چکڻ ڪي ڏنو.

---

1. يوجراج ناگراڻي: 'ساميءَ جا سلوڪ' (ڀاڱو پهريون) : صفحه 3

پتت ڪي پاون، 'سامي' ڪيو ستگروءَ،
پرچي ڏنائين پانهنجو، نچ نرمل درشن،
ٽيڙو من امن، اوديا ڪلپت نہ رهي.

ان ڪان پوءِ سوامي مينگهراج پنهنجي پياري شش جي گهر ۾ چاليهہ ڏينهن رهڻ قبوليو :

پاڙهي ڪو پر پڪُ، مرشد خاص مريد ڪي،
رکي نہ رتيءَ جيترو، طمع سان تعلق،
پنهنجي اکئين پاڻ ڪي، ڏسي ٽيو لاشڪ،
هردم اناالحق 'ڀانيڻ' ٻولي ٻل سان.

سامي صاحب پنهنجي گروءَ جي صحبت ۾ جيڪو گيان پرايو، اُن جو اعتراف هوُ هيٺين لفظن ۾ ڪري ٿو:

جنهين ڪنُ ڏيئي، ٻڌو گيان گروءَ جو،
پڙهي تنهن پورا ڪيا، شاستر سيئي،
ساڏو چڙهيو سير تي، اورارُ ٻارُ ٻيئي،
درشت وڃي پيئي، 'سامي' چئي سروپ

سيٺ ٻچومل پنهنجي پٽ، چئنراءِ کي اُن مهاتما، سوامي مينگهراج وٽ ڌرمي سکيا پرائڻ لاءِ موڪليو. هو ويدانت ۽ سنسڪرت ڪاويہ جو پنڊت هو ۽ شعر پڻ چوندو هو. هُن گروءَ مينگهراج کي شرف ڏيڻ لاءِ پنهنجي سموري ڪلام ۾ 'سامي' ،'ڀانيڻ' يا 'مينگهو' تخلص ڪتب آندو. اهو ڏيکاري ٿو تہ هن کي پنهنجي گروءَ لاءِ بي تحاشا صدق هيو. ايتري قدر جو پنهنجي زبان مان نڪتل سلوڪن کي بہ هوُ گروءَ جو فيض ئي سمجهي.

'پورن گروءَ' ۽ 'شد شيوڪ' جي وچ ۾ ويڇو نہ رهيو:

'ڀانيڻ' جنهن ٻڌا، انيئي واڪ عشق جا،
پرچي ڪئي تنهن پانهنجي، محبتيءَ مدعا،
جانيءَ ڪون جدا، ڪڏهين ٿئي ڪينڪي.

سامي صاحب ۽ ستگروءَ جي حاصلات :

ساميءَ جي ستگروءَ جي درشن ۽ حاصلات بابت تاريخ ۾ عجيب و غريب داستان ملن ٿا. هڪ رات ڀائي چئنراءِ خواب ۾ پنهنجي سامهون هڪ مهاپرش، ڪاشي پورن پرک ڏٺو؛ جنهن جي مک مان هي وچن پئي نڪتا: ''ستل لال! اُٿي ڀاڻ سڄاڻ. مون سان پريت رکي آدرشي رهت ڌار ۽ ايشور جي شرن وٺي پنهنجو اوديا ڀرم نوار.''

ڀائي چئنراءِ پره ڦٽيءَ جو سڄاڳ ٿيڻ سان ئي، خواب ۾ ڏٺل مهاپرشن جي درشن لاءِ تڙپڻ لڳو. هوُ سارو ڏينهن هرڻ ۽ هماءِ وانگر، پرينءَ جي پسڻ ڪاڻ سرگردان رهيو، پر جانب ڪٿي به نظر ڪونه آيس :

چٽنگ پيئي چوليءَ، عجائب عشق جي،
ده دس بينس دوس کي، فکر سان ڦوليءَ،
اچي چڙهيس اوچتي، حيرت هندوليءَ،
'سامي' سر اوليءَ، سهجي مليا سپرين.

نيٺ سنجها مهل نراش ٿي گهر واپس آيو. سندس سيني ۾ محبوب جي ديدار لاءِ اها ئي بيحد سڪ هئي. هڪ ڏينهن هو پنهنجي سيٺ سان گڏ پيڍيءَ تي ويٺو هو ته در تي هڪ مهاتما آيو. ساميءَ اُٿي سندس پير چُميا ۽ کين ٻڌايائين ته هن گذريل رات اُن مهاتما کي سپني ۾ ڏٺو هو. ان طرح سندس ڪوي ڪرم جي شروعات ٿي ۽ هن جي زبان مان ازخود نڪتو:

اوچتو اچي، سڄڻ بيٺو سامهون،
'سامي' سڌ ڪيو چوي، ڪو اڱڻ منجهه رچي،
سمجهي ڪنهن سچي، اها ڳالهه اگم جي.

ڀائي چئنراءِ پنهنجو ڪم ڪار ڇڏي، اُمالڪ پنل اکين سان وڃي سوامي مينگهراج جي چرنن ۾ ڪريو. ستگروءَ ڪوڏ مان کيس ٻانهن کان وٺي پنهنجي هردي سان لڳايو؛

واري گهر جي باغيچي ۾ جوڙائي هئي! اهي صاحب ائين به فرمائين ٿا ته، سامي صاحب جي سماڌي ۾ اُن جي پر ۾ آهي!" 1

بهاولپوري مت :

ٻي روايت آهي ته سوامي مينگهراج، بهاولپور رياست جي احمدپور ڳوٺ جو ويٺل هو. هن صاحب هڪ دفعي اتفاق سان اچي، شڪارپور ۾ هاٿي در وٽ مهراج هيمنداس جي مڙهيءَ ۾ نڪاٽو ڪيو ۽ سامي صاحب سان به ساڻس ملاقات انهيءَ مڙهيءَ ۾ ئي ٿي. ان بابت الڳ الڳ عالمن پڻ پنهنجا رايا ڏنا آهن. ديوان ڪوڙومل لکي ٿو، "انهن ڏينهن ۾ مينگهراج برهمڻ، جو اصل بهاولپور علائقي ۾ احمدپور شهر جو ويٺل هو، سو شڪارپور ۾ هاٿي در وٽ هيمنداس برهمڻ جي مڙهيءَ ۾ رهندو هو. ڪي ماڻهو ڪيس منگترام به ڪري سڏيندا هئا، پر سندس پٽرو نالو مينگهراج آهي. هوُ سنسڪرت پڙهيل هو، ڏاڍو ٻڌيوان هو ۽ ڪاويه ۾ به پختو هو. نارائڻداس بيراڳي، جنهنجو نڪاٽو شهر ۾ اڄ تائين آهي، سو هن جو سنگتي هو. ۽ائي چئنراءِ جي به انهن سان واقفيت ٿي، پر پنهنجي گروءَ جو درجو مينگهراج کي ڏيندو رهيو ۽ انهيءَ کان ئي وديا پڙهندو رهيو. ورهين تائين وديا پڙهندي ۽ ان جي سنگت ڪندي هن کي ويراڳ اچي ويو، تنهنڪري پنهنجي استريءَ سميت، امرتسر هليو ويو. اتي سندس اپياس وڌندو رهيو. ان طرح هو چاليهارو ورهين جي عمر ۾ ويراڳ ورتي ڏاري، سلوڪ چوڻ لڳو". 2

پروفيسر ڦيرواڻي، شانتي شهاڻي جي 'Song of the spirit' جي ديباچي ۾ لکي ٿو :

> "سوامي مينگهراج بهاولپور رياست جي احمدپور ڳوٺ جو ويٺل هو. قضا سان هي مهاتما اچي شڪارپور ۾ نڪتو ۽ هاٿي در وٽ مهراج هيمنداس جي مڙهيءَ ۾ اچي رهيو. 3

1. ڪلياڻ ٻي. آڏواڻي: 'سامي' - صفحو 8
2. ڪلياڻ ٻي. آڏواڻي:'سامي' : - صفحو 9
3. شانتي ايل شهاڻي: 'Song of the spirit' : - صفحو 11

ساميءَ جي ستگروءَ بابت ٻه روايتون :

سامي صاحب جي ستگرو سوامي مينگهراج جي باري ۾ ٻه روايتيون آيل آهن. ڪن صاحبن هن مهاپرش کي هڪ ڪشميري پنڊت ڪري بيان ڪيو آهي ته ڪن وري کيس هڪ بهاولپوري برهمڻ ڪري ڄاڻايو آهي.

ڪشميري مت :

ڪشميري مت وارن صاحبن جو چوڻ آهي ته سوامي مينگهراج جو پتا، ڪشمير جي راڄ دربار ۾ هڪ وڏي پدويءَ تي هو. هن صاحب کي ٽي پٽ ۽ ٻه نياڻيون هيون، اُنهن سڀني ۾ ننڍو سوامي مينگهراج هو. سوامي مينگهراج، پتا کان گُر وديا ورتي، امر پد پراپت ڪيو. سندس پتا جي ديهانت ڪانپوءِ کيس ڪشمير جي راڄ دربار ۾ ساڳي پدوي آڇي ويئي پر هن صاحب اُها سويڪار نه ڪئي، جيئن شاهه صاحب فرمايو آهي :

ڪاڪ نه جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهين نه مال (شاهه)

سوامي مينگهراج چيو ته، ''آءٌ دنيوي پدارٿن کي ڇا ڪندس! ايشور مونکي پنهنجي جوت ڦهلائڻ لاءِ ئي چيو آهي. هن صاحب 85 ورهين جي عمر ۾ سرير تياڳيو. ڪل نه آهي ته جڏهين ساميءَ جو ٻه ساٿس اوائلي مڪاميلو ٿيو، تڏهن سندس عمر ڪيڏي هئي. پر ايترو سماءُ آهي ته اُن وقت ساميءَ جي عمر صرف 22 ورهيه هئي.'' 1

مٿئين روايت موجب سامي صاحب جوانيءَ جي وقت کان وٺي پنهنجي گروءَ جي صحبت ۾ رهيو. جيسين سوامي مينگهراج حيات هو، تيسين سندس سنگ جي رنگ ۾ رتو رهيو.

وسي مينگهه ملار، ائٿي پهر آڪاس ۾،
ڌرتي سڀ هري ٿي، ڪليو گل گلزار

ڪشميري مت وارا صاحب انين به فرمائين ٿا ته، ''سامي صاحب، پنهنجي ستگروءَ جي هڪ سندر سماڌي، سوامي مينگهراج جي ڪشمير

1. ڪلياڻ بي آڏواڻي :' سامي' : صفحه 7

اصلي تصوير نظر ڪونہ ٿي اچي. پر ڪجھہ محققن جي چوڻ موجب هو نهايت سهڻو ۽ قد جو ٺاهوڪو شخص هو. هو سڀ سان مٺو ڳالهائيندو هو، سادو کائيندو ۽ سادو پهريندو هو. ڍيڪ ويڪ ڪان ايترو تہ پري هو جو ڌوتي بہ بغير ڪنهن رنگ جي، ڪناري واري پهريندو هو. پهراڻ هميشه سفيد سوٽي ڪپڙي جو هوندو هوس. مسڪينن جو مشتاق ۽ اهنڪار جو وروڌي هيو. 1

سامي صاحب جي اهڙن سنسڪارن جي ثابتي سندس هيٺئين سلوڪ مان ملي ٿي:

گريبي گلزار، اٿي موچاري 'مينگهو' چوي،
ساڙڻ ڪارڻ جڳ ۾، اٿي اپر اهنڪار،
اسان ٻيئي ٻول ٻڌائيا، توهين ڪي تڪرار،
اڳتي اوهانجو اختيار، اسان چيو حرف حساب جو.

سامي صاحب سچن سنتن جو پياسو هو. هن سچ جي تلاش ۾ نہ رڳو ويدن ۽ شاسترن جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو، پر جتي بہ ڪنهن عارف جو ڪو سهڻو وچن ٻڌو، اُن ڪي پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ درج ڪيو. هن جي هردي ۾ سچن درويشن جا سخن هميشھ لاءِ اُڪريل هئا.

جن ڪي جاڻي ياد، آءٌ ياد ڪريان نت تن ڪي
'سامي' مليا سپرين، پرچي تن پرساد
تن من ارپيان پاوَ سان، ڇڏي واد وواد،
اها آد جڳاد، واٽ ٻٽي ويساه جي.

هن جُي قول ۽ فعل ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ هو. سندس رهڻي ڪهڻي آدرشي هئي. هو اعليٰ اخلاق جو مجسم هو؛ ان ڪري ئي نهنائي، مريادا ۽ تهذيب کي اپنائڻ تي زور ڏني ٿو:

ادب ريءَ اجهاڳ، ڪَنِ سينگارُ سرير جو
سونپي سُپرين ڪي، ڪنهن ورلي ڏني واڳ
اچي جاڳيا جنهن جا، 'سامي' پاري ڀاڳ
ڇڏي نانا راڳ، ماڻي مک سهاڳ جو.

1. ڪلياڻ بي. آڏواڻي :'سامي' : صفحہ 16 ۽ 17

امرتسر وسائڻ :

ساميءَ کي جلد ئي تيرٿن پيٽڻ جو چاه اچي اُتپن ٿيو. هن پنهنجي ڌرم پتني سميت تيرٿ ياترا ڪرڻ ڪانپوءِ امرتسر ۾ اچي آسڻ کوڙيو، جتي سوني دربار ۾ گرن جي ٻاڻي اُچاريندي مٿس پريم جو ڪافي رنگ چڙهيو. جنهن جو اثر سندس سلوڪن ۾ پڻ نمايان آهي. 1

ساميءَ جي سلوڪن مان پڌرو آهي ته کيس سنسڪرت سان گڏ پارسي ۽ عربي جو بہ ڪافي علم هو. انهيءَ ۾ شڪ ناهي ته جيسين قلب نہ کليو هوس، تيسين علم جي چڱي حاصلات ڪئي هئائين. هن گرنٿن جو اڀياس ڪيو ۽ پاڻ راڳ رهاڻ مان بہ ڪافي ڪجهہ حاصل ڪيو. هوُ پنهنجي ڪجهہ سلوڪن ۾ اهڙو اشارو فرمائي ٿو، جنهن مان ظاهر آهي تہ گرنٿن جي اڀياس ڪان پوءِ ئي کيس گروءَ جو سنگ مليو هو. 2

پنا سڀ پڙهي، حرف نہ لڌوسين هيڪڙو،
ڪامل جي ڪرم سان، پڳي پرم گهڙي،
ويڙو چت وري، نور محل جي نيو تي.

مالڪ سان هڪ ٿيڻ :

سامي صاحب جي وفات بابت مڪمل پروسي جوڳو احوال جيتوڻيڪ ڪٿي بہ ڪونہ ٿو ملي ۽ الڳ الڳ عالمن جا پاڻ ۾ تضاد ٿا نظر اچن پوءِ بہ جو ڪجهہ اسان کي پڙ پنڃي سگهيو آهي؛ ان موجب ڪي صاحب سندس اوستا 92 ورهيہ ٿا ڄاڻائين تہ ڪي 107 ۽ ڪي وري ائين ٿا فرمائين تہ هن صاحب جي آورجا سنت ڪبير ڪان بہ وڌي هئي يعني 110 ورهيہ هئي، پر گهڻن جو رايو آهي تہ هن صاحب 1850ع ۾، يعني انگريزن جي سنڌ ۾ آني ڪان ست ورهيہ پوءِ شرير تياڳيو.

صورت ۽ سيرت:

تاريخ جي ورقداني ڪندي جيتوڻيڪ سامي صاحب جي ڪابہ

1. ليکراج عزيز: 'سامي' صفحہ 2
2. ڪلياڻ بي. آڏواڻي : 'سامي' صفحہ 2 ۽ 3

چائس، جنھن جو نالو گھنشامداس رکيائين'' [1]

اھڙي طرح سامي ڪيترائي سال فقيرن ۽ پنڊتن سان رھاڻيون ۽ صحبتون ماڻڻ کان پوءِ پنھنجي ٽرمپتنيءَ سميت فقيراڻو ويس ڪري شڪارپور واپس وريو. ھن 40ورھين جي عمر ۾ سلوڪ چوڻ شروع ڪيا، جن ۾ سنت ڪاريہ جون سموريون وصفون: جھڙوڪ ڪرم ڪانڊ جو ورود، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موه اھنڪار کي دشمن ۽ ساڌن سنتن کي دوست ڪري مڃڻ، گرو مھما، ھڪ ايشور ۾ وشواس، ساڳئي وقت ادويت جي ڀاونا، ھٺ يوگ، پريم مارگ، ۽ سنسار کي ناسونت سپنو ڪري ڀانئڻ موجود آھن. جيئن سپني کي ڪا حقيقت نہ آھي. تئين سامي ۽ ٻين سنت، ڪوين لاءِ ھيءُ سنسار بہ راتيان ڏينھان ھلندڙ ھڪ مٿيا سپنو آھي. اھي مھاپرش سپني ۾ رھي ڪري بہ سپني ۾ گھيريل نہ آھن:

'سامي' صاحب پنھنجا سلوڪ ڪاغذ جي ٽڪرين تي لکي ھڪ مٽ ۾ وجھندو ويندو ھو. ان جي پٽ ڀائي گھنشامداس ھڪ ڏينھن سامي صاحب کي سندس سلوڪن کي پوٿيءَ تي چاڙھڻ لاءِ وينتي ڪئي پر ساميءَ ڪيس جواب ڏنو تہ، ''ڪونہ ڪو سنڌي ساڌو اھو ڪم پاڻيھي ڪندو.'' 2

ليکراج 'عزيز' انھن چٽڪين بابت وڌيڪ احوال ڏيندي ٻڌائي ٿو:

''ساميءَ جي سرڳواس ٿي وڃڻ کان پوءِ سندس پٽ گھنشامداس پنھنجي پتا واريون سڀ چٽڪيون ھڪ سيٺ ڏانھن موڪلڻ لاءِ چٽيءَ سميت ڪنھن ساڌوءَ کي ڏنيون، جيئن شڪارپور ۾ ڪيس ڇپائڻ

1. بي.ايڇ.ناگراڻي: 'ساميءَ جا سلوڪ' : صفحو 5

2. ليکراج عزيز: 'سامي' : صفحو 3

هو ٻانيءَ جو سچو، نڱي ۽ فريب کان ڪوهين دور رهندڙ هو. هن کي پاکنڊ لاءِ سخت نفرت هئي، ۽ ڪپٽي پنڊتن ۽ ملن کي سچل جيان ٻي باک ٽوکيو اٿس:

پنن منجهہ پيهي، تو حرف نہ لڌو هڪڙو،
توکي ڪَلَ ڪيهي، قاضي ڪتابن جي؟

سچل سائينءَ بہ اهڙن نام نهاد ملا ۽ مذهب جي ٺيڪيدارن کي ساڳئي نموني ننديو اِٿس:

نڪي قاضي، نڪي ملا، معلم پير بٽياسين،
نڪي ٺاہ ٺڳيءَ جا ٺاهي، رنگ رساءِ رکياسين.
(سچل)

سامي ڍونگي پنڊتن جا اونڌا افعال ڏسي کين ٽوکي ٿو، جي مايا جي ڄار ۾ مورکن جيان وڏيڪ ۾ وڏيڪ جکڙندا وڃن پيا:

مورک واد ڪئي، پنڊت ڄاٽي پاڻ کي،
ٻڌايائين سڀ کي، چار ئي ويد چئي؛
'سامي' سار سروپ کي، ڪيائين ڪين سهي؛
ويڙو پاڻ وهي، ڏيئي هٿ ٻين کي.

سامي‌ءَ جي اولاد ۽ سلوڪ گڏ ڪرڻ

پاني نارائڻداس جو چوڻ آهي:

''جڏهن چئنراءِ 80 ورهين جو ٿيو تہ کيس خيال ٿيس تہ پڇاڙيءَ جا ڏينهن وڃي شڪارپور ڪاٽيان. ان وقت تائين کيس اولاد ڪونہ هو. سندس استري پڻ وڏ اوستا جي هئي. آخر سنبت 1867 عيسوي سن 1810ع ۾ هڪ پٽ

باب - 2

سامي جي دور ۾ سنڌ جي حالتن جو جائزو ۽ همعصر شاعر

ڪنهن به شاعر جي رڳو روحاني خيال ڪان ئي اُن جي اوک دوک ڪرڻ صحيح نہ آهي، بلڪ اُن کي مادي نقط نگاه سان جاچڻ پڻ ضروري آهي. هر اديب کي ان وقت جي سماجي، معاشي ۽ سياسي حالتن جي پيش نظر تاريخي لحاظ کان پڻ پرکڻ ضروري آهي.

موهن جو دڙو جي آثار قديمہ مان اها بخوبي ڄاڻ ملي ٿي تہ سنڌ جو اتهاس توڙي سنڌي علم ادب جي تاريخ ايتري قديم آهي، جيتري سنڌ جي ڌرتيءَ تي وسندڙ مهذب سنڌين جي تهذيب ۽ تمدن پراڻي آهي. 1928ع ۾ سرجان مارشل طرفان موهن جو دڙو جي کوٽائيءَ ۾ لڌل ڪيترين ئي لکيتن مان پتو پوي ٿو تہ اُن دور جي رهواسين جي ٻولي، نہ صرف ڳالهائڻ واري حد تائين محدود هئي، پر اُها لکت ۾ پڻ ايندي هئي. وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ اُها بہ سنڌ جي ڌرتيءَ تي مروج سنڌي ٻولي ئي هئي. پر افسوس جو اسان جا محقق ان رسم الخط کي اڃ سوڌو پڙهي نہ سگهيا آهن. 'سنڌي ٻوليءَ جي ادبي تاريخ' ۾ اڄ جيڪو مواد اسان وٽ ميسر آهي، اُهو صرف 712ع ۾ سنڌ تي عربن جي ڪاه کانپوءِ وارو ئي ملي سگهيو آهي. جنهن کان اڳ جو سمورو احوال زماني جي خورد بورد سبب اسان وٽ امانت، با سلامت پهتل نہ آهي. اُن لاءِ بہ اهم وجوهات آهن. هڪ تہ سنڌ تہ وقت بوقت ٿيندڙ حملن جي نتيجي ۾ سنڌي علم ادب جي مسلسل تباه حالي ۽ ڏيهي سنڌي سماجن جي پنهنجي ادبي ورثي ڏانهن ڪافي حد تائين بي توجهي:

وقت پنهنجي حاصلات ۾ تڪليف نه اچي، مگر ساڌو وچڻ کي ويو ۽ وري نه وريو.'' 1

نارائڻداس بيراڳيءَ جو چوڻ آهي:

''جڏهن مان 17 سالن جو هوس ۽ پائي گھنشامداس جي عمر اٽڪل 70 ورهين هئي، تنهن مون کي ساڻ ڪري انهيءَ ساڌوءَ جو پتو ڪيڻ واسطي شڪارپور ۾ پاڇا ڳاچا ڪيائين، جنهن کي گھنشامداس پيءُ واريون چٽڪيون ڏنيون هيون ۽ پنن جي لاءِ چٽي ٻه ڏني هئي، اُتان آخر ڏس مليو ته اهو ساڌو ڪجهه وقت شڪارپور ۾ رهي ٻُڙهي ياسين روانو ٿي ويو هو. ٻُڙهي ياسين مان خبر پيئيسون ته ساڌو کي مهنا اُتي گهاري وري سلوڪ ڪٽي لاڙڪاڻي ڏانهن هليو ويو. جنهن استان تي هو لاڙڪاڻي وچي رهيو هو، اُتي هن جي وچڻ کان ٿورو وقت پوءِ باه لڳي ۽ خبر نه آهي ته سلوڪن جي ڪهڙي دشا ٿي! گھنشامداس نراس ٿي مون سان شڪارپور واپس وريو. گھنشامداس ٻن سالن بعد ٻه پٽ ڇڏي امرتسر ۾ گذاري ويو.''2

انهن سبب ڪري سامي صاحب جو ايترو سارو مواد اڄ سوڌو ميدان ادب تي ظهور پذير ٿيڻ کان وانجهيل آهي. باقي ٿورو گهڻو جيڪي چٽڪيون ڪجهه هتي هُتي هڪ ٻن متڪين ۾ رکيل هيون، اُنهن کي سامي جي ديهانت کان 35 سال پوءِ ڪوڙومل کلناڻيءَ سوڌي انهن مان 2100 سلوڪ گڏ ڪري، پنهنجي مهاڳ ۽ رشي ديارام گدومل جي سمجهاڻين سان گڏ ڇپائي پڌرا ڪيا. 3

---

1. ليکراج عزيز: 'سامي': صفحو 3
2. ليکراج عزيز: 'سامي': صفحو 5
3- لال سنگ اجواڻي 'History of Sindhi Literature' : صفحو 133

باوجود سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ هيءُ هڪ تعميري حيثيت رکي ٿو. 'سهڻي ميهار'، 'سسئي پنهون'، 'عمر مارئي'، 'مومل راڻو'، 'ليلا چنيسر'، 'سورٺ راءِ ڏياچ' ۽ 'مورڙو مانگر مڇ' ان ئي دور جا عشقيہ داستان آهن. جڏهن تہ 'دودو چنيسر'، 'ڄام هالي' ۽ 'همير سومرو' جي جنگين جا داستان بہ ساڳئي دور سان وابستہ آهن.

سومرن ڪانپوءِ سنڌ تي سما حاڪمن جو دور شروع ٿئي ٿو. جيڪو 1350ع کان 1520ع تائين قهليل آهي. اُن دور جي سرڪاري زبان عربي هئي. هڪ عربي تصنيف ''الزب بده'' ملي ٿي ۽ شايد ''تذڪره المراد'' بہ ان ئي دور سان تعلق رکي ٿي. چيو وڃي ٿو تہ ان دور ۾ ڪيتريون ئي ٻيون بہ تصنيفون ۽ تاليف وغيره لکيون ويون هونديون. پر ارغونن جي ڪيل تباه ڪارين سبب اهو سمورو ادبي سرمايو اسان تائين ڪونہ پهچي سگهيو آهي. ان دور جي شاعرن 'شيخ حماد'، 'اسحاق آهنگر' ۽ 'مخدوم احمد ڀٽيءَ' جا سنڌي ڪلام پڙهندي انهن صاحبن جي ساڻن سنڌ سان رغبت جو پتو پوي ٿو. ان دور جي آخر ۾ ڪاڄه سنڌي حڪمران پاڻ ۾ وڙهندا رهيا. جنهن جو فائدو وٺي ارغون حاڪمن سنڌ تي پنهنجو تسلط قائم ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ورتي.

ارغون گهراڻي 1521ع کان 1555ع تائين سنڌ تي حڪمراني ڪئي. جنهن بعد ترخان حاڪمن 1592ع تائين سنڌ پنهنجي قبضي هيٺ رکي. ان بعد دهليءَ جي مغل حاڪمن سنڌ کي غلام بڻائي پنهنجي قبضي هيٺ آندو. ارغون، ترخان ۽ مغلن جو سنڌي ادب وارو هيءَ دور سنڌ لاءِ ڪافي مشڪلات سان هم ڪنار رهيو. سنڌ جي سرڪاري زبان فارسي هئي ۽ عربي ٻولي صرف مسجدن تائين محدود رهجي ويئي. ''پارسي گهوڙي چاڙهسي'' محاورو بہ سنڌ ۾ هن دور سان تعلق رکي ٿو. هن دور جي فارسي تصنيف ''تاريخ معصومي'' جيڪا مير معصوم شاهہ بکريءَ طرفان لکي ويئي؛ اها سنڌ جي قومي تاريخ جي عمارت لاءِ اڄ بہ انتهائي اهميت رکي ٿي. ادبي لحاظ کان هن دور جي شاعري، ترقي يافتہ منزل تي پهتل هئي؛ جنهن تي هڪ طرف تہ تصوف جو رنگ چڙهيل هو

712ع کان اڳ سنڌ جي سرڪاري زبان سنڌي هئي، پر عربن جي آمد کانپوءِ سنڌ ۾ عربيءَ کي پڻ اهميت حاصل ٿي. هڪ ته سنڌي زبان ۾ عربيءَ جا ڪيترائي لفظ داخل ڪيا ويا ۽ پيو گرامر کان وٺي رسم الخط تائين عربي غالب پوندي ويئي. عرب سياحن جي سفرنامن مان ان ڳالهه جي خاص طور ڇاڻ پوي ٿي ته سنڌ جي رسم الخط ۾ خاص اهميت ديوناگريءَ کي ئي حاصل هئي. ممڪن آهي ته اُن دور جو ڪيترو ئي ادبي سرمايو اڄ به وشال هندوستان جي ڪنهن ڪنڊ ۾ دفن هجي. ڇو ته عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کانپوءِ جن سنڌي عالمن، اسلام قبول نه ڪيو، اُهي پنهنجا لکيل تمام ڪتاب پڻيءَ تي ڍوئيندي هندستان جي ٻين حصن ڏانهن نڪري پيا. 1

اڳتي هلي آهستي آهستي سنڌي ٻولي، عربي رسم الخط ۾ لکاجڻ لڳي، ۽ مغلن جي زوال پذيري ۽ ڪلهوڙا حاڪمن جي عروج سان گڏ فارسي پڻ سنڌيءَ ۾ داخل ٿيندي رهي.

سياسي حالتون

1010ع کان 1250ع تائين سنڌ، سومرا خاندان جي زير تسلط رهي. اُن ئي دور ۾ علي ڪوفي ۽ قلندر شهباز، فارسي ڪلام ۽ ادب کڻي اچي سنڌ ۾ رهيا. اهو سمورو بيان 255-225 هجريءَ واري وقت ۾ لکيل ''منهاج الدين والملڪ'' مان ملي ٿو. اُن ڪتاب کي سنڌ جي تاريخ جو پهريون ڪتاب مڃيو وڃي ٿو. جو بعد ۾ علي ڪوفيءَ جي فارسي ترجمي 'چاچ نامو' جي نالي سان مشهور ٿيو.

سومرا حاڪمن جو سمورو دور افراتفريءَ ۾ گذريو. اُن جي

---

١. پير حسام الدين راشدي: 'سنڌ جي تاريخ جا بنيادي ماخذ': (مقالو. سماهي. مهران. حيدرآباد سنڌ)

جي دور ۾ سنڌ مرڪز کي ڏن پري ڏيڻ ڇڏي ڏنو پر اها مرڪز سان پنهنجو رسمي تعلق پوءِ به مڪمل طور ٽوڙي نه سگهي ۽ اهو تعلق ڪلهوڙن جي آخري حڪمران ميان عبدالنبيءَ تائين قائم رهندو آيو. آخر ۾ ميان عبدالنبيءَ کي ٽالپرن، هالائي واري ميدان ۾ شڪست ڏيئي جڏهن ڀڄڻ تي مجبور ڪيو، تڏهن ميان بي ڪا واه نه ڏسي افغان جي مرڪزي حاڪم تيمور شاه ڏانهن دانهن ڪٺي ويو. سنڌ جو مفاد پرست حڪمران پنهنجي مفاد لاءِ سنڌ کي سڌي طرح مرڪز جي هٿ هيٺ ڏيڻ جي هام پريندي، سنڌ اندر افغاني فوجن کي مستقل رکڻ جو واعدو ڪيو. پر ان کان اڳ ئي ٽالپرن نون لکن جي لالچ ڏئي تيمور شاه کان حڪومت جو پروانو پنهنجي نالي لکارائي ورتو. اهڙيءَ ريت سنڌ تي ڪلهوڙن جي راج جو خاتمو ۽ ٽالپرن جي راج جي شروعات ٿي.

سنڌ ۾ پويان ڪلهوڙا حاڪم ۽ ميرن جي راج ۾ ملڪ ڇڻ ٽڪر ٽڪر ٿيو پيو هو. سنڌ کي نادرشاه ڪانپوءِ احمد شاه ابداليءَ ۽ افغان بادشاه تيمور شاه جي ڪاهن جو جنسي ڪوس سهٽو پيو. حاڪم، شيل شڪار ۽ پنهنجيءَ ۾ ئي پورا هئا. عام ماڻهو، ڍل، ڏڪار ۽ بيمارين کري ڏهڪايل هئا. انهن جو ڪو ڌڻي سائين نه هو. مجال آهي جو ڪير ڪڇي به سگهي!

سامي صاحب جي ولادت 1742ع ۾ ٿي ۽ 1850ع ۾ هُن فاني جهان کي الوداع ڪئي. ان لحاظ کان سندن دورِ حيات ۾ سنڌ، ڪلهوڙا ۽ ٽالپر حاڪمن جي زير تسلط رهي. 1736ع ۾ نور محمد ڪلهوڙي حڪومت جون واڳون حاصل ڪيون. 1740ع ۾ نادرشاه، سنڌ تي ڪاهي آيو ۽ 1750ع ۾ سنڌ، افغانن جي تابع رهي. 1786ع کان ٽالپرن جو دور شروع ٿيو، جڏهن ته 1843ع ۾ سنڌ، انگريزن فتح ڪئي :

”سنڌ جا ان وقت ٻه ٻاڱا هئا. سيوهڻ کان سنڌو نديءَ جي ڊيلٽا وارو، ڪراچيءَ جي سمنڊ تائين ڦهليل رستو سرو يا اپر سنڌ کري سڏبو هو. جنهن

۽ ٻئي طرف حسن و محبت تي ٻڌل عشقيه داستان پڻ ملن ٿا. ”قاضي قادن“ کي سنڌي علم ادب جي عمارت جو بنيادي پٿر چيو ويندو آهي. هن دور جي ٻين شاعرن ۾ ’عثمان احساني‘، ’پير محمد لکوي‘، ’مخدوم نوح‘، ’قاضي قادن‘ ۽ شاه ڪريم بلڙيءَ وارو قابل ذڪر آهن.

ارغون، ترخان ۽ مغلن جي حڪومت کان پوءِ 1679ع ۾ ڏيهي ڪلهوڙا حاڪمن جو دور شروع ٿيو. جڏهن ميان يار محمد ڪلهوڙي کي مغلن پاران اهڙو پروانو مليو. پوءِ به حقيقي اقتدار ميان نور محمد جي دور ۾ 1736ع کان سموري سنڌ تي عملي قبضي ڪرڻ ۽ سنڌ جي خودمختيار حڪومت قائم ڪرڻ سان شروع ٿيو. سنڌ جي خودمختياري مغلن جي ڪمزوريءَ سبب آزاديءَ ۾ بدلجي وڃي ها، جيڪڏهن نادرشاهي آفت ايران مان منهن نه ڪيي ها. ميان نورمحمد کي خودمختيار حڪومت قائم ڪندي اڃا به ورهيه نئي مس گذريا هئا، جو نادرشاه جو قهر سنڌين مٿان نازل ٿيو. جنهن سموري سنڌ کي لٽي ناس ڪري ان جون حصا پٽيون ڪري ڇڏيون. ميان نورمحمد، نادرشاهي عذاب کي ڏن جي دلبي تي ٽاري سنڌ جي ٽڙيل پکڙيل ٽڪرن کي وري ميڙي هڪ لڙهيءَ ۾ پوئڻ شروع ڪيو. اڃا اهي ٽٽل ٽڪرا ڳنڍيا نئي مس هئا ته احمدشاه ابدالي، شامت جيان اچي ڪڙڪيو. جنهن ميان نور محمد جي سموري جاکوڙ تي هڪ دفعو وري پاڻي ڦيري ڇڏيو. اهڙي طرح ميان نور محمد جي دور حڪومت واري ننڍڙي عرصي ۾ سنڌ کي ٽي مرڪز بدلائڻا پيا. ڪڏهن دهلي، ڪڏهن ايران ته ڪڏهن قنڌار. احمدي اُڌيڙ پکيڙ کي يڪجا ڪرڻ ۽ سنڌ کي وري مضبوط مرڪزي لڙهيءَ ۾ پوئڻ جو ڪم ميان غلام شاه کي ڪرڻو پيو. ميان غلام شاه، سنڌ جي جاگرافي نئين سري سان جوڙي، ان کي ايڏو ته مضبوطيءَ سان ڳنڍيو جو سنڌ جي حڪومت، هڪ مرڻيگ مريض مان هڪ سگهاري جوان جهڙي شڪل وٺي بيني. ان دور ۾ سنڌ ايتري سگهاري بڻجي چڪي هئي جو مرڪزي آقائن سان اکيون اکين سان ملائي چئي سگهي ته ”اها ڪڪڙ مري وئي جيڪا سونا آنا ڏيندي هئي.“ يعني هاڻ اها سنڌ نه رهي آهي جيڪا ڏن ڀريندي هئي. جيتوڻيڪ ميان غلام شاه ڪلهوڙي

جتي اوچائيءَ تي چوڌاري ڦهليل هڪ قلعو هيو، جنهن جي متاهين حصي تي تقريبا هڪ ميل کن ڊگهي بازار هئي. قلعي جي پٺين هينان 'ڦليلي واه' وهندڙ هو ۽ اُن جي ڪچهه ئي پريان سنڌو ندي وهي رهي هئي. حيدرآباد کي جهوني زماني ۾ نيرون ڪوٽ ڪري چوندا هئا، جيڪو شهر غلام شاه ڪلهوڙي اَڏايو هئو. قلعي ۾ امير پنهنجي ڪٽنب سان رهندا هئا. ايشيائي جنگي فن موجب حيدرآباد جو اُهو قلعو ايترو ته مضبوط هو جو ان کي ٽوڙي اندر وڃڻ انتهائي مشڪل چيو ويندو هو. حيدرآباد جي اوپر پاسي ميرپور جو شهر هو، جيڪو وري ٽالپر حاڪمن جو اهم مرڪز هو. جنهن کان ٿورو پري امرڪوٽ جو شهر هو. جتي ڪنهن زماني ۾ همايونءَ اچي پناه ورتي ۽ اُتي ئي کيس پٽ جي اولاد نصيب ٿي هئي: جنهن کي دنيا، مغل شهنشاه اڪبر جي نالي سڃاتو. ماڻهن ۾ ائين مشهور ٿيل هو ته ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي سموري ملڪيت ۽ سون وغيره اتي ئي رکيل هو.

سيوهڻ جي چوڌاري پڻ هڪ قلعو هوندو هو، جنهن جي فوجي لحاظ کان ڪافي اهميت هئي. جتان سنڌو نديءَ ذريعي ٻين شهرن ڏانهن مسافري ڪئي ويندي هئي. صوفي درويش حضرت لال شهباز قلندر جي درگاه اُتي ئي واقع آهي. جتي جي زيارت لاءِ ڪيترائي عقيدت مند اڄ سوڌو ويندا رهندا آهن. 'سيوستان'، ضلعي جو اهم شهر هو. سيوهڻ جي اتر ۾ ڪجهه ئي اڳيان 5 هزار کن آدمشماريءَ تي وسيل لاڙڪاڻي جو شهر هو. جنهن جو اوج ڪنهن سمي ايترو ته مقبول ۽ معروف هو جو ان لاءِ چيو ويندو هو ته ''هجيئي ناڻو ته گهم لاڙڪاڻو''؛ جنهن کان ٿورو اڳيان هلبو ته اپر سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ خيرپور جو شهر آهي. ان کان 16 ميل پري ڪوٽ ڏيجيءَ جو قلعو اڏايل هو. ان جي پر ۾ سنڌو نديءَ جي هڪ پاسي روهڙي، ته ٻئي پاسي بکر جوقلعو ۽ ان جي اولهه ۾ سکر جو شهر آباد هئا. سنڌو نديءَ جي روهڙيءَ واري ڪناري تي زنده پير جو آستان آهي. جنهن لاءِ روايت آهي ته پلو به ان طرف پنهنجو پاڇ ڪونه

جي گاديءَ جو هنڌ حيدرآباد هو. ٻيو سيوهڻ کان بهاولپور جي سرحد تائين وسيع علائقو، تنهن کي لاڙ ڪري چوندا هئا. جنهن جي گاديءَ جو هنڌ خيرپور هو. ڪراچي، ڪروڪولا، ٺٽو، وڪر، حيدرآباد، ميرپور، امرڪوٽ، سيوهڻ، لاڙڪاڻو، خيرپور، سکر، روهڙي، شڪارپور ۽ ٺٽو: اُن وقت سنڌ جا مکيہ شهر هئا.“ 1

ڪراچيءَ جي آبادي صرف اٺ هزار کن هئي ۽ سنڌ جو اهو ئي هڪ بندر هيو. اُتي فوجي ڇانوڻي هئي ۽ اُتان ئي بحريہ رستي ڪڇ، ڪاٺياواڙ، بمبئي، ملبار، زنزيبار ۽ بندر عباس سان واپار هلندڙ هيو. موجوده ڪراچي، ڪڪرالا ضلعي سان وابستہ ڪروڪولا جو ٽڪر هيو، جتان ميسيڊونيا جو ’شهنشاہ نارسيس‘ (Nearchus) پنهنجي بحري فوج وٺي مڪران ۽ ايران ويو هيو.

ڪراچي ۽ ٺٽي وچ ۾ 70 ميلن جي دوري هئي. جنهن مان 40 ميل تہ اهڙو ٻَٽُ هو، جو پاڻيءَ جو نالو بہ نہ هو. سڪيءَ رستي شڪارپور پهچڻ تائين 20-25 ڏينهن لڳندا هئا. ڪراچيءَ کان حيدرآباد تائين سانگهي رستي 100 ميلن جو مفاصلو هو. ٺٽو، سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو. جيڪو واپار ۽ آڏاڻن جي هنر ڪري مشهور هو. پر 80 هزار آدمشماري هوندي بہ اُهو شهر آهستہ آهستہ زبون ٿي ويو. اُن جو اهم سبب اهو بہ هيو، جو سنڌو ندي ڪڏهن ڪڏهن پسگردائي وارن ٽڪرن کي ٻوڏ جو شڪار بڻائيندي هئي. اُن دور ۾ گهٽو ڪري ٺٽو سنڌ جو گاديءَ جو هنڌ هيو ۽ مغل شهنشاهن جا موڪليل عملدار اُتي ئي اچي رهندا هئا. ديلٽا ۾ هاجامريءَ جي شروع ٿيندي ئي وڪر نالي هڪ بندر هو، جنهن جي آدمشماري هڪ هزار هئي. جتان سنڌو نديءَ رستي وقت بہ وقت واپار هلندڙ هيو.

ڪلهوڙن جي دور ۾ حيدرآباد کي سنڌ جي گادي بڻايو ويو،

---

1. بي.ايڇ. ناگراڻي: ’ساميءَ جا سلوڪ‘ (ڀاڱو:1) صفحو 9

سماجي حالتون :

ڪلهوڙن جي دور ۾ ميان يار محمد ۽ ميان نور محمد اٽڪل چاليه سالن جي جدوجهد جي نتيجي ۾ سنڌ جي سيني پاڙن کي ملائي هڪ ڪري عوام جي بهبودي لاءِ حڪومت جو انتظام ڪيو هو پر نادرشاه جي حملي، انهن چاليه ورهين جي سچي تڪليف ۽ تعميري محنت مٿان پاڻي ڦيري ڇڏيو. جيتوڻيڪ ميان يار محمد ۽ ميان نور محمد جو اصل مقصد، خزانو گڏ ڪرڻ نه هو، پر هو چاهين پيا ته عوام لاءِ امن ۽ خوشحاليءَ جا گهڻي ۾ گهڻا وسيلا پيدا ڪيا وڃن. ان سموري حاصلات کي نادرشاه ٻهارو ڏيئي سڀ ميڙي چونڊي کڻي ويو.

سنڌ لاءِ وڏيڪ هاڃيڪار ڳالهه اها هئي جو سنڌ ٽيهر ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويئي. ڪڇي، ڊادر ۽ ڪراچيءَ جو پاڙو قلات سان ويو، شڪارپور ۽ ان جي آس پاس جا علائقا دائود پوٽن کنيا. باقي رهيل ننڍي وارو علائقو ميان نور محمد وٽ رهيو. ميان صاحب جو وڏو پٽ محمد مراد ياب ٻن هزار سوارن ۽ پنهنجن ٻن ڀائرن غلام شاه ۽ عطر خان سميت نادرشاه وٽ 1747ع ۾ سندس قتل ٿيڻ تائين يرغمال طور ايران ۾ رهيا. تنهن ڪانسواءِ سنڌ ۽ سنڌ جا ماڻهو تاريخ جي نيڪ ان منزل تي، جڏهن انهن اڳيان سندن قومي يڪجهتيءَ جو سوال زبردست اهميت رکندڙ هو، اقتدار جي سلسلي ۾ هڪ ٻئي جي شڪ جو شڪار ٿي، باهمي نفاق ۽ ڏڦيڙ ۾ مبتلا ٿيندي ڪمزور ٿيندا رهيا. نتيجي ۾ صدين ڪانپوءِ حاصل ڪيل قومي اتحاد جو موقعو هٿان وڃائي آزادي ۽ ڪنيل بازي هڪ ڀيرو ٻيهر هاراني ويٺا. نادرشاه جي حملي وقت شاه عبداللطيف 50 ورهين جو هو جڏهن ته ساچل جي ساڳئي سال ولادت ٿي. نادر شاه جي قتل ٿيڻ کانپوءِ سنڌ جا قيدي شهزادا ميان غلام شاه ۽ عطرخان 1749ع ۾ ايران مان آزاد ٿي، جڏهن پنهنجي وطن موٽيا ته ساچل ۽ سامي 10 ۽ 6 ورهين جي جوانيءَ ۾ هئا. ٻن سالن کانپوءِ سنڌ جو ولي عهد شهزادو محمد مراد ياب به واپس پهتو:

موٽڻندو آهي. شڪارپور پڻ سموري سنڌ ۾ واپار جو اهم مرڪز هو. جنهن جي آبادي حيدرآباد جيڏي اٽڪل 35 هزار کن هئي، جتان جا صراف (Middle East) ۽ قنڌار وغيره ڏانهن واپاري رابطو رکندڙ هئا. ان جي چوڌاري هڪ ديوار هوندي هئي، جا گرد ۾ اٽڪل 3 ميل ٿيندي. بزار اڌ ميل ڊگهي هئي، جتي سينٽرل ايشيا ۽ اوپر، اولهه هندستان جا واپاري ايندا هئا. چئين پاسي ڏاري بزار زور وٺندي هئي گهٽ ۽ اُتندڙ دز ۾ ڪم ٿيندو هو. بزار ڏسڻ وٽان هئي.

شڪارپور شهر جي چوگرد قلعو اڏيل هو. جنهن کي اٺ دروازا هئا: لکي در، هزاري در، هاٿي در، خانپوري در، واهڳٽو در، نوشهرو در، ڪرن در، سويدر. شڪارپور جي اوج ساميءَ جي دور ۾ ئي اُتاهينءَ تي هئي. جنهن لاءِ ائين پڻ چيو ويو :

لکيءَ لک اُپايا، هزاريءَ هنيان،
هاٿيءَ جي همٿ سان، خانپوريءَ کنيان،
سودي در سائو ٿيو، نوشهرو نئون،
ڪرن در ڪوڙو ٿيو، واهڳٽو وريو.

ان ڪانسواءِ ڪجهه شهرن جا نالا 'ٽنڊو آدم'، 'ٽنڊو الهيار' وغيره ڪيترائي ٽنڊا هئا، جي بلوچ سردارن، زميندار ۽ سيدن جون جاگيرون هيون، جي پنهنجي حاڪمن جي نالي سان سڏيا ويندا هئا. سنڌ جي سيني مکيه شهرن ۾ 20 فوٽ کن اوچي پٽ هوندي هئي، جيڪا قلعي جو روپ ڏيندي هئي. وچ ۾ اوچي منار تان ماڻهو قلعي کان ٻاهر جو نظارو ڏسي سگهندا هئا.

جت ۽ ڏنار پنهنجا جهوپڙا ۽ ڌڻ قلعن جي هيٺيان ٻڌندا هئا. پوليس جي غير حاضريءَ ۾ ڪتا پهرو ڏيندا هئا. ڳوٺن ۾ هڪ چٽي ۽ شهرن ۾ ٻه چٽيءَ وارا گهر ڏسڻ ۾ ايندا هئا. شهرن ۾ هڪ مکيه لنبي گهٽي بازار طور ڪتب ايندي هئي، جا گهڻو ڪري سموري تڏن ۽ ڪاٺ يا بانس جي لڪڙن مان نهيل ڇت سان ڍڪيل هوندي هئي.

ڏاڏائي ڏيکارڻ سبب نہ صرف اتحاد کي ڌڪ رسيو پر وطن دشمني ۽ قومي غداريءَ جي حد تائين فرقا پڻ پيدا ٿيا. حڪمران اڪثريتي مذهب وارا 'واڻيو' لفظ هندوءَ لاءِ ڏاڏائي ۽ حقارت مان ڪم آڻيندا هئا. ايتري قدر جو 'بياض هاشميءَ' ۾ ڄاڻايل آهي تہ 1844ع ڌاري هڪ هندو ٻالچند نالي مسلمانن سان ڳالهائيندي جواب ۾ چئي ويٺو تہ ''آءٌ واڻيو نہ آهيان.'' بس پوءِ تہ ان لاءِ نسوري قيامت ٿي ويئي. فيصلو نادر ڪيو ويو تہ هن هندو هاڻ کان انڪار ڪيو آهي، ان ڪري کيس مسلمان قرار ڏنو ويو. هن ويچاري گهٽيون ٺپي دانهون ڪيون، پر وريو ڪجهہ بہ ڪونہ. مٿس شاهد ٿي بيٺا ۽ فيصلو قاضين آڏو پيش ٿيو، جنهن لاءِ ٺٽي جي 'مخدوم ضيا الدين'، 'مخدوم حاجي محمد هاشم'، 'شيخ عطا الله مفتي'، 'مخدوم عبدالخالق'، نوشهري جي 'مخدوم ابو العالي'، 'شيخ عنايت الله مفتي' ۽ 'شيخ محمد عارف مفتي'، نصرپور جي شيخ 'عزت الله مفتي گهلاري' جي 'مخدوم عبدالرحيم'، ڪوٽڙيءَ جي 'مخدوم عاقل' ۽ ڪاهي راهوءَ جي مولوي محمد ڪامل يڪراءِ فتويٰ ڏني تہ ٻالچند ماڃي يا نہ ماڃي پر هو انهن اکرن چوڻ ڪري مسلمان ٿي پيو ۽ هن تي اسلام جا احڪام جاري ڪيا ويندا. انڪار جي صورت ۾ هن کي شرڪ ۾ شمار ڪيو ويندو، جنهن جي سزا قتل آهي. 1

1746ع جو هڪ ٻيو واقعو ملي ٿو جڏهن ٻن ماڻهن ٺٽي جي عالمن ۽ قاضين آڏو هڪ هندو عورت بابت اها شاهدي ڏني تہ ان احمد نامي هڪ مسلمان سان تکو ڳالهائيندي کيس 'بي ايمان' سڏيو، جنهن تي احمد کانئس پڇيو تہ: ''ڇا تون ايمان رکين ٿي؟'' جواب ۾ مائيءَ سنديءَ ۾ چيو ''ها اسين ايمان رکون ٿا''. تنهن تي عالمن اها فتويٰ ڏني تہ، ان هندو عورت اُهو جملو چوڻ سان مسلمان ٿي پيئي ۽ حاڪمن تي لازم آهي تہ انهن شاهدن جي شاهديءَ جي آڌار تي ان عورت مٿان اسلام جا احڪام جاري ڪيا وڃن.''بياضِ هاشمي'' ايترن ڪيترن مثالن ۽ فتوائن سان ڀريل آهي. 2 انگريز ڊاڪٽر جيمس برنس، ميرن جي دور واري سماج جو ذڪر

1. محمد ابراهيم جويو : 'شاه ساچل سامي': (6 ڇاپو) صفحہ 60
2. محمد ابراهيم جويو :'شاه ساچل سامي' : (6 ڇاپو) صفحہ 60

”سنڌ تي نادري تسلط ختم ٿيڻ سان ميان
نورمحمد ڪلهوڙي پنهنجي طاقت وڌائڻ لاءِ
1748ع ۾ بمبئيءَ مان انگريزن کان 29 توبون ۽
ٻئي سال 10 وڏيون توبون گهرايون.“ 1

ميان نور محمد، ٻيهر سنڌ جو اتحاد ڏسي نہ سگهيو. هن 1755ع ۾ هن فاني سنسار ۾ ڪوچ ڪيو. 1760ع ۾ ميان غلام شاه ڪلهوڙي جي هٿان سنڌ جو اتحاد ۽ آزادي ٻيهر قائم ٿي. جيتوڻيڪ هو بہ وڌيڪ وقت حيات رهي نہ سگهيو. سنڌ جي ڪلهوڙا رياست، جانشينيءَ جي رساڪشيءَ ۾ ايترو تہ اثر انداز ٿيندي رهي، جو حڪمران پيڙهي در پيڙهي هڪ ٻئي جي خون سان هٿ رڱيندا رهيا، تان جو 1803ع ۾ سنڌ ٽالپرن جي هٿ هيٺ آئي. افسوس! ڏيهي ٽالپر حاڪم بہ وڌيڪ وقت جٽاءُ ڪري نہ سگهيا ۽ هو بہ اندروني نفاق جو شڪار ٿيندا رهيا. نتيجي طور سنڌ، 1843ع ۾ ست سمنڊ پار کان آيل هڪ ڌاري قوم جي غلام ٿي وئي. شاه عبداللطيف ڀٽائي 1752ع ۾ سنڌ مان چولو مٽايو هو.هينئر سچل سرمست بہ ٽالپرن جي دور ۾ انگريزن جي اچڻ کان رڳو 14 سال اڳ 1829ع ۾ وفات ڪئي ۽ سنڌ جي ڌرتيءَ جو ٽيون سنت ۽ شاعر، سامي بہ انگريزن جا صرف ست سال مس ڏسي سگهيو ۽ هو بہ 1850ع ۾ مالڪ سان هڪ ٿيو.

شاه سچل ۽ ساميءَ وارو سمورو دور سنڌ، سنڌي سماج جي تاريخ جو ڏاڍو بحراني دور رهي. جڏهن سنڌي سماج پنهنجي اجتماعي وجود جي بحالي ۽ بقاءَ لاءِ هٿ پير هڻي رهيو هو. پر افسوس جو اهو قومي اتحاد سنڌي سماج کي نصيب ٿي نہ سگهيو جنهن جو وڏو سبب اقتدار لاءِ اندروني ڪشمڪش ۽ خانداني جهڳڙو تہ هيو ئي، پر ان جو وڏو ڪارڻ مذهب پڻ هيو. جنهن ڪري ان پوري دور ۾ سنڌ نہ هڪ مظبوط ۽ ديرپا رياست بڻجي سگهيو ۽ نہ ئي هڪ قوم جو روپ وٺي سگهي. ان پوري دور جي سماجياتي اڀياس مان اهو پڌريءَ پٽ واضح ٿئي ٿو تہ سنڌ جي اڪثريت جي مذهب طرفان اقليتن مان

1. محمد ابراهيم جويو: ”شاه سچل سامي“ (6 ڇاپو) - صفحہ 58

جاگيرداري سماج جي پيڙه جو پٿر مذهبي ڪٽرپڻو رهيو آهي، پر اسان جي هنن ٽنهي شاعرن انهيءَ مذهبي ڪٽرپڻي جي خلاف وڏو جهاد ڪيو آهي. ساميءَ انهيءَ کي نهايت ئي واضح لفظن ۾ نندينديءَ انسان دشمن ڪردار کي وانکو ڪيو آهي:

سهسين پڙهي سبق، حافظ چاٽن پاڻ کي
سمجهن ڪين سلوڪ جو، اشارو احمق،
ورلو ڪو واقف ٿيو، ويڙهي سڀ ورق،
ڏٺا جنهن طبق، چوڏهن پنهنجي چت ۾!

جيتوڻيڪ سامي پاڻ پونجي واد جاتيءَ سان تعلق رکندڙ هو ۽ اُن جو خاندان توڙي هو پاڻ به ڪپڙي جو وڏو واپار ڪندڙ هو. اُن جي گهراڻي جون سنڌ ۾ پنجاب جي مختلف هنڌن تي واپاري ڪوٺيون هيون، جن مان سندن هڪ ڪوٺي امرتسر ۾ به هئي، جيڪا ڳالهه واضح ٿي ڪري ته سنڌ جا هندو پونجي واد هئا ۽ سندن جمع ڪندڙ طبقي سان پڻ واسطو هو. اهڙي طرح سامي، بنيادي طور ۽ تاريخي لحاظ کان ناٿيوار قوتن سان واسطيدار هستي هوندي به انساني برابريءَ لاءِ عمل پيرا رهيو آهي. جنين ته اسان جي سماجي نظام جي حڪمراني واڳ مسلمان جاگيردارن جي هٿ ۾ رهي آهي، جن پنهنجي طبقاتي مفادن جي بچاءَ لاءِ اهو ضروري سمجهيو ته مذهب جي آڙ وٺي، تاريخي عمل جي ترقي پسند ۽ متحرڪ رخ جي نفي ڪئي وڃي؛ جنهن ۾ هوُ اڄ سوڌو ڪامياب ويا آهن، پر هو اها ساڳي نا انصافي، انهن ساڳئي مذهب واري بنياد تي شاهه ۽ سچل سان نه ڪري سگهيا آهن. جيتوڻيڪ پنهنجي طبقاتي مفادن جي بچاءَ لاءِ وري به مذهب کي ئي استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن مطابق انهن کي مذهبي پيشوائن ۽ پيري مريديءَ واري روپ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح سندن ترقي پسند، جمهوريت پسند ۽ سيڪيولر رخ کي دفن ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي آهي، ساميءَ جي شاعريءَ جي ترقي پسند مافيہ کي هندو مذهب جو بنياد ٻڌائي ان جي اهميت کان انڪار ڪيو ويو آهي. تاريخ ۾ رجعت پرست طبقن پنهنجي طبقاتي مفادن جو

ڪندي لکي ٿو:

”هو فطرتا نيڪ، بامروت ۽ خوش خلق هئا، پر مشرڪن جي باري ۾ سختيءَ کان ڪم وٺندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن بدنصيب هندوءَ کان ڪا معمولي خطا ٿيندي هئي ته اُن کي جهلي، ڪلمو پڙهائي، طهرائي ڇڏيندا هئا“...1

ساميءَ جي دور حيات ۾ تاريخي لحاظ کان ان وقت جو سماج پنهنجي فطري عمر پوري ڪري چڪو هو. ائين ڪٿي چئجي ته ناٽو جمع ڪندڙ قوت، واپاري طبقو پيدا ٿي چڪو هو. جنهن جي فڪري طور نمائندگي ان دور جي ادب ۾ ملي ٿي. هن دور جا ٽيئي وڏا شاعر: شاه، سچل ۽ سامي جاگيردارن ۽ نظام جي برائين کي ننديندا رهيا آهن. انهن ڪڏهن به جاگيردارن، قوتن توڙي رجعت پرست اخلاقي ۽ سماجي قدرن جي حمايت نه ڪئي آهي. هنن کليو کلايو جاگيرداري سماج جي انسان دشمن روايتن جي وڏي بهادريءَ سان مزاحمت ڪئي ۽ ان جي جاءِ تي سيڪيولرواد، جمهوريت پسند، قوم پرست ۽ ترقي پسند قدرن جي حمايت ڪئي آهي.2

سماج صرف جسماني جيئڙ ناهي. سماج جو من، ذهن ۽ سياءُ به ٿيندو آهي، جنهن ۾ سندس ويچار ۽ وشواس، وهنوار ۽ سنسڪار، اُصول ۽ آدرش اچي وڃن ٿا. ساڳيءَ طرح نيڪي بدي، سچ، ڪوڙ، گيان، ڌيان ۽ آتما، پرماتما جا عقيدا ۽ عمل به سماج جي مخصوص اوسر، اُنتي يا گروات ڏيکارين ٿا. سماج ۾ اهڙو ڪجهه آهي جو نه هئڻ گهرجي يا اهڙو ڪجهه ناهي جو هئڻ گهرجي:

ويد پران قران ڪو، سيني ۾ هڪ سوٽ،
سمجهي ڏس ’سامي‘ چئي، لائي من مضبوط،
جنءَ آڪاس گهٽن ۾، تئين سڀ ۾ ساکي پوٽ،
ڪو آتم رت اوڌوٽ، سمجهي هن سخن کي.

---

1. محمد ابراهيم جويو :’شاه سچل سامي‘ : (6 ڇاپو) صفحه 61
2. محمد ابراهيم جويو :’شاه سچل سامي‘ : (6 ڇاپو) صفحه 61

زميندارن، اميرن ۽ حاڪمن ۾ شڪار جو شوق گهڻو هوندو هو. بلوچي ۽ ڪوسا سردار پڻ ان ڳالهه ۾ خاص چاهه وٺندا هئا. حاڪم جڏهن شڪار تي نڪرندا هئا ته اوسي پاسي جا هندو ۽ مسلمان رهواسي ٽولين ۾ دهل وڄائي، جانورن کي ٻاهر ڪيندا هئا. اُنهن جي هٿن ۾ لٺيون هونديون هيون. ڪتن جا ڪٽڪ ساڻن گڏ هوندا هئا. پوءِ ته ڊنل جانور سامهون ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ اُتان وري حاڪم پنهنجي ساٿين سان ڪين بندوق ۽ ترار سان ماريندو هو. اُهو شڪار بعضي ڪي ڏينهن هلندو هو. جيڪي هندو چاهي مسلمان اُن ۾ بهرو وٺندا هئا، اُنهن کي ڏنڊو ڏاڙي وسارڻو پوندو هيو ۽ اُن ڪم لاءِ اُجورو به نه ملندو هيو.

حاڪم، شڪار کي تمام گهڻي اهميت ڏيندا هئا. اُنهن وٽ ڪو پرڏيهي ايلچي يا مهمان اچي سهڙندو هيو ته کين شڪار جي نينڊ ڏيندا هئا. هندو ۽ مسلمانن جي پوشاڪ ساڳي هوندي هئي. سرڪاري نوڪريءَ ۾ ته ٻيئي پٽڪو پهريندا هئا ۽ ڏاڙهي رکائيندا هئا. بيڙي (بٽڻ) وارو ڊگهو پهرياڻ ۽ شلوار، زريءَ جي ٽوپي، رنگبرنگي يا ڊگهو ميراٺو ٽوپ عام پوشاڪ هوندي هئي. هندو دوڪاندار ڌوتي، انگرکو ۽ بوچڻ به پهريندا هئا.

سڀ سنڌي ٻولي ڳالهائيندا هئا. سرڪاري لکپڙه پارسيءَ ۾ ڪئي ويندي هئي. هندو سنڌي ٻولي، خدابادي لپيءَ ۾ لکندا هئا. بلوچ پنهنجي مخصوص اُپڀاشا ۾ ڳالهائيندا هئا، جيڪا لڳ ڀڳ افغانن جي 'پشتو' ٻوليءَ جي وڌيڪ ويجهو آهي.

سنڌ ۾ ٻانهپ جو ڪي قدر رواج هو. اُن لاءِ زنزيبار جا رهاڪو، ننڍي ٿهيءَ ۾ آندا ويندا هئا ۽ اميرن ۽ زميندارن ۾ وڪرو ڪيا ويندا هئا. سنڌ ۾ توڙي ٻين مشرقي صوبن ۾ اُنهن ٻانهن سان ڪا به سختي ڪانه ڪئي ويندي هئي. اهي گهر جا ڀاتي ڪري ليکيا ويندا هئا ۽ ان ڪٽنب سان ايڏو نينهن ٿي ويندو هون جو هوُ پنهنجي آزادگيءَ کان ٻانهپ کي وڌيڪ پسند ڪندا هئا. ميرن کي اُنهن غلامن ۾ پنهنجي گهر جي ڀاتين کان به وڌيڪ وشواس هو. انهن مان ڪي آفريڪا مان آيل هئا، جن کي 'شيدي' ڪري سڏيندا هئا.

ٻاڇاڻ اهڙي طرح ٿي پئي ڪيو آهي.
ساميءَ جي لفظن ۾ ته :

پرجهي پرمارٿ، سنتن ارٿ سڌو ڪيو،
ميل وڃائي من جو، ’سامي‘ ٿيا سمرٿ،
ليپ نه لڳي تن کي، توڙي ڪٽن اڪٿ،
ٻئي کي ڏئي هٿ، پار لنگهائن پاڻ سين!

ساميءَ جي دور ۾ سياسي حالتن سان گڏ اسان جڏهن اُن وقت جي سماجي حالتن ڏانهن نظر ڦيرايون ٿا ته سنڌ جا رهاڪو ٻن مکيه مذهبن ۾ ورهايل نظر اچن ٿا: هندو ۽ مسلمان. هندن ۾ مکيه ٻه جاتيون هيون: لهاڻا، ڀاٽيا ۽ ڪاجهه براهمڻ هئا. اُن جي نسبت ۾ مسلمانن ۾ گهڻيئي جاتيون هيون: جت، ڪوسا، دائود پوٽا، سما، سومرا، بلوچي، پير، سيد، مهاڻا ۽ افغان وغيره.

هندو گهڻي ڀاڱي واپاري هوندا هئا. دوڪانداري ۽ صرافي سندن مکيه ڌنڌو هو. هو سنڌ جي ڪند ڪڙڇ ۾ پکڙيل هئا. شڪارپور ۾ سندن صرافي مشهور هئي. هو پنهنجي ڪم ۾ ديانتداريءَ کان ايترو ته مشهور هئا، جو سندن هُنڊي، نقد ناڻي مثل هئي. حاڪم سندن عزت ڪندا هئا ۽ وقت تي کانئن اوڌر کڻندا هئا. صرافيءَ جي ڌنڌي ڪري ڪين ڪاجهه وقت ٻاهر رهڻو پوندو هو هندو پنهنجي سچائيءَ ڪري حاڪمن وٽ روينيو عملدار هئا ۽ پنهنجي شاهوڪاري حاڪمن جي اکين تي نه پوي. ان ڪري هو کانئن لڪائيندا هئا. اُن کانسواءِ هوُ دلاليءَ جو ڪم پڻ ڪندا هئا. ان وقت دلال ٻن طرفن جي وچ ۾ ويهي ڪپڙي يا بوڇڻ جو ٽڪر وجهي اندران آڱرين کي زور ڏيئي رقم ٻڌائيندا هئا. ڌنڌو مان ۾ ٿيندو هو.

مسلمان گهڻو ڪري زميندار، هاري ۽ ڪمي ڪاسبي هئا. بلوچ خاص ڪري وڙهڻ جي فن ۾ پڙ ۽ بهادر هئا. ڪوسا، مانيٽا ڳوٺاڻا هئا. پر پوءِ ڪي اوپر سنڌ جي طرف ڪاڇ ڏي ويا، جتي چوپايو مال پالڻ لڳا. سيد، اوچ گهراڻو هو. جن کي پوري سنڌ ۾ انتهائي عزت ڏني ويندي هئي. مهاڻن جو گذران نديءَ جي ٻيڙين تي هوندو هو. مسلمانن ۾ خاص ڪري

ڪلهوڙن جي راڄ ۾ مسلمانن سان به گهٽ جنيون نه ٿينديون هيون! هاري ناري ۽ ڪمي ڪاسبي ته هئا ئي مسلمان! مذهبيت جي نالي ۾ هندن سان ته هاڃا ٿيندا هئا، پر ملا مولوي حاڪمن جي هٿ رسائيءَ سان هڪ طرف مسلمانن کي لٽيندا ڦريندا هئا ته ٻئي طرف حاڪم پڻ کين بکيو ۽ ننگو رکندا هئا ۽ بيگر ۾ وهائيندا هئا بلڪ سندن عزتن ۾ به هٿ وجهندا هئا! ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ جيڪو بيگاري واه نهيو، جنهن سان سنڌ جي زمين جو ٻاچ حصو آبپاش ٿيو، سو انهن غريب مسڪين سنڌي مسلمان هارين بيگر ۾ وجي يعني مفت مزوري ڪري ٺاهيو! زمينون آباد ٿيون ته جاگيردارن ۽ زميندارن جو پلو ٿيو. هاري ناري اهي ئي سڪڻا ۽ بکيا ڏکيا رهيا. انهن ئي ڪلهوڙن نالائق مغل بادشاه فرخ سير کي خوش ڪرڻ لاءِ شاه عنايت صوفيءَ جهڙي اعليٰ درويش جو قتل ڪرايو! ڏن جي وصولي ڪرڻ لاءِ جڏهن ڌاريا لشڪر سنڌ ۾ ڪاهي پوندا هئا ته گهڻو قتلام به مسلمانن جو ئي ڪري ويندا هئا.

شاه، سچل ۽ سامي پنهنجي سماج لاءِ انتهائي حساس طبع ۽ اُن جي بهتريءَ لاءِ ڪوشان هئا. هنن کي پنهنجي پسگردائيءَ ۾ رهندڙ هر انسان جي دک ۽ سندن اُمنگن جي خبر هئي. هنن هڪ آزاد ۽ باعزت سنڌي سماج جو تصور ڏنو. جنهن ۾ نفاق ۽ ٻيائي کي ڪابه جاءِ نه هئي. اهڙي سماج کي دوئيءَ بدران وحدت جي ضرورت هئي. جنهن ۾ اجتماعي وجود ۽ باهمي تعاون جو شعور پيدا ڪرڻو هو. جنهن ۾ فرد ۽ گروه جي مفاد کي جماعت جي مفاد تي قربان ٿيڻ سگهڻو هو، ته جئين گهٽي ۾ گهٽا مفاد ۽ گهٽي ۾ گهٽيون خود پسنديون هڪ بهتر سماج ۾ سمائجي وڃن. ان جي شهرين ۾ فرائض جو احساس جاڳائڻو هو، جنهن کي وطن دوست يا قوم لاءِ قربانيءَ جو جذبو چئبو آهي. سنڌي سماج کي تاريخ ۾ پنهنجي لاءِ هڪ اعليٰ مقصد جي حاصلات جو فرض نڀائڻو هو. اندروني امن ۽ اتحاد لاءِ قانون ۽ انصاف جي بالادستي قائم رکڻي هئي ۽ مختلف نظرين ۽ خيالن کي ٽڪرجڻ کان روڪڻ لاءِ هڪ ٻئي کي سهپ ۽ رواداريءَ جي فضا

سنڌ جي رهاڪن جي خوش خلقي ۽ مهمان نوازي مشهور هئي. انهن ۾ ڀنگ ۽ گانجي جو رواج هو. تماڪ جو واهپو هو. بزرگ پيڙهيءَ وارا هر گهر ۾ حقو ڇڪيندا هئا. جنهن جو نڙُ اٽڪل ٻارهان فوٽ لنبو هوندو هو. بلوچي ته اُن ڪم لاءِ خورزين کڻندا هئا. جنهن ۾ حقي ڇڪڻ جون شيون به کڻندا هئا.

ساميءَ واري دور ۾ هندن جي ڏاڍي هيٺي حالت هئي. هندن کي ذمي سڏيو ويندو هو، يعني سندن جان و مال ۽ ڌرم جو ذمو حاڪمن جي حوالي هوندو هو. هو پنهنجي حفاظت جو عيوضو حاڪم وٽ ڀريندا هئا. هندو گهٽي پاڳي ڏنڊي، واپار ۽ پيسي ڪمائڻ ۾ پورا هئا. جو پيسو ئي سندن سلامتيءَ جو هٿيڪو ۽ خاطر خواه ضامن هو. سنڌي هندن ۾ پيسي جو اهو اٿميو موه شايد سلامتيءَ جي ان خطري کان ئي آيو تو ڏسجي!
سامي هندن جي هترادو ڏارمڪتا ۽ انهن جي پاکنڊ بابت چوي ٿو :

پوٿر پلالي، ڪوڙين گهمن ڪيترا،
ڳالهيون ڪن زبان سان خلوت جون خالي،
جاڳي ڏسن ڪينڪي، خاوند خيالي،
لنو لنو منجهه لالي، سامي تنهن سروپ جي.

اهڙا پاکنڊي شخص پٿر جي ته پوڄا ڪن ٿا. پر انسان ۾ ايشور نه ٿا پسن:

پٿر پوڄا ڪن، ديو نه ڏسن ديه ۾،
پنڊت چاٽي پاڙ کي، ڪرمن منجه پڄهن،
ساڪان سنتن جون ڀڏي، مرم نه رکن من،
سي ڪيئن رنگ رچن، سامي، سپرين جي.

انهن ڪوڙن، مت جي موڙهن ۽ لوڀي ماڻهن لاءِ سامي چوي ٿو:

ڪلجگ جا ڪوڙا، مير متهدي .چوڌري،
راتيان ڏينهان لوڀ جا، گهر ڀنڊن ڀوڙا،
ويساهي ويساه سان، ٻوهن وسوڙا
'سامي' مت موڙها، مرڻ نه ڇاڻن من ۾.

تي پهچن ٿا. پر ان جي خلاف مڪمل شانت واري ماحول ۾ تخليقي ذهن ڪي ذاتي زندگيءَ جا مفاد ۽ سک ڪوريئڙي جي ڄار وانگر ويڙهي نستو ڪري ڇڏين ٿا ۽ اُنهن جي عظمت کسجي وڃي ٿي. اُن صورت ۾ پوءِ بي فيض لياقت وارا ماڻهو وڏي اڳيان اچن ٿا ۽ اُنهن لاءِ فن، فڪر ۽ ادب رڳو هڪ سوداگري ٿي پون ٿا. چو ته هو هوندا ئي سوداگر آهن. اهڙا ماڻهو پنهنجي لياقت مان وڏا فائدا وٺن ٿا، ۽ اُن لاءِ هنن کي ڪو به ڏک يا تڪليف سهڻي ڪانه ٿي پوي. ڪنهن بحراني صورتحال ۾ اهڙا ملڪا ۽ نندا ماڻهو بهرحال ڪک پن ٿي ويندا آهن. بُحرانن ۾ يگانا ذات ڏٺي ۽ عظيم شخص ئي مثل زندگيءَ ۾ جان وجهندڙ تحريڪن جا مرڪز، متحرڪ ۽ واضح نشان يا اظهار ٿي اُڀرندا آهن. اُنهن جي وجود سان ئي تاريخ جي دورن کي مان ۽ مٿيا ملندي آهي ۽ اُهو ئي مان ۽ مٿيا پوءِ ماضيءَ جو ڳرو قرض بڻجي آئنيده نسلن ڏانهن منتقل ٿئي ٿي. ماضيءَ جو هڪ سدا جاري رهندڙ سلسلو، هڪ سدا وهندڙ رستو، جنهن جي ياداشت کي ئي تاريخ ٿو چئجي. اُنهي رستي سان ئي انساني ذهن کي پنهنجي اهميت جي شعور جو احساس ٿئي ٿو. انهيءَ رستي انسان پنهنجي عظمت ۽ جوهر کان واقف ٿئي ٿو انسان، تهذيب جي رستي سان وڌندڙ انسان، سيني شين جو ازلي مرڪز، ڏک سهندڙ، اڳتي نگاه رکندڙ، جاکوڙ ڪندڙ، پورهيو ڪندڙ. اڄ به هوُ ائين آهي. ڪالهه به ائين هو ۽ سدائين هوُ ائين ئي رهندو. اها حقيقت اسان کي هميشه ياد رکڻ گهرجي. ٻيءَ حالت ۾ اسان کان پنهنجي اعلي روحاني ورثي جي اهميت جو پورو قدر ٿي ئي نه سگهندو.

انهن سيني نقطن کي ڌيان ۾ رکي ساميءَ جي دور ۾ نظر ڦيرائينداسين ته ڏسبو ته سياسي، معاشي ۽ سماجي ميدان ۾ عام ماڻهن سان جنسي جٺ هئي. هو اوچ نيچ، ذات پات، ڇوت ڇات، مذهب، نسل ۽ ڪٽنب قبيلي جي ڀيد ڀاو ۾ ڦاٿل هئا. هو جهونين رسمن رواجن جي گهيري ۾ گهٽجي رهيا هئا. ڌرم جو ايترو ته زور هو جو حاڪمن کي خود

اُڀارني هئي. سنڌي سماج ۾ هڪ نئين انسان جي تعمير ٿيڻي هئي. اهڙو سماج، جنهن ۾ هڪ ٻئي لاءِ محبت، مروت، رواداري، صبر، حوصلو، همت، ايثار ۽ قربانيءَ جو جذبو هجي. جنهن ۾ پر اُپڪار اَمن پسند سڀ جو خير گهرندڙ شهرواسي آباد هجن. جيڪي محب وطن، فرض شناس، ڪشاده دل ۽ باعزت سماج جا باشنده هجن.

تاريخ، سنڌي ماڻهن کي شاه جي زندگيءَ ۾ ئي ثابت ڪري ڏيکاريو ته ڪيئن جهوڪ جي صوفي مجاهدن ۽ حڪمران ڪلهوڙا فقيرن جي مذهبي نفاق، سنڌ جي آزاديءَ ۽ قومي بحاليءَ کي ويهه سال پوئتي ڪري ڇڏيو. سچل ۽ساميءَ جي دورِ حيات ۾ ئي سنڌ جي ماڻهن ڏٺو ته ڪيئن مذهبي ڪٽرپڻي منجهن نائون مل پيدا ڪيو ۽ سنڌن سوءَ سالن جي غلاميءَ لاءِ راه هموار ٿي.

مذهبي ماحول :

جڏهن ڪنهن سماج ۾ مذهب ۽ رياست پنهنجي ٻي اثري ۽ تنگ نظريءَ جي حالت تي وڃي رسندا آهن، تڏهن اُهو سماج، بحران (crisis) ۾ وٺجي ويندو آهي. عقل ۽ اُمنگ متحرڪ آهن ۽ اڳتي وڌڻ چاهين ٿا. عقل ۽ اُمنگ جي آڏو ڪي به بند ٻڌي نٿا سگهجن. پراڻي کي ڍاهڻ جو ايترو نه، پر اُن کان وڌيڪ نئين کي اَڏڻ جو جوش، عظيم نتيجن کي جنم ڏيندو آهي. نئين ۽ اعليٰ حسن جو اهو لطيف ۽ تيز احساس، ۽ اُن لاثاني حسن سان وصال جو اهو سچو جوش قومن، ملڪن ۽ سماجن جي بحراني دورن ۾ ئي پيدا ٿيندا آهن. ڇو ته بحران حالتن جي ڪايا پلٽ لاءِ فطرت جا وسيلا هوندا آهن. بحرانن ۾ ئي قومن جي قسمت جا بنيادي سوال اُٿندا آهن ۽ اُنهن جي حل ٿيڻ جي زمين هموار ٿيندي آهي. بحرانن ۾ ڪيترائي بيڪار ۽ فضول ادارا ختم ٿي وڃن ٿا، جيڪي تاريخ يا روايت سبب سماج جي وجود سان چُهٽيا پيا هوندا آهن.

وڏن ۽ دکدائڪ تجربن ۾ ذهن پختا ٿين ٿا ۽ اُنهن کي نئون معيار ملي ٿو. هو ترتيءَ تي زندگيءَ بابت وڌيڪ آزاد ۽ پروسي جوڳي فيصلي

پت واقف هئا. سچل لاءِ شاهه سائينءَ چيو هو ته، ''اسان جي رڌل ڪني جو ڍڪڻ هيءُ لاهيندو''. مطلب ته هيءُ اسان جي اندر جي ڳالهه کي وڌيڪ آشڪار ۽ دل جي پيغام کي عام ڪندو. شاهه صاحب پنهنجي اُن سنيهي ۽ شعريه تخليق ڏانهن اشارو ڪندي چيو آهي:

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين
نيو من لائين پريان سندي پار ڏي

ساميءَ به پنهنجي سلوڪن لاءِ ڪلي طرح چئي ڏنو:

''ويدن جي واڻي، آهِ سنڌيءَ منجهه سڻايان''

هڪ پاسي شاهه ۽ سچل هئا، جن قران جي تفسير ۽ تعبير سنڌي ٻوليءَ ۾ هندو توڙي مسلمان، پوري سماج کي سيکارڻ ۽ سمجهائڻ ٿي چاهي، ته ٻئي پاسي سامي هو جنهن ويدن جو ارٿ ۽ سمجهاڻي به ساڳئي سماج يعني هندو ۽ مسلمان ٻنهي کي ڏيڻ ٿي چاهيو. شاهه، سچل ۽ سامي سنڌي سماج کي ڪٽر ملا مولوين ۽ پنڊتن جي تفرقي ۽ فساد واري روحاني گهٽ کان بچائڻ ٿي چاهيو. هنن پوري سنڌي سماج ۾ امن ۽ اتحاد، سک ۽ ضمير جي آزاديءَ جي دنيا آباد ڪرڻ چاهي. هو اُن لاءِ سدائين لُڇندا ۽ لوچيندا رهيا ۽ انهن هو پنهنجي وقت سان پوري وس آهر پنهنجو بهترين ناتو نڀائي، انساني تهذيب جو پيار ۽ محبت وارو بهترين اُصول ٻڌائي نه رڳو سنڌي سماج پر پوري ٻني نوع انسان جي تاريخ ۾ عظيم ۽ امر انسان بڻجي ويا.

شاهه پنهنجي شعر ۾ سنڌي لوڪ ڪهاڻين کي امرتا بخشي، جڏهن ته ساميءَ وري ڪنهن به ڪهاڻيءَ جو بيان نه ڪندي صرف روحاني اشارا ڏنا آهن. شاهه، سسئي پنهونءَ جي ڪهاڻي ٻڌائيندي اُن جي نقط عروج تي پهچي پنهنجو اصل مقصد يا روحاني راز ٻڌائيندي 'سسئي پنهون' جي ڪهاڻيءَ دوران چئي ڏني تو:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
نڪو ڏنگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

اُنهن جي اوٽ ونئي تي پيئي. پنڊتن ۽ مولوين جو اثر نہ رڳو حڪومت تي هو پر زندگيءَ جي اڪثر هر ميدان، تعليم، ادب، قاعده قانون ۽ انصاف وغيره تي بہ هنن جو اثر ڇانيل هو. نتيجي طور ان زماني ۾ جيڪي بہ اعتراض يا تقاضائون ڪيون وينديون هيون تن کي بہ مجبور تي مذهبي رنگ ۾ پيش ڪرڻو پوندو هو. دنيا جي اتهاس جو اڀياس ڪندي معلوم ٿئي ٿو تہ وچولي زماني ۾ نہ رڳو هندستان ۾ پر ٻين ملڪن ۾ بہ حڪومت، مذهب يا جاگيردارين خلاف جيڪا وڏي ۾ وڏي هلچل هلي، سا هئي رهسيوادين جي هلچل. رهسيواد، مختصر ۾ جيو آتما ۽ پرماتما جي پريم کي ڇئجي ٿو.

هندوستان ۾ هن هلچل جا باني، صوفي ۽ سنت ڪوي هئا. انهن جو ڪلام ٻاهرين طرح تہ ترم رنگ ۾ رڱيل تي ڏسڻ ۾ آيو پر باريڪ بيني سان ڏسڻ سان ان ۾ عام جنتا جي دک درد ۽ تنگدل مذهبي حاڪمن ۽ مٿين طبقي جي ڏاڍائيءَ جي تصوير چٽيل نظر ايندي. هو پاڪنڊ ۽ مدي خارج رسمن ۽ ترمي ڏيکاءَ تي ڪڙي ٽيڪا ٽپڻي ڪندي، هڪ ايشور جي يڪتيءَ جي سکيا ڏين ٿا. ايشور، جو خلق ۾ وسي ٿو. هو گهٽن اوتارن جي پيٽ ۾ وحدانيت، يعني هڪ ايشور جو تصور پيش ڪن ٿا. انهن جي ٻولي سنسڪرت بدران هندي يا جدا جدا پرانتن جون ٻوليون آهن.

همعصر شاعر :

شاه، سچل ۽ سامي سنڌ جي تاريخ ۾ هڪڙي ئي دور جا بلڪ ذري گهٽ سهيوگي شاعر هئا. سچل ۽ سامي تہ ذري گهٽ هم عمر بہ هئا. سچل جو جنم 1739ع ۾ ۽ ساميءَ جو جنم 1743ع ۾ ٿيو. سچل تقريبا هڪ سؤ ورهين جي عمر ماڻي 1829ع ۽ ساميءَ هڪ سوءَ ويهہ ورهين جي عمر ۾ 1850ع ۾ هيءُ جهان ڇڏيو. درازا ۽ شڪارپور هڪ ٻئي کان بہ ڏينهن پيادل پنڌ تي مس هئا. ان دور جو جانزو ونڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو تقريبا هڪ سو ورهيہ گڏ حيات رهيا. جيڪو عرصو ڪا معمولي مدت ناهي ۽ هيءَ تہ ڄاڻو شاخص هنا جي هڪ ٻئي جي شخصيت کان پلي

3. دلپت 1769ع - 1841ع
4. قادربخش (بيدل) 1814ع - 1872ع
5. خليفو گل محمد 'گل' 1815ع - 1879ع
6. حمل فقير لغاري 1815ع - 1879ع
7. پيرعلي گوهر شاه 'اصغر' 1816ع - 1831ع
8. مير حسن علي خان 1824ع - 1863ع
9. آسورام 'آسو' هالائي 1824ع - 1897ع

1- روحل

سنڌ جي مشهور معروف صوفي 'روحل' فقير جي ولادت 1734ع ۾ امرڪوٽ، ٿرپارڪر ضلعي ۾ ٿي. جتان پوءِ لڏي اچي خيرپور رياست جي ڪنڊڙي شهر ۾ مقيم ٿيو.1

روحل کي پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ کانسواءِ عربي ۽ فارسيءَ جو خاصو علم هو جڏهن ته هن جو ڪيترو ئي ڪلام سنڌيءَ کانسواءِ هندي ۽ سرائڪي ۾ پڻ چيل آهي، جن ٻولين ۾ هُن ڪيترو ئي ڪلام پڻ چيو آهي. تاريخ جي ورقداني ڪندي هيل تائين جيتوٽيڪ روحل جي ڪلام جي عام خصوصت اها آهي ته هو پارتيه سنت ڪاويه کان بيحد متاثر نظر اچي ٿو. جنهن جو پرلاءُ سندس ڪلام ۾ نمايان آهي. انهن سيني ٻولين ۾ مذڪوره شاعر جو پيغام مجوعي طور اهو آهي ته انسان، ترشنائن ۽ وير ڀاو تي قابو پائي ڌرم، جاتي، نسل ۽ فرقي جي ڀيد ڀاو کان مٿي اچي هڪ ٻئي لاءِ پيار ۽ محبت ڌاري، جنهن جي انساني سماج کي بيحد ضرورت آهي. هن جو هڪ بيت، جو سنڌ ۾ بيحد مقبول پيل آهي، جنهن جون شاعران خوبيون کيس شاه، سچل ۽ ساميءَ جي قطار ۾ شمار ڪرڻ جي قابل بڻائن ٿيون، ان ۾ به 'بين الاقوامي اخوت' (انتر راشٽريه پيار) سمايل آهي:

1. خان بهادر صديق ميمڻ: 'سنڌ جي ادبي تاريخ' (پاڱو پهريون): صفحه 243

مومل راڻو جي لوڪ ڪهاڻيءَ ۾ سِڪ، سوز ۽ درد جو اظهار ڪندي عاشق جڏهن پاڻ وڃائي محبوب جي وجود ۾ گم ٿئي ٿو تڏهن ٿي چوي ٿو:

"ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چِٽاڻو:
منجهين ڪاڪ ڪڪوري، منجهين لڌاڻو:
راڻو ٿي راڻو، ريءَ راڻي ٻيو ناه ڪي."

ڪيترن باغي شاعرن وانگر شاه، مذهب جي ظاهري پيروي ڪرڻ کان نابري نٿو ڪري، پر هوُ شريعت جي بجا آوري ڪندي به رب کي پائڻ جي ٻي ڪا واٽ ڏيکاري ٿو:

روزا نمازون اِيءُ پڻ چڱو ڪم
پر او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

سچل ته وري ٻرم ۽ مذهب جي ديوار کي انسانيت کي ورهائڻ لاءِ هڪ وڏي ديوار ٿو سمجهي تڏهن ٿي ته هوُ ملا مولوين جي ظاهر پيروي نه ڪندي ڪٽرپنٿي ٿيڻ کان انڪار ڪري ٿو:

"ڪلمي مونکي ڪين ڪيو، مورئون مسلمان،
نڪي احمد موڪليو، عرب کان ايمان،
سچوُ تون سلطان، پر آدمين ليکي آدمي."
(سچل)

سچل جو سڄو زور پنهنجي ذات سڃاڻڻ ۽ عشق تي آهي، هو عشق جي ميدان ۾ کليو کلايو نغاري تي ڏونڪو هڻي چوي ٿو :

"ٻانهو ٻانءِ م ٻاڻ، تون ٿي مالڪ ملڪ جو،
الله الله ڇو چوين، پاڻ ٿي الله ڄاڻ."

ساميءَ جي دورِ حيات ۾ شاه ۽ سچل کانسواءِ سنڌ ۾ ٻيا ڪيترائي شاعر هئا جن مان ڪجهه هئا:

1. روحل 1734ع - 1804ع
2. سيد ثابت علي شاه 1740ع - 1810ع

تي ڪلهوڙا راڄ ختم ٿيو ۽ ٽالپرن کي سوڀ حاصل ٿي ته وقت جي رفتار سان هلندي سيد ثابت علي شاه به ڪلهوڙن سان پنهنجي وفاداري ختم ڪندي مير فتح علي خان ٽالپر جي فتح جي سوڀ ۾ ظفرنامو مرثيو لکيو، ان طرح ٽالپرن جي سوڀ تي هن ڪجهه ٻيا به مرثيه لکيا جئين ته 'فتح نامو'، 'زيارت نامو'، 'جعفر نامو' ۽ 'چٽڱ' شعرن جا مجموعا.

سيد ثابت علي شاه سنڌي ٻوليءَ سان گڏوگڏ فارسيءَ جو به ڄاڻو هو. اهوئي سبب آهي ته سندس ڪلام فارسيءَ ۾ پڻ چيل آهي هن جا ڪجهه مرثيه ڪر بلا جي المناڪ وارداتن تي مبني آهن. هوُ پهريون سنڌي شاعر آهي، جنهن علم عروض جي آڌار تي مرثيه چيا آهن:

ڪربلا جي قتل جي، ڪر ڪا خبر اي آسمان!
ڪئن ڏئـه نيزن چڙهيا، شاهن جا سر اي آسمان!
هي خدا جا قطب تارا، عرش ڪرسي جا جڙاءَ،
هي رسول الله جا، شمس قهر اي آسمان.

هيءُ شاعر 70 ورهين جي عمر ۾ 1810ع ڌاري فاني جهان کي الوداع ڪري حق سان هڪ ٿي ويو.

3- دلپت :

دلپتراءِ، سنڌ جو مشهور صوفي درويش ٿي گذريو آهي، جنهن جو جنم 1769ع ڌاري سيوهڻ ۾ ٿيو 1. ان وقت جي رسم موجب کيس ننڍي ئي مائٽن مڱاڻي ڇڏيو. ست ورهيه مڱيل رهڻ کانپوءِ سندس شادي ڪئي ويئي. ان کي هڪ نياڻي ۽ کيس چار پٽن جو اولاد ٿيو. هوُ سنڌي، هندي، سرائڪي ۽ فارسي؛ چئني ٻولين ۾ ماهر هو. ان دور ۾ فارسي دان حضرات جي بيحد عزت ڪئي ويندي هئي ۽ سرڪاري نوڪريون به انهن کي ئي ملنديون هيون. ان سبب دلپتراءِ به سرڪاري نوڪريءَ ۾ داخل ٿيو. هن کي ساڌن سنتن جو سنگ بيحد وڻندو هو. هڪ ڀيري گشت ڪندي معلوم ٿيس ته ٻوبڪ جي ڳوٺ ۾ سنت ياني آسرداس آيل آهي،

---

1. پيرومل مهرچند آڏواڻي: 'سنڌ ۽ سنڌي': پيج 136

ڪفر ۽ اسلام ۾، ٿا پرين اُبتا پير
هڪ هندو، ٻيو مسلمان، وچ وڏائون ويرَ
انڌن اونده نہ لهي، تن ڪي سچ چوندو ڪير
روحل راه پرين جي،جان گهڙي ڏئوسين گهير
رب مڙيوئي هيڪڙو،جنهن ۾ ڦند نہ ڦير
سا ڪاڏي ڪندي پير، جا سُتي ڪعبه الله ۾!

روحل پنهنجي پٺيان سنڌي شاعريءَ جي هڪ نرالي ڌارا ڇڏي آهي ۽ ان ساڳي مٺ جي ڇُڪڪي روحل جي مريد، مراد فقير ۽ اُن جي ٻنهي پٽن شاهو فقير، غلام علي فقير ۽ درياخان جي ڪلام مان پڻ ملي ٿي. روحل جو هندي ڪلام ٽن ڪتابن من 'پربوڌ'، 'انيو' ۽ 'پريم گيان' جي عنوان سان موجود آهي. سنڌ جو هيءَ صوفي شاعر، 1804ع ۾ حق سان هڪ ٿيو.

2- سيد ثابت علي شاه:

سيد ثابت علي شاه 1740ع ۾ ملتان ۾ تولد ٿيو. اُن جي والد سيد مراد علي شاه کيس ننڍي ئي تعليم ۽ تربيت ڏني. هن کي پڙهڻ جو ايترو تہ شوق هو، جو سيد چراغ صاحب وٽ وڃي گلستان ۽ ٻين ڪتابن جو مطالعو ڪندو هو. هڪ دفعي هو پنهنجي مرشد جي ديدار لاءِ سيوهڻ آيو ۽ اُتي ئي مستقل مڪين ٿي ويو. اُتي سندس صحبت مولوي مداع صاحب سان ٿي جنهن کيس شعر و شاعريءَ جي علم ۾ سونهپ ڪني. هو ٻهرين مشهور شاخصن جي ساراه ۾ قصيده لکندو هو، پر پوءِ درويش صفت انسانن جي وفات تي سندن يادگيريءَ ۾ مرثيہ لکڻ لڳو. هن جو ٻهريون مرثيہ، حضرت محمد صلي الله عليه وسلم ۽ اُن جي اولاد لاءِ چيل آهي.

سيد ثابت علي شاه جي شهزادي سرفراز ڪلهوڙي سان ڪافي رغبت رهي. جنهن جي ساراه ۾ هن ڪجهہ قصيده لکيا، ۽ موٽ ۾ کيس انعام اڪرام عطا ڪيا ويا. پر تاريخ ان ڳالهہ جي گواه آهي تہ جڏهن سنڌ

ڪيتري مشابهت رکي ٿو. پر شاعريءَ جي فن جا پارکو ودوان ٻنهي جي شعر ۾ جيڪا انفراديت ڏيکاريندا آهن، ان موجب دلپت جو شعر سسئي، ڪلال، بسنت ۽ برکا جي مند، ڪافين ۽ روميءَ تان ڪنيل آڪاٽين جو ڳڏيل سڏيل روپ آهي. منجهس ساميءَ جي سلوڪن جهڙي چٽائي، صفائي ۽ سندرتا قدر گهٽ موجود آهي. دلپت جو مشهور ۽ معروف ڪلام آهي :

پپر ۾ پرميسر، تان ٻپر ۾ ٻيو
جي اسلام ٿيو الله ڪون، ڪفر ڪنهن ڪيو
جي ڪعبہ خانو خدا جو، تان ڪو ديول ڏوهہ ٿيو
مڙهيءَ مسجد ۾ روشن هڪ ڏيو
دلپت ڪيئن پيو، خلل اچي خلق ۾.

دلپت صوفيءَ جو ياڻي ڪيسورام تي بيحد هٿ هو ۽ ڪيس پنهنجي گادي ۽ گهر واري جاءِ بہ تڪاٽي سميت ڏنائين. هن جو ديهانت 80 ورهين جي ڄمار ۾ سن 1841ع ڌاري پنهنجي آباڻي ڳوٺ سيوهڻ ۾ ٿيو. هن جي گدي ۽ چاڪڙيون سپاهيملاڻي گهٽيءَ ۾ ياڻي ڪيسورام جي تڪاٽي ۾ رکيون ويون هن جو سمورو ڪلام پڻ دستخط روپ ۾ اتي ئي موجود هو. جنهن کي بعد ۾ سنڌي ادب جي زينت بڻايو ويو.

4- قادر بخش (بيدل)

ساميءَ جو همعمر شاعر قادربخش 'بيدل' 1814ع ۾ تولد ٿيو. جيتوڻيڪ هن جو انتقال، سامي صاحب کان ڪجهہ سال پوءِ 1872ع ۾ ٿيو. 'بيدل' انگريزن جي دور جو وڏو شاعر ڪري شمار ڪيو وڃي ٿو. جنهن جو ڪلام سنڌي، اردو، هندي ۽ فارسي وغيره ٻولين ۾ چيل آهي. ان ڪانسواءِ هن فارسي نثر ۾ بہ قلم هلايو آهي. ڪل ملائي 22 ڪتاب لکيا اٿس، جن ۾ 'ديوان بيدل' بہ شامل آهي. ان ۾ اردو ۽ هندي غزل ڏنل آهن. تصوف اُن ڪلام جو تاجي پيٽو آهي. هن جي پير ۾ عيب هو؛ پر بزرگن جي دعا ڪيس روهڙيءَ جو جهنبو ڪري مشهور ڪيو. هن جي شخصيت ۽ ڪلام تي شهباز قلندر ۽ سچل سائينءَ جو گهڻو اثر نظر اچي

جنهن جي درشن لاءِ وڃي سندس خذمت ۾ حاضر ٿيو ۽ درشن مائي ايترو تہ خوش ٿيو جو سندس زندگي ئي بدلجي ويئي. هن سوامي جن کان امولڪ وچن ٻڌي ان مهل ئي استعفا لکي ميرن ڏي موڪلي ڏني. هن سوچيو تہ ميرن جي نوڪريءَ کان سچي سائينءَ جي نوڪري وڌيڪ بهتر آهي. هُن ڀائي آسرداس کي پنهنجو گرو ڪري مڃيو ۽ کانئس گر منتر وٺي باقي زندگي ڀڳتي، پراڻايام ۽ يوگ ابياس ۾ گذاري. ڀائي آسرداس اصل خيرپور جو وينل هو، پر پوءِ صوفين جي صحبت ماڻڻ لاءِ جهوڪ شريف وڃي مقيم ٿيو. اهوئي سبب آهي جو هوُ دلپت صوفيءَ جي نالي مشهور ٿيو. هن لاءِ مشهور آهي تہ هو وڏو توڪلي مڙس هو ۽ هر روز سج لٿي کانپوءِ سيدي ڀادي رکڻ جا برتن، ويندي ڀاٽيءَ جا مٽ ۽ دلا بہ اونڌا ڪرائي ڇڏيندو هو. چوندو هو سڀاڻي جا ڀاڳ سڀاڻي سان. حيدرآباد جا مير سندس مٿيا ڏسي کيس ڏاڍي عزت ڪندا هئا. جيڪڏهن لالچ وس ٿي هو کانئن ڪجهہ حاصل ڪرڻ چاهي ها تہ گهڻو ئي ڇڏائي سگهي ها پر هيءُ شخص ايڏو تہ لاطمع هيو، جو هڪ دفعي ميرن جو ماٺهو کيس ڪوٺڻ آيو تہ کيس چيائين تہ،''ڇل، مٺن نہ ڇلسان، مير نون غرض هوسين تہ آپي اِتي آويسين''. هن جي ايڏي تياڳ ورتي ڏسي چار معزز شخص؛ سائين ڪيسورام هوتچند سپاهيملاڻي، ڀائي کيمچند ڪرپالاڻي، ڀائي گنگارام جهانگارن وارو ۽ ڀائي ڀوڄنداس جتوئين وارو سندس شش ٿيا.

دلپت صوفيءَ جو ڪيترو ئي ڪلام ڀهرين دستخط جي صورت ۾ موجود هيو، جو بعد ۾ پروفيسر ايم. جي. تڪر ۽ گدومل هرجاڻيءَ گڏ ڪري شايع ڪرايو. دلپت جو هڪ غزل پارسي بحر وزن تي ٻڌل آهي.

لاغرض ساڻ غلام، لاشڪ مون نينهن لاتو،
جيڏيون دعا ڪجو، تہ نبهي اچيم ناتو.
هن بحر بياحديءَ ۾، ڪانهي ڪنتي پاڇڻ جي،
ويئي پروڙ پلجي، جنهن وير پير پاتو.

دلپت جو ڪيترو ڪلام سندس همعصر شاعر ساميءَ سان پڻ

نہ ڪرڻ جي تلقين فرمائي ٿو:

الا الله اثبات ڪر، شارڪ شڪ ۾ آڻ
مسلماني ماڻ، عاشق اناالحق جي.

فاني سنسار جي ڪن ڪچري ۽ ٻراين کان پري رهي، ماڻهن ئي
اُهي وائون ڇڏڻ لاءِ وڪارن کي نانگ جي مثال جيان سمجهائي ٿو:

ڪاريهر جي ٻر ۾، جيڪو وجهي پانهن،
جي نہ ڪرائي دانهن، تہ ڪاريهر نہ سڏجي.

سنڌي ادب جي هن زرين گوهر ۽ ممتاز شاعر، حق سان هڪ ٿيڻ
جون تياريون ڪندي پاڻ ڇئي ڏنو:

موسم تي ميلاپ، اُتا محبت مينهن

1872ع ۾ بيدل سائينءَ جي چولي مٽائڻ تي سندس فرزند سائين
'بيڪس' هُن جي تعظيم ۾ هڪ پرسوز نظم چيو، جيڪو ادبي لحاظ کان
بيدل جي نظم جو ئي عڪس آهي:

رمز رنديءَ جو عجائب، روهڙيءَ ۾ راز هو،
نالي 'بيدل' بادشاه، بيشڪ اهو شهباز هو،
موج مستيءَ ۾ سدا، سلطان سرفراز هو،
حلاج جي حالت ۾ هردم، من خدا ممتاز هو.

5-خليفو گل محمد 'گل':

خليفو گل محمد 'گل' سنڌي ادب جو اهو چمڪندڙ ستارو آهي.
جنهن پهريون دفعو ا -ب وار حرفن جي لحاظ کان 'سنڌي ديوان' مڪمل
ڪري شايع ڪرايو.

گل محمد 'گل' جي ڪلام ۾ ڪجهہ قدر ايراني طرز جا اهڃاڻ
موجود آهن. هيءُ غزل ان جو مڪمل مثال آهي.

پيالا مي سندا ڏي پر ڪري محبوب متوالا
تہ مستيءَ ۾ محبت جي ڪيون هن هوش کي
(ميخاني جو ماحول ۽ شراب جو ذڪر)

تو. سنڌي ھجي يا سرائڪي، اردو ھجي يا فارسي، بيدل جي درد جا داستان بيان ڪيا آھن، سي ھرھنڌ ساڳيا آھن. ھن جي ڪلام ۾ عشق جو اونھو اسرار سمايل آھي. جتي عقل جو اختيار بيوس ٿيو وڃي ۽ ھر جاءِ منصوري نغارا پيا گونججن:

اُٿندي ويھندي پڙندي چوندي، تن رک ھيءَ تنوار
صيقل ساڻ صفا ڪر ڪايو.
’بيدل‘ ڇڏ نہ ھٿئون تون ھرگز، وحدت جو واپار،
سالڪ ٿي ھي خيال ساجايو.

بيدل فقير، سچل سائينءَ جي صحبت جو فيض ماڻيو ۽ ساڳئي ئي پٽ جو پانديئڙو بڻجي چوي ٿو:

عشق جو يارو، درازن ۾ عجيب اسرار ھو،
مست سالڪ مھ سچو، عارف اتي اظھار ھو،
مرد سو منصور وانگر، عشق جو اوتار ھو،
جنگ جذبي جوش مستيءَ ۾، مثل عطار ھو،
قربدار جي ڪٽڪ ۾، مڙس منصبدار ھو،
در تنھين داتا جي بيدل، پرت جو پينار ھو.

بيدل جي ڪلام ۾ وحدت جي واڻيءَ جو ذڪر ڪيل آھي ۽ انسان کي مستيءَ جي ھوڏ ڇڏي صوفين جيان وجود جا ورق ڏوڻڻ جي تلقين ڪيل آھي. مُحبُ ڳولھڻ لاءِ مورک ٿي ٻاھر پٽڪڻ اجايو آھي. انسان پنھنجي اندر مان نفرت ۽ دوئي ڪڍي تہ پرين پاڻ ۾ ئي نظر ايندو. پنھون تہ پنھنجي اندر ۾ آھي، سسئي رڳو سورن جو ٻيو نالو آھي. شاہ ۽ سچل جيان بيدل گوھر افشاني ڪندي چوي ٿو:

ڳولھا ڪرين جنھن جي، سو ئي تون سلطان،
پيھي پس تون پاڻ ۾، پنھنجي سونھن سڃاڻ،
ناحق ٿيو نادان، ليئا وجھين لوڪ ۾

بيدل ھر، مومن کي اسلام جي معنوي واٽ وٺڻ ۽ سچو مسلمان ٿيڻ لاءِ خدا جي وحدانيت تي اعتقاد ڪرڻ ۽ خدا جي وجود سان شرڪ

ڪيپايو آهي. هن جي ڪجهہ شعرن ۾ عورت جي گٽن جو بہ نهايت واضح عڪس چٽيل آهي ۽ ڪجهہ ڪلام ۾ آڪڙ باز جوانن تي طنز پڻ ڪئي اٿس. پنهنجي دور جي دوستن جي خودغرضي بڌائيندي چوي ٿو تہ، يارن مان ياري هلي ويئي آهي، جي ڪجهہ گهڙيون اڳ جيءَ چئي هٿ ۾ هٿ ڏيندا هئا. هڪ هوا جي جهوتي سان انهن جي روش ئي بدلجي ويئي ۽ سڀ گمان پڌرا ٿي پيا.

جي چوندا هئا جيءَ، سي ڀوڏ نہ چون ڀاجهہ سين
جي ڪارائيندا هئا خوشي مان، سي پاٽي چون نہ پيءَ
اڇي ڏس هوت حمل چئي، حال منهنجو هيءَ،
رحم ڀيو رب ريءَ، ڪميڻن تي ڪير ڪري.

حمل جي ڪلام جو مطالعو ٿو ڪجي تہ ان جي مزاج ۾ ڪجهہ قدر مزاح بہ نظر اچي ٿي. جيئن تہ هو ڏنگي ملت ۽ انهن جي ڏنگاين بابت چوي ٿو:

زلف ڏنگا ابرو ڏنگا گفتار ڏنگي رفتار ڏنگي،
جنهن جاءِ هوندا، اهي چار ڏنگا لاچار هوندي هر ڪار ڏنگي.

حمل جي ڪلام ۾ طنز سان گڏو گڏ عشقيہ انس بہ موجود آهي، هو وصال ۽ فراق جي ڪيفيتن کي ڏاڍي خوبصورتيءَ سان واضح ڪري ٿو. سسئي جي سڪ ۽ ان جي ڏونگر ڏورڻ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

ٻڪي ۽ ٻوڙي، سڏي ۽ سڏڪا ڀري
پهڻ پير پٽي وڏا، ماس رڳون روڙي،
حمل هو تن جي وڏي وهمن ولوڙي،
ڪڙيون ناڪوڙي وڃي سر پير سرندي سامهون.

سنڌي ادب جي دنيا جو هيءَ يگانو شاعر 1815ع ۾ تولد ٿيو ۽ 1879ع ۾ حق سان هڪ ٿيو.

7-پير علي گوهر شاهہ 'اصغر':

پير علي گوهر 'اصغر' 1816ع ۾ پير صبغت الله شاهہ جي گهر پير ڳوٺ ۾ تولد ٿيو. انهن ڏينهن ۾ 'پير صبغت الله' پير ڳوٺ جي مسند تي

دنيا جي بي ثباتيءَ بابت انتهائي اعتقاد سان ناصحانہ انداز فڪر ۽ روحاني نقطا بيان ڪندي اخلاقي سکيا ڏني ٿو:

دور دنيا جي مٿي اي دل ڪئين آيا ويا
سک مٿي سورن سٿي، اي دل ڪئين آيا ويا.

آخوند گل جي ديوان ۾ خدا پرستيءَ کان وٺي مجازي عشق تائين سڀ ڳالهيون موجود آهن. هن جي ڪلام ۾ ڪٿي ڳوڙهو مفهوم آهي تہ ڪٿي تمام سادو. نظم بہ سليس آهي. هن جي ڪلام ۾ تمام گهڻي سادگي آهي ۽ ڪٿي بہ لفظن جي ڪيڏ نہ ليندي. عبدالجبار جوڻيجو پنهنجي ڪتاب ''سنڌي ادب جي مختصر تاريخ'' ۾ چوي ٿو تہ، ''آخوند گل جي ڪلام ۾ اعليٰ فصاحت ۽ بلاغت جي ڪمي بيشڪ آهي، پر گل جا ڪي ڪي خيال نهايت بليغ شعر جي صورت وٺن ٿا. اُن مان بہ شعر اسان جي سامهون آهن.''

گل ٿي فنا تا آب ٽئي، خوشبوءِ ۽ رنگ تاب ٽئي،
مرڻ بنا ماڻڻ لقا، آهي عبث آهي عبث.

الڳ الڳ تاريخن جي اڀياس مان خبر ٿي پوي تہ آخوند صاحب جي دور حيات بابت الڳ الڳ بيان ملن ٿا. جيئن تہ لعل سنگهہ اجواڻي جي 'History of Sindhi Litrature' موجب جنم 1811ع ۽ ديهانت 1856ع ڄاڻايل آهي. ''سنڌ جي ادبي تاريخ'' (ڀاڱو پهريون) ۾ خان بهادر محمد صديق ميمڻ اهي سال 1808ع کان 1855ع ڄاڻائي ٿو. خليفي صاحب جي زندگيءَ جو اهم ڪارنامو سندس ديوان شايع ٿيڻ آهي، جو هن 1855ع ۾ بمبئيءَ مان لٿو ۾ ڇپايو هو. جيڪو عربي سنڌي لپيءَ ۾ آهي، پر ان جي ڇپائي ڪجهہ قدر صاف ۽ چٽي نہ آهي.

6-حمل خان لغاري:

سنڌ جي هن مشهور معروف شاعر جا بزرگ اصل ڊيره غازي خان کان لڏي خانپور آيل هئا. پر هن شاعر پنهنجي حياتيءَ جو آخري دور سڪرند تعلقي ۾ گذاريو. 'ڪليات حمل' ۾ تہ حمل پنهنجي ڪلام ۾ حقيقت جو حال کولي پڌرو ڪيو ۽ اهڙي اظهار ڪرڻ ۾ بلڪل ڪين

8- مير حسن علي خان:

مير حسن علي خان سنڌ جي آخرين ٽالپر حاڪم مير نصير خان جو پٽ هو.جنهن جي ولادت 1824ع ۾ ٿي. هن احمد هالائيءَ کان تعليم ورتي، مياڻيءَ جي جنگ ۾ جڏهن ٽالپرن، انگريزين کان هار کاڌي ته مير نصير خان ۽ مير حسن علي خان کي قيد ڪري پهرين پونا جيل ۾ ۽ اُتان پوءِ کين ڪلڪتي موڪليو ويو. آخر 1863ع ۾ هو آزاد ٿيڻ بعد سنڌ واپس وريا. مير حسن علي خان، علم ادب سان بيحد ذوق رکندڙ هو ۽ اهو ئي سبب آهي، جو هن پاڻ به سنڌيءَ ۾ ڪيترو ئي ڪلام چيو. هن جي سنڌي تصنيفن ۾ 'سنڌ جو شاهنامو' ادبي نقطِ نظر کان انتهائي اهميت جو حامل آهي. جيتوڻيڪ هن مرثيه، مناقبا به چيا ۽ فارسيءَ ۾ نثريه ڪتاب به لکيا.

ڪلهوڙن کان ڪيئن ملڪ ورتو اسان،
ٿيو ويران ڪيئن خاندان ڪلان.

ان ڪتاب ۾ مير صاحب دليل ڏيئي ٻڌايو آهي ته پويان ڪلهوڙا انتهائي نا اهل هئا. جن رعيت تي ظلم ڪندي ميرن کي به نشانو بڻايو، معرڪا ٿيا. آخر ڪلهوڙن جي حڪومت جو خاتمو آيو. سنڌي رزميه شاعريءَ ۾ هيءَ مثنوي هڪ اهم مقام رکي ٿي، جيتوڻيڪ مير صاحب جي زبان ۾ فارسيءَ جي آميزش جهجهي آهي. پوءِ به ڪن جاين تي ٻوليءَ کي آسان بڻايو ويو آهي. هيٺ ڏنل مثنويءَ مان شاعر جو نجي تجربو ۽ سندس ڪلام چوڻ جي قوت نظر اچي ٿي، جڏهن هو هالاڻيءَ واري جنگ جو بيان ڪندي چوي ٿو:

انهيءَ جنگ تي امر هو منحصر
ته حاصل ڪري جيڪو فتح و ظفر
اهو ٿيندو هن ملڪ جو بادشاه
مخالف ٿي ويندو سو اسر تباه.

9- آسورام 'آسو' هالائي:

آسورام 'آسو' 1824ع ۾ سنڌ ۾ پيدا ٿيو. هو صوفي ۽ ويدانت مت

وينل هو، جنهنڪري ڪيس پير پاڳارو ڪري چوندا هئا. علي گوهر ڪي تعليم ۽ تربيت سان گڏ سندس شوق جي باعث ڪيس شعر شاعريءَ جي سڪيا ڏني ويئي. هن بيدل سائينءَ کان مثنويءَ جي تعليم پرائي، 1831ع ۾ جڏهن سندس والد وفات ڪئي ته هيءَ صاحب سجاده نشين ٿيو. علم جي ذوق سبب هو پاڻ به عالمن جو بيحد قدرڪندڙ شخص هو. هن پنهنجي شعر ۾ پنهنجو تخلص 'اصغر' ڪري ڪم آندو آهي. سچ پڇ ته هو پنهنجي تخلص جيان روحاني طاقت جو مالڪ هوندي به اُن جو ڏيکاو نه ڪندو هو.

اصغر جي محفل سماع سان ڏاڍي رغبت هئي. هن جي شعر ۾ سوز ۽ گداز سان گڏ سلاست جو انس به موجود آهي. 'اصغر' سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ جنهن درد فراق ۽ پيڙا جو بيان ڪيو آهي. اهو ساڳيو اثر ۽ ساڳيو ئي موضوع اسان کي حمل خان لغاري جي ڪلام ۾ به نظر اچي ٿو. هو پنهنجا تمام افڪار ۽ جذبات اهڙي پُر اثر نموني شعر گوئي ۾ ظاهر ڪري ٿو، جو سندس هڪ هڪ لفظ نشتر بڻجي پنهنجي نشاني تي پهچي ٿو:

ڪانگل ڪيي دل ٿو ڏيان، جانب اڳيون جي تون ڪٿين.
مرڱن سندا خنجر هٿي، رت عاشقن جو ٿو پئين،
هٿ پيرڙا رت ۾ رڱي، پوءِ ڏوه ميندي‌ءَ کي ڏئين،
ٻجليون ٻهاري جئن وسن، اکڙيون منهنجون روئن تئين،
اصغر عاشق آهه ائين، جل ري ماڇي آهي جئين.

عشق جي راه ۾ جيڪي بديءَ جا بار، بهتان، الزام، طعنا ۽ تنڪا سهڻا پون ٿا. انهن جو ذڪر ڪهڙن نه جاذب لفظن ۾ ڪيل آهي:

بار بديون بهتانا، لڪين طعنا سٽم سر تي،
لوڪ ساري جون جاڙون جنيون،
سهنديون اهي جي محبت منيون،
پائي ڳچيءَ ڳل ڳانا، لڪين طعنا سٽم سر تي.

باب 3

ساميءَ جي سلوڪن جا ڇاپي نسخا

سنڌ صدين کان صوفين ۽ درويشن جي سر زمين رهي آهي، جن نفاق ۽ نفرت کي نهوڙي پيار، محبت، امن ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏنو آهي. هوُ سدائين ڪورين جي ڪرت وانگر ڳنڍيندا رهيا، پر ڇنڻ کان پري رهيا. اُنهن ۾ شاهه، سچل ۽ ساميءَ جو سڀ کان وڏو حصو آهي. انهن عظيم شاعرن پنهنجي ذات ذريعي اسان جي زبان ۽ ادب کي مهراڻ جي مستي ڏني آهي.

ساميءَ جي شاعريءَ ۾ احساس جي گهرائي ۽ انساني زندگيءَ لاءِ هڪ اهڙي ڳجهارت آهي جنهن جو هرهڪ شعر هڪ سوال آهي تہ: هيءُ انسان پنهنجي سرگرمين ذريعي ڇا تخليق ڪري رهيو آهي؟ هيءَ ڪائنات ڇا آهي؟ جيڪڏهن انسان جي دل ئي ديرو آهي تہ هيءُ دين ڌرم، وير وروڌ ڇا لاءِ آهن؟

سنڌي سماج جي عظيم شخصيتن جي شعر جي تنقيدي ڇاپن ۽ سنڌن شاعريءَ بابت ڪيل اڀياس تي جڏهن نظر وجهجهي ٿي، تڏهن خبر پوي ٿي تہ سنڌي ادب جي ڪلهوڙن واري دور جي شاعرن مان وڌ ۾ وڌ اڀياس شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جو ٿيو آهي. هن شاعر کي ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي (1883ع-1947ع) جهڙو اعليٰ درجي جو نقاد مليو، جنهن جي شايع ڪيل شاهه جو رسالو جي تنقيدي ڇاپي جهڙو بيو شاهڪار ڪتاب اڃا تائين سنڌي ادب جي ميدان ۾ ڇپجي ظاهر نہ ٿيو آهي. ڪيتري وقت کان سنڌ ۾ سچل جي ڪلام جو بہ ڇڱو ئي گهرائيءَ سان مطالعو ڪيو ويو آهي، پر ساميءَ جي سلوڪن جو تنقيدي نگاهه سان وڏيڪ ڳوڙهو اڀياس پيش ڪندڙ عالم اڃا تائين سنڌي ساهتيہ جي ميدان ۾ اڻ لڀ آهن. 'سامي'ءَ جي

جو پوئلڳ هو سندس شاعريءَ ۾ 'سامي' ۽ 'دلپت' وارو انداز نظر اچي ٿو. ڪي ڪيس ''صوفي آسورام'' به ڪري سڏيندا هئا. هن جي ڪلام جي مطالعي مان پڌريءَ پانت خبر پوي ٿي ته هو اونهي فڪر جو مالڪ هيو ۽ 'مصري شاه' سان روح رهاڻ ڪري تصوف جي ڄاڻ حاصل ڪئي هئائين. هن جي ڪلام جا ٽي ڪتاب 'ديوان آسو'، رسالہ آسو' ۽ 'پريم غنچو' آهن. هن جي رسالي ۾ الڳ الڳ سرن ۾ بيت آيل آهن. جيتوڻيڪ رسالو ۽ 'پريم غنچو' ڇاپي صورت نه ورتي آهي پر سندس 'ديوان' 1897ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو. هن جي ڪيتري ڪلام ۾ يوگ وديا ۽ ويدانت جو بيان اچي ٿو. جڏهن ته پنهنجي ڪجهه غزلن ۾ توحيد جي تنوار به ڪئي اٿس. هن جي راءِ موجب محبوب اڳيان زور نه پر نيزاري ڪجي:

ڪيم ورلاپ دلبر کي چيائين چپ،
جهليم تنهنجي اچي در کي چيائين چپ.

جڏهن سامي صاحب جي همعصر شاعرن جو ذڪر ڪبو ته اهو ٻڌائڻ ضروري ٿي پوندو ته ''درياخان'' (1775ع-1850ع) غلام علي (1750ع-1826ع) به ساڳئي ني دور سان تعلق رکن ٿا، پر سندن ڪلام سنڌي نه پر هندي زبان ۾ روشني آندي.

بعد ديوان ڪوڙومل کي جيڪا گرمکي پوٿي سنڌ ۾ هٿ آئي، اُن ۾ ڪُل 2100 سلوڪ آهن. جن ۾ ڪجهہ ڪجهہ سلوڪ تہ ٻہ دفعا درج ٿيل آهن. ديوان ڪوڙومل لکيو آهي تہ، ''هڪ ٻن پريتوانن کان ائين ٻہ ٻڌو اٿم تہ ڪنهن وٽ 2700 سلوڪ آهن، پر اُهي ڪتان ٻہ هٿ لڳي نہ سگهيا آهن.'1

گنگارام روهڙيءَ واري ٻہ ڇپايل گرمکي پوٿيءَ ۾ ڪل 3500 سلوڪ ڏنل آهن. جڏهن تہ پروفيسر شيوارام ڦيرواڻيءَ Song of the Spirit ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ گرمکي اکرن ۾ لکيل ساميءَ جا 4400 سلوڪ روشنيءَ ۾ آيا آهن. 2

پروفيسر پوڄراج ناگراڻيءَ جي ڪتاب ''ساميءَ جا سلوڪ'' جي ٽن ڀاڱن ۾ ڪل 2327 سلوڪ ڏنل آهن. هن چوٿون ڀاڱو ٻہ تيار ڪيو هو، پر اهو اڄ سوڌو ڇپجي ظاهر نہ ٿيو آهي. اِهو (چوٿون ڀاڱو) دهليءَ جي هڪ شخص، صاحب سنگهہ ٻجاڻيءَ وٽ اڄ ٻہ محفوظ آهي، جو هينئر آديپور جي انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجيءَ سان وابستہ آهي. ان صاحب ڪجهہ وقت اڳ راقم الحروف سان ڪيل شخصي ملاقات ۾ ان چوٿين ڇاپي جي جلد اشاعت بابت ٻڌايو هيو، پر اڄ تائين ان کي عملي جامو ڪونہ پهرايو ويو آهي. 3

هن وقت ساميءَ جي سلوڪن جو وڏي ۾ وڏو سنگره ديوناگري اکرن ۾ آهي، جيڪو پرسرام پارومل، ٽن ڀاڱن ۾ بمبئيءَ مان شايع ڪرايو هيو ان ۾ ڪُل 4336 سلوڪ ڏنل آهن.

واڌومل مولچند جي تيار ڪيل ''ساميءَ جا چونڊ سلوڪ'' انتخاب ۾ ڪجهہ سلوڪ شاعر جي تخلص کان سواءِ ٻہ آهن. انهن جي باري ۾ شڪ ٿو پيدا ٿئي تہ ڪٿي اهي سچ پچ ساميءَ جا رچيل آهن، يا ٻئي ڪنهن شاعر جا ساڳي طرز تي رچيل سلوڪ، ساميءَ جي سلوڪن ۾ شامل ٿي ويا آهن.

مولچند گيانيءَ پنهنجي ڇپايل ''ساميءَ جا سلوڪ'' ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ ساميءَ ڪافيون ۽ شبد ٻہ رچيا هئا. اُهي سنڌي ادب جي

---

1. ڪوڙومل کلناڻي: 'ساهتڪ پشپ' (ساميءَ جا سلوڪ- ساهتيہ اڪادمي) صفحو 10

2.شانتي ايل شهاڻي (ايس اين ڦيرواڻي): 'Song of the Spirit'، صفحو 11

3. صاحب سنگهہ ٻجاڻيءَ سان ڪيل جولاءِ 1996ع آديپور ۾ شخصي ملاقات دوران ڪانئس ورتل زباني احوال

سلوڪن جي تحقيق ۽ اپياس جي ڳالھ تہ پري رهي، پر سندس زندگيءَ بابت بہ تسلي بخش معلومات حاصل ڪانہ ٿي سگهي آهي. سامي صاحب پنھنجا تمام سلوڪ چٺڪين تي لکي مٽ ۾ وجهندو ويندو هو. اهي سموريون چٺڪيون 'سامي' صاحب طرفان گرمکيءَ ۾ هٿ اکري لکيل هيون، جي بعد ۾ سندس پٽ ڀائي گهنشامداس گڏ ڪيون.

پروفيسر لعل سنگ هزاري سنگ اجواڻي پنھنجي ڪتاب 'History of Sindhi Litrature' ۾ لکي ٿو تہ ڪنھن ساڌوءَ انھن چٺڪين کي ترتيب ڏيئي شايع ڪرائڻ چاهيو، پر ان تمام مسودي سوڌو اهو ساڌو پاڻ ئي غائب ٿي ويو. ان ڪري باقي بچيل هڪ ٻن مٽڪين مان جيڪي چٺڪيون ملي سگهيون، اهي ئي اج سوڌو ميدان ادب تي ظاهر ٿيل آهن. ان جو تمام سهرو ڪوڙومل چندنمل ڪلناڻيءَ جي سر تي سونهي، جنھن سامي صاحب جي ديهانت کان 35 سال پوءِ 2100 سلوڪ گڏ ڪري پنھنجي مهاڳ ۾ رشي ڏيارام گدومل جي سمجهاڻين سان گڏ ڇپرائي پڌرا ڪيا. 1

ديوان ڪوڙومل جي انهيءَ ڪوجنا کي بيشڪ داد ڏبو، جنھن تحقيق ڪري اها حقيقت هٿ ڪئي تہ 'سامي'، 'مينگهو' يا 'ڀانيڙ' تخلص سان رچيل سلوڪن جي رچيندڙ شاعر جو نالو ڀائي چئنراءِ ڏنارامائي لنبد آهي. 2

ديوان ڪوڙومل چندنمل ڪلناڻي پهريون سنڌي عالم آهي، جنھن ساميءَ جي زندگيءَ جو مختصر احوال، آڪٽوبر 1885ع ۾ شايع ڪيل پنھنجي ڪتاب "ساميءَ جا سلوڪ" (ڀاڱو پهريون) جي منڍ ۾ درج ڪيو آهي. ان کان اڳ بہ ڪن شخصن ساميءَ جا سلوڪ گڏ ڪري گرمکي اکرن ۾ ڇپائي ظاهر ڪيا هئا (جيئن تہ پرنسپال اجواڻي توڙي شيوارام ڦيرواڻيءَ جي تحقيق جي روشنيءَ ۾ ڪو بہ هڪ نالو وثوق سان ڪونہ ڄاڻايل آهي، تہ آخر انھن سلوڪن جو گڏ ڪندڙ ڪير هو).

ساميءَ جي سلوڪن جو تعداد:

ساميءَ ڪل ڪيترا سلوڪ رچيا هئا؟ ان جي خاطريءَ جوڳي ڄاڻ پئجي نہ سگهي آهي. سڀ کان اول ساميءَ جي سلوڪن جو سنگرہ گرمکي اکرن ۾ لاهور مان لٿو ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو هو. اُن ۾ 800 سلوڪ ڏنل آهن. ان

1. ايل.ايڇ.اجواڻي 'History of Sindhi Litrature' ؛ صفحو 133
2. مقالو :ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي: مرتب قيمت هريسنگهاڻي: 'سامي ۽ سندس سلوڪن جا ڇاپا' : صفحو 65

"مگر 1874ع سال ۾ جڏهن سنڌي پنجون ڪتاب تيار ٿي ڪيم تڏهن ڪي ٿورا سولا سولا سلوڪ اُن ۾ ڪٽي وڌم. گرمکي اکر ۾ 800 سلوڪ لاهور ۾ ڇپيل هئا. پر اهي غلطين سان ڀريل ڀيا هئا. تنهن ڪري جهڙا هئا. تهڙا نه هئا."1

2) گرمکي اکرن ۾ 2100 سلوڪن وارو سنگره:

ساميءَ جي سلوڪن جو هيءُ مجموعو سن 1873ع کان اڳ جو تيار ڪيل آهي. اُهو ڪنهن تيار ڪيو، ڪهڙي سال ۾ تيار ڪيو ويو ۽ هٿ لکيل نسخو هو يا ڇپيل ڪتاب هو، انهيءَ جي ديوان ڪوڙيمل جي ڪتاب ۾ يا ڪنهن ٻه ٻئي ڪوجيڪ طرفان ڪا معلومات ڪانه مليل آهي. 2

3) ديوان ڪوڙومل جو تيار ڪيل ايڊشن:

سن 1873ع ۾ ديوان ڪوڙيمل گرمکي اکرن ۾ لکيل ساميءَ جي 2100 سلوڪن وارو سنگره موجود عربي سنڌي اکرن ۾ اُتارائي پاڻ وٽ رکيو. اُن مان هن چونڊ سولا سلوڪ سنڌي درسي ڪتابن ۾ به ڏنا. سن 1885ع کان وٺي 1892ع تائين ساميءَ جا اهي 2100 سلوڪ هن عربي سنڌي اکرن ۾ ٽن ڀاڱن ۾ ڇپائي ظاهر ڪيا:

"ساميءَ جا سلوڪ" (پهريون ڀاڱو): آڪٽوبر 1885ع سلوڪ 520

"ساميءَ جا سلوڪ" (ٻيون ڀاڱو): آڪٽوبر 1885ع سلوڪ 781

"ساميءَ جا سلوڪ" (ٽيون ڀاڱو): آڪٽوبر 1892ع سلوڪ 1799

اهي ٽيئي ڀاڱا ڪراچيءَ مان لٿو ۾ شايع ٿيا هئا. ويهين صديءَ جي شروعاتي سالن ۾ اُنهن جا لوهي ٽائيپ ۾ ٻه ٻه ڇاپا نڪتا. ديوان ڪوڙومل جي تيار ڪيل انهن ايڊيشن ۾ ڪجهه ساڳيا سلوڪ ٻه ٻه دفعا آيل آهن. ان

---

1. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي:مرتب : قيمت هريسنگهاڻي : 'ساميءَ جي سلوڪن جو جائزو' (سامي ۽ سندس سلوڪن جا ڇاپا مقالو صفحہ 75-76

2. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي‌مرتب :قيمت هريسنگهاڻي: 'ساميءَ جي سلوڪن جو جائزو' (سامي ۽ سندس سلوڪن جا ڇاپا مقالو) صفحہ 76

تاريخ ۾ اڄ تائين غيب جي پردي ۾ ڍڪيل آهن.

انهن حوالن مان اها ڳالهه صاف ظاهر آهي ته ساميءَ اڄا به گهڻو ئي شعر چيو هيو. پر اُها امانت باسلامت اسان وٽ ڪانه پهتل آهي. هن وقت سندس سلوڪن جا جيڪي مجموعا ڇپيل آهن، اُنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 4336 سلوڪ آهن، جيڪي الف-بي وار ديوناگري اکرن ۾ سيٺ پرسرام پارومل ڇپائي ظاهر ڪيا آهن. ان سنگره ۾ درج ڪيل سلوڪن ۾ صورتخطيءَ جون گهڻيون ئي غلطيون آهن ۽ اُنهن جي پڙهڻين کي به تنقيدي نگاه سان پيٽي نه پرکيو ويو آهي.

ساميءَ جي سلوڪن جا مجموعا ۽ ڇاپا:

ديوان ڪوڙومل جي لکڻ موجب ساميءَ جا سلوڪ سنڌ جي مندرن ۽ ٽڪاڻن ۾ اڪثر ڳايا ويندا هئا. ان بيان مان اهو ڪلي طرح ظاهر نٿو ٿئي ته اهي سلوڪ پائي چئنراءِ جي حيات هوندي ئي مشهور ٿيا ۽ سندس چالاٽي بعد اُنهن جو پرچار ٿيو. سن 1858ع ۾ ارنيسٽ ٽرمپ، سنڌي پاٺاولي (ريبر) ديوناگري ۽ عربي سنڌي اکرن ۾ تيار ڪري ڇپائي هئي. اُنهيءَ ۾ هن 'مينگهو' پڳت جا بيت نالي ساميءَ جا ڪجهه سلوڪ ڏنا هئا. ان مان ظاهر آهي ته پائي چئنراءِ جي چالاٽي کان جلد ئي پوءِ ڪجهه سالن ۾ سندس رچيل سلوڪن جو چڱو ڦهلاءُ ٿيو هو.

پوٿيءَ جي صورت ۾ ساميءَ جي سلوڪن جا مکيه سنگره:

1) گرمکي اکرن ۾ لاهور واري پوٿي:

هيءُ ساميءَ جي سلوڪن جو پهريون سنگره آهي. ان ۾ ڪل اَٺ سوءُ سلوڪ درج ڪيل آهن. ان جي شايع ٿيڻ جي سال جي ڄاڻ پنجي نه سگهي آهي. پر اها ڳالهه خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿي ته اهو سنگره سن 1873ع کان اڳ جو ڇپيل هو، ڇاڪاڻ ته ان سال، جڏهن ديوان ڪوڙومل ساميءَ جا 2100 سلوڪ گرمکيءَ مان اُتاراڻي پاڻ وٽ رکيا، تڏهن هن لاهور واري پوٿي ڏٺي هئي. هو لکي ٿو:

ساهتيہ منڊل طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. اهو ڪتاب عوام ۾ ايترو تہ پسند پيو، جو اُن جا پنج ڪن ڇاپا ظاهر ٿيا آهن. واڌومل مولچند ڀاڻ بہ هڪ درويش صفت شخص ۽ روحاني راه تي هلندڙ سالڪ هو. هن پنهنجي شخصي انيوُ موجب، مضمون کي ساڌنا مارڳ جي جدا جدا پوڙين موجب ٻيهاريو آهي. ڪتاب جي مهاڳ ۾ هن ساميءَ جي سلوڪن جي جيڪا سمجهاڻي ڏني آهي، اُها سنڌي تنقيد جي ميدان ۾ هڪ نهايت عمدو مثال آهي. انهيءَ کان سواءِ هرهڪ مضمون هيٺ آيل سلوڪن جو تاتپرج بہ هرهڪ باب جي آخر ۾ ڏنو ويو آهي. ڪتاب جي آخر ۾ ساميءَ جي سلوڪن ۾ آيل اوکن لفظن جي معنيٰ پڻ ڏنل آهي.

11) غير سنڌين کي ساميءَ جي سلوڪن جو رس وٺائڻ لاءِ شانتي ايل. شهاڻيءَ سن 1943ع ۾ ڪراچي جيل ۾ سياسي قيدي طور سزا ڀوڳيندي، ساميءَ جي چونڊ سلوڪن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. اُهو هن 'Song of the Spirit' نالي سان سن 1947ع ۾ ڇپائي ظاهر. ان ۾ سنڌي سلوڪ ڏنل نہ آهن، پر انهن جو فقط منظوم انگريزي ترجمو ڏنل آهي.

12) ورهاڱي کان اڳ شڪارپور جي ٽن عالمن ڀائي پرمانند صاحب يوگ ڀنڊار وارو، ماڌوداس ميندبو ۽ پروفيسر شيوارام ڦيرواڻيءَ ارادو ڪيو تہ ساميءَ جي سلوڪن کي مڪمل روپ ڏنو وڃي. هو هر هفتي پرمانند يوگ ڀنڊار ۾ ملندا هئا. جتي هو سامي صاحب جي 3500 گرمکي سلوڪن جي لاهور واري ڇاپي جو اڀياس ڪري، وشيہ آهر الڳ الڳ چٽڪيون ڪٽيندا ۽ گڏ ڪندا هئا. اڃا اهو ڪم تڪميل کي پهتو ئي نہ هو تہ ڀارت جو ورهاڱو ٿيو ۽ پروفيسر ڦيرواڻيءَ سنڌ کي خيرباد ڪندي تڪڙي لڏپلاڻ ۾ هندوستان هلي آيو. هن جون گرمکيءَ واريون چانٽيل چٽڪيون سندس گهر ۾ رهجي ويون. پروفيسر ڀوڄراج ناگراڻي اُن مهل شڪارپور ۾ رهندڙ هو، جنهن کي ڦيرواڻيءَ خط لکي اهي چانٽيل سلوڪ هٿ ڪري هيڏانهن ڪٽي اچڻ جي جوابداري وڌي. ناگراڻي صاحب کي اهو مواد هڪ بند ٿيل دٻي ۾ نظر آيو، جو هن پاڻ وٽ هٿ ڪري رکيو. هو 1950ع جي شروع ۾ هندوستان

۾ ٻين شاعرن جا ٻه چڱا ئي شعر درج ڪيل آهن. جن ۾ شاهه لطيف، شاهه عنايت، بادل، پٽو، رامن، ديون، لکو، آسر، اُميت، تنو، ڪامل ۽ روحل وغيره اچي وڃن ٿا. ساڳين ڌرايل سلوڪن ۽ ٻين شاعرن جي بيتن جو ڪل تعداد 100 ڪن آهي. ڪوڙومل ڪيترن هنڌن تي لفظن جي شڪارپوري اُچارن کي بدلائي اُنهن کي وچولي ٻوليءَ وارو اُچار ٻڌائي ڇڏيو آهي. 1

4) سن 1900ع ۾ سکر جي مٺي سنگت جي ڪم هلائيندڙ ڀائي خوشيسنگهه 2101 سلوڪن جي پوٿي گرمکي ٽائيپ ۾ لاهور جي ايلبين پريس مان ڇپائي ظاهر ڪئي.

5) سن 1900ع ۾ روهڙيءَ واري ڀائي گنگارام 3500 سلوڪن جي وڏي پوٿي گرمکي اکرن ۾، لاهور جي ايڪناميڪل پريس مان ڇپائي پڌري ڪئي.

6) سن 1901ع ۾ ماستر هريسنگهه سکر واري، ڀائي گنگارام وارا شايع ڪيل 3500 سلوڪ عربي سنڌي اکرن ۾ اُتارائي ۽ الف بي وارا بيهاري، ڇهن ڀاڱن ۾ ڇپايا.

7) سن 1904ع ۾ ملڪ هيرا، گرمت پريس، لاهور مان گرمکي اکرن ۾ ساميءَ جا 3500 سلوڪ ڇپائي پڌرا ڪيا.

8) سن 1910ع ۾ مولچند گياني، ڪوٽنيا واري ساميءَ جا سنڌ وارا 2100 سلوڪ، مضمون موجب بيهاري، ٻن ڀاڱن ۾ گرمکي اکرن ۾ شايع ڪيا. هن ڇاپي ۾ لفظن جي صحيح اُچارن تي گهٽو ڌيان ڏنو ويو آهي ۽ سلوڪ پڻ مضمون وار هئڻ ڪري ساميءَ جي فلاسافيءَ کي سمجهڻ ۾ گهٽي مدد ڪن ٿا.

9) مولچند گيانيءَ جي تيار ڪيل ايڊيشن جي پهرئين ڀاڱي کي پوڪرداس ٿانورداس، شڪارپور واري، ٻن حصن ۾ ورهائي، عربي سنڌي اکرن ۾ شايع ڪيو.

10) حيدرآباد، سنڌ جي رٽائرڊ ماسٽر واڌومل مولچند، ساميءَ جي سلوڪن جي چونڊ ڪري، ساڍا ڇهه سوءُ سلوڪ الڳ ڪيا. انهن کي هن مضمون موجب جدا جدا بابن ۾ ورهايو. اهو انتخاب سن 1938ع ۾ ڪوڙومل، سنڌ

---

1 ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي مرتب : قيمت هريسنگهاڻي: 'ساميءَ جي سلوڪن جو جائزو' (سامي ۽ سنڌس سلوڪن جا ڇاپا: مقالو: - صفحه 76-77

جي پٽ گهنشامداس، خانبهادر محمد صديق ميمڻ، شانتي ايل. شهاڻيءَ جو 'Song of the Spirit' مولچند گياني ڪوئٽيا واري کان مليل احوال، جيڪويائي نارائڻداس شڪارپوري، صراف کان مليل معلومات تي آڌارت آهي، انهن کان مدد وٺندي، هن ساميءَ جي زندگي ۽ شخصيت بابت احوال درج ڪيو آهي. جنهن بعد 'سنڌ' انجي آرٿڪ ۽ سياسي اوستا' واري مضمون ۾ ساميءَ واري دور ۾ سنڌ جي جاگرافيائي ۽ معاشي حالتن تي نظر ڦيرايل آهي، ته سنڌ جا رهاڪو، سندن ڏنڌا، پوشاڪ سان گڏ ان دور جو سماجي اڀياس پڻ ڏنل آهي. سنڌ تي حڪومت جو سرشتو به بهترين نموني سمجهايل آهي ته ڪيئن زمينون آباد ڪيون ويندڙيون هيون. ڍلن جو ڪهڙو سرشتو هوندو هيو. حڪومتون ڪهڙي نموني هلايون ويندڙيون هيون. واپار سڄو هندن جي هٿ ۾ هئو ۽ هو ڪيئن جفاڪشي ڪري آمدني ۽ روانگيءَ ذريعي سنڌ کي هريو ڀريو ۽ آباد رکندا هئا. ميرن ۽ اميرن جي مهمان نوازي به ٻڌايل آهي ته وڏيرن جي ڪچهرين جو به ذڪر ڪيل آهي.

اُن بعد 'هندوستان ۾ ويدانت' باب ۾ ويدانت جي فلاسافي، شنڪر آچاريه ويچار مت، نمبارڪ ويچار مت، ماڌو آچاريه مت، ولڀ آچاريه ويچار مت، مها پربو چيتن ويچار مت سمجهايل آهن. سنڌي شعر جي تمور تي واري باب ۾ شاه، سچل ۽ ساميءَ جي ڪلام جو تقابلي اڀياس پڻ ڏنل آهي. جنهن کانپوءِ ساميءَ جو ويدانت سري هيٺ مايا، اوديا، مورک، اگياني، ويساه، پاونا، ساڌ مهما، ساڌ سنگت، ساڌ سنگ، گرمک، ايشور مهما، ڀڳتي، راهون رام ملڻ جون، گيان يوگ، ويراڳ، من ۽ آتما جي ڀچاڻ، ڀڳتي يوگ، سهاڳڻ، سامي ۽ جوڳ، ستگر مهما ۽ ڪرپا، ساميءَ جي سنڌي ۽ ڪوتا، ساميءَ جي ٻوليءَ ۽ عبارت، ساميءَ جي سلوڪن جي رچنا، ساميءَ جي سلوڪن جا ڇاپا ڏيئي ڪري بعد ۾ ساميءَ جا سلوڪ هيٺئينءَ ريت ڏنل آهن:

مايا	(الف)	36
مايا	(ب)	71
اوديا	(الف)	57

اچڻ مهل پاڻ سان گڏ ڪٺي آيو. افسوس جو پروفيسر ڦيروائي ان مهل تائين حيات نہ رهي سگهيو ۽ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري چڪو هو. سيٺ ماڌوداس مينگهو، بنگلور ۾ پائي پرماند هردوار ۾ چڙو چڙ تي ويا هئا. اهڙي دور ۾ پروفيسر يوڄراج ناگرانيءَ اها جوابداري پاڻ تي هموار ڪئي ۽ ڪاڄهہ سڄڻ شري ڏرمداس ٻجلاڻي ۽ سيٺ پرسرام پارومل جي صلاح سان اهو امانت وارو دٻو کولي ڏٺائين. هن جي چوڻ موجب اهي ڇانٽيل سلوڪ ڪتابن جي صورت ۾ هئا، پر انهن مان هڪ ڪتاب هو ئي ڪونہ! خود سلوڪ بہ فقط ڇانٽيل ئي هئا؛ پر سندن اُچارن تي ڌيان نہ ڏنو ويو هو ۽ نہ ئي ورڇ معنيٰ وغيره جو ڪم هٿ ۾ ڪنيل هو. ان گرمکي ڇاپي جي اڪيچار غلطين ۽ سلوڪن جي جدا جدا ڇاپن ۾ مختلف پڙهٽين سبب مجبور ٿي پروفيسر ناگرانيءَ، نئين سر اهو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. هن صاحب هرهڪ سلوڪ ڀيهر ڪٺندي جدا جدا ڇاپن سان ڀيٽي، پنهنجي سمجهہ آهر اُنهن جي پڙهٽي درست ڪئي. ڪوشش ڪئي تہ جيئن صحيح ڇاپو عام جي اڳيان اَچي.[1]

13) ''ساميءَ جا سلوڪ'' ڀاڱو-ا

مهاڳ مختلف پڙهٽين ۽ معنيٰ سميت بي. ايڇ ناگراڻي-بمبئي 1955ع

ان ڪتاب ۾ پرنسپال لعل سنگ اجواڻيءَ طرفان ساميءَ جي شخصيت ۽ ڪلام جو فلسفانہ جائزو ورتو ويو آهي. جنهن ۾ هن صاحب ڀارت جي ڀڳتي ڪاويہ جو ذڪر ڪندي هندي ڪوين تلسي، ڪبير، ميرا ۽ سورداس سان گڏ سندس شاعري لاڪيٽي لعل شاهہ ڀٽائيءَ جو بہ ذڪر ڪيو آهي، تہ انهن تمام شاعرن جو ٿوري ۾ فلسفيا نہ ڇيد ڪندي 'ساميءَ' کي پڻ سنت ڪوين جي صف ۾ شمار ڪيو آهي.

ان بعد ناگراڻي صاحب طرفان ساميءَ جو جيون چرتر ۾ ليکڪ الڳ الڳ تاريخن ''تحفه الڪرام'' وغيره جو اپياس ڪري شاهہ بابت ذڪر ڪندي، سامي صاحب جي حالت ۾ ڇينمل پرسرام، ڪوڙومل ڪلناڻي، سامي صاحب

[1] يوڄراج ناگراڻي: 'ساميءَ جي سلوڪ (دهلي اڪادمي): - صفحہ 9-10

گرمڪ	(ب)	60
ايشور مهما	(الف)	35
ايشور مهما	(ب)	34
اُپديش	(الف)	73
اُپديش	(ب)	29
اُپديش ڀاڱو ٻيون	(الف)	65
اُپديش ڀاڱو ٻيون	(ب)	30
		852

ڪل ملائي ''ساميءَ جا سلوڪ'' (ڀاڱو ٻيون) واري هن ڪتاب ۾ 852 سلوڪ ڏنل آهن.

''ساميءَ جا سلوڪ'' ڀاڱو-III

بي.ايڇ.ناگراڻي (بمبئي) سيپٽمبر 1967ع

ڪتاب ۾ ڏنل 'ٻه اکر' موجب ناگراڻي صاحب کي هيءُ ٽيون ڀاڱو تيار ڪرڻ ۾ خاص ڪري گرمکي پڙهڻين سمجهڻ ۾ سرڳواسڻ مائي سيتا ديوي ڇاٻڙيا کيس ڏاڍي مدد ڪئي. ڪتاب جي شروعات ۾ مهاڳ طور ٻهريون ڀاڱو ڏنل آهي. جنهن ۾ سک، پريم، ڀڳتي، سهاڳڻ ۽ محبتي، عاشق، نيهي، دردوند جي سمجهاڻي ڏنم آهي. ان بعد سلوڪن جي ڀاڱي ۾ هيٺينءَ ريت سلوڪ ڏنل آهن:

ڀڳتي	(الف)	30
ڀڳتي	(ب)	57
سک	(الف)	65
سک	(ب)	24
پريم	(الف)	87
پريم	(ب)	46
نيهي	(الف)	62
نيهي	(ب)	37

اوديا	(ب)	25
مورک	(الف)	69
مورک	(ب)	51
اگياني	(الف)	55
اگياني	(ب)	158
ويساسي	(الف)	39
ويساسي	(ب)	31
پاونا	(الف)	2
پاونا	(ب)	8
		602

ان طرح ناگراڻي صاحب، ”سامي ءَ جي سلوڪن“ کي متين دفعن ۾ ورهائي هن ڇاپي ۾ ڪُل602 سلوڪ درج ڪيا آهن.

”سامي ءَ جا سلوڪ“ ڀاڱو - II

بي. ايچ ناگراڻي بمبئي-نومبر 1958ع

پروفيسر ڀوڄراج ناگراڻي 1955ع ۾ سامي ءَ جي سلوڪن جو پهريون ڀاڱو ڏيڻ کانپوءِ ان ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو نومبر 1958ع ۾ بمبئي ءَ مان ڇپائي ظاهر ڪيو. جنهن ۾ ڪو ٻه مهاڳ وغيره ڏيڻ کانسواءِ ناگراڻي صاحب طرفان ساڌ مهما، ساڌ سنگت، ساڌ سنگ، گرمک، ايشور مهما ۽ سلوڪ اُپديش بابت تقريبا 19 صفحن تي مشتمل تفصيلوار روشني وڌي ويئي آهي.

ساڌ مهما	(الف)	35
ساڌ مهما	(ب)	30
ستسنگ مهما	(الف)	144
ستسنگ مهما	(ب)	15
ساڌ سنگت مهما	(الف)	47
ساڌ سنگت مهما	(ب)	38
گرمک	(الف)	217

(14) ''سامي جا چوندا سلوڪ'' جيڪي اصل راءِ بهادر ڪوڙومل چندنمل کلناڻي جا گڏ ڪيل آهن، جن کي واڌومل طرفان چونڊي لکيو ويو. اُن جو پهريون ڇاپو 1938ع، ٻيون ڇاپو 1945ع، ٽيون ڇاپو 1953ع ۽ چوٿون ڇاپو 1955ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو هو. هن ڪتاب جي شروعات، ديباجي سان هري سندر روپچند طرفان ڪيل اهي، جنهن ۾ هن تفصيل سان پنهنجا ويچار پيش ڪيا آهن. اُن کانپوءِ ساميءَ جي سلوڪن جو تاتپرج، جيڪو رشي ڏيارام گدومل جو لکيل آهي. اُن بعد 'ساميءَ جو جيون چرتر' پروفيسر چيتنمل پرسرام جو ڏنل آهي. تنهن کانسواءِ ساميءَ جا سلوڪ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جو لکيل مضمون ڏنل آهي. واڌومل مولچند جي 'پومڪا' کان پوءِ اُن دواران پرميشور جي پراپتيءَ جون پوڙيون به ڏنل آهن. ان کان پوءِ 'ساميءَ جا چوندا سلوڪ' سري هيٺ الڳ لڳ مضمون ڏنل آهن.

(15) ''سامي جا آتم سلوڪ'' جي چوند ۽ ترتيب تيجومل ڪلاچند ميرچنداڻيءَ ڏني آهي آهي جيڪا اصل سرڳواسي ديوان ڪلاچند ڪيرتراءِ جي ڏنل ارٿ سميت آهن. ان صاحب ست صفحن جي پومڪا به ڏني آهي اُن کان پوءِ 'ستگر' موضوع تي چوند سلوڪ سمجهاڻي سان پڻ ڏنل آهن.

(16) **'ساميءَ جا سلوڪ'**

پروفيسر ڀوڄراج ناگراڻي

سنڌي اڪادمي دهلي

پروفيسر بي.ايڇ. ناگراڻي، 'ساميءَ جي سلوڪن' جو تحقيقي اڀياس جيڪو جدا جدا 3 ڀاڱا ڪري 1955ع 1958ع ۽ 1967ع ۾ بمبئيءَ مان ڇپائي ظاهر ڪيو هيو. انهن ٽنهي ڀاڱن کي گڏ ڪري سنڌي اڪادمي، دهليءَ طرفان جون 1997ع ۾ هڪ ئي ڪتابي روپ ۾ ظاهر ڪيو. موجوده ڪتاب ۾ جيتوڻيڪ ٽيئي ڀاڱا گڏ ڪري ڏنا ويا آهن، پر منجهس ڏنل سلوڪن جو تعداد ڪجهه وڌيڪ ئي نظر اچي ٿو. 1955ع واري الڳ پهرئين ڇاپي ۾ صرف 602 سلوڪ ڏنل هيا، جڏهن ته هن جامع ڪتاب جي

محبت	(الف)	108
محبت	(ب)	33
عشق	(الف)	67
عشق	(ب)	20
عاشق	(الف)	122
عاشق	(ب)	32
سهاڳڻ	(الف)	32
سهاڳڻ	(ب)	11
ڇهه اٺارهن چار	(الف)	19
ڇوهه اٺارهن چار	(ب)	20
لکشڻ	(الف)	84
لکشڻ	(ب)	38
فقير	(الف)	10
فقير	(ب)	7
دردوند	(الف)	12
دردوند	(ب)	21
دردوند پويان	(الف)	20
دردوند پويان	(ب)	6
اوڌوت	(الف)	20
اوڌوت	(ب)	9
ساڌو جن	(الف)	14
ساڌوجن	(ب)	16
سنت		92
		1221

ان طرح ڪل ملائي ''سامي جا سلوڪ'' (ڀاڱو ٽيون) واري هن ڪتاب ۾ 1221 سلوڪ ڏنل آهن.

ڪيو، جنهن ۾ الڳ الڳ 12 عنوانن هيٺ جدا جدا موضوعن تيساميءَ جي سلوڪن جي اوڪ ڊوڪ ڪيل آهي. جيڪي هيٺئينءَ ريت آهن:

1 - سامي صاحب جو جيون چرتر
2 - سامي صاحب جي صورت ۽ سيرت
3 - سامي ۽ شاهه
4 - ساميءَ جو عاشقانو شعر
5 - ويدانت ۽ سامي
6 - ساميءَ جون تشبيهون
7 - ساميءَ جو ناصحانو شعر
8 - انسان جو من ۽ آپو
9 - پورن ستگرو ۽ آدرشي جگياسو
10 - انهد شبد ۽ ديس ملار
11 - ساميءَ جي ٻولي ۽ عبارت
12 - ساميءَ جو نظم

19) ٻوچراج ناگراڻيءَ جي ياڱن مان چوند سلوڪ گڏ ڪري، ساهتيه اڪادميءَ طرفان سن 1960ع ۾ 'سامي جا چوند سلوڪ' ڇپايو ويو. ان جو (ٻيون ڇاپو) سن 1981ع ۾ به شايع ٿيو.

20) ليکراج عزيز 'سامي' جي سري سان 1965ع ۾ هڪ ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو. جنهن ۾ ساميءَ جي جيون چرتر ۽ ان جي شعر جي فني اوڪ ڊوڪ تي انتهائي عالمانا قلم هلايو ويو آهي. ڪتاب جي شروع ۾ 'ٻه شبد' نالي مهاڳ ڏنل آهي. جنهن کان پوءِ الڳ الڳ بابن ۾ ساميءَ جو جيون چرتر، سامي مهان ڪوي، ساميءَ جي سلوڪن جو سار، ويدن جي واڻي توکي سنڌيءَ ۾ سٽايان، پرورتي ۽ نورتي، ساميءَ جي ورهه جي واڻي، ساميءَ جي ڪوتا ۽ صوفي شاعر ساميءَ جي رواداري، سامي ۽ سنسار، سامي ۽ النڪار وشين تي قلم هلايل آهي.

پھرئين ڀاڱي ۾ 602 سلوڪن دوران 606 سلوڪ ڏنل آهن. اصل جهوني ڪتاب جي پاونا (ب) واري دفعي ۾ 204 صفحي تي صرف 8 سلوڪ ڇاٽايل آهن، جڏهن تہ دهليءَ جي جامع ڇاپي ۾ ساڳي دفعي هيٺ صفحہ نمبر 160 تي 12 سلوڪ يعني 4 وڌيڪ سلوڪ ڏنل آهن.

ٻيون ڀاڱو جو اصل 1958ع ۾ ڇپايل هيو، ان ۾ 852 سلوڪ ڏنل هئا ۽ موجوده گڏيل ڪتاب جي ٻئين ڀاڱي واري حصي ۾ بہ ساڳيا ني852 سلوڪ ڏنل آهن. ٽيون ڇاپو جو 1967ع ۾ ڇپايو ويو هيو. ان ۾ جيتوڻيڪ 1221 سلوڪ ملن ٿا، پر دهلي اڪادمي جي گڏيل ڇاپي جي ٽئين ڀاڱي ۾ 1221 بدران 1226 سلوڪ ڏنا ويا آهن. چوتہ اصل ڪتاب جي صفحہ نمبر 51 تي سڪ (الف) ۾ 65 سلوڪ آهن ۽ نئين ڪتاب ۾ 67 سلوڪ ڏنل آهن. صفحہ نمبر 59 تي سڪ (ب) ۾ 24 سلوڪ آهن، پر هن نئين جامع ڇاپي ۾ 28 سلوڪ ڏنل آهن، يعني 6 سلوڪ وڌيڪ ڏنل آهن، پر 'ڇهہ اٺارهن چار' عنوان هيٺ جهوني ڪتاب ۾ 289 صفحي تي 19 سلوڪ آهن ۽ هن نئين ڪتاب ۾ 18 سلوڪ، يعني هڪ گهٽ ڏنل آهي، ان حساب سان 6 مان 1 گهٽائبو تہ باقي ڪُل ملائي 5 سلوڪ وڌيڪ ڇاٽايل آهن.

(17) سيٺ ماڌوداس ميندا ۽ پرسرام پارومل، ساميءَ جي سلوڪن جو وڏو سنگره ديوناگري لپيءَ ۾ ٽن ڀاڱن ۾ شايع ڪيو آهي. پھريون ڀاڱو آگسٽ 1956ع ۾، ٻيون ڀاڱو فيبروري 1957ع ۾ ۽ ٽيون ڀاڱو مارچ 1958ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو. انهن ۾ ساميءَ جا ڪل 4336 سلوڪ ڏنل آهن. ان ايڊيشن جي مرتب، محنت ڪري جدا جدا پوٿين ۽ سرچشمن مان ساميءَ جا ايترا گهڻا سلوڪ گڏ ڪري روشنيءَ ۾ آندا آهن. پر جيتري ڪوجنا سلوڪن جي گڏ ڪرڻ تي ڪئي ويئي آهي، اوترو ني گهٽ ڌيان اُنهن جي صحيح پڙهڻين لفظن جي درست هجڻين تي ڏنو ويو آهي. ڪتاب ۾ ڇاپي جون چڪون بہ چڱي تعداد آهن. ان ڪري بهتر ٿيندو تہ مذڪوره سنگره ۾ آيل سلوڪن جي پڙهڻين کي تنقيدي نظر سان پرکي، اُنهن جو سنڌي ڇاپو تيار ڪرڻ گهرجي.

ميدان ادب تي آندو هيو، تنهن صاحب صرف 2 سالن جي عرصي اندر ساميءَ جي سلوڪن تي هڪ ڪوجنيڪ ۽ عالم جي حيثيت ۾ اجا وڏيڪ تحقيق ڪري اُن جي لفظن کي صحيح سمجهڻ لاءِ 1978ع ۾ 'سامي ڏاتو ڪوش' (An Etymological Dictionary of Sami) پڻ لاڙڪاڻه (سنڌ) مان ڇپائي پڌرو ڪيو. جنهن ۾ الف بي وار ساميءَ جي ڏکين لفظن جون معنائون، ڌاتن سان گڏ سمجهايل آهن.

24) سنڌ جي مشهور و معروف عالم محمد ابراهيم جويو صاحب هڪ برک ودوان، نقاد ۽ تاريخ دان جي حيثت ۾ 'شاه، سچل، سامي-1689-1850ع هڪ مطالعو' ڪتاب ادب ذوق حضرات جي پيشِ نظر رکيو. جويو صاحب انتهائي فلسفيانه نموني ۽ هڪ غير جانبدار مورخ طور تاريخ جو جائزو وٺندي تحقيقي لحاظ کان سنڌي ادب جي ٽنهي عظيم شاعرن شاه، سچل ۽ ساميءَ تي اهڙي ته دلچسپ پيرايه ۾ روشني وڌي آهي، جو پڙهندڙ قارئين جا ڪپاٽ کليو وڃن. ان ڪتاب کي ايتري ته مقبوليت ملي جو جيتوڻيڪ اُن جو پهريون ڇاپو فيبروري 1978ع ۾ شايع ٿيو هيو، پر هيل تائين اُن جا ڪُل ڇه ڇاپا ظاهر ٿي چڪا آهن. آخرين ڇهون ڇاپو روشني پبليڪشين، ڪنڊيارو (سنڌ) طرفان 1997ع ۾ اشاعت ڪيو ويو. ان ڪتاب ۾ جويو صاحب جا ڪجهه پيا تحقيقي مضمون به درج ڪيا.

25) ''ساميءَ جي سلوڪن جو جائزو'' ڪتاب قيمت هريسنگهاڻي جي سمپادڪيءَ هيٺ سال 1990ع ۾ ميدان ادب ۾ آيو؛ جنهن ۾ هن صاحب 18-19 سيپٽمبر 1985ع ۾ ڀوپال ۾ 'سامي سيمينار' تي پڙهيل پيپر ڏنا آهن. هن ڪتاب ۾ شروعات ۾ ڪتاب بابت پنهنجي پاران شروعاتي ويچار ڏنا اٿائين. ان کانپوءِ هيٺ ڏنل پيپر، مقاله نگار جي نالي سان ڏنا ويا آهن:

1. ساميءَ جو جيون ڪاريه	مشيلا موٽواڻي
2. ساميءَ جي سلوڪن ۾ سماج جو عڪس	ڪرشن راهي
3. سامي صاحب جي ٻولي ۽ شاعري	ڪيئلداس 'فاني'
4. سامي ۽ سندس سلوڪن جا ڇاپا	مرليڌر جيٽلي

(21) اي.جي. اُتم جولاءِ 1962ع ۾ نيئن دنيا پبلشرس بمبئيءَ طرفان ’شاهه، سچل ۽ سامي‘ (نئين نظر) نالي هڪ ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو. جنهن ۾ هن ايڊيٽر جو فرض ادا ڪندي هيٺيان 12 ليک ڏنا آهن.

1) شاهه جي سنڌي - پروفيسر ڪليان آڏواڻي

2) سچل سرمست - تيرٿ وسنت

3) شاهه جو سنڌين لاءِ سنيهو - جي.ايم. سيد

4) شاهه جي ٻولي ۽ ڀاشا وگيان - ليلو رچنداڻي

5) شاهه عبداللطيف جي عظمت - ڊاڪٽر ايڇ.ٽي.سورلي

6) سچل-انقلابي شاعر - ڪرشن کٽواڻي

7) ساميءَ تي هڪ نئين نظر - اي.جي.اُتم

8) شاهه، سچل ۽ سامي - گوبند مالهي

9) شاهه تي تنقيد - موهن گيهاڻي

10) ساميءَ جا سلوڪ ۽ متن ٽيڪا - ڪيرت ٻٻاڻي

11) شاهه جو ڪلام ۽ نرت گيت - منو گدواڻي

12) شاهه جي شعر جو پس منظر - اي.جي. اُتم

ان طرح اُتم، مذڪوره ڪتاب ۾ الڳ الڳ عالمن جا مٿيان 12 چونڊ جدا جدا ليک گڏ ڪري ڇپايا. جن مان ساميءَ جي ڪلام ۽ اُن جي زندگيءَ کي سمجهڻ ۾ ڪافي مدد ملي ٿي.

22) ’ساميءَ سنڌيون سپون‘ نالي پروفيسر ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو صاحب، ساميءَ جا 200 چونڊ سلوڪ سن 1975ع ۾ لاڙڪاڻي مان ڇپائي ظاهر ڪيا. ان ڪتاب ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي شاهه جي رسالي واري ايڊيشن جي طرز اپنائي ويئي آهي. سلوڪن جي متن بعد، لفظن جي معنيٰ، ويتپتي، ويچارن جي اُپٽار ۽ بين مذهبن جي ويچارن سان ڀيٽ ڏنل آهي. اهو ننڍڙو مجموعو پروفيسر سنديلي صاحب جي وسيع علم جي ساک ڏني ٿو.

23) ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، جنهن 1975ع ۾ ’سامي سنڌيون سپون‘ ميدان ادب تي آندو هيو. تنهن صاحب صرف 2 سالن جي عرصي اندر

سنڌ اُن جي آرٽڪ ۽ سياسي اوسٿا
سنڌ ۾ حڪومت جو سرشتو
هندستان ۾ ويدانت
مايا
اوديا
مورک
اگياني
ويساه
ڀاونا
ساڌ مهما
ساڌ سنگت
ساڌ سنگ
گرمک
ايشور مهما
ڀڳتي
شيوا ٽهل
گيان يوگ
ويراڳ
من ۽ آتما جي پڇاڻ
ڀڳتي يوگ
سهاڳڻ
سامي ۽ جوڳ
ستگرو
سامي ءَ جي سنڌي ۽ ڪوتا
انهن عنوانن کان پوءِ 153 صفحات تي مبني ڊاڪٽر عبدالڪريم
سنديلو طرفان جوڙيل سامي صاحب جي ڏکين لفظن جون معنائون 'تحقيق لغات

5.ساميءَ جي سلوڪن ۾ سمايل فيلسوفي — يشوڌرا واڌواڻي
6. پارتي سنت ڪاويه ۾ ساميءَ جو استان — هيرو ٺڪر
7. ساميءَ جي سلوڪن ۾ ويدن جي واڻي — قيمت هريسنگهاڻي
8. ساميءَ جي ٻوليءَ ۽ شاعري — گوردن شرما 'گهايل'
9. ساميءَ جي سلوڪن ۾ ڀارتيه سنت — موهن لعل شرما

اُن بعد مقالہ نوسين بابت واقفيت ڏنل آهي. آخر ۾ هريسنگهاڻيءَ ساميءَ بابت مختصر ڄاڻ هنديءَ ۾ ڏيڻ فرمائي آهي.

26) 1992ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾، بي.ايڇ.ناگراڻيءَ جا ''ساميءَ جا سلوڪ'' وارا ٽيئي ڀاڱا هڪ ئي جلد ۾ گڏ ڪري سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، طرفان شايع ڪيا ويا. جنهن جي شروعات ۾ پبلشر طرفان ساميءَ جي سلوڪن جي ڇاپي نسخن جو تحقيقي جائزو پڻ ڏنل آهي. جنهن بعد 15 جون 1955ع وارا ناگراڻي صاحب جا ٻہ اکر ۽ لعل سنگ اجواڻيءَ جو مهاڳ ڏيڻ کانپوءِ رشي ڏيارام گدومل جي ساميءَ جي سلوڪن جو تاثيرج ڏنل آهي. جنهن کانپوءِ ناگراڻي صاحب وارا ٽنهي ڀاڱن وار جملي سلوڪ ڀاڱو ڀهريون، ٻيون ۽ ٽيون الڳ الڳ سري هيٺ، ساڳئي ڪتاب ۾ ڏيئي. ان جو نالو ''ساميءَ جا سلوڪ'' جلد پهريون رکيو ويو آهي.

جڏهن تہ ان سان گڏ ئي ''ساميءَ جا سلوڪ'' جلد ٻيون اشاعت هيٺ آيل آهي، جنهن جو گڏيل ڪريڊٽ، گيٽ اپ تي ئي پروفيسر بي.ايڇ.ناگراڻي ۽ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو جو گڏيل نالو ڏنل آهي. جنهن جي ترتيب وري محمد ابراهيم جويو صاحب جي هٿن ڪان ڪيل آهي. مذڪوره ڪتاب پڻ 420 صفحات تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ناشر طرفان عنوان هيٺ محمد ابراهيم جويو انتهائي عالمانہ مهاڳ لکيو آهي. جنهن بعد 'ساميءَ جا سلوڪ هڪ نظر ۾' ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ خود جويو صاحب جو اڳ ڇپيل 1978ع وارو ڪتاب 'شاه-ساچل-سامي' هڪ مطالعو پوريءَ ريت 60 صفحات تي مبني ڏنل آهي. جنهن مان پوري اساسي شاعري، سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ مذهبي تاريخ جو جائزو وٺندي ساميءَ کي صحيح نموني سمجهڻ ۾ مدد ملي ٿي.

باب 4

ڀارتيہ درشن شاستر ۽ ڀڳتي شاعري

ڀارتيہ درشن:

ڀارت، ڌرتيءَ جي خوبصورت خطي تي واقع آهي. پرڪرتيءَ جي ديويءَ پنهنجي شيِ هٿن سان سجائي اُن کي زينت بخشي آهي. اُن جو ٻاهريون روپ ڪيترو نہ سندر آهي. اُتر ۾ برف سان ڍڪيل هماليہ، جنهن جون چوٽيون جڻ ٻاهرين سنسار کي ڀارت جي اڌياتمڪ اوسر کان واقف ڪرائي رهيون آهن. ڏکڻ ۾ ڀارتيہ مهاساگر، جتي نيرا نيرا روشن ڪرڻا پهچندي ائين پيو لڳي جڻ بہ وڏا پير ڌرتيءَ تي ڪوڙيل هجن! اولهہ ۾ عرب ساگر ۽ اوڀر ۾ بنگال جي ڪاڙي. گنگا ۽ جمنا جون ڌارائون کيس سرسبز بڻائي رهيون آهن. ڀارت جو هيءَ ٻاهريون روپ جيترو چمڪندڙ ۽ منوهر آهي، اُن جو اندريون روپ بہ اوترو ئي حسين آهي. هن سنسار ۾ سڀيتا جي جنني، ڀارت ماتا ئي آهي. جنهن وقت ٻيا ديش اگيان جي اندڪار ۾ هئا؛ اُن وقت پهرين، ڀارت جي گگن ۾ پرڀات جي اُفق تي گيان جي روشن ڪرڻن اوديا جي اونده جو خاتمو آندو. ان طرح پوري ڌرتيءَ تي سڀيتا جو ڦهلاءُ ڪرڻ جو شرف هن ديش کي ئي حاصل آهي.

درشن جي معنيٰ ۽ استعمال:

هر انسان لاءِ زندگيءَ جي جدوجهد ۾ فتح حاصل ڪرڻ اُن جو فرض آهي. ٻين ساهوارن وانگر انسان بہ زنده رکڻ لاءِ لڳاتار ڪشمڪش ڪندو رهي ٿو. هو ڪنهن وقت پنهنجي اردگرد وارين مختلف حالتن سان جنگ جوٽيندو آهي تہ ڪڏهن غالب پيل طاقتن ۽ ويرين سان سنگهرش ڪندو رهندو آهي. فرق اهو آهي تہ ٻيا جيو، بغير ڪنهن سوچ

سامي' جي عنوان سان ڏنل آهن ۽ آخر ۾ پروفيسر ناگراڻي ۽ ڪوڙومل ساهتيہ منڊل ۾ آيل اکر ڪوش پڻ ڏنل آهي.

سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت پاران 'ساميءَ جي سلوڪن' جا بيئي جلد شاندار رنگين گيٽ اپ، اوچو پنو، صاف ڇپائي ۽ پڪي بائينڊنگ سان سوکڙي نما هڪ باڪس ۾ ادب ذوق حضرات لاءِ پيش ڪيل آهي.

ڪل ملائي هيل تائين سامي صاحب جا جيترا بہ ڇاپي نسخا ميدان ادب تي ظاهر ڪيل آهن. انهن ۾ سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد جو 1992ع وارو اهو مٿيون تحفو بيشڪ هر لئبرريءَ ۾ ساندڻ لائق آهي.

'فلاسافيءَ' جي معنيٰ ٿيندي 'علم لاءِ محبت' يا 'وديا لاءِ پريم'. ان لفظ جو واهپو پهرين گريس ملڪ ۾ ٿيو. 'ويسدائبس پير ڪليز' جي مشهور پاشڻ ۾ ايٿينس شهر جي رهواسين کي وديا پريم ٻڌائڻ لاءِ به ان لفظ جو استعمال ڪيو هيو. سقراط (Socrates) ان وقت جي مشهور سائنس‌دان ۽ ٻين وشين جي ماهر سوفيسٽ ماڻهن کان پاڻ کي الڳ رکڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي فلاسافر ڪري چيو آهي. سقراط جي شاگرد افلاطون Plato ۽ اُن جي شاگرد ارسطو Aristatole ان جو پرچار ڪيو ۽ ان جي الڳ الڳ شاخن جو اڀياس ڪري مغربي درشن جو سچو پچو مبلغ بڻيو. جيڪي ودوان جيو، جڳت، ايشور، ڌارمڪ يا سماجڪ تتون جي کوجنا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندا آهن، اُهي فلاسافر چوائيندا آهن. اڳ فلاسافيءَ جي اندر سائنس به ايندي هئي. اڄڪلهه مغربي ديشن ۾ وگيان ۽ درشن کي الڳ الڳ ڪري انهن جي وضاحت ڪئي ويئي آهي ته هن جڳت جي الڳ الڳ وشين جي خاص اڀياس ۽ ورنن کي 'وگيان' چئجي ٿو. جيئن ظاهري وگيان ۽ علم نجوم وغيره. ان طرح الڳ الڳ وگيانين دواران پيدا ٿيل حقيقتن کي گڏ ڪرڻ فلاسافيءَ جو مقصد آهي.

ڀارتيه درشن جون خصوصيتون:

1) آزاد استتي:- ٻين ديشن جي ڀيٽ ۾ درشن شاستر، ڀارت ۾ وڌيڪ خود ڪفيل رهيو آهي. اڀياس جي آزادي، اُن جو اهم وشيه رهيو آهي. اُن سان گڏ ٻين علمن جي اوسر ۾ پڻ هو مدد ڪندو رهيو آهي.

2) درشن ۽ ڌرم: ڀارت ۾ درشن شاستر جي جيتري ته مقبوليت آهي، اوتري ٻئي ڪنهن به ٻئي ملڪ ۾ نظر نٿي اچي. درشن شاستر، مغربي ملڪن جي ودوانن لاءِ سندن من کي خوش رکڻ جو وسيلو پئي رهيو آهي. جهڙيءَ طرح ٻين وشين جي اڀياس ۾ هو پنهنجي شخصي ڪلپنا ڪندا آهن، اهڙيءَ طرح هن ميدان ۾ به ساڳي حالت آهي. پر ڀارت ۾ درشن ۽ ڌرم، تتو گيان ۽ ڀارتيه جيون جو گهرو سنبنڌ آهي. ڀارت ۾ عوامي امن ۽ هن جهان مان ڏکن سورن کان نجات ڏيارڻ خاطر درشن شاستر جو جنم

ويچار جي فطري طور زندگيءَ جي جهدو جهد ڪندا رهندا آهن، پر انسان هر منزل تي دل دماغ جو جوڳو استعمال ڪري ٿو. نڪل جي چوڻ موجب، انسان جي ڪاميابين جو مدار سندس سوچ ويچار تي مبني آهي. گيتا ۾ (17/3) چيل آهي :यो यच्छद्वस एव स جنهن جو مطلب آهي تہ انسان پنهنجي شردا انوسار ئي الڳ الڳ روپ وٺندو آهي. هن جي ڪم ڪرڻ جو انداز بہ طئہ ٿيل هوندو آهي؛ جنهن موجب ڪيس ڦل ملندو آهي، اهڙي نموني هر انسان جو نجي درشن هوندو آهي. جيڪو اُن جي جيون سان ڳنڍيل آهي. اسان اُن کي پنهنجي جيون کان الڳ ڪري نٿا سگهون. جيڪڏهن ڪوبہ شخص اُن کي جدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو تہ سندس جيون، عقل ۽ فهم کان پري ٿيندي هڪ جانور جيان ٿي پوندو، ان ڪري جانورن سان ڪيترين ئي ڳالهين ۾ هڪجهڙائي هئڻ ڪانپوءِ بہ انسان ۾ ڌرم ۽ مذهب يا انسان جا ٻاهريان اصول، سندس وڏي ۾ وڏي خوبي آهي.

'درشن' لفظ جي معنيٰ آهي ''दृश्यते अनेन इति दर्शनम्'' جنهن جي دواران ڏنو وڃي، تہ هن جڳت جو سچو سروپ ڇا آهي؟ ان جي پيدائش ڪٿان ٿي؟ هن سرشٽيءَ جو مقصد ڇا آهي؟ هيءَ چيتن آهي يا اچيتن؟ هن سنسار ۾ اسان جا ڪهڙا فرض آهن؟ زندگيءَ کي سٺي نموني گذارڻ لاءِ ڪهڙو ساڌن مارگ آهي؟ اهڙن سوالن جا جواب ڏيڻ، درشن جو اُديش آهي. درشن کي شاستر بہ چئبو آهي. شاستر جي معني ڇا آهي؟ شاستر لفظ جو ڌاتو، گرنٿن ۾ هن نموني ٻڌايل آهي.

शासनात् शसनात् शास्त्रं शास्त्रमित्यभिधीयते ।
शासनं द्विविधं प्रोक्तं शास्त्रलक्षणवे दिभि: ।
शासनं भूतवस्त्वेकविषयं न क्रिया परम् ।

'شاستر' لفظ جي ڌاتوءَ جا ٻہ حصا آهن: 'शास्' معنيٰ 'آگيا ڪرڻ' ۽ 'शंस्' معنيٰ 'ورنن ڪرڻ' يا ظاهر ڪرڻ.

اهڙي طرح دنيا جي ٻين تهذيبن جو جائزو وٺندي خبر ٿي پوي ٿي تہ يونان ۾ 'فلاسافي' لفظ پڻ ٻن لفظن جي ميلاپ مان نهيو آهي. 'فلاس' معنيٰ 'پريم' يا 'محبت' ۽ 'سوفيا' معنيٰ 'تعليم' جنهن موجب

رکي. ٻڌ، جين ۽ چاوارڪ لاءِ ايشور جي ستا نه آهي، ته اُهي ناستڪ ڀانئجي ۾ ڳڻيا ويا. آستڪ اُهي آهن جيڪي ويدن ۾ وشواس رکن ۽ ناستڪ اُهي آهن جيڪي ويدن کي نه مڃي اُنهن جي گلا ڪن.

ياگيه ولڪيه جي سکيا

برهدارڻيڪ اُپنشد (214) جي هيءَ ڪٿا مشهور آهي ته ٻڍاپو اچڻ تي فلاسافر شرومڻي ياگيه ولڪيه پنهنجي ملڪيت جي ورهاست پنهنجين ٻن زالن (ڪاتياينيءَ ۽ ميتريي) جي وچ ۾ ڪئي. تڏهن ميتريي اهو ونڊ جي چاهنا نه رکندي مهرشي ياگيه ولڪيه کان پڇيو ته: ''جيڪڏهن هيءَ سموري ڌرتي منهنجي لاءِ ڌن ٻڌجي وڃي ته مان امر ٿيڻ جي پدوي پائي سگهندس.'' مهرشيءَ کيس جواب ڏنو: ''بلڪل نه، تنهنجو جيون ائين ٿيندو جنهن کي آنند ماڻڻ جون سڀ شيون آهن، پر ڌن ملڻ سان امر ٿيڻ جي پدوي جي ڪابه اُميد نه آهي.'' تڏهن ميتريي وري پڇيو: ''جنهن ڌن سان بقا جي حاصلات نه ٿيندي ته مان اُن کي وٺي ڇا ڪندس''؟ تڏهن مهرشيءَ چيو: ''پتيءَ لاءِ پتي پيارو نه آهي، پر آتما لاءِ. پتنيءَ لاءِ پتني پياري نه آهي،، پر آتما لاءِ. پٽ لاءِ پٽ پيارو نه آهي، پر آتما لاءِ. سنسار جون سڀ شيون پنهنجي لاءِ نه، پر آتما لاءِ پياريون هونديون آهن.'' ان ڪري سڀني کان پياري شيءِ آهي 'آتما' ان ڪري آتما جي درشن ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ٻڌڻ کپي، هنڌائڻ کپي ۽ لڳاتار ڌيان ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته آتما جو درشن، ٻڌڻ، هنڌائڻ ۽ وگيان سان سڀ ڪجهه ڄاڻي سگهجي.

مهرشي ياگيه ولڪيه جي اها سکيا پارتيه درشن ۽ ڌرم جو مول بنياد آهي. انساني جيون جو آخرين اُديش، آتما جو ساکشاتڪار. آتما جو ساکشات انيو آهي. ان انيو لاءِ اُپنشد، تن ساڌنن جو اُپديش ڏني ٿو. ٻڌڻ، هنڌائڻ ۽ لڳاتار ڌيان. آتم تتو کي ٻڌڻ کپي. شرتي واڪين سان منن ڪرڻ گهرجي ۽ يوگ دواران ڌيان ڪرڻ گهرجي.

ٿيو. افلاطون جي چوڻ موجب درشن جي شروعات عجيب و غريب نتائج سان ٿيندي آهي. (Philosophy begins in wonder) جنهن مان وِيچار شاستر جي پيدائش ٿيندي آهي. پر ڀارت ۾ ان جو وجود دک ۽ اُن کان بچڻ جي ڪوشش ڪرڻ واري عمل سان ٿئي ٿو. ڀارتيہ جيون ۽ تدم مٿان ايترو گهرو اثر پوڻ سبب ئي درشن کي ايڏي مقبوليت ملي آهي.

ڀارتيہ درشن جو مقصد:

پراچين مفڪرن، برهم ۽ آتما کي هڪ ڪري چيو آهي. هرهڪ انسان پنهنجي اندر، آتما جو انيو ڪندو رهندو آهي. ان ڪري برهم جو درشن ماڻڻ، اُن کي سڃاڻڻ جو وسيلو آهي آتما کي سڃاڻڻ ۽ اُن جو درشن ڪرڻ. ڪائنات جي سڀني پيارين شين ۾، آتما کي ئي اهم جاءِ مليل آهي. ڪٿان بہ شروع ڪري ڏسجي تہ آتما کي وڏي اهميت ملندي رهي آهي. اسڪولن ۾ ڪيترا وديارٿي ڪيڏي نہ دل سان تعليم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهو سڀ ڇا لاءِ؟ ان جو جواب ملندو 'گيان جي حاصلات لاءِ'. گيان سان ڌن جي حاصلات ٿيندي آهي. ڌن جي وسيلي ڪٽنب کي سک نصيب ٿئي ٿو، ۽ ڪٽنب جي سک جي آخرين منزل آهي، آتما جو سک. ان ڪري ڪٿان بہ ڏٺو وڃي، ڪهڙن بہ پدارٿن کي ڏٺو وڃي، 'آتما' ئي مکيہ ٿيندي.

الڳ الڳ مفڪرن، مڪتيءَ جي ڪلپنا ۾ ڪيترا ئي متڀيد هئڻ جي باوجود، ان وشيہ ۾ هميشه هڪ ئي راءِ ڏني آهي: आत्मन:स्वरूपेणावस्थिति मोक्ष

آتما جي ڄاڻ ڏيڻ. اُها آتما توڙي برهم کان الڳ هجي يا نہ، اُن جو درشن ئي سندس مقصد آهي.

ڀارتيہ درشن جي درجہ بندي:

هندو گرنٿڪارن ڀارتيہ درشن کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو آهي:

(1) آستڪ (2) ناستڪ. عام رواجي آستڪ. ايشور جي ستا کي مڃڻ وارو ۽ ناستڪ اُن ستا کي نہ مڃڻ واري کي چيو ويندو آهي. پر فلاسافيءَ ۾ اها معنيٰ نہ آهي. درشن موجب. آستڪ ڪرم ڪري ڦل جي اڇا نہ

رکي ٿو. جيڪو اگيان جي پردي کي چيري ٿو. اهڙي نموني ساهتيہ، فلاسافيءَ جي پورائي ڪري ٿو. (مايا) جو جادو ٿي سگهندو، استري (ڀڳتيءَ) تي ڪنهن بہ استريءَ (مايا) جو اثر ٿي نہ سگهندو. ڀڳتي، ڀڳوان جي استري آهي، ۽ مايا نرتڪي، ڀڳوان ڀڳتيءَ کي چاهيندڙ آهي. فلاسافي سوچڻ جي شڪتي ڏني ٿي. ساهتيہ نہ صرف چوڻ، پر پنهنجو ٻڌائڻ سيکاري ٿو. ڀارتيہ ساهتيہ جو پهريون روپ ويدڪ منترن مان ملي ٿو. ويدڪ ڪوين پنهنجي واڻي، ويدن ۾ لکي. ويدڪ يگ ۾ فلاسافي ۽ ساهتيہ جو گڏو گڏ وڪاس ٿيو. اُن وقت جي ساهتيہ جا وشيہ هئا: اندِ وشواس، ڏڀ، پرارٿنائون ۽ يگيہ ڪرڻ وغيره.

ڪوتا ۾ آهستہ آهستہ فلسفي جو جزو وڌندو ويو. هر شاعر جيترو وڏو فلاسافر هوندو هو، اوتري وڌيڪ عزت پائيندو هو. رامايڻ ۾ بہ فلاسافيءَ جو درشن ملي ٿو. شاعرن کي فلسفي جي ڄاڻ مان روشني ملي ٿي، ساهتيہ کان پوءِ تتو درشن، ڀڳتي، يوگ ۽ صوفين جي پريم جي پياس وغيره اچن ٿا. 'ڀڳتي'ءَ جو تتو نچ ڀارتيہ آهي، پر پريم جي پيڙا صوفين مان آئي آهي، جڏهن تہ يوگ تي ناٿ پنٿ جو اثر آهي.

ويدانت درشن:

ميمانسا جا بہ ڀاڱا آهن: پورو ميمانسا ۽ اُتر ميمانسا. پورو ميمانسا ۾ ڪرم ڪانڊ جو بيان ڪيل آهي ۽ اُتر ميمانسا ۾ اُپنشدن دواران آتموادي درشن سمايل آهي. ويدانت جو ٻيو نالو اُتر ميمانسا بہ آهي. اُپنشد ويدڪ ساهتيہ جو آخرين ڀاڱ آهن. اُپنشدن ۾ ئي ويدن جي پڄاڻي ٿئي ٿي. ان ڪري ويدانت جي معنيٰ آهي اُپنشد جو گيان.

اُپنشد جو گيان ڇا آهي. اُن جي استاپنا لاءِ گهڻي ئي ويدانتي فرقا آهن. اُنهن مان شنڪرآچاريہ، رامانج، مڌو، نمبارڪ ۽ ولڀ وغيره مشهور آهن. انهن ۾ شنڪر آچاريہ ۽ رامانج جو نالو سڀني کان وڌيڪ اهم آهي. شنڪرآچاريہ جي ادويت ويدانت جي ايتري تہ مقبوليت آهي جو صرف ويدانت لفظ اُچارڻ سان ئي شنڪر ويدانت جي معنيٰ سمجهي ويندي

ساهتيہ ۽ درشن:

هر يگ ۾ درشن ۽ ساهتيہ، رت جي ٻن ڦيٿن وانگر گڏ هلن ٿا. سماج جو سچو آئينو ساهتيہ آهي، ۽ اُن ساهتيہ ۾ اسان کي فلاسافيءَ جو درشن ٿئي ٿو. انسان اچڻ واري يگ جي ڪلپنا ڪري سوچيندو رهي ٿو ۽ اُن جي اڳيان ڪيترائي سوال اُٿن ٿا. جڳت ڇا آهي؟ انسان ڇا آهي/ اُن جو ناهيندڙ ڪير آهي؟ موت کانپوءِ شرير ڪيڏانهن ويندو؟ اهي سوال هن جي دماغ ۾ اُٿن ٿا، ۽ اُنهن جا جواب انسان پنهنجي ڀاونا جي آڌار تي، ۽ ڪڏهن دماغ جي آڌار تي ڏئي ٿو: جنهن جي هيٺان انتوشواس، ڀڳتي جي ڀاونا، وڏيڪ سوچڻ جي اسمرٿي، وگيانڪ چنتن وغيره تتو اچي وڃن ٿا.

ڀارت جو دارشنڪ اتهاس بہ ائين آهي. 'درشن' دماغ رستي سمجهي سگهجي ٿو ۽ 'ساهتيہ' جذبات رستي. درشن مشڪلاتن جو حل ڳولهيندو آهي، ساهتيہ اُنهن مشڪلاتن کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. 'ساهتيہ'، 'درشن' جي تڪميل آهي. درشن تتون جو فيصلو ڪندو آهي. ساهتيہ ۾ زندگيءَ جي عملن جو عڪس ملي ٿو. الڳ الڳ وارداتون قلمبند ڪندي ساهتيہ: هڪ دماغ جو ڪم ڪري ٿو، نہ هڪ دل جو. ڀڳتيءَ جي وڪالت ڪندي ڪيترائي مفڪر ٿڪجي پيا، پر تلسيداس، انسان جي من کي پڙهي ورتو. هن جي چوڻ موجب ڀڳتي، استري آهي، جا پرش (گيان) تي، استري (مايا) جو جادو ٿي سگهندو پر استري (ڀڳتيءَ) تي ڪنهن ٻي استريءَ (مايا) جو اثر ٿي نہ سگهندو. ڀڳتي، ڀڳوان جي استري آهي، ۽ مايا نرتڪي. ڀڳوان ڀڳتيءَ کي چاهيندڙ آهي.

मोटै न नारि, नारि के रूपा, पत्रगारि यह चरित अनूपा
पचनि रघुवीर रहिं भगति पियारी, माया खलु पर्तकी बेचारी।
भगतिहिं सानुकूल रघुराया, तातें निहि डरपत अति माया। 1

'ساهتيہ'، پنهنجي ٻاخملي مياڻ ۾ ويچار جي تيز ڪٽار لڪائي

1. डॉ. विशमभरनाथ उपध्याय 'हिन्दी साहित्य की दार्शनिक पृष्ठभूमि' : पेज 17

جو نہ ڪٿان ايندو آهي ۽ نہ ڪٿان حاصل ڪيو ويندو آهي. اُهو هر جاءِ تي موجود آهي، پر اگيان سبب اسين اُن کي ماڻي نہ ٿا سگهون. اگيان ڇا آهي؟ جزي ۾ ڪل کي نہ پسڻ، اگيان آهي. اسان پل وچان هن جڳت کي سچ ٿا سمجهون. اُهو ئي دک جو ڪارڻ آهي. جهڙي نموني هڪ نوڙي ۽ نانگ ۾ فرق آهي، پر اسان نوڙيءَ کي نانگ سمجهي اسان ڏڪي وڃون ٿا ساڳيءَ طرح برهم، سنسار کان نرالو آهي، پر اگيان جي ڪارڻ اسين برهم کي سنسار سمجهون ٿا. پنهنجو پاڻ دک ڳولهيون ٿا. اگيان کان دامن ڇڏائيندا اسين تہ اُهو ئي دک، سک جي حاصلات بڻبو. سچ صرف اهو آهي، جيڪو ماضي، حال ۽ مستقبل ۾ هڪ ٿي رهي ٿو. پهرئين ڏنل پدارٿ جي يادگيري ۽ ٻئي پدارٿ ۾ اُن جو احساس، مٿيا گيان يعني طلسم آهي.

اسان سپني ۾ رٿ وغيره ڏسندا آهيون. پر جاڳڻ وقت اُهي ڪونہ هوندا آهن. ان کي سچ چئي نہ ٿو سگهجي. ڇاڪاڻ تہ پرم گيان ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪجهہ هيو ئي نہ. اُن کي ڪوڙ بہ نٿو چئي سگهجي، ڇاڪاڻ تہ پرم گيان جي وقت اُهو موجود هيو. ان ڪري کيس ناقابل بيان سڏجي ٿو. جڳت لاءِ بہ چئجي ٿو تہ اُهو نہ سچ آهي ۽ نہ ڪوڙ. ويدانتين جو چوڻ آهي تہ سپني پرمن جي آڌار پنيان ڪائي طاقت ضرور آهي. جيڪڏهن نوڙي نہ هجي تہ نانگ جو احساس نہ ٿئي، اهڙيءَ طرح برهم نہ هجي تہ وشو جي اُتپتي بہ نہ ٿي سگهي. ان ڪري وشو ۾ هڪ ئي طاقت برهم حق يا آتما آهي.

سوال اهو آهي تہ ڇا نديون، چشما، پهاڙ، وڻ ٽڻ ۽ سمنڊ وغيره سڀ صرف نظر پيا اچن يا سچ پچ اُنهن جي ڪا حقيقت بہ آهي! هيءُ سمورو سنسار هڪ طلسم آهي؛ جنهن کي پنهنجي ڪابہ حقيقت نہ آهي. هن جو وجود صرف ايستائين باقي رهي ٿو، جيستائين اسين اگيان جي ڌار ۾ بند آهيون. اهڙيءَ طرح جڳت، مايا يا اگيان جي ڪري محسوس ٿئي ٿو. صرف هڪ برهم جي هستيءَ کي ئي وجود آهي. ٻيا سڀ طلسم آهن. برهم جا ٻہ روپ آهن:

آهي. بادراڻ عيسي کان 400 سال کان اڳ 'ويدانت سوتر' ٺاهيا. جيڪي اُپنشدن جي سکيا جي متڀيد کي دور ڪرڻ لاءِ هئا. ويدانت سوترن، اُپنشدن جي سکيائن ۾ هڪجهڙائي ڳولهي ڪيي. ان جي خلاف ڳالهين تي روشني وڌي ۽ سيني اُپنشدن ۾ هڪ ئي اصول جي پٺڀرائي ڪئي. شنڪرآچاريه جو گرو هو گوبند ۽ گوبند جو گرو هو گوڊپاد آچاريه. جيڪو اُپنشدن کان پوءِ ادويت ويدانت جي خيال کان وڏي اهميت جو حامل آهي، اُن سيني کان پهرين اُپنشدن ۾ ادويت وياچارڌارا ڳولهي ڪيي. اُپنشدن ۾ گهڻيئي وياچار ڌارائون آهن، دويتوادي تتو ۽ ادويتواي تتو. گوڊپا، ادويت وادي تتون جي وياکيا ڪئي. شنڪرآچاريه به ان ڳالهه جي پٺڀرائي ڪئي. گوڊپا ۽ شنڪر آچاريه جو دور انين صدي مجيو وڃي ٿو820-788ع ان جي معنيٰ اها آهي ته گوڊپا ناگارجن، وسوبند، اشوگوش ۽ ٻڌ فلاسافرن کان پوءِ آيو. شنڪر آچاريه برهم سوترن جي قول ۽ اُپنشدن جي قول مان اهو ثابت ڪيو ته ادويتواد ئي بادراڻ ۽ اُپنشد ڪارن جو سڌانت آهي. دويت کي ناس ڪرڻ ئي اُن جو مکيه مقصد آهي. شنڪر آچاريه پنهنجو پاڻ ۾ ئي آتما جي وجود جي ڳولها ڪرڻ لاءِ چيو آهي. 1

ويدانت جو مقصد آهي جيو ۽ برهم جي هيڪڙائي. ويدانت جو مول مقصد اهو آهي ته جيو ۽ برهم هڪ آهي ان دواران اگيان کي پري ڪجي ٿو ۽ اگيان ختم ٿيڻ کانپوءِ سک جي حاصلات ٿئي ٿي. گهڻي ئي شاستر ساڌنا جو مقصد سک جي حاصلات نه، پر ڏکن کان آجو ٿيڻ ٻڌائين ٿا. ڪيترائي مفڪرائين چوندا آهن ته، ''سک ڏک هميشه گڏيا پيا آهن. دنيا جو ڪو به اهڙو سک ناهي، جو ڏک جي مرحلي مان نه گذريو هجي.'' ويدانت، آشاوادي فلسفو آهي. جيڪو جيو کي اکنڊ آتم جي آنند پراپتيءَ جي پڪ ڏني ٿو. ان آنند جي ڪلپنا ڪري جيو ڏک کي وساري وهي ٿو. هاڻي سوال اُٿي ٿو ته سک ڪيئن ملندو؟ سک آتما جو سروپ آهي،

1. डॉ. विश्मभरनाथ उपध्याय 'हिन्दी साहित्य की दार्शनिक पृष्ठभूमि' : पेज 80

ٻه انڌن وانگر هلي ٿو؛ ڪيس بڪ، اُڄ، ڏڪ، موه ۾ قاتل نظاري وارو جڳت سچو نٿو لڳي. سوال اهو ٿو اُٿي ته جيون مڪت انسان خراب وهنوار ڪري سگهي ٿو؟ ته جواب آهي نه برهم تتو کي ڄاڻڻ کانپوءِ ٻه هو خراب وهنوار ڪري ٿو ته اُن ۽ ٻين ماڻهن ۾ ڪهڙو فرق ٿيو.

مختصر طور ويدانت جو سار اهو آهي ته برهم ۽ جيو جي ايڪتا، خالق ۽ مخلوق جي هيڪڙائي، مايا مان سرشٽيءَ جي اُتپتي محسوس ڪرڻ کان پوءِ ''مان برهم آهيان''جو بيان ڪيو ويو آهي. ڪرم يوگ ۽ ڀڳتي وغيره جو استعمال محسوس ڪرڻ لاءِ صرف دماغي تياريءَ جو ضروري آهي.

ڀڳتيءَ جو وڪاس:

ويدڪ يگ ۾ گهڻيئي ديوتائون هئا. پر اڳتي هلي رشين ''سڀ هڪ آهيون'' (ايڪشور واد) کي فروغ ڏنو. ٻيو تتو آهي 'شرڌا'. شرڌا، وشواس، نياز نوڙت ۽ تعريف، ڀڳتيءَ جا تتو ويدڪ منترن وسيلي محفوظ آهن. ويدن ۾ 'ڀڳتي' لفظ، 'پريم' جي روپ ۾ آيل آهي. ويدن ۾ وشڻو، اندر جو سهايڪ آهي. وشڻو، پرتاپ، ويرتا سان گڏ جيون جي سار لهندڙ آهي. انهن آدرشي گڻن جي هئڻ ڪري وشڻو ۽ ڀڳوان جي اُپاسنا (ڀڳتي) جو دائرو نهيو. 'نارائڻ' لفظ جو استعمال ٻه ويدن ۾ ڪيل آهي. جنهن مان ظاهر آهي ته براهمڻ يگ ۾ وشڻو ۽ نارائڻ هڪ ئي شڪتيءَ جا ٻه نالا مڃيا ويا هئا.

ڪرشن، هڪ تاريخي شخصيت هئي. هو مهاڀارت جي يڌ ۾ هئڻ ناتي ڪتري هو. هُن ڪنس کي ماري پانڊون جي مدد ڪئي هئي. جنهن سبب ڪيترا ئي کيس برهم سمجهڻ لڳا. ان ساڳئي ڀارت ڪال ۾ ڪي ماڻهو اهڙا ٻه هئا، جي کيس ايشور جو درجو ڏيڻ لاءِ تيار نه هئا. جيئن ته ششو پال کيس گهٽ وڌ لفظن سان مخاطب ڪندو هو. جڏهن ته بزرگ ڀيشم پتامه وري کيس نمسڪار ڪندو هو! اڳيان هلي، اُهو ڪرشن، پرشوتم جي نالي سڃاتو ويو ۽ پراڻن ۾ اُن جي ڀڳتيءَ جو پرچار ڪيل

1) برهم ستيہ جيڪو اننت ۽ گيان سروپ آهي.

2) برهم جڳت جو پالڻهار، جڳت جي رکشا ڪندڙ، سڱڻ خاصيتن جو مالڪ آهي. جهڙي طرح هڪ چنڊ جا الڳ الڳ پاڇا الڳ الڳ پاڻيءَ تي پوندا آهن ۽ پاڻيءَ جي صفائي ۽ خرابيءَ تي پاڻي جو اثر ٿئي ٿو. جيڪڏهن پاڻي صاف آهي تہ پاڇو بہ صاف نظر ايندو. جيڪڏهن پاڻي ميرو آهي تہ پاڇو بہ ميرو نظر ايندو. اهڙي نموني پاڻي استر آهي تہ پاڇو بہ استر بيهندو. پاڻي چنچل آهي تہ پاڇو بہ چنچل هوندو. اهڙي نموني هڪ ئي برهم، الڳ الڳ انسانن ۾ وسي ٿو، پوءِ بہ هڪ ئي رهي ٿو. جنهن انسان جو اندر جيترو وڌيڪ نرمل هوندو، پاڇو بہ اوترو ئي اوجل ٿيندو. ان سڌانت کي ڌيان ۾ رکي هنديءَ جي ويدانتي ڪوي بهاريءَ لکيو آهي:

मैं समझ्यो निराधर, यह जग कांचो कांच सो,
एकै रूप अपार, प्रतिविम्बित लखियतु यहाँ। 1

مهاواڪيہ جي معنيٰ:

''تت توم اسي'' (اُهو تون آهين)

ويدانت ۾ ان کان پوءِ چيو ويو آهي: ''اهم برهم اسمي'' (مان برهم آهيان) اها ويچار ڌارا اڪنڊ، اگيات برهم کي وشيہ ٺاهي، ان جي مٿان پيل اگيان کي ختم ڪري ٿي. اگيان جي ختم ٿيڻ سان پاڻ ئي برهم جو پرڪاش محسوس ٿئي ٿو. ويدانت ۾ ڀڳتي ۽ يوگ وغيره جو ميلاپ ٿئي ٿو، پر گيان جي اهميت وڌيڪ آهي.

جيون مڪتي:

جيون مڪت اُهو پرش آهي جنهن اگيان سان لاڳاپو رکندڙ ڪرم، ڀرم جو ناس ڪيو هجي. جيڪو اننت برهم جو درشن ڪري ٿو، تنهن جي دل ۾ وهم وسوسا مٽجي وڃن ٿا. جهڙي نموني هن دنيا جا ماڻهو اندر ديوتا جي پدارٿن کي ڏسي ويچار ڪندا آهن تہ اهي پدارٿ مٽيا آهن. ان نموني جيون مڪت پرش جاڳندي اهو ويچار ڪندو آهي تہ هيءُ سرير، رت ۽ ماس مان ٺهيل آهي. شرتي چئي ٿي، جيون مڪت پرش اڪين هوندي

1 डॉ. विश्मभरनाथ उपध्याय: 'हिन्दी साहित्य की दार्शनिक पृष्ठभूमि' : पेज ९७

آدرش جي سنڀال ڪرڻ سبب هن جي مهانتا وڌي ۽ ڪيس وشڻو روپ ۾ پوڄيو ويو. رام، ڪٽنب ۾ سڀني ڀاونا رکڻ، مريادا پورڻ جيون گذارڻ جي آدرش روپ ۾ مڃيو ويو. گھوٽ، پتا، ڀاءُ، راجا، هرهڪ روپ ۾ رام کي آدرش ڪري مڃيو ويو. ڀارتيہ جنتا کي رام جو اهو روپ هر ميدان ۾ اُتساهہ ڏيندڙ ثابت ٿيو. ماڻهن جي شرڌا تمام گھڻي وڌي ويئي. ڪرشن جي چرتر ۾، گوپين جو پيار ڪمزوري هيو. ان سبب رام کي سماج جو سگهڙائي سمجھيو ويو. اوپر طرف عيسائي جو آندولن آيو، جيڪو انسانيت پرست آندولن هيو. هن سنسار جي سڀني ڀيد، ورڻ، ورگ ۽ جاتين ۾ پيدا ٿيل ڀيد ڀاوَ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سماج ۾ ڀائيچارو پيدا ڪرڻ، سڀني کي پوڄا ڪرڻ جو اڌڪار ڏيڻ، شودر کان براهمڻ تائين هرهڪ کي سنساري دکن کان مڪتي ڏيڻ جو آندولن هيو: جنهن ۾ ڪنهن ۽ نفرت نہ هئي. من جي ڪومل ڀاونائن ذريعي ڀڳوان جي نالي ۾ جپ، پوڄا ۽ ڪيرتن دواران ڪيس راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل هئي. اهو آندولن پهرين ڏکڻ ۾ اُٿيو. جنهن جا نيتا آڙواڙ سنت هئا. رام ۽ ڪرشن جي پوڄا تہ مهاڀارت کان هلي رهي هئي. 1

ستين صديءَ ۾ ڏکڻ ۾ آڙواڙ سنتن، عوام کي پريم سان پريل پد ٻڌائي موهت ڪري ڇڏيو. آڙواڙ اکر جي تامل ڀاشا ۾ معنيٰ آهي اڌياتم گيان روپي سمنڊ ۾ اونهو غوطو لڳائڻ وارو. اهي آڙواڙ سنت گھڻي ڀاڱي هيٺين جاتين جا ماڻهو هئا. ڏکڻ ۾ ذات پات، طبقن وغيره جو ڀيد ڀاو گھڻو هيو. تنهن ڪري ذات پات جو سڀني کان پهريون احتجاج اُتان کان شروع ٿيو. آڙواڙ سنت احتجاجي شاعر هئا: اُن سان گڏ نمرتا، اُدارتا ۽ ڌيرج جا بہ اوتار هئا. اُنهن ڀڳوان نارائڻ جي اُپاسنا ڪندي تمام انسانن کي هو اُن ڀڳتيءَ جو حق ڏياريندي کين دک کان نجات ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. نمالدار शठकोपाचार्य هيٺين طبقي اودوت جاتيءَ جو هيو. ترومنگي ڌاڪو هو، جيڪو ڌن لٽي مندر نهرائيندو هو. اندال نالي ڀڳتڙ، هڪ نيچ جاتيءَ جي استري

1. डॉ. विशमभरनाथ उपध्याय : 'हिन्दी साहित्य की दार्शनिक पृष्ठभूमि' : पेज 127

آهي. شري ڪرشن جو ترم، ڀڳوت ترم چيو ويندو آهي. پراچين دور ۾ اُتر ڀارت ۾ ڪرشن جي پوڄا ٿيڻ لڳي. ناسڪ جي پاسي ناناگهاٽ جي ليک مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته 'حضرت عيسيٰ'' جي ولادت کان اڳ ئي ڪرشن ڀڳتيءَ جو پرچار ڏکڻ ۾ به ٿي چڪو هو. راجستان ۾ گهمندي جي چوڻ موجب اولهه ۾ به ڀڳتيءَ جو پرچار ثابت ٿي چڪو آهي، اوڀر ۾ اجا ڪابه ڳالهه وثوق سان نه چئي ويئي آهي. ٿي سگهي ٿو ته مڌيه پرديش جي ڀر ۾ براهمڻ سنسڪرتيءَ جي گهٽائي هئڻ سبب ڪرشن ڀڳتيءَ جو پرچار ٿيو هجي، ۽ اوڀر ۾ ٻڌ ڪيندر هئڻ ڪري ان جو پرچار نه ٿيو هجي. 1

ڪرشن ڀڳتيءَ جي ڀرين تاجلي، 'گيتا' جي اُپديش جي روپ ۾ ظاهر ٿي. ڪرشن هڪاجهڙائي رکڻ جي ڪوشش ڪئي، جن ڪرم ڪرڻ جي مخالفت ڪئي، اُنهن کي ڪرشن ٽوڪڻ لڳو. ڪرم ڪري ڀڳوان تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي. انسان تاڃ آهي. پريو ئي سڀ ڪجهه ڦل ڏيڻ وارو آهي. انهن ڏارائن رستي ڀڳتيءَ جو وجود ٿيو. شنڪرآچاريه به ان جي پٺڀرائي ڪئي. اها سوچ هر انسان جي اندر ۾ ايشور لاءِ اعتقاد جاڳائي ٿي. 2

ڀڳتيءَ جي اُپديش سان ئي 'گيتا' پوري ٿئي ٿي. عام انسان به پنهنجو سڀ ڪجهه ڀڳوان کي ارپڻ ڪرڻ جي ڀاونا سان، ڦل کي ڪجهه نه سمجهي صرف ڪرم ڪري ٿو. ان طرح ڀڳتي مارگ هڪ آندولن ٿي پيو. ان آندولن جو هلائيندڙ ڪرشن هو. ان ڪري ڪرشن کي سيني کان وڏو اوتار سمجهيو ويو آهي ۽ ڀارت ورش ۾ ڪرشن پوڄا جو رام پوڄا کان به وڌيڪ پرچار ٿيو. رام ڀڳتي جو پرچار 'رامانند' ڪيو. تلسيداس پڻ 'رام' شبد کي زور وٺايو ۽ رام جي ڀڳتيءَ جو پرچار ڪيو. هڪ بهادر راجا هئڻ سان گڏ فاتح ۽ تياڳ ورتي رکندڙ هيو. هن ڪرشن وانگر گيتا جو گيان نه ڏنو؛ پر مريادا، تياڳ ڪٽنب جي اوچ

1 डॉ. विश्मभरनाथ उपध्याय : 'हिन्दी साहित्य की दार्शनिक पृष्ठभूमि' : पेज 117-118

2 डॉ. विश्मभरनाथ उपध्याय : 'हिन्दी साहित्य की दार्शनिक पृष्ठभूमि' :पेज 118

اصول جي ڪوجنا ڪئي ۽ لڇمي يا شري ڪان متاثر ٿي اُن فرقي جو نالو شري ويشٽو رکيو.

آچارين ۾ رنڌناٿ (924ع-824ع) مني هيو، جو 'ناٿ مني' سڏيو ويندو هو. هو نمالوار آڌواڙ جي شش پرمپرا مان هو. نمالوار شودر هو. ان طرح رامانج جو گرو هڪ شودر سنت جي شش مان هو، جنهن سبب رامانج، عوام ۾ مقبول ٿي سگهيو. ناٿ منيءَ ڪان پوءِ يامنا-آچاريہ ويشٽو آچارين ۾ مشهور ٿيو شري رنڌم جي گديءَ تي اُن کي آچاريہ رکيو ويو. يامنا آچاريہ راجائي ڀوڳ، عيش آرام ڇڏي ويشٽو مت جي پرچار ۾ باقي جيون لڳائي ڇڏيو. هن جي گرنٿن ۾ 'اُتم سدي' ايشوري سدي مايا کنڊن وغيره هئا. ان مان سڀني ڪان لوڪپريہ هيو 'स्तोत्ररत्न' جنهن ۾ سچي ڀڳت جي خوبين جي جهلڪ ملي ٿي. رامانج ان يامنا آچاريہ جو شش هو.

رامانج، يادو پرڪاش مان ادويت ويدانت جو اڀياس ڪيو هو. پر هوُ مايا وي پدتي مان مطمعن نہ ٿيو ۽ هن ويشٽو آچارين جو اڀياس ڪيو. يامنا ڪانپوءِ رامانند آچاريہ ٿيو جنهن بعد ئي هوُ سنياس ۾ داخل ٿيو. پول نريش جيڪو شري رنڌم جو راجا هو. ان مندر جي جهنڊي تي لکيو هو:

> 'شو ڪان مهان ڪير بہ نہ آهي، جيڪو شو کي نہ مڃيندو هو ان کي ڏنڊ ڏنو ويندو هو. رامانج، رنڌم مان ڀڄي ميسور پهتو. هوُ ويشنو ڌرم جو پرچار ڪندو رهيو. پول راجا جي مرتيوءَ ڪان پوءِ شري رنڌم واپس آيو. هنن مندر ٺهرايا ۽ پوءِ ياترا لاءِ نڪتو. رامانج جا 74 شش هئا. هن پنهنجو سڄو جيون ڌرم پرچار ۾ لڳايو. 1137ع ۾ هن جو ديهانت ٿيو.'' 1

شنڪر آچاريہ جو رد قد :

رامانج، شنڪر جي مايا واد خلاف آواز اُٿاريو. شنڪر موجب اوديا يا اگيان ڪان سرشٽيءَ جي اتپتي ٿئي ٿي. اهو اگيان رهي ڪٿي ٿو؟

1. डॉ. विश्मभरनाथ उपध्याय : 'हिन्दी साहित्य की दार्शनिक पृष्ठभूमि' - पेज 130

هئي، جيڪا ڀڳوان جي ڀڳتيءَ ۾ ماڻهن کي موهي ڇڏيندي هئي. اهڙيءَ طرح هيٺين ذاتين جا ماڻهو پڻ ڀڳوان جا ڀڳت بڻيا.1

آڏواڙ ڪل 12 مڃيا ويندا آهن. جن جي ويشنو سماج ۾ اڄ به عزت آهي. انهن جا گرنٿ ويدن جي سمان آهن. انهن ڀڳتن جو ايترو ته اثر وڌي ويو هو، جو مالاوار پرانت جو ڪُلشيکر راجا، پنهنجو راڄ به ڇڏي ڀڳت بڻجي ويو. اندال، ڀارت جي پهرين 'ميران' هئي جيڪا ڪرشن جي پريم ۾ مگن رهندي هئي. ترومنگيا ڊاڪوءَ ڇهه ڪويتائن جا مجموعا لکيا، جيڪي تمل ڀاشا ۾ اُتم گرنٿ ڪري مڃيا ويندا آهن. سنسڪرت جي ڄاڻو ودوانن کي آچاريه چيو ويندو هو. اُهي اُن ڀڳتي آندولن جي شڪتيءَ کي سمجهي چڪا هئا، هيئر عوام کي ڀڳوان جي ڀڳتي کان پري رکڻ مشڪل هو. ٻڌ ۽ جينين جي ڪوشش سان جنتا جاڳي چُڪي هئي. انهن ۾ هڪجهڙائيءَ جون ڀاونائون اندر ۾ سمائجي چڪيون هيون. براهمڻن به ان ڀڳتي پرچار تي هڪجهڙائيءَ جي مُهر لڳائي ڇڏي. آڏواڙ سنتن جو آندولن، نارائڻ جي ڀڳتيءَ تي آڌارت هيو. پنيان ڪجهه ٻيا به اهڙا آچاريه آها، جن عوامي احتجاج کي قبول ڪندي ڀڳتيءَ جي جهوني وصف ٻڌائي.

انهن آچارين مان پرمک هيو رامانج آچاريه (1137ع-1037ع). رامانج، ترم کي آسان بڻائيندي سڀني لاءِ ممڪن بڻايو. پر ڏکڻ ۾ ايترو ته ڀيد ڀاو وڌيل هيو، جو کيس وڌيڪ آزادي ڏيڻ مشڪل هيو. اُتي شودرن کي ڀڳتيءَ جو اڌڪار ته ڏنو ويو، پر کين شاستر پڙهڻ جي آگيا نه ڏني ويئي. رامانج، ويشنو فرقي جو حمايتي هو. ٻارهين صديءَ ۾ سنسڪرتڪ آچارين، آڏواڙن جي ڀڳتيءَ سان گڏ ويدن جو گيان ۽ ڪرم جو تعلق به ڪري ڏيکاريو. انهن تمل ويدن جي اصولن جو لاڳاپو به، سنسڪرت جي ويدن جي گيان سان ڪري ڏيکاريو. ان جي ڪري رامانج وغيره ويشنو آچاريه ''اُڀيه ويدانتي'' سڏيا ويا. رامانج پرپتيواد جي

1. डॉ. विश्मभरनाथ उपध्याय : 'हिन्दी साहित्य की दार्शनिक पृष्ठभूमि' : पेज 128

پنهنجي اصل کان جدا ڪري نٿو سگهجي، چت، اچت کي وششٽ ايشور مڃڻ ڪري رامانج جي وياچارن جو نالو ئي وششٽ ادويت پئجي ويو.

ڪجهه مفڪرن جو خيال آهي ته ڪائنات جي تخليق صرف هڪ طلسم آهي، جئين ڪوئي ٻار رانديڪي سان راند ڪري ٿو. ان وانگر برهم به جڳت ۾ جيو سان راند ڪري ٿو. شنڪر آچاريه اهو نه ٻڌائي سگهيو آهي ته مايا جو سنٻنڌ برهم سان ڇو آهي؟ جڏهن برهم کي ڇڏي ٻي ڪنهن به هستيءَ جو وجود ئي نه آهي، ته مايا ڪٿان ۾ ڪيئن پيدا ٿي؟ جيڪڏهن برهم ڪا خواهش ڏيکاري ته برهم سگڻ ٿي پوندو. مايا جي ڪلپنا سان جڳت جي وياکيا ته سمجهائي ويئي، پر اهو ظاهر نه ٿو ٿئي ته پوءِ 'مايا' ڪهڙي شيءِ آهي؟ ان طرح ڀڳوان جي ليلا لاءِ هيءَ ڪائنات خلقيل آهي. پر ڪيترا عام انسان اهو ڄاڻڻ چاهين ٿا ته جيڪڏهن هيءَ سرشٽي صرف هڪ ليلا آهي ته ايشور به سوارٿي آهي، جنهن پنهنجي لطف خاطر سيني کي دک ساگر ۾ موڪليو. ڇوته سڀ ان وياچار جا آهن ته سنسار ۾ دک ايترا ته وڌيڪ آهن، جن کان بچڻ لاءِ ڀڳوان کي پرارٿنائون پيون ڪرڻيون پون.

شنڪر آچاريه، رامانج ۽ ٻيا ڪيترا ئي مفڪر جڳت کي ڪڏهن به نه بدلجندڙ سمجهندا رهيا. هو اها ڪلپنا به نه ڪري سگهيا ته سماج ۾ ايترو بدلاءُ به اچي سگهي ٿو. سوال اهو آهي ته جيو ۽ برهم جو تعلق ڇا آهي؟ شنڪر آچاريه موجب جيو ۽ برهم ۾ ڪوبه فرق ئي نه آهي. رامانج، مايا کي نه مڃيندي جڳت جي رچنا ثابت ڪرڻ لاءِ اُن کي برهم جو پنهنجو حصو چوندي ڪيس 'سگڻ' ڪري سڏيو. هن، جيو ۽ جڳت کي، جسم ۽ برهم کي آتما جي تمثيل ڏني آهي. جهڙيءَ طرح شرير کي برهم روپي آتما ئي هلائي رهي آهي. اهڙي طرح آتما وانگر برهم به پاپ ۽ پڃ کان آجو آهي. رامانج ٻيئي تشبيهون ٻڌايندي چوي ٿو ته ''جهڙيءَ طرح راجا جي حڪم نه مڃڻ سان راجا تي ڪو فرق ڪو نه پوندو آهي، اهڙي طرح برهم به انهن تمام ڳالهين کان بي نياز آهي.'' رامانج جو

جيڪڏهن چئون جيو ۾، تہ جيو پاڻ اوديا جو نتيجو آهي. جيڪڏهن چئون اگيان، برهم تي مدار ٿو رکي، تہ برهم گيان سروپ نہ ٿي سگهندو. شنڪر جي انوسار اگيان سان برهم جو سروپ ڍڪجي ويندو پر برهم پاڻ روشن ماڃيو ويو آهي. مايا کي بيان نٿو ڪري سگهجي؛ پر هتي اهو تضاد آهي تہ جڳت جا پدارٿ يا تہ سچ هوندا آهن يا مٿيا. شنڪر، ويدانتي مايا کي 'ڀاو روپ اگيات' چئي ٿو. رامانج جي چوڻ موجب. اگيان جي معنيٰ آهي گيان جي گهٽتائي. اهڙي صورت ۾ اُهو ڀاو روپ ڪيئن ٿي سگهندو. جيڪڏهن ڀاو روپ ماڃون بہ تہ برهم گيان سان ان جو خاتمو ڪئين ايندو. ڇاڪاڻ تہ گيان سمان ڀاو روپ شيون ختم ٿي نہ سگهنديون. رامانج اهڙي نموني شنڪر جي ماياواد تي سخت طنز ڪئي.

وششٽ ادويت واد ۽ رامانج :

شنڪر آچاريہ موجب ستيہ واري چيز ناج برهم صرف هڪ آهي. ٻيا سڀ ڪوڙ آهن. ماياوي آهن. اوديا روپي آهن. رامانج ٽي پدارٿ ماڃي ٿو: (1) انسان (2) ڪائنات (3) ايشور. شنڪر صرف هڪ پدارٿ برهم کي ماڃي سرشٽيءَ جي رچنا لاءِ 'مايا' کي برهم جي شڪتي ماڃيندي، مايا جي خاصيتن ۾ سمايل برهم مان ٿيل سنسار جي رچنا ماڃي ٿو. رامانج ان مايا کي قبول ڪرڻ کان انڪار ٿو ڪري، جڏهن تہ شنڪر وري ماڃهين ٽي برهم جا بہ روپ ٻڌائي ٿو. انسان ۽ ڪائنات.چت تتو ويچارن سان ڀريل برهم آهي ۽ ان جو ضد آهي اچت، جيڪو جڙ جڳت جي روپ ۾ ڦهليل آهي، اهڙي نموني جڳت، برهم جو پنهنجو ٽي حصو هنڻ ڪري ستيہ آهي. هيءُ بہ برهم جو ٽي هڪ روپ آهي. هيءُ ماياوي يا اندر جال مان پيدا ٿيل ڪوڙو پدارٿ آهي.

ايشور، جيو ۽ جڳت ۾ ڪهڙو تعلق آهي؟ رامانج اُن جو هڪ خاص ناتو ٻڌائيندي چوي ٿو تہ شرير آتما جي اُنتيءَ جو وسيلو آهي. ايشور جي اڇا پوري ڪرڻ لاءِ ڪائنات ۽ مخلوق جي رچنا ٿيل آهي. انهن ۾ ايشور جي هستي حقيقي آهي، جڳت ۽ جيو اُن جون خوبيون آهن. خوبين کي

ڪاجھ بہ نہ ڪرڻو پوندو آهي. ساڳئي نموني ڀڳوان جي ڪرپا بہ ڀڳت تي ائين ٿئي ٿي. ڀڳت جيترو تڪليف ۾ هوندو ڀڳوان اوترو ئي وڌيڪ ڏانهنس ڌيان ڏيندو''. بڙڪلئہ مت ۾ ڀڳت جي ڀيٽ باندر جي ٻارن سان ڪيل آهي. باندر جا ٻار، پنهنجي ماءَ کي پاڻ پڪڙيندا آهن، جيڪا کين هڪ جاءِ کان ٻئي جاءِ تائين وٺي ويندي آهي؛ ۽ ٻلي بہ پنهنجي ٻار کي پاڻ ئي وات ۾ وجهي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين وٺي ويندي آهي. ان مت انوسار ڀڳت کي پنهنجي بہ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. رامانج سنساري دکن کان ڀيڙت جنتا کي چوي ٿو :

''دکن کي سهڻ ضروري آهي، هري سمرڻ نہ ڇڏجي، هن جنم جا سمورا دک، اڳئين جنم ۾ ڪيل ڪرمن انوسار مليا آهن. هن جنم ۾ ستا ڪرم ڪرڻ سان وئنڪٺ ملندي.'' 1

هو پاڻ ئي نہ پيو سمجهي تہ سنساري دکن جو خاتمو، اسان جي پنهنجي ڪوشش سان ئي ٿيندو. انسان ايشور جي آسري آهي. ايشور جي ڪرپا سان ئي سڀ ڪاجھ ٿئي ٿو. وئنڪٺ لاءِ چيل آهي تہ اُتي ئي سک آهي. شايد اُن لاءِ مارڪس چيو هيو تہ ڌرم، جنتا لاءِ آفيم سمان آهي. 2

رامانج اُن وقت جو مقبول اڳوان هو، جنهن سڀني کي 'اوم نمو نارايڻ' جي منتر سان روشن ڪيو. باقي صرف شودرن لاءِ کين ويد پڙهڻ جي ڳالھ قبول نہ ڪئي. تلسيداس، ڌارمڪ ورڻن جي تائيد ڪندي بہ ڀڳتيءَ جي ميدان ۾ ڪنهن ڀيد ڀاو کي قبول نہ ڪندو هو. ڀڳتي فرقي سبب ئي ماڻهن جي اُنتي ٿي. سماج ۾ اها ڀاونا ڦهلجڻ لڳي تہ هڪ ڀڳت ڀل هوُ ڪهڙي بہ جاتيءَ سان تعلق چو نہ رکي، انتهائي آدرشيہ آهي. ميران، رنداس، ڪبير ۽ رامانند ڀڳتي پرمپرا ۾ جنم ورتو. ان انقلاب جو ڇٽ رامانج آچاريہ جي مستڪ تي ئي سونهي ٿو.

---

1. डॉ. विशमभरनाथ उपध्याय : 'हिन्दी साहित्य की दार्शनिक पृष्ठभूमि' - पेज 140
2. डॉ. विशमभरनाथ उपध्याय : 'हिन्दी साहित्य की दार्शनिक पृष्ठभूमि' - पेज 141

ايشور، عام لوڪن جو ايشور آهي. هوُ جپ تپ، نام سمرڻ، ورنن کي اهميت ڏئي ٿو. شنڪر آچاريہ، آتما کي 'امر' سڏي ٿو رامانج، آتما کي پرماتما جو جزو ٿو چوي، جڏهن تہ شنڪر، آتما ۽ پرماتما کي هڪ ئي ٿو سمجهي، مطلب تہ جيو ۽ برهم هڪ ئي آهي ۽ سموري ڪائنات جو مالڪ هڪ برهم آهي، جڏهن تہ جسم جي ناتي مخلوقات انيڪ پيئي لڳي. رامانج، جيو ۽ ايشور جي فرق تي گهڻو زور ڏنو آهي. ان مان ائين لڳي ٿو تہ هو دويت وادي آهي پر جيو کي ايشور جو حصو مڃي ٿو جنهن سبب هو 'ادويت وادي' ثابت ٿئي ٿو.

اهو ياد رکڻ گهرجي تہ برهم ۾ چت ۽ اچت بيئي روپ آهن. جيو 'جزو' آهي ۽ برهم 'ڪُلُ' جزو ڪڏهن بہ ڪُلُ ٿي نہ سگهندو. ان ڪري بيئي الڳ آهن. نمبارڪ بہ جزو ۽ ڪُلُ ٻنهي کي مڃي ٿو، پر نمبارڪ جزي تي وڌيڪ زور ڏئي ٿو. جڏن رامانج، ڪُل کي مکيہ سمجهي ٿو. ان ڪري نمبارڪ جو ويچار 'دويت ادويت' چيو ويندو آهي ۽ رامانج جو مت 'وششٽ ادويت'.

ڪرم ۽ گيان ذريعي ڀڳتيءَ جي شروعات ٿيندي آهي. رامانج، ويدانت کي سمجهڻ لاءِ ڪرم کي ضروري مڃي ٿو. ڪرم کان پوءِ سمجهہ پيدا ٿئي ٿي. ان موجب ڪرم وسيلي ڪڏهن بہ لافاني سک نہ ماڻي سگهبو. پوءِ بہ ويدانت اُن کي 'اصلي تتو' ٻڌائي ٿو جنهن موجب شرير کان آتما الڳ آهي ۽ اُها ئي ايشور جو جزو آهي. تڏهن ڄاڻ پوي ٿي تہ ايشور جي ڪرپا سان ئي مڪتي ملي ٿي. پر اُپنشد چوي ٿو تہ، ''مڪتي، گيان مان ملي ٿي.'' گيان يعني صرف لفظي ڄاڻ نہ، پر 'ايشور جو هميشہ سمرڻ'. ڌيان، اُپاسنا يا ڀڳتي ئي صحيح ڄاڻ آهي. رامانج انوسار جيو، جيستائين ڀڳوان جي شرڻ ۾ نہ ٿو اچي، تيستائين ان جي مڪتي نہ ٿي سگهندي ان ڪري ويشٽونن ۾ متڀيد آهن.

ٽئنڪلي مت جا آچاريہ چون ٿا تہ ''ڀڳوان رکشا ائين ڪندو آهي، جيئن ٻلي پنهنجي ٻارن جي ڪندي آهي. جهڙيءَ طرح ٻارن کي

(3) زمان : زمان، سنسار جو رچيندڙ آهي، پر پاڻ ڀڳوان جي ادين آهي.
ايشور : رامانج ۽ نمباڪر لاءِ ايشور جي ڪلپنا هڪ جهڙي آهي، سنسار ۾ هر جاءِ تي ايشور موجود آهي. جيو ۽ ايشور ۾ ڀيد - اڀيد جو سنبنڌ هميشه ۽ هر جڳهه آهي. جڏهن جيو، ايشور جي ٻنڌن ۾ ٻڌل رهي ٿو. تڏهن هو ايشور کان الڳ هوندو آهي. ان وقت برهم وياپڪ ۽ ڄاڻي ڄاڻهار آهي. جيو، اُن جي هڪ ننڍي ۾ ننڍي جزي سمان آهي. مڪتيءَ جي راهه ۾ جيو، برهم کان الڳ هوندي به پنهنجي سروپ کي نٿو ڇڏي. جيسين جسم موجود آهي. تيسين مڪتي ناممڪن آهي.

رامانج، لڪشمي نارائڻ جي اُپاسنا تي زور ڏئي ٿو. نمباڪر، رادا ڪرشن کي پنهنجو سڀ ڪجهه سمجهي ٿو. نمباڪر ۽ رامانج ۾ اهو فرق آهي ته رامانج، ڀيائيءَ کي اهميت نه ڏيندي، هيڪڙائي کي مڃي ٿو. پر اُن جي ابتڙ نمباڪر وري 'دويت واد' تي وڌيڪ زور ڏئي ٿو. رامانج ۽ نمباڪر جي ڀڳتيءَ ۾ فرق اهو آهي ته رامانج، 'ڌيان يوگ' کي وڌيڪ اهميت ڏئي، اُپنشد جو سهارو وٺي ٿو. جڏهن نمباڪر جي ساڌنا پنهنجي مول ڀاو جو تياڳ نه ٿي ڪري. نمباڪر جو اثر اُتر ڀارت، جيئن ته مٿرا وغيره ۾ وڌيڪ پيو.

دويتواد ۽ مڌو آچاريہ :

شنڪر آچاريہ، برهم کي گيان جي حاصلات سمجهيو آهي. پر ڪيس جڳت، جيو ۽ برهم، تنهي جي هيڪڙائي ثابت ڪرڻ لاءِ مايا جي ڪلپنا ڪرڻي پيئي، جا رامانج جي لاءِ قابل قبول نه هئي. رامانج، برهم جي ڀيد کي مڃيندي، جڳت ۽ جيو کي برهم جو انش نه سڏيو. هُن اهڙيءَ طرح جڳت ۽ جيو جو برهم سان سنبنڌ ثابت ڪيو. رامانج ۾ ظاهر آهي ته دويتواد اڃي ويو هو. هُن ڀيد ته ثابت ڪيو، پر اڀيد ثابت ڪرڻ لاءِ کيس هيڪڙائيءَ جي منزل جي ڪلپنا ڪرڻي پيئي. جنهن جو اصل 'ڀيدا ڀيد واد' وارو آهي. مڌو آچاريہ هيڪڙائي وارن اصولن جي خلاف، ڀيائي جي اصولن جو پرچار ڪيو. مڌو مت جو ٻيو نالو 'برهم

اهڙي طرح شنڪر آچاريہ سماج کي اسماجڪ متن کان نجات ڏياري ۽ رامانج، انساني سماج کي چئن ورڻن ۾ ورهائڻ جي پنپرائي ڪندڙ تمام انسانن جي هرديہ ۾ هر شخص لاءِ پيار پيدا ڪيو ۽ عوام جي حقن جي حفاظت ڪئي.

دويت واد ۽ نمباڪر آچاريہ :

رامانج کانپوءِ نمباڪر پهريون ويشنو آچاريہ هو. هيءُ هڪ تيلگو براهمڻ هيو، جنهن جو ٻيو نالو نيمانند ۽ ڀاسڪر آچاريہ پڻ هو. هن لاءِ مشهور آهي تہ هڪ جين ساڌوءَ کي رات جي روٽي کائڻ لاءِ عرض ڪيو ويو، پر اُن سويڪار نہ ڪئي. تڏهن ڀاسڪر آچاريہ پنهنجي يوگ شڪتيءَ سان سج جي پرڪاش کي نم جي وڻ تي آڻي ڏيکاريو. آخر ساڌوءَ رسوئي کاڌي. جنهن کان پوءِ هيءُ شخص 'نمباڪر' جي نالي سان مشهور ٿيو. 1

نمباڪر جي ويچار موجب ساڌڪ پهرين ڪرم ڪانڊ ۾ پورو هوندو آهي. جنهن کانپوءِ ئي هوُ ڀڳتيءَ طرف مائل ٿيندو آهي. ساڌنا جو مقصد، ڀڳوان کي خوش ڪري، اُن جو درشن پراپت ڪرڻ آهي. انسان کي ان مان ئي آنند پراپت ٿئي ٿو. نمباڪر جي فلسفي موجب هوُ دويتواد جو پوئلڳ چئني سگهجي ٿو.

چت جيو : رامانج وانگر نمباڪر بہ چت، اچت ۽ ايشور جي فرق کي مڃي ٿو. هرهڪ جسم ۾ انيڪ جيو آهن. جيو ايشور جو انش آهي، جنهن جي معنيٰ، هڪ ٽڪرو نہ پر سرو شڪتيمان ايشور پنهنجي شڪتيءَ جي انشن کي جيو جي روپ ۾ پسائي ٿو.ان ڪري جيو عام بہ آهي تہ نرالو بہ آهي.

اچت جيو : نمباڪر اچت تتو جا ٽي ڀيد مڃي ٿو.

(1) پراڪرت : ٻُڌيءَ کان وٺي ٽوس پدارٿ ايشور جي آڏين آهن.

(2) اپراڪرت : ڀڳوان جا لوڪ جيڪي قدرت طرفان ناهيل نہ آهن.

---

1. डॉ. विशमभरनाथ उपध्याय : 'हिन्दी साहित्य की दार्शनिक पृष्ठभूमि' - पेज 142

ايشور راضي ٿئي ٿو.''

ولڀ آچاريہ ۽ شڌ ادويت :

شنڪر، 'ادويت' جي اصول جو پوئلڳ هو، پر ادويت برهم ۾ 'مايا' جي هستي مڃيندڙ هو. ولڀ مايا جي ڪارڻ برهم کان مايا کي الڳ ڪندي اُن کي شڌ ڪيو. ان ڪري ادويت کي پاڪائي ملي ۽ ولڀ جي اصول کي 'شڌ ادويت' سڏيو ويو.

ولڀ جو جنم 1479ع ۾ چمپارڻيہ ۾ رائپور، مڌيہ پرانت ۾ ٿيو. پتا جو نالو لڇمڻ ڀٽ ۽ ماتا جو نالو الماگارو هيو. هي ڀاردواج ڪُل جا براهمڻ هئا. جنهن خاندان ۾ لڇمڻ ڀٽ تائين 100 سوم يگي پورا ٿي چڪا هئا. ولڀ جو پيءُ ڪاشيءَ ۾ سوم يگيہ جي آهوتي ڏيڻ وڃي رهيو هو تہ رستي تي ولڀ جو جنم ٿيو. عام طرح ائين مڃيو ويندو آهي تہ جنهن ڪُل ۾ 100 سوم يگيہ ٿي ويندا. اُن ۾ ڀڳوان پاڻ اوتار وٺندو آهي. ان طرح ولڀ جي روپ ۾ پاڻ ڀڳوان جنم ورتو هو. ولڀ انوسار جيون ۾ بہ ڀاونائون مکيہ آهن. پيار ۽ ممتا. ولڀ، سنياس ڌرم جي مخالفت ڪئي. گرهست ۾ رهي ڪري بہ ڀڳوت جي ڀڳتي ڪري سگهجي ٿي. هرهڪ گرهستي، ڪرشن مندر جي روزاني پوڄا ۾ شامل ٿي ڪيرتن ڪري، هري ليلا جي ستسنگ دوران مڪتي پائي سگهي ٿو. ڪيرتن وغيره کي سماجڪ ڪريا ان ڪري چيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ سڀ گڏجي اُستتي ڪن ٿا.

ولڀ، فلسفيانہ درشٽيءَ کان 'ڀيد اڀيد واد' کي اهميت نہ ڏني، شڌ ادويت جي رچنا ڪئي. ولڀ، رامانج ۽ شنڪر ٻنهي کي قبول نہ ڪري پنهنجي الڳ ڌارا هلائي. هن بہ سڀ ۾ گڏجي ڪري، برهم ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي. شنڪر کي مايا جو سهارو وٺڻو پيو ۽ رامانج کي برهم جو پنهنجو وجود سويڪار ڪرڻو پيو. ولڀ، برهم سان لاڳاپو رکندڙ سڀني مخالف گڻن جي مدد سان سگڻ-نرگڻ جي مسئلي کي ئي ختم ڪري ڇڏيو.

سمپردايہ' سڏيو ويو. مڌو جو ٻيو نالو 'آنند تيرٿ' هو. هن جو جنم ڏکڻ ڀارت ۾ 1199ع ۾ ٿيو ۽ سندس انتقال 1303ع ۾ ٿيو. مڌوءَ برهم سوترن تي تقريرون لکيون. اُپنشد، گيتا، ڀڳوت مهاڀارت وغيره تي تقريرون ۽ ٻاحث مباحثہ لکيا. مڌوءَ کانپوءِ جئہ تيرٿ، مڌوءَ جي ڪتابن تي ليک لکيا. ان فرقي ۾ ٻيا آچاريہ وياس تيرٿ، رامانج آچاريہ، پورڻ آنند وغيره مشهور ٿيا.

فلسفي جي ميدان ۾ اُپنشد موجب عقل ۽ گيان جي اهميت وڌندي رهي. اُتي ئي ڀڳتيءَ کي بہ وڪاس ملندو رهيو. اُنهن مفڪرن ڀڳتيءَ کي هڪ وسيلو سمجهي قبول ڪيو. شنڪر آچاريہ کانپوءِ اهو ڀڳتي مت ڏکڻ ۾ ايترو زور وٺي چڪو هو، جو گيانين ۽ ڀڳت آچارين ۾ چٽاڀيٽي هلندي رهي. هو هڪٻئي جي اصولن جو رد قد پڻ ڪندا هئا. رامانج، ادويتواد جي اصول هيٺ شنڪر آچاريہ تي تنقيد ڪئي. جنين ٻياني قبول ڪندي بہ هيڪڙائيءَ کي اهميت ڏني. مڌو ڀهريون آچاريہ هو، جنهن شنڪر جي سخت تنقيد ڪئي. اهڙي طرح رامانج جي وقت کان ڀڳتيءَ کي قدامت حاصل ٿي. پراڻن ۾ گيان جو رد قد ڪٿي بہ نہ ٿو ملي. ڀاڳوت وغيره گرنٿن ۾ گيان جي گهٽي قدر حاصلات ٿئي ٿي. ٻارهين صديءَ ۾ ڀڳتي ۽ گيان جي چٽاڀيٽيءَ ۾ ڀڳتي غالب پئجي چڪي هئي. عام جنتا جي ضرورت موجب ڌرم، آهستہ آهستہ سولو ٿيندو رهيو هو. ڏکين تپسيائن مان ماڻهو خفي ٿي چڪا هئا. ويشنو آچاريہ اها ڳالهہ سمجهن پيا ۽ عوام کي سولو ڀڳتي مارگ جو درس ڏيندا رهيا.

مڌو چوي ٿو تہ "ستسنگ ٻڌڻ سان ڪاجهہ بہ گيان نہ ملندو آهي. گيان پراپت ڪرڻ جو ساڌن آهي هري سمرڻ. ڀڄن، نام جپڻ ۽ اُن روپ جو ڌيان، تياڳ ڀڳتي ۽ هر جاءِ تي ايشور جي موجودگيءَ جو احساس، مڪتيءَ جو هڪ ساڌن آهي. ڀڳتي ويدن جو اڀياس. پنهنجو پاڻ کي وس ۾ رکڻ، اُميد ۽ خوف کان اُداس ٿيڻ سنسار پدارٿ جي ناسونت هجڻ جو گيان ۽ پنهنجو وجود وڃائڻ ئي مڪتيءَ جا ساڌن آهن. شيوا سان

برهم وديا جو اڌڪار ڏنو، پر هن هڪ من موهڪ ۽ دل ليائيندڙ، اُپاسنا، جي تصور سان عوام جي دلين مان هڪ ٻئي لاءِ نفرت ختم ڪئي. اڪبر، بيربل کان ڪرشن ڀڳتيءَ جا ساکن ٻڌندو هو. رحيم ۽ رساخان تياڳ ورتي جي وات ورتي هئي. اهڙي نموني هڪ اهڙو واتاورڻ ٺهندو ويو جنهن تمام ڀيد ڀاوَ مٽائي ڇڏيا.

ولڀ آچاريہ جو فلسفو :

ولڀ جي چوڻ موجب برهم، مايا جي هر جُزي ۾ سمايل آهي. شنڪر، نرگڻ برهم کي مayaوي روپ ۾ سگڻ سمجهي ٿو. جڏهن تہ ولڀ، برهم جي ٻنهي روپن کي قائم دائم سمجهي ٿو. برهم، مايا جو موجودات ۾ سگڻ نہ ٿو بڻجي پر اُن جا ٻئي روپ فطري آهن. برهم، هڪ هوندي بہ انيڪ جزن ۾ سمايل آهي. هوُ آزاد هوندي بہ پنهنجي ڀڳتن جي اڌين رهي ٿو. ولڀ، برهم کي ڪنهن بہ قسم جي ڀيد ڀاوَ کان آجو سمجهي ٿو. جڙ، چيتن ۽ ڪوبہ پدارٿ اُن کان الڳ نہ آهي. انين ڪٿي چئجي تہ رت، رتي ۽ سارتي. انهن ٽنهي روپن ۾ برهم جو ئي وجود سمايل آهي. رتي، رت تي ويهي سارتيءَ کي اڳ يا ڏئي ٿو، تہ سمجهو هو پاڻ کي ئي آگيا ڏئي ٿو. آگيا ڏيندڙ کان آگيا جو پالن ڪندڙ اُن کان الڳ نہ آهي. اهڙيءَ طرح ڪرشن (برهم) هن جڳت جي سامگرين سان راند ڪري ٿو. انين جيئن ڪو پنهنجو پاڻ سان راند ڪندو هجي. جڳت ستيہ آهي. چاڪاڻ تہ ليلاڌام ڀڳوان، پاڻ جڳت جي روپ ۾ ڦهليل آهي. برهم، ڪارڻ آهي؛ جڳت ڪاريہ. جڏهن ڪارڻ سچو آهي، تہ ڪرم بہ سچو ئي ٿيندو. ولڀ، جڳت ۽ برهم جي رشتي کي ويڙهيل ڪپڙي سان سمجهايو آهي. جهڙي نموني ڪپڙي کي ڦهلائڻ سان بہ ڪپڙو ساڳيو ئي رهندو. اهڙي نموني برهم، جڳت جي هر روپ ۾ ڦهلجي ويو آهي ۽ قيامت وقت اهو ئي ڪپڙو سميٽجي ڪري ڪارڻ برهم جي روپ ۾ سوڪيم روپ ٿي ويندو آهي.

جڳت، جيو ۽ برهم جي هيڪڙائي ڏيکارڻ ۽ جڳت جي هستي ثابت ڪرڻ لاءِ ولي موجودات ۽ غير موجودات جو اصول ٻڌايو. ان ڪري مڌو ۽ نمبارڪ کان به وڌيڪ اهميت واري فلاسافي اسانکي ولي ۾ نظر اچي ٿي. مڌو جي ڪرشڻ پوڄا ۽ وشٽو سواميءَ جي گوپال پوڄا جو ڦهلاءُ نه ٿيو. ڇو ته اُن ۾ اُها گهرائي نه هئي، جا ولي ۽ چيتنيه ۾ نظر اچي ٿي. ولي ۽ چيتنيه جو ڀاڄن، ڪيرتن ۽ پوڄا ذريعي عام سماج جي وياجهو پهچڻ، هڪ وڏي تاريخي ڪاميابي هئي. ولي، رامانج ۽ رامانند وانگر ذهانت جي خيال کان مقبول عام هو. هوُ عام جنتا جي رڳ ڪي سڃاڻندو هو. رامانج، پونتي پيلن جي پيڙائن سان منهن مقابل ٿيو. شنڪرجي سامهون صرف سماج جي ويدڪ اُتيءَ جو مسئلو هو. جڏهن ته ولي پنهنجي بچاءَ واري ڌارا جي تاريخي سلسلي ۾ هلندو رهيو. هُن سماج ۽ مذهب جي اوسر ڏسندي رامانج جي ٻڌايل واٽن کان ڪنارو ڪيو. ڇو ته ان جي دور ۾ هندو عوام جي آبروءَ جو مسئلو پڻ پيدا ٿيل هو.

16 صديءَ ۾ عوام آگرا ۽ دهليءَ جي خوبصورتيءَ کي ڏاڍو پسند ڪندو هو. ڇو ته اُتي حسينائن جو جهرمٽ موجود هوندو هو. ان ڪري دنيوي بادشاهن جي به مالڪ، آتمڪ گوڪل واسي ڪرشن جي حسن ۽ مستيءَ سان پريل ليلائن کي برج ڌام تي لاهي عام جي من کي متاثر ڪيو. ولي جو گروه سورهين صديءَ ۾ هندو سنسڪرتيءَ جي بچاءَ لاءِ ڪاريه ڪندو رهيو. هُنن هندو ۽ مسلمان، ٻنهي ۾ هڪ ٻئي لاءِ پيار پيدا ڪيو. هن جي عملن جي تصوير ني رحيم، عالم ۽ تاج وغيره مسلمان هريڄنن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. ان اثر جو مکيه سبب ڪرشن جي دل لڀائيندڙ سندر روپ جي ڪلپنا هئي. ان ڪري ڪرشن ڀڳتي ڌارا جو ڦهلاءُ ٿيو. درحقيقت ڪرشن ڀڳتيءَ جي پرچار پنيان اهم سبب 'نفسياتي ڪيفيت' هئي. جنهن کي ولي سمجهي ورتو هو.

ولي نه ڪو ايڪتا جو آندولن هلايو ۽ نه شودر ۽ پونتي پيلن کي

آدواڙ ڀڳتن سان شروع ٿيل اها روايت ڏکڻ ڀارت ۾ اُسريل وششٽو ڌرم سان هم قدم رهندي، شنڪر آچاريه جي ادويت واد ۽ مايا واد سان ھڪجھڙائي قائم رکي ۽ وششٽو ڌرم جي يامن آچاريه ۽ رامانج آچاريه تائين پهتي. اُهي پاڻ آدواڙ ڀڳتن جي 'پربندم' جا وڏا شرڌالو هئا. ان طرح اها ڌارا رامانند وسيلي مهاراشٽرا جي مشهور 'ساورڪري' يا 'ونل گروه وارا سنت' گيانيشور، ايڪناٿ، نامديو ۽ تڪارام لاءِ پريرڻا جو سرچشمو بڻي. ان طرح ساورڪري فرقي جي مکيه پرچارڪن کي سنت سڏيو ويو هيو.

ڏکڻ ڀارت ۾ پيدا ٿيل اها ڀڳتي پرمپرا اٽڪل تيرهين صديءَ ڌاري سنت نامديو ذريعي اُتر ڀارت ۾ ڦهلي ۽ اُتي ئي پنهنجي پوري آب تاب سان جو ڀن ۾ آئي. جنهن جو ڪجهه اثر اڄ تائين پڻ محسوس ڪجي ٿو. اُتر ڀارت ۾ ان هلچل جي ڦهلجڻ جا اڌياتمڪ ۽ دارشنڪ پس منظر کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي ڌارمڪ، راڄنيتڪ، سماجڪ ۽ آرٿڪ ڪارڻ هئا. جيئن ته ملڪ جي ڪيترن ئي حصن ۾ مسلم راڄ قائم ٿيڻ سان ڌارمڪ ميدان ۾ توازن بگڙي ويو هو. هندو عوام ۾ انهن جي غيرت واري جذبي کي ڌهرم رسيو. انهن جي سامهون سندن مندرن ۾ ديوتائن کي ڪيرايو ويو ۽ هوُ ڪجهي به نه ٿي سگهيا. راڄائن ۽ اميرن ۾ عيش عشرت جي پاونا چوٽ چڙهي ويئي هئي. رعيت ڏانهن سندن لاپرواهي ۽ دٻ دٻاوَ واري رخ، عوام جي دلين ۾ نراشا وارو لاڙو پيدا ڪيو هو. ماٺهن ۾ ٻي علمي ۽ انڌ وشواس وڌيل هئا. سماج ۾ برايون گهر ڪري ويون هيون. هندو پنڊت ۽ مسلم مولوين جو زور رڳو ڪرم ڪانڊ ۽ ٻاهرين مذهبي پابندين تائين محدود هو. تيرٿ، جپ تپ، پوڄا پاٺ ۽ شريعت جي پابندين جي بوجهه هيٺ ڌرم يا مذهب جو جذباتي اظهار دٻجي ويو هو. اهڙين حالتن ۾ ٻي سهارا ماڻهن لاءِ پرماتما ڏانهن نهارڻ ۽ ٻاڏائڻ کانسواءِ ٻيو ڪو چارو ڪو نه هيو.

اهڙين حالتن اُتر ڀارت ۾ جنهن اندر سنڌ به اچي پئي ويئي، ڀڳتي

ڀارتيہ ڀڳتي شاعريءَ تي ڀارتيہ درشن شاستر جو اثر :

ڀڳتي ڪاويہ اُن وشال ساهيتڪ ڌارا جو روپ آهي، جنهن کي عام طور 'ڀڳتي ڌارا' يا 'ڀڳتي هلچل' جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو. 'سنت' شبد جي عام معنيٰ آهي 'سريشٽ گڻن وارو'، 'مهان آتما'، 'پر اُپڪاري' يا 'سداچاري'. ڪجهہ ودوانن اُن کي 'شانت' لفظ جو نئي بدليل روپ ڪري ڪنيو آهي. انهن جو چوڻ آهي تہ **'سنت'** لفظ جو مطلب اهڙي پرش سان آهي، جو برهم يا پرماتما جي حاصلات بعد خود بہ 'شانت سروپ' يا 'سنت' بڻجي ويو هجي. ڪي ٻيا عالم وري ان راءِ جا آهن تہ هيءُ لفظ سنسڪرت جي असू (هجڻ) ڌاتوءَ جي ٺهيل روپ शतृ سان सन् جي ڀڃاڙي لڳائڻ سان ٺهيو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي 'هجڻ وارو' يا 'رهڻ وارو'. اُن مان مراد هڪ اهڙي وجود سان آهي، جو هميشہ رهڻ وارو هجي يا جيڪو سدائين قائم دائم ۽ امر رهڻو آهي.

سنت ڪوين ۾ مذڪوره گڻ ڏٺا ويا؛ سندن رهڻي ڪهڻيءَ کين اهڙي حيثيت عطا ڪئي جو انهن کي هميشہ قائم رهڻ جهڙو سمجهيو ويو. ان ڪري کين سنت جي نالي سان سڏيو ويو. انهن جيڪا شاعري ڪئي، تنهن کي **'سنت ڪاويہ'** سڏيو ويو.

ڀڳتي شاعريءَ جو پس منظر :

تاريخي لحاظ کان ڀڳتي ڌارا يا ڀڳتي هلچل جو اوائلي روپ ڏکڻ ڀارت ۾ اُڀريو. جتي تمل پرانت ۾ آڏواڙ ڀڳتن جو هڪ گروه پيدا ٿيو. انهن پرماتما جي حاصلات لاءِ 'گيان مارگ'، 'ڪرم مارگ' ۽ 'پريم مارگ' جي ڀيٽ ۾ 'ڀڳتي مارگ' کي ترجيح ڏني. اُنهن پنهنجي اشٽ ديو جي عبادت ۾ ڀڳتي رچنائون ڪرڻ ۽ ڀڄن ڪيرتن ڪرڻ کي ئي ايشور پراپتيءَ جو صحيح طريقو سمجهيو. هُنن پنهنجي اڌياتمڪ تجربي کي قلمبند بہ ڪيو؛ جيڪي 'پربنڌم' جي نالي سان سڏجن ٿا. انهن کي تمل ۾ ويدن جهڙي مقبوليت حاصل آهي. ٻئين صدي ۽ نائين صديءَ جي وچ واري عرصي اندر آڏواڙ سلسلي جا اهڙا مکيہ 12 ڀڳت ٿي گذريا آهن.

تصوف کان متاثر هئا. جيڪو عربستان کان ايران طرفان ٿيندو ڀارت ۾ پهتو هو ۽ مڪاني حالتن سان آميزش قائم ڪئي هئائين. صوفي درويشن ساڌنا ۾ پريم جي ڀاونا کي گهڻي اهميت ڏني آهي. جنهن ڪري ڪن عالمن سندن رچنائن کي پريم مارڳي ڪاويه ڌارا نالو ڏنو آهي، ٻئين طرف ڪبير جهڙن سنتن گيان توڙي پريم جي ڀاونا تي زور ڏنو آهي، جنهن ۾ گيان جي اهميت وڌيڪ ڄاڻائي اٿن. ان ڪري ڪن ودوانن سندن رچنائن کي ”گيان مارڳي ڪاويه ڌارا“ به سڏيو آهي.

عام طور ڏسجي ٿو ته ان دور ۾ سنڌيءَ ۾ فقط ’نرگڻ ڀڳتي‘ ڪاويه جي ڌارا اوسر پاتي هئي، جنهن ۾ پڻ صوفي شاعرن جي ’پريم مارگ ڌارا‘ مکيه آهي. اسان وٽ سگڻ ڀڳتيءَ جو وڪاس گنڊيل صديءَ ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ٿيڻ بعد ٿيو جنهن ڪانپوءِ ويهين عيسوي صديءَ ۾ ان ڌارا جو ڦهلاءُ ٿيو. پر اُهو ايتري قدر وڪاس ماڻي نه سگهيو. جيترو ڀارت جي ٻين ڪيترين ٻولين هندي وغيره ۾ نظر اچي ٿو. جڏهن هندو ڌرم سان واسطو رکندڙ گرنٿن جا ترجما ڪيا ويا ۽ انهن مان چونڊ ڪردارن ۽ واقعن کي کڻي، اُنهن جي آڌار تي اصلوڪا ڪاويه ۽ ناٽڪ وغيره رچيا ويا، تڏهن سنڌي ساهتيه فقط صوفي شاعري ۽ سنتن جي واڻيءَ تائين محدود هئو. ان جا ڪيترائي سبب آهن، جيئن ته سنڌ وارو علائقو ڀارت جي اُتر-اولهه ۾ هڪ اهڙي هند تي آهي، جيڪو ملڪ جي ٻين حصن کان گهڻي قدر ڪٽيو پيو آهي. اوڀر طرف ٿر جو رڻ پٽ، اوڀر-ڏکڻ طرف ريگستان ۽ ڪاريءَ وٽ ڌٻڻ واري ايراضي، ڏکڻ ۽ ڏکڻ-اولهه طرف عربي سمنڊ، اولهه طرف جابلو علائقو، اهي اهڙيون قدرتي حدون آهن، جن عام جام ماڻهن جي اچ وڃ ۾ گهڻيون مشڪلاتون پيدا ڪري ڇڏيون آهن. ڀارت جي ٻين حصن سان جيڪڏهن سنڌ جو ڪو آسان آمدرفت جو رستو بچيو، ته اُهو فقط پنجاب مان ئي هئو. اُهو سنڌ وارو علائقو ئي هيو، جنهن تي 712ع ۾ محمد بن قاسم حملو ڪري سوڀ حاصل ڪئي ۽ هن اُپکنڊ ۾ اسلام جي آمد ٿي. ان ڪري سنڌ کي ”باب الاسلام“ ڪري

هلچل کي جنم ڏنو. سنڌ ۾ سڌنو ڀڳت، قاضي قادن، شاهه لطيف، سامي، اُتر پرديش ۾ رئداس، ڪبير، سورداس، تلسيداس؛ بنگال ۾ جئه ديو، چيتنيه؛ راجستان ۾ دادو ديال، ميرا، سندرداس؛ گجرات ۾ نرسي ڀڳت ۽ پنجاب ۾ شيخ فريد، گرونانڪ، انگد ۽ ٻيا انيڪ سنت ڪوي پيدا ٿيا. جن عوام جي ٻڏندڙ دلين کي سهارو ڏيڻ لاءِ ڀڳتي ڀاونا جو ڦهلاءُ ڪيو. آهستہ آهستہ ان لاڳاپي هڪ وشال هلچل جو روپ ورتو، جا اڳ ڀارت ۾ ڪڏهن بہ نہ هلي هئي.

علم اللسان جي مشهور و معروف ماهر، ڊاڪٽر گريئرسن ان هلچل جي ڀيٽ، اوچتو پيدا ٿيل وڄ جي چمڪاٽ جي ڦهلاءَ سان ڪندي چوي ٿو تہ، ''اسين پاڻ کي اهڙي هلچل سان دوبدو ڏسون ٿا، جيڪا اُنهن سيني کان وسيع آهي، جيڪي ان کان اڳ ڀارت ۾ هليون هيون ايتري قدر جو ٻڌ ڌرم واري هلچل کان بہ وڌيڪ وياپڪ آهي. ڇوجو ان جو اثر اڄ بہ نمايان آهي''.

ڀڳتي هلچل جون ٽي شاخون :

(1) سگڻ ڌارا : سگڻ ڌارا وارن ڪوين برهم يا پرماتما کي ڪو مخصوص روپ ڏيئي اُن جي اُپاسنا ڪئي. سگڻ ڀڳتي ڪاويہ جا بہ مکيہ روپ آهن. (الف) ڀڳوان رام جي ڀڳتي (ب) ڀڳوان ڪرشڻ جي ڀڳتي. گوسوامي تلسيداس جو رچيل ڪاويہ 'رام چرتر مانس' رام ڀڳتيءَ جو اُتم گرنٿ آهي، تہ سورداس جو 'سور ساگر' ۽ ميراٻائيءَ جا پد (گيت) ڪرشن ڀڳتيءَ جا سهڻا مثال آهن.

(2) نرگڻ ڌارا : نرگڻ ڪوين جو وري وشواس هو تہ برهم کي ڪو بہ روپ يا آڪار، شڪل شبيہ نہ آهي. هوُ هر روپ ۾ هر جاءِ تي سمايل 'Omni present' آهي جنهن ۾ جايسي ۽ ٻين جون رچنائون ۽ ڪبير، دادو ديال وغيره سنتن جو ڪاويہ اچي ٿو.

(3) پريم مارڳي ڌارا : پريم مارڳي ڪوي وري اسلامي رهسيواد واري

نياچ طبقا جيڪي حالتن جي ستم ظريفي جو شڪار ٿيل هئا. اُنهن ۾ باهمي رواداري توڙي مذهب، تهذيب ۽ عبادت جي طور طريقن ۽ آچار وهنوار کي همدردانه نموني سمجهڻ لاءِ سنت ڪوين، وچئين واٽ ورتي، اُها واٽ هئي برهم، حق يا ذات مطلق واري، جو نه سگڻ آهي ۽ نه نرگڻ، يعني نه مشخص آهي ۽ نه عدم الشاخص. هنن ان کي ماڳهين ''انروچنيه'' अनिर्वचनीय يا ''ناقابل بيان'' (Indescribable)ڪري ڪنيو. ''تيتريه اُپنشد'' ۾ آيل هڪ روپڪ مان اها ڳالهه نمايان آهي ته راجا اشوپتي، پنجن گرهستن کي چوي ٿو ته اوهان مان هر ڪنهن شاخص برهم جي فقط هڪ انش جي اُپاسنا ڪئي آهي. سنت ڪوين اُپنشد ۾ ذڪر ٿيل ۽ بعد ۾ وشنو ڌرم جي گودپاد برهمڻ ۽ پرسڌ دارشنڪ شنڪر آچاريه جي استاپت ڪيل برهم جي اِنروچنيه نظريي جو ئي ڦهلاءُ ڪيو.

سامي انهن سنت ڪوين مان هڪ آهي، جنهن پنهنجي دور جو سڌ اوناني ڌرمي رنگ ۾ پنهنجي سلوڪن دواران اُهو ڪاجهه ڏنو، جيڪو رامانند وانگر نرگڻ واد (نرآڪار ايشور کي مڃيندڙ) ۽ شنڪر آچاريه جي ادويت واد (ايشور ۽ انسان ۾ دويت يا ڀيد نه هئڻ) جي ڪلام ۾ ملي ٿو. بقول سامي :

سپيئي مارگ مت ڳالهه ڪن ٿا هيڪڙي.

رامانند جو وشواس هو ته جو به رام کي سچي سڪ ۽ ڀڳتيءَ سان ڌيائيندو، سو ئي ڪيس پائيندو. ان زماني ۾ جڏهن پنڊتن ۽ ٻانيٽن، ملن ۽ مولوين؛ ايشور ۽ خدا کي انيڪ روپن ۾ ورهائي مندر ۽ مساجد، شاسترن ۽ ڪتابن، نرڳ سرڳ ۽ بهشت دوزخ جي خيالي قلعن ۾ قيد رکيو، تڏهن ساميءَ ان قيد کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو:

سرڳ ۽ نرڳ عاشق ڇاڻن ڪين ڪي
رهن سدا سنسي ري، گگن منجهه غرق
اندر ٻاهر هڪ. 'سامي' ڏسن سپرين.

ساچو ڀڳت پنهنجي هرديه مان سمورا وهم ۽ وسوسا، ڪوڙ

سڏيو ويو آهي. سنڌ جي زمين انين عيسوي صديءَ کان وٺي لڳاتار ڌارين حملا آورن جو شڪار ٿيندي رهي. اُنهن ۾ گهڻن جو مقصد ڦرلٽ ڪري پنهنجا خزانا پرڻ هئو. عربن جي سنڌ ۾ حڪومت برپا ٿيڻ واري زماني کان وٺي، سنڌ ۾ زوريءَ غيرمسلمانن کي دين جي گهوڙي تي چاڙهڻ جي جيڪا شروعات ٿي، اُها ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي. اهڙين حالتن ۾ ڪيترن ئي مڪاني اصلوڪا رهاڪو ڌرم بدلائي اسلام ۾ داخل ٿيا.

جن ماڻهن پنهنجو ڌرم نه ڇڏيو، اُهي پر وارن راجپوت راجائن جي رياستن ۾ ڀڄي ويا. جيڪي هندو، سنڌ ۾ رهيا، اُهي پنهنجي ڌرم تي قائم رهيا، پر کين کليو کلايو پنهنجي ڌرمي ڀاونائن ۽ اُمنگن جو اظهار ڪرڻ جي همت ڪانه هئي. اهڙين حالتن ۾ اهو ممڪن نه هئو ته سنڌ ۾ مسلم حاڪمن واري دور ۾ هندو ڌرم سان واسطو رکندڙ ادب جي گهڻي تخليق ٿي سگهي. جيڪڏهن ڪجهه اهڙو ادب لکيو به ويو، ته اُهو قلمي نسخن جي صورت ۾ ئي موجود رهيو ۽ زماني جي گردش ۾ هميشه لاءِ ناس ٿي ويو.

ڪجهه عالمن جو رايو آهي ته سنڌ جا هندو، گهڻو ڪري پنهنجي وڻج واپار ۾ ئي مشغول هئا. انهن کي پنهنجي اُمنگن جو اظهار ڪرڻ ۽ ادب جي ميدان ۾ طبع آزمائي ڪرڻ جو ڌيان ئي نه رهيو. سامي، دلپت، ياني آسرداس وغيره صرف ڳڻ ڳڻيا ئي اُن جا مثال آهن. سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ٿيڻ کان اڳ، سنڌي ٻوليءَ ۾ فقط نرگڻ ڀڳتيءَ واري شاعريءَ جو وڪاس مکيه ڌارا جي روپ ۾ ٿيو. ان زماني ۾ ملڪي حالتن ۽ ٻين سببن ڪري سنڌي ساهتيه ۾ سگڻ ڀڳتي ڪاويه جو سرجڻ ٿي نه سگهيو. شاهه ۽ سچل، نرگڻ ڀڳتيءَ جي صوفي يا پريم مارڳي ڪاويه ڌارا جا اهم عيوضي شاعر آهن. ٻئي طرف 'سامي' گيان مارڳي ڪاويه ڌارا جو مکيه ڪوي آهي، جنهن تي 'ادويت ويدانت' جي فلاسافيءَ جو گهڻو اثر آهي. سنت مت ايتري ڪشمڪش جي باوجود انهن ٻنهي ڌارائن جو سنگم آهي. اُن دور جا هندو ۽ مسلم سماج جا اوچ توڙي

اُهي عاشق ئي پائين ٿا، جي جيئري ئي وجود وڃائين ٿا، پنهنجون آشائون ۽ اڇائون مٽائين ٿا. اهڙا عاشق، پنهنجي ذات ۾ ئي پرين پائي، بي خوديءَ ۾ اناالحق آلاپين ٿا.

سماجهو جنهن سبق، صفا سلوڪت جو،
مٽيو تنهنجي من مون، سامي چئي سڀ شڪ
مياخاني مسجد ۾ ڄاڻي ڪو نہ فرق
ٻولي اناالحق ملي مهد جنن سان.

سنت مت ۽ سنت ڪاويہ جا اصول :

سنت مت، سنت ڪاويہ جي پيڙه آهي، جنهن جا بنيادي اصول هر جاءِ ۽ هر دور ۾ اڪثر ساڳيا رهيا آهن. جيتوڻيڪ زمان ۽ مڪان جي تبديل موجب اُنهن تي زور (Emphasis) جي گهٽ وڌائي ٿيندي رهي آهي. يعني ڪڏهن ڪنهن هڪ ستانت تي، تہ ڪڏهن ڪنهن ٻئي تي. ڪٿي هڪ کي تہ ڪٿي ٻئي کي فوقيت ملندي رهي آهي.

سنت ڪوين جن ڳالهين تي زور ڏنو آهي. اُهي هن ريت آهن:

1) حقيقي وجود فقط هڪ برهم يا ذات مطلق آهي. اُن کي سمجهڻ ۽ پائڻ ئي جيو جو اولين مقصد هئڻ گهرجي.

2) برهم يا حق، بي حد يا لامحدود آهي؛ جنهن کي سمجهڻ ۽ پراپت ڪرڻ، جيو کي حاصل شڪتين: ڪرم اندرين، گيان اندرين، من، بڌي ۽ واڻي وغيره جي سمرٿيءَ کان ٻاهر آهي. اُن کي فقط آتمڪ انيو سان پراپت ڪري سگهجي ٿو.

3) ظاهري انيو ۾ ايندڙ سڀ دنيوي ڳالهيون طلسم، مٿيا يا ڀرم آهن. جن جو حقيقت ۾ ڪوبہ وجود نہ آهي.

4) برهم يا ذات مطلق کي ڪوبہ روپ، رنگ، صفت يا وصف نہ آهي.

5) هرڪو پنهنجي پنهنجي پسندي، ملوڪ ۽ شڪتيءَ موجب برهم کي سمجهڻ پرکڻ ۽ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري، پنهنجي وجدانہ

دولاب ۾ نڀيون ڪيي هڪ ڏٽيءَ کي ياد ڪري ٿو. جنهن جو نہ آد آهي ۽ نہ انت. ڪروڙين انسانن مان ڪو هڪ اهڙو ڀڳت هوندو آهي، جو دوري متائي پرينءَ کي پائيندو آهي. جيئن گل کان خوشبوءِ ڌار ناهي، نرتڪا کان نرتيہ الڳ ناهي، تيئن ڀڳونت بہ ڀڳت کي پاڻ سان ملائي ائين هڪ ڪري ٿو، جو ان جو ڪو ٻيو وجود ئي نٿو رهي:

ڀڳت منجهہ ڀڳونت، جيئن ڳنڊ قلن ۾
ڪوڙن مون ڪو هڪڙو، سمجهي سنت مهنت
جو ڪلپت ڪيي جيءَ مون، 'سامي' تيو ٻلونت
جنهن جو آد نہ انت، سو ڏيو ڏٺائين ڏيهہ ۾.

ڀڳت ۾ ڀڳونت جو سنگم ايترو تہ مستقل آهي، جو پرين پنهنجي پياري کي پاڻ کان پلڪ بہ پري نہ ڪندو آهي. پرينءَ جا سچا ڀڳت هٿ هاج ۾ دل يار ڏي جيان سنسار جا ڪم ڪار بہ ڪن ٿا تہ ساڳئي وقت مالڪ سان بہ جُڙيا رهن ٿا. ڀڳت جڏهن 'مان' وڃائي نام سان هڪ ٿئي ٿو تہ پرين اُن جا جنم جنمانتر جا ٻنڌن ڍاهي کيس مڪتي ڏيئي هميشہ لاءِ پاڻ سان ملائي هڪ ڪري ٿو. اهڙن ڀڳتن جي وصف بيان ڪندي سامي صاحب فرمائين ٿا:

ڀڳت ڪون ڀڳوان، پلڪ پراهون نہ ٿئي
اندر ٻاهر سورڳت، ڏئي درسن دان
ڪٽي ڪوٽ جنم جو، اندر جو ايمان
پائي پد نرٻاڻ، 'سامي' ماڻن سانت سک

پرينءَ کي پائڻ لاءِ سامي صاحب سموري وديا جو سار ٻڌائيندي چوي ٿو تہ هرجاءِ تي پل اهو مندر هجي يا مسجد. ميخانو هجي يا مڙهي، برهم يا حق جي ذات ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ وجود نہ آهي. ضرورت آهي صرف اکين اڳيان ٻيائيءَ جو پردو هٽائڻ جي. ڌرم ڪهڙو بہ هجي، ڪهڙي بہ مذهب جي پيچري جا پانڌيڙا چونہ هجون، پر سڀ واٽون هڪ ساڳئي مالڪ جي ماڳ ڏانهن وڃي وڃن ٿيون. اُن منزل کي صرف

ڪندي چوي ٿو:

ماڀا مڙيئي رچيا، ناه نڳيءَ جا،
ماري موركن كي ڏائڻ ڏک ڏيئي
ورلي ڪنهن گرمک کي، 'سامي' سڌ پيئي،
لوڪ پرلوڪ ييئي، لنگهي چڙهيو لک تي.

سنت نامديو، رئداس، ملوڪ داس ۽ ٻين ڪيترن به مايا جي گوناگون روپن؛ ان جي چل ول واري پرڪرتي جو ذڪر ڪيو آهي. هنن اُن ڏانهن حيرت ۽ حقارت ظاهر ڪندي، ڪيس قسمين قسمين حرف چيا آهن. نامديو چوي ٿو:

مائبا (مايا) چتر باچتر بموهت برلا بوجهي ڪوئي.

سنت رئداس وري مايا جي ڀرم ۾ ڀولي ڏانهن اشارو ڪندي اُن کي 'توتي' سڏيندي چوي ٿو:

ڪهه من رام نام سنڀار
مايا ڪي ڀرم ڪهان ڀوليو جا هگي ڪر جهار
يهه مايا سڀ ٿوٿي ري، ڀڳت دس پرتهار

سنت ملوڪ داس به مايا کي ڀرم ڀري، چل وتي، مهاموهني ۽ طرحين طرحين جا ويس ڌاريندڙ ڪري سڏيو. جيو آتما، جا خود ئي برهم جو روپ آهي، سا برهم جي تلاش ۾ در در ڀٽڪي ٿي. اُن کي چوڌاري ڳولهي ٿي. ڪبير اهڙي خيال کي هن ريت پيش ڪيو آهي:

پاني ۾ مئن پياسي، موه ديکت آوءِ هاسي

سامي ان ساڳئي خيال کي هن ريت ادا ڪيو آهي:

'سامي' سڀ ديدار، اٿيئي عجيبن جو،
ڏسي هٿي پاڻ ٿو، ڀولي ڀولڻ هار،
نرآڪار آڪار، ڌاري آيو جڳ ۾،

ان ساڳئي ويچار کي ڪبير هن ريت پيش ڪيو آهي.

تيرا سائين تجهه ۾، جيون پهپن ۾ واس
ڪستوري ڪا مرگ جيون، ڦر ڦر ڍونڍي گهاس.

ڪيفيت ۾ اُن کي حاصل ڪري سگهجي ٿو.

6) انسان جو جنم ۽ مانک ديهي امولڪ چيز آهي؛ جنهن کي وڃائڻ نہ گهرجي. اُن جو لاڀ وٺي انسان کي ايشور پراپتيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. سنت ڪوين، برهم جي پراپتيءَ ۽ جڳت جي مٿيا هجڻ واري حقيقت کي سمجهڻ لاءِ ڪنهن پورن ستگروءَ جي شرن ۽ سهارو وٺڻ ضروري ڄاڻايو آهي.

پڳتي هلچل، سنت مت ۽ سنڌ:

سنت ساهتيہ ۾ ڪبير کان بہ اڳ چوڏهين صديءَ جي سنت ڪوي سڌنو جو ذڪر ملي ٿو. جنهن جي واڻي گرو گرنٿ صاحب ۾ شامل آهي. سڌنو، سنڌ جي سيوهڻ شهر جو ڪري ڄاڻايو ويو آهي. هنديءَ ۾ سنت ڪاويہ کي رائج ڪرڻ جو شرف نامديو ۽ سنتواسي سڌني کي ئي حاصل آهي. اُن بعد قاضي قادن، شاهه ڪريم، ۽ ميين شاهه عنات جو لکيل ڪلام اسان وٽ موجود آهي. انهن جي ڪلام ۾ اسان کي اهڙا سڌانت ملن ٿا، جيڪي سنت ڪاويہ ۾ موجود آهن.

سنڌي شاعرن ۾ ”سامي“ هڪ اهڙو شاعر آهي جنهن ۾ اسين هڪ پورن سنت ڪويءَ جو درشن ماڻيون ٿا. هو ٻين سنڌي شاعرن کان بنه نرالو آهي. اسان جي سامي صاحب بہ ڀارت جي ٻين سنت ڪوين وانگر چيو تہ جيو آتما جي پرم ڀولي جو ڪارڻ مايا ئي آهي. ڪبير، مايا کي نندينديِ چيو آهي تہ، ”اُها مها ٺڳڻي آهي، جيڪا طرح طرح جا روپ ڌاري، ڇل ول ڪري، سڀني کي ٺڳي ويٺي آهي.“ ڪبير چوي ٿو:

مايا مها ٺڳي، مئن جاني
ترگن ڦانس لئي ڪر ڊولئہ، ٻولي مڌر ٻهہ باني
ڪيشو ڪي ڪملا هوءِ، بيٺي شو ڪي ڀون ڀواني
پنڊا ڪي مورت هوءِ، بيٺي تيرٿ مهہ ڀئي پاني...

سامي‌ءَ بہ مايا جا گوناگون روپ ۽ انهن جي اثر پذيريءَ جو ذڪر ڪيو آهي. هوُ بہ ڪبير وانگر مايا کي ٺڳڻيءَ جي روپ ۾ بيان

ان ’نيتي‘ يا ’تتريه‘ جو مطلب ڪو صفا انڪار نہ آهي. ڇو تہ برهم جي وجود کان انڪاري ٿيڻ، خود ان جي وجود کي قبولڻ آهي. ان جي مدنظر سنت ان راءِ تي پهتا آهن تہ برهم، انادي ۽ ابناسي آهي. جيو جون شڪتيون محدود آهن. تنهن ڪري جيو لاءِ برهم کي هوبهو پنهنجي تخيل ۾ آڻڻ ممڪن نہ آهي. برهم فقط انڀوءَ يعني وجدانہ احساس جي وٿ آهي. اُن کي ڏسڻ، ٻڌڻ، ڇوهڻ، ڇهڻ، جو سوال ئي نٿو اُٿي!

سنتن جو برهم بابت عقيدو، اُپنشدن ۽ شنڪر جي ادويت جيان آهي تہ برهم هڪ ئي آهي. جيئن ڇاندوگيہ اُپنشد ۾ چيل آهي ”एकमेव अद्धितीयम“ پيو تہ جيو آتما ۽ برهم ۾ ڪوبہ تفاوت نہ آهي. برهم ارٽيڪ اُپنشد جو واڪيہ آهي:

ايم آتما برهم		اهم برهم اسمي
अयम् आत्मा ब्रहम	يا	अहम् ब्रहमेस्मि

ڇاندوگيہ اُپنشد اها ساڳي ڳالهہ ”تت توم اسي“ ’तत् त्वमोस‘ واري واڪيہ ذريعي چئي آهي. ان جي مدنظر سنت ڪوين جو دليل اهو رهيو تہ جيڪو ڪجهہ بہ آهي سو برهم آهي. برهم هڪ ۽ بي مثل آهي. ان ڪري هر فرد کي اُن جو جيڪو وجدانہ احساس ٿي سگهي ٿو. اُهو بہ ڪل يا سموريت کان نرالو هجي. ائين نٿو ٿي سگهي تہ ڪُل هڪ ئي آهي. ان ڪري اُن جو جزو بہ ڪُل روپ آهي. شاه عبداللطيف چيو آهي:

جنين ڏٺي ست، اُنين ڪُڇيو ڪينڪي.

ساڳي ڳالهہ اسلامي حديثن ۾ بہ آيل آهي: ’من عرف ڪُل لسانه‘ يعني تہ حقيقت کي سمجهڻ کان پوءِ سڀ شانت ٿي وڃن ٿا. ليڪن ساڳئي وقت جنهن ۾ برهم جو انيڀ ڪيو، تنهن کي هر شيءِ ۾ اُن جو ديدار ٿئي ٿو. سامي ان خيال جو اظهار، پرميشور پورن، چيتي ۽ ڪنچر وارن لفظن سان ڏنو آهي:

(پرماتما، تنهنجي اندر ۾ ائين سمايل آهي، جيئن گلن ڦلن ۾ سڳنڌ سمايل هوندي آهي. تون پرماتما کي حاصل ڪرڻ لاءِ جدا جدا هنڌن تي ائين پيو ڀٽڪين، جيئن هرڻ ڪٿوريءَ کي پائڻ لاءِ جهنگلن ۾ هيڏانهن هوڏانهن پيو ڀٽڪندو آهي ۽ کيس اها خبر ئي ڪونہ هوندي تہ اُها ڪٿوري سندس ئي اندر موجود آهي.)

اهو ساڳيو خيال گيتا ۾ بہ ملي ٿو، جتي چيل آهي تہ، ”جيئن انسان پراڻا ڪپڙا لاهي نوان پهري ٿو، تيئن جيو آتما بہ پراڻو شرير ڇڏي نئون شرير ڌارڻ ڪري ٿو“:

वासांसि जीर्रानि यथा विहाय, नवानि गृहरााति नरोऽपरारािा
तथा शरीरारािा विहाय जीर्रानि, अन्यानि संयाति नवानि देही

شيخ فريد پڻ ساڳيو خيال هن ريت پيش ڪيو آهي:

فريدا جهنگل ڪيا ڀوه، وڻ ڪنڊا موڙيه،
وسي رب هيئا لیئہ، جهنگل ڪيا ڍونڍيه!

(اي فريدا! تون جهنگلن ۾ ڇا لاءِ پيو ڀٽڪين ۽ وڻن ٽڻن جا ڪنڊا ڀڃين؟ رب تہ تنهنجي هردي ۾ ٿو نواس ڪري، پوءِ ٻنن ۾ ڪيس ڇو پيو ڳولين؟)

اسان کي سامي ۽ ٻين ڀارتيہ سنت ڪوين ۾ ڪيترين ئي تشبيهون هڪ جهڙيون ملن ٿيون. جيئن تہ مايا جي رُج ۾ پاڻيءَ جي آڀاس مان پيٽ، سپني ۾ ڪنگال جو راجا ٿيڻ، سپني ۾ ناريءَ جو ٻالڪ وڃائڻ، جڳت جو بادل جي ڇانو هجڻ وغيره.

سنت ڪاويہ جو مکيہ تتو، سنتن طرفان برهم جي روپ بابت ڪيل خيال آرائي آهي. ان عمل ۾ سنتن کي بہ اُپنشدن جي 'نيتي نيتي' واري اسٿتي آئڙي آهي. هو آخر ان نتيجي تي پهتا آهن تہ برهم جو روپ ناقابل بيان آهي. 'قاضي قادن' بہ چيو آهي:

جي مون ڏيئين لک ڏڙ ڏڙ لک سران،
سر سر لک مهان ٿيئين، مُهہ مُهہ لک جڀان؛
ساڃي جڀان تکيان، هڪڙيان لوان
صفت تُهنجي راڃيا، تو هون ڪيئن ڪران.

گرو گوبند دونو کڙي ڪاڪي لاگون پاءِ
بلهاري گرو آپڻي جو گووند ديو بتاءِ

سنت ڪوين جيتوڻيڪ سنسار کي ڪڻ ڀنگر ۽ ناسونت ڪري ليکيو آهي، پر ساڳئي وقت سندن اهو عقيدو به رهيو ته انساني جنم هڪ بي مثل وجه آهي. انهن منش جي ديه کي سرشٽيءَ جو بهترين انگ ڪري ليکيو، ان ڪري جو هنن پروڙيو ته انساني شرير ۾ ڪي اهڙيون اندورني شڪتيون آهن، جن جو منش جوڳي ڍنگ سان وڪاس ڪري پورنتا کي حاصل ڪري سگهجي ٿو. قرآن پاڪ ۾ انسان کي ''اشرف المخلوقات'' سڏيو ويو آهي.

ڪرشن ڀڳوان گيتا ۾ ارجن کي سکيا ڏيندي چوي ٿو ته، ''منش ديهي، چوراسي لک جوڻين ڀوڳڻ کان پوءِ ملي ٿي.'' سنتن مانک ديهيءَ کي بي بها وٿ ڪري ليکيو ۽ اُن کي وئرٿ نه وڃائڻ لاءِ ساوڌان ڪيو. ساميءَ به سنت جي اها مانيتا اپنائي ۽ ان قسم جا ڀاو پنهنجي سلوڪن ۾ ظاهر ڪيا:

امولڪ آهي، مانک ديهي دب رتن،
ڪنيو ڪوڙ ڪلر ۾، ٿو مورک ملائي،
امرت ڇڏي هٿ مون، ٿو وهسي وک کائي
منهن مڙهيءَ پائي 'سامي' ڏسي ڪينڪي.

بين مکيه سنڌي شاعرن، جهڙوڪ: قاضي قادن، شاه ڪريم، شاه لطيف، سچل سرمست'، 'روحل' ۽ 'دلپت' وغيره جي ڀيٽ ۾ ساميءَ جي ڪلام ۾ هندي ۽ سنسڪرت لفظن جو استعمال گهٽو وڌيڪ ملي ٿو. اهو ان ڪري جو هُن جيڪو فلسفو ۽ فڪر اپنايو آهي تنهن جو بنيادي ماخذ گهڻو ڪري سنسڪرت ۽ هنديءَ ۾ ئي آهي. ساميءَ جي سلوڪن ۾ مرڪٽ، سُپٽ، پرچن، پٽ، اوديا، انترال، آنويه، وتريڪ، آڇادي، مهامتم، اننيه، نروڪلپ، اِڪيڪ، ڪلپت، سَدَ ۽ گرگيات جهڙا انيڪ هندي ۽ سنسڪرت لفظ ڪم آيل آهن. جيڪي ٻوليءَ جي نقط نگاه کان خوبي هجي يا خامي، اهو ظاهر ڪري ٿو ته سامي مڪمل طرح 'پارتيه

نرو ڪلپ نشڪام ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو،
پرچي لڌو جنهن پانهنجو آدي انيئي ڏام،
چيٽي ۽ ڪنچر ۾ ڏسي رمتا رام
گهار ٿي غلام 'سامي' ساڌ سنگت ۾

سنت ملوڪداس اهو ساڳيو خيال هن طرح ظاهر ڪيو آهي:

कंचर चींटी पसुनर सब में साहिब एक।

برهم يا پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ سنت ڪوين، ڪنهن ڪامل رهبر يا ستگرو جي سهاري وٺڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. هنن جو اهو وشواس آهي ته پريوءَ جي پراپتيءَ لاءِ ويد، پراڻ شاستر پڙهڻ ضروري نه آهي ۽ نه ئي علم ۽ عقل ۾ اڪابر ۽ سروَ ڪلا سمپورڻ هجڻ ضروري آهي. اها واٽ تمام ڏکي ۽ اٽانگي آهي. ان ڪري ڪنهن انيوي آزمودگار گروءَ جي رهبري ضروري آهي. ساڳئي وقت گرو به اهڙو هجي، جو پنهنجي شش جي صحيح راهنمائي ڪري. سنت، گروءَ کي پرماتما ۽ پريوءَ کان به اوچو درجو ڏنو آهي.

'سامي'، پرماتما سان پنهنجي ميلاپ جو جس، پنهنجي گروءَ کي ڏيندي ڪبير، ملوڪداس، دادو ديال وغيره سنت ڪوين وانگر چوي ٿو ته، ''منهنجي دم جو درپڻ ميرو هو، پر ستگرو اُن تان ميل مٽائي هن ڀو ساگر مان تاري پار پهچايو. منهنجي من مان خودي ۽ اهنڪار ڪيي مون ۾ سم درشٽي پيدا ڪئي.''

ڪيڏي وڏائي، ڳٽيان پرک ديال جي،
جنهن رکي هٿ مٿي تي ممتا مٽائي،
مورت محبوبن جي، انيئه ۾ آئي،
'سامي' سيائي، وس وسي جنهن آسري.

دادو ديال به فرمايو آهي:

'دادو' غيب مان هي گرديو مليا پايا هم پرسد
مستڪ ميري ڪر ڌريا، ديکيا اگم اگاڌ

ڪبير به گروءَ کي گوبند يعني پرماتما کان اوچ پد ڏيندي لکيو آهي:

باب 5

ساميءَ جا سلوڪ ۽ ويدانت

ويدانت:

’ويدانت‘ سنسڪرت لفظ آهي، ان جي لغوي معنيٰ آهي ”ويدن جو انتم ڀاڱ“ يا ”آخرين حصو“، جنهن ۾ ويدن جي منترن ۾ سمايل دارشنڪ ويچارن کي سمجهايو ويو آهي. ان ڪري ويدانت لفظ جو ٻيو ارٿ آهي ”اُپنشدن جو گيان“، جو سمورو ويدڪ ساهتيہ سرشتي آهي؛ يعني اُهو آتمڪ آواز يا سنديش، جنهن کي رشين منين ٻڌو ۽ انيو ڪيو آهي. ان ڪري سيني آستڪ درشن شاسترن، ويدن جي وچنن کي سند طور تسليم ڪيو آهي. ان طرح ويدانت جو ٻج ’ويدن‘ مان ئي مليو ٿو.

عام طور اُپنشدن جو گيان ئي ويدانت مڃيو ويندو آهي. پر پوءِ اُپنشدن جي آڌار تي اُپجيل سمرتيون ۽ درشن شاستر بہ ويدانت جي دائري اندر داخل ٿيندا ويا آهن. وقت بوقت سنسار جي سک واسطي ڌارمڪ ويچارڪن، رشين منين ۽ آچارين هندو ڌرم جي گرنٿن جي آڌار تي پنهنجون ٽيڪائون پٺي پٽريون ڪيون آهن. اُنهن ويچارن کي بہ ويدانت ۾ سمائڻ ناانصافي نہ ٿيندي. هونءَ بہ روحاني گفتا ۽ تجربا ڪنهن هڪ شخص جي ميراث نہ هوندا آهن. انسان ذات جي خير خواهي چاهيندڙ ڏاها، ڪامل پرک ۽ الله لوڪ ”حقيقت ڪل“ جي کوج ڪندڙ مختلف رستا ڳولهيندي ۽ وياکياڻ ڪندي شاهي راهون روشن ڪري وجهندا آهن. سو اُنهن جو سار بہ ويدانت جي سرحدن ۾ سوگهو ڪيو ويو آهي. ارڙهن پراڻ بہ اُن ۾ سمايل آهن. ائين تہ پرم تتو جي وصف، ڪنهن نشچت دائري اندر محدود لفظن ۾ بيان ڪرڻ ممڪن ئي ڪونهي، اُن کي انروچنيہ/ اڪٿ Indescribable ڪري نيتي- نيتي روپ ۾ دهرايو ويو آهي. پر پوءِ بہ ويدانت جا ڪي مهاواڪيہ هن ريت ڏسيا ويا آهن.

اسلوب' وارو شاعر آهي، جيئن تہ اهي لفظ سنسڪرت جي دارشنڪ ۽ اڌياتمڪ گرنٿن ۾ ڪيترائي ڀيرا ڪم آيل آهن.

ساڳئي وقت پرورتي، نورتي، سرتي، سد چد آنند، پار برهم آبناسي، انادي، جاگرتي ۽ سُکپت وغيره اهڙا لفظ آهن، جن کي ڀارتيہ سنت ساهتيہ جو ئي اصطلاح چئبو. ساميءَ جي ڪاويہ ۾ ڪلاسيڪي توڙي ٻيا حوالا اُهي ئي آهن، جيڪي ڀارتيہ سنت ڪاويہ ۾ ملن ٿا.

سامي پنهنجي سلوڪن ۾ اهو دارشنڪ نقطو ڪم آندو آهي تہ جيو آتما ۽ پرم آتما هڪ ئي وٿ آهي. پر اهي فقط مايا جي سبب الڳ الڳ لڳن ٿا. ساڳي طرح ساميءَ جو ڪاويہ ۽ ڀارتيہ سنت ڪاويہ بہ هڪ ئي سڪا جا آهن.

روپ آهي، جيئن پاڻيءَ جو قطرو پاڻيءَ جو روپ آهي.

ويدانت ۾ برهم، برهمانڊ ۽ برهم روپ منشيه جي باري ۾ سوکيم ويچار آيل آهن. ويدانت موجب منش، برهم ۽ برهمانڊ جي وچ ۾ ڪوبه فرق ڪونهي. ڇو ته جيڪو ناچ سار هرهنڌ وياپڪ آهي، اُهو ئي انسان جي سروپ ۾ پيو وسي. آدي يا پرم شڪتي هڪ ئي آهي، جنهن مان هي سارو برهمانڊ پيدا ٿيو آهي. ساري وشو ۾ هڪ ئي سرو وياپڪ ستيه پيو وسي. جنهن صورت ۾ منش 'آدي ستيه' جو سروپ آهي، تنهن صورت ۾ سندس پنڊ ۾ سارو برهمانڊ سمايل آهي.

ويدانت جو مول مقصد آهي ''انسان جو پاڻ کي ڳولهي لهڻ.'' پاڻ کي سڃاڻي ته هو ڪير هيو، هينئر ڪير آهي ۽ اڳتي هلي ڇا ٿيندو؟ ويدانت سچ جي کوج ڪرڻ لاءِ آماده ڪري ٿو. ويدانت صاف آئيني وانگر آهي، جنهن ۾ انسان پنهنجو مشاهدو ماڻي سگهي ٿو، پنهنجي اندر جهاتي پائي سچ (حق) جو ديدار ڪري سگهي ٿو. ويدانت، روحاني راه سلي ٿو. سامي صاحب پڻ ويدانت جو رهسيه ۽ دوست جو ديدار ڪرڻ لاءِ من اندر ليئو پائڻ جي راه ٻڌائيندي چوي ٿو:

سڀ جي اندر آه، پريم پدارٿ رام ڌن،
'سامي' ڏسي ڪينڪي، منهن مڙهيءَ پائي،
ستگر لکائي، ته ڏسي پد اکين سان.

آتمڪ سوجهه ٻوجهه ئي ويدانت آهي. عقل جي اُلجهن سان ويدانت جي حاصلات ڪونه ٿي سگهندي آهي. ويدانتي، سنسار جي ٻاهرين ڏيک ويک تي ريجهڻ جي رهڻ جي صلاح نٿا ڏين. هيءَ سنسار جي مايا، ممتا ۽ موه، مرگهه ترشنا جي جل ۽ رج ۾ جل جو آياس جيان آهي. ويدانت چوي ٿو ته ''محبوب تنهنجي اندر ۾ وسي ٿو. جيئن ڪستوري ورڻ مرگ جي ناڀي (دن) ۾ هوندي آهي، پر هو ان جي سڳنڌ کي ٻاهر ڳولهيندو آهي. تئين دنيا جو ٻاهريون سڀ پسار به برهم جو عڪس آهي.'' ويدانت، ڪثرت ۾ وحدت جي فلسفي جو درشن ڪرائي ٿو.

برهم ستيہ، جڳت مٿيا، جيو برهميو ناپره،
اهم برهم اسمي، ايم آتما برهم، پرگيانم برهم،
تتو مسي، سو اهم وغيره وغيره

برهم ستيہ آهي، جڳت ڪوڙ. جيو، آتما ۽ پرماتما ٽيئي هڪ آهن. ڪي ويدانتي ماڻهو چوندا آهن، تہ ويد سيانت: چرموءِ اُديش: پر درشت: يترس ايو ويدانت. (جتي يا جنهن ۾ ويد جو پرم اُديش يا مکيہ اُديش ڏيکاريو يا سمجهايو ويندو آهي. اُهو ئي ويدانت آهي). پرمهنس پريوارجڪ آچاريہ شري سدانند يوگيندر پنهنجي مشهور ڪتاب 'ويدانت سار' ۾ لکيو آهي: ويدانتو نام اُپنشد پرماڻا تد پڪاريٽا شاريرڪ سوترا ديناچ شريمنر سنهہ سرسوتي. ان جملي جي معنيٰ ٻڌائيندي چوي ٿو، تہ "جنهن شاستر ۾ اُپنشد کي ئي پرماڻا سمجهي وهنوار ڪيو ويو هو تہ اُهو ئي شاستر اُپنشد پرماڻا چوائيندو آهي. ان درشٽيءَ سان ويدانت اُهو آهي جنهن ۾ اُپنشد کي پرماڻا مڃيو ويو آهي." ان سان گڏو گڏ اُن کي سمجهائڻ وارو 'شاريرڪ سوتر' وغيره بہ ويدانت چوائيندا آهن. ان جي معنيٰ اها ٿي تہ 'شريمنر سنهہ سرسوتي اپنشد' ۽ 'شاريرڪ سوتر' کي ئي ويدانت مڃيو آهي. پر ويدانت جي معنيٰ آهي ويد، جنهن برهم کي انتم يا پرم گيہ يعنيٰ انفرادي ڄاڻ لائق تتو ٻڌايو آهي. اُن جو بيان ئي ويدانت آهي. اُن پرم تتو جو بيان، اُپنشد ۽ برهم سوتر ۾ ٿيو آهي. ويدانت تي ويچار ڪرڻ وارن هن سمپورڻ برهمانڊ جي سڀني تتون کي ٽن روپن ۾ الڳ ڪري ڇڏيو: "برهم، جيو ۽ وشو". ويدانت ۾ انهن ٽنهي ڳالهين تي وياکيا هوندي آهي.

ويدن ۾ سمايل فلسفي کي 'ويدانت' ٿو چئجي جيڪو انتهائي پراچين آهي. انين ڪٿي چئجي تہ ويدانت سوتر موجب سڀ ۾ برهم وياپڪ آهي. برهم کان سواءِ جيو جي ڪابہ هستي ڪانہ آهي. اُهو برهم اسان جي اندر ۾ ئي آهي. ويدانت موجب ' ايڪو برهم دوتيہ ناستي'. هڪ برهم جي ستا کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪين آهي. جيو، انين برهم

ويدانت جي خصوصيت:

ويدانت ۾ برهم جيو، مايا، جڳت، گيان، مڪتي، پرڪرتي، ادويتواد، اهم برهم اسمي، ايڪو برهم اسي، ايڪو برهم سوهم آتما ۽ آتما جي پرماتما سان سنبنڌ جي اپٽار ٿيل آهي.

ويدانت درشن:

اُپنشدن ۾ دارشنڪ ويچار سلسليوار ۽ ڪنهن مقرر ڪيل ترتيب سان سمجهايل ڪونه آهن. اُنهن جي بيان ۾ ڪيترن هنڌن تي اختلاف يا مت ڀيد به محسوس ٿين ٿا. ويدانت فيلسوفيءَ جا ٻه ڀاڱا آهن. پورو ميمانسا ۽ اُتر ميمانسا. پورو ميمانسا لفظ شروعات ۾ ويدن جي ترجماني ۽ معنيٰ جي ويچار کان ڪتب آندو ويندو هو. جنهن جي پوءِ معنيٰ ڦري ٿي پوتر ويچار. ان بعد ان جو مطلب وڃي بيٺو سچ يا حق جي ذات بابت ڪابه ٽيڪا يا چنڊ ڇاڻ. انهيءَ لحاظ کان اتر ميمانسا ۽ پورو ميمانسا انهيءَ معنيٰ سان نهڪي ٿا اچن.

ويدن جو پهريون ڀاڱو 'منتر' ۽ 'برهمڻا' گڏي، ڪرم ڪانڊ جي حصي ۾ اچن ٿا. جن ۾ انسان جا فرض بيان ڪيل آهن. پويون ڀاڱو، جنهن کي اُپنشد ڪوٺجي ٿو، اُن کي گيان ڪانڊ سڏين ٿا. هن ۾ وري سچ يا حق نسبت ڇاڻ پريل آهي. 'ويدانت' لفظ جي معنيٰ آهي ''ويدن جو انت''. يعني ويدن جي پوئين ڀاڱي ۾ ڇيل مت ۽ ويچار. اهو ويدن جو پويون ڀاڱو اُپنشد آهن. اُتر ميمانسا ۾ تنهن ڪري اُپنشد جي فيلسوفيءَ جو تت اچي وڃي ٿو. رشي جئمني، پورو ميمانسا ۾ جنهن کي ڪرم مانسا سڏجي ٿو؛ ان ۾ فرضن جي فيلسوفي ٻڌائي آهي. رشي بادرايڻ وري اُتر ميمانسا ۾ اُپنشدن جي گوڙ ۽ آتمڪ ويچارن جو ورنن ڪيو آهي. اُتر ميمانسا ۽ پورو ميمانسا گڏي، ان فلسفي جا تفصيل هيٺينءَ ريت آهن.

پورو ميمانسا:

'پورو ميمانسا' جو مول مقصد آهي 'ڌرم'. يعني اخلاقي فرض

انيڪ روپن ۾ برهم ائين سمايل آهي، جيئن سڏ ۽ پڙاڏو. سڏ ۽ پڙاڏو ٻڌڻ ۾ ته ٻه ايندا آهن پر اُن وائي يا آواز ۾ ڪوبه فرق ڪونه آهي. چو ته جيڪو آواز ڪبو، موٽ ۾ اُهو ساڳيو ئي ٻڌبو. ٻنهي ۾ تفاوت رڳو اهو آهي ته پڙاڏو، سڏ کان پوءِ ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. انيڪتا ۽ ايڪتا ويدانت جو ئي سڌانت آهي.

ويدانت موجب برهم جو ديدار ساري سرشٽي جي ڪڻ ڪڻ ۾ نمايان آهي. هرهنڌ سرجڻهار جو واسو آهي. جيئن دلي ۾ آڪاش جو روپ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ساڳيءَ جڳهه تي گهڙا ڪيترا به هجن. سينَي ۾ آڪاش جو آياس ساڳيو هوندو آهي، پر آڪاش حقيقت ۾ هڪ آهي. اسٽت آهي. مٽي ساڳي آهي. پل مٽيءَ جا گهڙا يا شڪليون ڪيتريون به هجن پر آهن هڪ مٽيءَ جو روپ ئي. سون جا زيور پل انيڪ هجن پر انهن جو اصل روپ ته سون ئي آهي.

ويدانت جي اُتپتي:

ويدانت جي اُتپتي، ويدن مان ٿي آهي. ويدن جي رچنا، سنڌ جي سر زمين تي سنڌوءَ جي پوتر ڪناري آرين، رشين منين جي واڻي ۽ شڀ هٿن کان ٿي. نديءَ جي جهر جهر ڪنڌڙ منين چولين ۾ ويدانت جو پوتر سنديش ٻڌڻ ۾ آيو:

انهن رشين جي ويدڪ سنسڪارن سبب سنڌڙيءَ جي پوتر مٽيءَ جي ذرڙي ذرڙي ۾، توڙي سنڌين جي نس نس ۾ ويدانت جو پُر زور اثر ٿيو. انهن پوتر سنسڪارن جي وايو منڊل ۾ تموڙتي شاه، ساچل ۽ سامي پيدا ٿيا. ويدانت ۽ ڌرم جو اتوٽ سنبنڌ آهي. ويدانت، ڌرم جي راه روشن ڪري ٿو ۽ ڌرم ويدانت تي عمل ڪرڻ جي سکيا ڏئي ٿو. ويدانت ۽ ڌرم پکيءَ جي ٻن پرن سمان آهن، جن جي مدد سان انسان، زندگيءَ جو سفر سولائي سان پورو ڪري سگهي ٿو. ويدانت، وهنوار ۾ وڏي مدد ڪري ٿو. ويدانت جيون ۾ سچي راحت ۽ آنند بخشي ٿو.

4. پرش ۽ پرڪرتي ڪي جدا جدا حقيقتون نہ آهن، پر هڪ ئي حق جا بہ روپ ۽ مظهر آهن.
5. برهم، حق آهي.
6. دنيا، پاربرهم جي اڇا جو مظهر آهي.
7. دنيا ۾ ٻيائي ۽ فرق جو ڪارڻ، ڪرم ئي آهي.
8. انساني جيوت لاءِ اوچي ۾ اوچي حاصلات ايشور درشن آهي.

بادراڻ آچاريہ جا سوتر، جن کي برهم سوتر ڪري چئجي ٿو، تنهن جو وستار ۽ سمجهاڻي، گئوڊپاد نالي هڪ ودوان ڪئي. جنهن کي ويدانت فيلسوفيءَ جو پهريون ٽيڪاڪار يا شرح ڪندڙ چون ٿا. ويدانت فلسفي سمجهڻ ۽ خاص ڪري شنڪر آچاريہ جي ادويت مت کي گرهڻ ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ گئوڊپاد، جو شنڪر آچاريہ جي گرو گووند آچاريہ جو بہ گرو هو؛ اُن جا فيلسوفي ويچار سمجهون. ڇو جو انهن ويچارن کي ڪماليت تي وري بہ شنڪر آچاريہ رسايو. بادراڻ، دارشنڪ سدانتن کي سوترن جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ اُن زماني ۾ گرو ڪلن ۾، گرو پنهنجي ششن کي زباني طريقي سان وديا ڏيندا هئا. وديارٿين لاءِ سوتر روپ ۾ گروءَ کان حاصل ڪيل گيان کي ياد ڪرڻ ۽ هنڊائڻ ۾ سولائي ٿيندي هئي، پر انهن سوترن ۾ سمايل دارشنڪ سدانتن جو حقيقت ۾ مطلب ڇا آهي، انهيءَ بابت وقت گذرندي مت ڀيد پيدا ٿيندا رهيا. ان ڪري جدا جدا آچارين، سوترن ۾ سمايل فلاسافيءَ کي سمجهائڻ لاءِ ٽيڪائون لکيون. جن اُتي هلي الڳ الڳ گروهن کي جنم ڏنو. هرهڪ گروءَ جا شش پنهنجي پنهنجي آچاريہ جي سمجهاڻيءَ مطابق ويچار ڪرڻ لڳا ۽ وهنواري جيون گذارڻ لڳا. انهن گروهن جو وچئين دور جي ڀڳتي ڪاويہ تي گهڻو اثر پيو آهي.

برهم، جيو ۽ سرشٽيءَ جي وچ ۾ ڪهڙو تعلق آهي؟ برهم ۽ جيو هڪ آهي يا اُهي ٻہ جدا جدا هستيون آهن ۽ برهم سوتر گرنٿ ۾ اهڙن سوالن جا جواب سوتر جي روپ ۾ ڏنل آهن. انهن کي جدا جدا

جي تپاس ڪرڻ. جيتوڻيڪ ان ۾ ڌرم جي ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي ۽ ڪرم ڪانڊ جو پاسو باترتيب ڏيکاريل آهي. فيلسوفي ويچار اُهڙي تہ هوشياري سان ڳتيل آهن. جو اُها حق يا سچ جي تنقيدي ڇنڊڇاڻ پيش لڳي. پورو ميمانسا جي فيلسوفن لاءِ ٺلهي ليکي انين چوڻ صحيح ٿيندو تہ هو ان ويچار جا آهن تہ جنهن صورت ۾ سموري ڄاڻ جو بنياد، انيوءَ تي ٻڌل آهي، ان ڪري حقيقي دنيا ازمودي مان ئي اُڀري ٿي. هو ان ڪري دليل کان مٿي، جا اندر جي ٻوجھہ آهي. جيڪا يوگ وغيره ذريعن حاصل ٿئي ٿي. ان کان پڻ انڪاري ٿين ٿا ۽ انين سمجهن ٿا تہ دنيا جو من سان، جنهن ذريعن ان جي ٻوجھہ پوي ٿي، ڪوبہ تعلق نہ آهي.

پورو ميمانسا، نرايشوادي شاستر آهي. جنهن ۾ ويدن ۾ بيان ڪيل ديوتائن جي هستي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آهي.

اُتر ميمانسا:

بادراين رشيءَ جا سوتر 'اُتر ميمانسا' درشن جو بنياد آهن. جتان وري شنڪر آچاريہ، ڀاسڪر، يادو پرڪاش، رامانج ڪيشو، نيلڪنٺ ماڌو، بالا ديو ولڀ ۽ وگيان بکشو جهڙن ٽيڪاڪارن جون شاخون ڦٽيون. بادراين رشيءَ جي سوترن ۾ چار باب آهن. پهرين باب ۾ برهمواد بابت، ويدن جي جدا جدا بيانن ۾ هڪڙي معنيٰ ۽ مول مت ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ٻئين باب ۾ دنيا جو ايشور تي ڪهڙو آڌار آهي ۽ جيو ۽ برهم نسبت ڪي تفصيل پڻ ٻڌايل آهن. ٽئين باب ۾ برهم وديا سمجهايل آهي ۽ چوٿين باب ۾ برهم وديا جي عملي اهميت ڏيکاريل آهي.

انهن سوترن جو مکيہ خيال هيٺين ڳالهين ۾ سمايل آهي:

1. ويد انادي آهن.
2. آتم سچ، دليلن ذريعن يا حواس جي ازمودي مان حاصل نہ ٿيندو.
3. گيان جا ٻہ واهڙ آهن: سرتي ۽ سمرتي. سرتيءَ ۾ اُپنشد اچي وڃن ٿا ۽ سمرتي: ڀڳوت گيتا، مهاڀارت ۽ منو مهراج جي قانونن کي سڏين ٿا.

هن ٻال ڪرشن جي روپ ۾ پرماتما جي اُپاسنا جو پرچار ڪيو.

اهڙي طرح ويدانت درشن جا جدا جدا گروه وجود ۾ آيا. اُنهن مان شنڪر آچاريہ جي 'ادويت ويدانت درشن' جو اثر 'نرگڻ ڀڳتي' ڪاويہ ڌارا جي سنت ڪوين تي گهڻي ۾ گهڻو پيو آهي. 'ساميءَ' جي سلوڪن تي پڻ انهن سڌانتن جو گهڻو اثر آهي.

شنڪر آچاريہ جي ادوئيت ويدانت جو مول منتر آهي:

ब्रह्म सत्यं जगत्मिथया, जीवो म्रहौव नापर

يعني برهم ئي ستيہ آهي ۽ هيءُ سمورو جڳت، ڪوڙ آهي يا مايا جو کيل آهي. جيو آتما خود ئي برهم آهي. اُها برهم کان ٻئي قسم جي نہ آهي.

جيو آتما گيان وس ٿي پاڻ کي برهم کان جدا سمجهي ٿي ۽ سنسار کي سچ سمجهي ٿي. انهيءَ اگيان، ڀرم ۽ مايا جي ڦندي ۾ ڦاسي، جيو آتما هن سنسار ۾ انيڪ پرڪارن جا ڏک ڀوڳي ٿي. پر جڏهن جيو آتما هن سنسار ۾ گهڻيئي قسمن جا ڏک ڀوڳيندي بہ سچيءَ حالت جو جڏهن انڀوءَ ڪري ٿي، تہ ''مان برهم آهيان.'' (अहं, ब्रह्म अस्मि) ۽ هيءُ سمورو جڳت فقط پرماتما جي ليلا آهي، جنهن کي برهم وري جادوءَ جي کيل وانگر قيامت وقت سميٽي ڇڏي ٿو، تڏهن سندس اگيان جو پردو ڦاٽي پوي ٿو. اگ يان جي ناس ٿيڻ سان ۽ آتمڪ گيان جي حاصل ٿيڻ سان جيو آتما کي آنند جي حاصلات ٿئي ٿي. اهو آنند، برهم جي ساکياتڪار ڪرڻ جو انڀوءَ ٿيڻ سان ئي ملي ٿو. ان کي ٻين لفظن ۾ 'موکش' يا 'مڪتي' بہ چئجي ٿو.

شنڪر آچاريہ جي ويچار موجب، جيو آتما کي هن جنم ۾ ئي مڪتيءَ جي پراپتي ٿي سگهي ٿي. جيڏي ئي موکش پد تي پهتل جيو کي ''جيون مڪت'' چئجي ٿو. جيون مڪت اهو انسان آهي، جنهن جي اگيان جو پردو ڦاٽي چڪو آهي ۽ ان ڪري اگيان مان پيدا ٿيل سندس ڀرم، موہ وغيره سڀ وڪار ناس ٿي چڪا آهن. جيون مڪت جي پورب ڪال جا گڏ ٿيل ڪرم ۽ گڏ ٿيندڙ ڪرم ناس ٿي چڪا آهن. هو فقط اُهي پورب ڪال جا ڪرم موت تائين ڀوڳي ٿو، جن جي ڀوڳڻ جي

آچارين الڳ الڳ سمجهايو آهي. ان طرح ويدانت درشن جا هيٺيان مکيه گروه وجود ۾ آيا:

1) شنڪر آچاريه (820ع- 788ع) جو ادويت ويدانت
(ان موجب جيو ۽ برهم حقيقت ۾ هڪ ئي آهي)

2) رامانج آچاريه (1137ع-1037ع) جو وششٽ ادويت چت (جيو آتما) ۽ اچت (جڙ پرڪرتي) اهي ٻئي برهم (ايشور، سرشٽي ڪرتا) جا وشيشڻ يعني صفتون آهن. ان ڪري اُن کان الڳ نه آهن. رامانج، وشڻوءَ جي اُپاسنا جو پرچار ڪيو.

3) نمبارڪ آچاريه (ٻارهين عيسوي صدي) موجب دويت-ادويت، جيو ۽ برهم ۾ ڀيد ۽ اڀيد جو سنٻنڌ، نت ۽ هرهنڌ موجود آهي. جڏهن جيو شرير جي ٻنڌن ۾ ٻڌل آهي، تڏهن اُهو ايشور کان الڳ آهي. ٻئي طرف برهم وياپڪ ۽ سروگيه (ڄاڻي ڄاڻڻهار) آهي. پر برهم ۽ جيو جي وچ ۾ اڀيد (ايڪتا) به آهي ته اُن سان هڪ به آهي. نمبارڪ آچاريه راڌا-ڪرشڻ جي اُپاسنا جو پرچار ڪيو آهي.

4) مڌو آچاريه (1303ع-1199ع) جو دويت واد
جيو ۽ برهم هر حالت ۾ هڪ ٻئي کان الڳ آهن. برهم، سوامي آهي ۽ جيو اُنهيءَ جو ٻانهو آهي. برهم جو فقط سگڻ روپ آهي. مڌو آچاريه، وشڻو ڀڳوان جي اُپاسنا جو پرچار ڪيو آهي. هن وشڻوءَ جي اوتار ۾ رام ۽ ڪرشڻ جي ڀڳتيءَ تي به زور ڏنو آهي.

5) ولڀ آچاريه (چوڏهين عيسوي صدي) جو شڌ-ادويت

ولڀ آچاريه، برهم جي شڌ ادويت روپ جو اصول رکيو. هن جي ويچار ۾ برهم ئي هڪڙو تت آهي. ٻيون سڀ شيون برهم کان الڳ نه آهن. ان ڪري اُهي به نت يا ست آهن.

حقيقت ۾ جڳت نت آهي. پر وشڻوءَ جي مايا سان انهيءَ جي اُتپتي ۽ وناش ٿئي ٿو. مايا به برهم جي شڪتي آهي. ولڀ، ڀڳت لاءِ آتم سمرپڻ جو شرط رکيو. ۽ ٻيو سڀ ڪجهه ڀڳوان تي ڇڏي ڏيڻ لاءِ چيو.

لپيٽڻ وارو بہ مان آهيان. هي ارجن! ساري سرشٽيءَ جو مول، اگ، وچ ۽ پڇاڙي تون مونکي ڄاڻ.''(1)

ويدن جا بہ واڪيہ آهن:

اهم برهم اسمي: مان برهم آهيان.

تت توم اسي: تون پڻ اُهو آهين.

ساميءَ جي سلوڪن ۾ ويدانت:

ساميءَ جا سلوڪ نرگڻ ڀڳتيءَ واري پرمپرا ۾ اچن ٿا. هن آتم گيان جي مهما سان گڏ، ڀڳتيءَ ۽ يوگ کي بہ اهميت ڏني آهي. پرماتما جي سگڻ، ساڪار روپ جي پرارٿنا ڪرڻ تي بہ ساميءَ زور ڏنو آهي. هو دارشنڪ سڌانت پيش ڪندڙ آچاريہ نہ آهي. ان ڪري هن جي سلوڪن ۾ سلسليوار ڪنهن خاص هڪ ويدانتي فرقي جا سڌانت نٿا ملن. سيني ٻولين جي سنت ڪوين پنهنجي آتمڪ انڀو جي اظهار کي گهڻي اهميت ڏني آهي. اُنهن ساڌنا جي مارڳ تي هلندي جدا جدا گرنٿن ۽ شاسترن جو اڀياس ڪيو آهي ۽ ڪجهہ سنت درويشن ۽ پهتل شخصن جي ستسنگ مان گيان حاصل ڪيو آهي. ساميءَ جي واڻيءَ ۾ انهيءَ جو سپاويڪ ۽ سندر ڍنگ سان اظهار مليو ٿو.

ساميءَ پنهنجي سلوڪن ۾ چيو آهي تہ ''ويدن جي واڻي آءٌ سنڌيءَ منجهہ سڻايان'' هتي ويدن جو مطلب آهي 'ويدانت'، يعني 'ويدن جو درشن'، 'اُپنشدن جو گيان' .جيئن پهرئين ڄاڻايو ويو آهي تہ ساميءَ ڪنهن هڪ خاص ويدانتي فرقي جا ويچار نہ ڪنيا آهن، پر هن پنهنجي آتم انڀو جو اظهار ڪندي، جدا جدا فرقن ۽ سنتن، مهاتمائن توڙي ڀڳتن جي واڻيءَ مان بہ ڪيترائي نقطا کنيا آهن. برهم، جيو آتما ۽ سرشٽيءَ جو سنبنڌ سمجهائيندي هن خاص طور شنڪر آچاريہ جي 'ادويت ويدانت' فلاسافيءَ جي اثر کي ڪنيو آهي. هن گيان سان گڏ 'ڀڳتي'، 'پريم ڀاونا' ۽ 'جوڳ' کي بہ گهڻي اهميت ڏني آهي.

1- ايل ڀڳوانداس: 'شريمد ڀڳوت گيتا' : صفحہ 102

شروعات اڳي ئي ٿي چڪي آهي. پر اُنهن ڪرمن جي ڀوڳڻ ۾ ڪيس ڪوبہ ڏک ڪونہ ٿو ٿئي. جھڙيءَ طرح ڪنڀار، ڏنبي سان چڪ کي گهمائي ڏنبو ڪڍي ڇڏيندو آهي ۽ اُن بعد بہ چڪ ڪجھہ وقت هلندو رهندو آهي، ساڳيءَ طرح جيون مڪت انسان جو شرير بہ فقط شروع ٿيل پنهنجن ڪرمن ڀوڳڻ لاءِ جيئرو رهي ٿو. اُهي ڪرم ختم ٿيڻ ڪانپوءِ هو ست چت-آنند برهم ۾ لين ٿي، جنم-مرڻ جي چڪر کان ڇٽي وڃي ٿو ۽ ڪيوليہ-آنند جو انڀوءُ ڪري ٿو.

شنڪر آچاريہ جي مت موجب گيان جي حاصلات ئي مکيہ مقصد آهي. ڇاڪاڻ تہ اُن ذريعي ئي موڪش ملي ٿو. ڪرم، يوگ، ڀڳتيءَ وغيره جي ضرورت فقط ساڌڪ جي من کي گيان جي پراپتيءَ لاءِ تيار ڪرڻ واسطي آهي. ان ڪري اهي منزل تي پهچڻ لاءِ ڏاڪڻ سمان آهن.

برهم جي روپ بابت شنڪر آچاريہ جو مت آهي تہ برهم، حقيقت ۾ نرگڻ، نرآڪار آهي. هن کي ڪي بہ وصفون نہ ڏيئي سگھبيون. پر برهم جو ٻيو سگڻ روپ بہ آهي، جنهن روپ ۾ ڪيس ايشور چئجي ٿو. ان روپ ۾ سندس اُپاسنا ڪجي ٿي. نرگڻ برهم ۽ سگڻ ايشور ٻئي هڪ آهن. سگڻ ايشور ئي سرشٽيءَ جو سرجڻ ڪندڙ، سروشڪتيوان ۽ سرو وياپڪ آهي. ايشور جي اُپاسنا سان چت جي شڌي ٿئي ٿي،جنهن ڪانپوءِ پرم تت جي حاصلات ٿئي ٿي. ان ڪري ساڌڪ لاءِ سگڻ روپ جي اُپاسنا ڪرڻ، فقط نرگڻ، نرآڪار، پرم برهم تائين پهچڻ جو هڪ ڏاڪو آهي.

شري ڪرشن ڀڳ گيتا ۾ ارجن کي اهو راز هيٺن ٿو سمجھائي:

''هي ارجن! مان اروپ آهيان. سوکيم ۾ سوکيم آهيان. ساري وشو ۾ وياپڪ آهيان. سڀ وستو مون ۾ انين پوتل آهن، جيئن موتي ڌاڳي ۾، سورج ۽ چندرما جو تيج مان آهيان، وايوءَ ۾آواز، پرٿويءَ ۾ سرهاڻ، بلڪ ساري رچنا جو سار مان آهيان. سورج جي روشنيءَ جيان، مان آدي برهم، سيني وستن کي هڪ ئي وقت پرڪاش ڪيو بيٺو آهيان ۽ وري انهن کي

سامي چوي ٿو ته منهنجي ستگرن مون تي راضي ٿي اهڙو ته آتم گيان ڏنو ۽ اها عجيب آتمڪ اک ڏني، جنهن دواران مان ان روحاني سنسار تائين نظر ڦهلائي، جنهن جي هر ڏسا ۾ صرف برهم ئي برهم نظر آيو:

پاڻ پنهنجو پاڻ ۾، پسان جان پيهي
ته نڪو ملڪ، خلق ڪا، نڪو اسيهي
اسين ساريو جن ڪي سي پڻ اسيهي
ٻي وائي ويئي، لات پرين جي هڪڙي

پرماتما :

سامي، آتما ۽ پرماتما جي هستي، پرين پاڻ ۽ اوديا جي چار مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ سمجهائين ٿا ته جيڪڏهن ڪو انڌو چوندو ته سورج آهي ئي ڪونه، ته ان جي چوڻ ڪري سورج جي هستي گم ڪانه ٿي ويندي! پرماتما ڪائنات جي ڪڻ ڪڻ ۾ سمايل اهي. سرشٽيءَ ۾ اُها ڪابه وستو ناهي، جتي پريو نه هجي. هوُ ته آڪاش ۾ سوريه جيان پڌرو آهي. پوءِ به ڪي انڌا انسان، جن جي اندر جون اکيون بند ٿي ويون آهن ۽ پرماتما جي نور کي ڏسي نٿا سگهن، اهي پرمن ۽ سنسن ۾ ڦاسي مورکن وانگر پيا پٽڪن. انهيءَ ڪري ائين ڪونه چئبو ته پرماتما آهي ئي ڪونه. تمام ٿورا گياني ۽ سجاڳ انسان پرماتما کي سڃاڻن ٿا:

پرميشر پرتک، 'سامي' سورج جان رهي،
انڌا ڏسن ڪينڪي پٽي پنهنجي اک،
ڪوه ڪرين جڪ جڪ، ٿو در در ديوانن جان.

انسان پريو پاڻ لاءِ ٻاهر ٿو ڀٽڪي، پر ايشور جو ديرو انسان جي اندر ۾ ئي آهي. سامي چوي ٿو:

سيڪو ڏور ڏسي، ٿو آتم پد آڪاس ڪون،
ائين چئي ڪونه ڪو، ته آهيون پاڻ اسي،
'سامي' ڏسي هسي، انهيءَ ڳالهه انوپ ڪي.

'سامي'، هن جڳت يا سنسار کي رڄ سمان ڪوڙ ڪري سڏي ٿو، جو وهم ۽ گمان ڪانسواءِ ڪجهه به نه هوندو آهي. جيئن هرڻ ڪستوريءَ پنيان بي مقصد ڊوڙندو ئي رهندو آهي، تيئن انسان به ڪوڙي دنيا جي حرص ۾ پاڻ پتوڙي نراس ٿي پران تياڳي ٿو. ليکراج عزيز پنهنجي ڪتاب 'سامي' ۾ اُن جي وضاحت ڪندي سمجهائي ٿو ته جيئن نما شام جو پري کان نوڙي ڏسي، نانگ جو ڀرم ٿيندو آهي ۽ واتهڙو اُها نوڙي واري واٽ ئي مٽائي ويندو آهي. ڀرم واري وقت به اُها صرف نوڙي ئي هئي ۽ نانگ جو ڪو وجود ئي ڪونه هو. پر واتهڙو گمان جو شڪار ٿيو. حقيقت ۾ اها نوڙي ئي هر ڪال ۾ سچو وجود رکي ٿي، جنهن کي نانگ سمجهڻ صرف هڪ ڀرم آهي. ساڳي ريت هر وقت ۾ هر ڪال ۾ آتما ئي سچي حقيقت ۽ هستي رکي ٿي. جنهن کي ڇڏي باقي هيءُ سمورو جڳت ۽ اُن جا ٻيا سمورا عيش ۽ آرام اُن ساڳئي ڀرم جيان آهن، جي نه اڳ هئا ۽ نه پوءِ رهندا. آتما ئي اَنادي ۽ ابناسي آهي. ست چت ۽ آنند سروپ آتما، مايا سبب ڪڻ ڀنگر جڳت جا پدارٿ ٿي نظر اچي ٿي. جنهن کي ''انروچنيه'' يا ''است'' چئجي ٿو. ڇو ته اُن کي پنهنجي هستي ڪانهي. ڀرم ماتر آهي. وري اُن کي ست ان ڪري سڏجي ٿو، جو جيڪا هستي آهي سا اصل ۾ آتما جي ئي آهي. جڳت جي هستيءَ جو آسرو به فقط آتما آهي، جنهن کان ڪائنات کي روشني ملي ٿي.

ساميءَ پنهنجي سلوڪن ۾ تياڳ، ويراڳ، اهنسا، ويدانت، ڪرم يوگ، ڀڳتي ۽ ٻين ڪيترن وشين کي اُياريو آهي. مسلم عارف توڙي هندو ساڌ سنت پنهنجي تمام ڪلام دوران ساڳي ڳالهه چون ٿا. ساميءَ جي ڪلام ۾ ته ڪٿي ڪٿي عربي فارسي لفظن جي آميزش پڻ نظر اچي ٿي.

عجائب اُپديس، 'سامي' ڏنو ستگروءَ
نور محل نر ڀاڻ ۾، پرچي ڪيو پرويس،
مٽيو ڪلهه ڪليس، سڀ گهٽ ڏٺا سپرين.

جاڳي جنهن جوتي، جيتيو من مراس کي،
ڪيو تنهن ڪلپت جو لشڪر سڀ لوڏي،
'سامي' لايائين لڪ پنج ئي پرپوڏي،
ويٺو گهر سوڏي، ساکي ٿي سنسار جو.

ويد، پراڻ، انجيل مقدس توڙي قرآن پاڪ انهن سمورن مذهبي ڪتابن ۾ اهوئي چيل آهي ته، 'تمام عارف، عاشق ۽ مهاپرش ان فلسفي کي سمجهن ٿا ۽ ڪلپت جي ڪٽ لاهي صاف درشتيءَ سان جيڏانهن به نهارين ٿا، ته هڪ برهم جو ئي جلوو پسن ٿا:''

خالق منجهه خلق، خالق سڀ خلق ۾،
سمجهي ڪو 'سامي' چئي، ورلو جن هڪ،
مهر ڪري مالڪ، جنهن تي پرچي پاڻهي

ستگرو :

''ستگروءَ'' جو اشتقاق آهي: ست + گرو : ستگرو معنيٰ 'سچو گرو' يا 'ڪامل مرشد' گرو لفظ وري ٻن پدن جو ٺهيل آهي هڪ 'گ' ٻيو 'رو' 'گ' معنيٰ آهي 'اونده' ۽ 'رو' جي معنيٰ آهي 'روشنائي' ان طرح گرو معنيٰ جو اونده مان روشنائيءَ ۾ آڻي، يعنيٰ اگيان يا اوديا جو اندارو دور ڪري گيان يا روحاني علم جي روشني ڏئي. 1

اگياني انسانن کي به جڏهن سچو ستگرو يا ڪو درويش ملي ٿو، تڏهن هو سندن اگيان جي پردي کي دور ڪري هنن جون اکيون کولي ڇڏي ٿو. ڪنهن به پورن پرک جي رهبريءَ کانسواءِ روحاني مارگ تي هلڻ، هڪ محال ڳالهه آهي. منش کي هن سنسار جي ڀوساگر مان پار اُڪارڻ لاءِ، اُهي روحاني راهنما ئي سڪاني ٿي بيهن ٿا.

---

1. ڪوڙمل چندومل :'ساميءَ جا چونڊ سلوڪ' (چونڊ: واڌومل مولچند) (ڇاپو 1955 اجمير): صفح 52

آتما ۽ پرماتما هڪ سڪي جا ٻه پاسا آهن. انهن ٻنهي جي وچ ۾ صرف اگيان جو هڪ پردو آهي. ان پردي ڪري ئي آتما، پرماتما کي ڏسي نٿي سگهي ۽ نه ان سان ملي ٿي سگهي. ان ڪري سامي چوي ٿو ته، ''اي انسان ڪايا، مايا جو پڙدو هٽائي اگيان جي ننڊ مان سجاڳ ٿيءُ، ته پرين پنهنجو پاڻ ۾ ئي نظر ايندو.''

چا لاءِ ٿو ڏورين ڏيهه، 'سامي' ڪاڻ سروپ جي،
جاتون نڪتين ننڊ ۾، تاتي پرچي پيهه،
تنهنجي ڏيهيءَ منجهه ڏيو، اچل ٻري ٿو آد جو.

هٺ ۽ وڏائيءَ ۾ ڦاٿل انسان، ايشور جو درشن نٿو ڪري سگهي، جڏهن هو هٺ ۽ وڏائيءَ کي ڇڏيندو، تڏهن ئي پريوءَ کي پائي سگهندو.

انترمک آٽي، جوڙي من جڳت سان،
هلي هٺ ڇڏي ڪري، ڀڳوت جي پاٽي،
چيٽيءَ ائون ڪنڄر ۾، ساکي سم ڇاٽي،
موجان سو ماٽي، 'سامي' سپرينءَ سان.

ماڻهو ڪاغذ ۽ پٿرن جي مورتن جي پوڄا ڪندي اجايو ڀٽڪن ٿا. ان نموني پرماتما جو درشن نه ٿيندو پر سچي پريوءَ سان نينهن لايو ته ان جو درشن ٿيندو:

پوڄين ڪوه پٿر، تون چريا چيتن کي ڇڏي،
جنهين ساڻن سڌ ڪيا، تنهنجي ڪر نظر،
ساکي ٻولي سڀ ۾، ٿو وياپڪ چر اچر
'سامي' اجر امر، ڇڏي پوڄ م پنڊ کي.

چنچل من، خواهشن ۾ جڪڙيو رهي ٿو. ان کي پنج وڪار ويڙهيو وينا آهن. جيڪو انسان انهن پنجن وڪارن کان پاڻ کي بچائي ٿو. اهو ئي من کي جيتي ٿو. اهو ئي پرماتما جو درشن ماڻي ٿو. سامي انهن پنجن وڪارن کي ناس ڪرڻ لاءِ تاڪيد ٿو ڪري:

جن کي ڪامل مرشد اپديش تير هنيو آهي سي پريم ۾ مستانو ٿيو وڃن ۽ انهن کي هرهنڌ پنهنجو پرين ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيئن مجنوءَ کي هرهنڌ ليليٰ پئي ڏسڻ ۾ آئي. عاشق به اهڙي ئي حال ۾ مست ٿي ڪڏهن روئڻ پيا ته ڪڏهن کلڻ پيا، پر پنهنجي اندر جو حال ڪنهن کي ڪين ٻڌائين ته اسان سان ڪهڙي ويڌن آهي. هنن جو من اُتي وسي ٿو، جتي ڪين نفعي نقصان ۽ هار جيت جو ڪو به خيال ڪونه آهي. جيڪي ڪامل مرشد آهن، سي پنهنجي مريد کي ريجهائي ۽ دنيا کان من هٽائي، پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائڻ سيکارين ٿا ۽ گيان روپي جوتيءَ سان هنن جي اندر جي اونده ۽ ٻيائي ڪيي ڇڏين ٿا. اهي سچا گرو، پاپين کي به پوتر بنائين ٿا ۽ ڏٺيءَ جو خاص ديدار ڪرائين ٿا. سچا مرشد، گيان روپي هيرو هٿ ۾ ڏين ٿا ۽ پنهنجي شش جو اندر ٺاري سيتل ڪن ٿا :

ستگرو ڏيکاريو، درپڻ ۾ مک پنهنجو
اوديا پرم اندر جو، ڪڻ ۾ نواريو،
سامي چئي ٺاريو، ننهن چوٽيءَ تاءِ جيءَ کي.

مايا :

'مايا' پيسي کي به چوندا آهن ۽ مايا، هن سنسار کي به چوندا آهن. هت مايا ٻنهي طرحن سان ڪم آيل آهي. تصوف ۽ ويدانت موجب هيءَ ساري رچنا، برهم جو هڪ خيال يا عڪس آهي. شاهه صاحب، مايا کي 'مانڊي' ٿو چوي. ڪو ڪامل ئي مايا جي ان ڇل ول کي سمجهي سگهيو آهي. سچل سائين، 'سنسار' کي 'طلسمات' ۽ 'ايشور' کي 'بازيگر' ٿو سڏي.

سارو جڳ انڌو ٿيو، مايا جي موهه ۾،
وڃهي ويٺا پاڻ کي، بنا سمجهه سنڌو،
ڪو عاشق چڙهيو اچ تي، ڇاٽي ڏوڙ ڏندو،
واري ڪپت ڪنڌو، 'سامي' مليو سروپ سان.

سامي چوي ٿو ته انهيءَ مايا، سڀني جيون کي ڀرمن ۾ ڀنيلائي ڇڏيو آهي. ڪوبه پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڪونه ٿو ڏسي. مورک

اهڙو ڪير ڪري، 'سامي' بنا ستگرو،
ڀڳت جوڳ ويراڳ جا، ڏئي ڀنڊار ڀري،
انيئي جوت اندر ۾، سته سڌ ڀري،
پلڪ نہ ٿئي پري، رمتا رام اکين کون.

سچي ستگروءَ يا ڪامل مرشد جهڙو بادشاه اسان ڪٿي بہ ڪونہ ڏنو. جنهن راضي ٿي اصلي ۽ آدي بيشمار خزانو ڏنو، ائين بہ ڪونہ ٻڇيائين تہ ڪهڙي ذات جو آهين ۽ ڪٿان آيو آهين؟ جنهن تي پوري گروءَ جي ديا ٿي آهي تنهنجي دل مان سڀ ڪنهن قسم جو مونجهارو نڪري ويو آهي ۽ اُن جي سامهون پرين پيارو پاڻ اچي بيهي ٿو. ان جي رڳ رڳ ۾ شانتي ڇانئجي وڃي ٿي ۽ ان کي ڪامل ستگرو هن ڀوءَ ساگر مان تاري پار ڪري ٿو:

عجائب اپڪار، 'سامي' ڪيو ستگروءَ:
ڏنو جنهن پريم پريت جو سته پيالو سار،
پيئندڙي من پتيو، لنو لنو ٿي گلزار،
دوست جو ديدار ڏٺو دل درپڻ ۾.

ڀڳتي، جوڳ ۽ ويراڳ جو خزانو ڏئي ٿي، ۽ اندر ۾ جيڪا جي جوت پيئي پري، ان جو درشن ڪرائي ٿي. اندر جي دري کلي پوي ٿي، جنهنڪري خودي ۽ اهنڪار اندر مان نڪري وڃي ٿو ۽ سم درشٽي پيدا ٿئي ٿي. پاپ ڪرمن ڪري جو انسان جو اندر جلي رهيو آهي، سو ستگروءَ جي ديا سان اها تتل هردو ٺري ستيل ٿئي ٿو. ستگرو، اندر ۾ گيان جو ديپڪ جڳائي پرينءَ جو درشن ڪرائي ٿو. گيانوان گرو، پنهنجي مهر سان هرهڪ وستوءَ ۾ ٺاڪر جو ديدار ڪرائي ٿو. جنهن ڪري سڀ يرم سنسا، دک ۽ ڪليش نورت ٿي وڃن ٿا ۽ سچو آنند پراپت ٿئي ٿو:

ستگرو ڇڏايو، سامي اوديا ڏک کون،
رکي هٿ مٿي تي گهر وٺي آيو،
لنو سان لکايو اندر ٻاهر آتما

مايا سيني ماڻهن کي پنهنجي آتما روپي محلات مان ڪيرائي ڪٽي هيٺ ڦٽو ڪيو آهي ۽ پنهنجن حرفتن سان سيني کي حرص ۽ حوس ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي. جنهن ڪري اُهي مورک جيو، پرماتما کان منهن موڙي دنيا ۾ جهڳڙيا پيا وڃن. مايا، نه فقط دنيا جي ماڻهن کي حيران ۽ پريشان ڪيو آهي پر ويراڳي ۽ تياڳي پرش به انهيءَ جي ڦندي ۾ ڦاٿا پيا آهن. ڪو ورلو وڏ ڀاڳي گرمک انهيءَ مايا کان بچي، پرماتما جو درشن پراپت ڪري ٿو:

پري ڪون پري، مايا محبوبن جي
ڪنهين پاتو ڪينڪي، انت اُٿاري ڪري
ڪيس ڳم گيات سان، ڪنهن گيانوان گهري،
'سامي' ڏسي ٺري پانهنجي اکئين پاڻ کي.

جڳت ڪوڙ آهي. ڪنهن به ڪلپنا جو ڪو حقيقي وجود نه آهي. سنت ڪوين ان مٿيا روپ جڳت جو ڪارڻ، مايا سڏيو آهي. ساميءَ به جيو آتما جي پرم پولي لاءِ مايا کي جوابدار ٺهرايو آهي:

مايا جڳت ٺڳي، سامي سارو وس ڪيو،
جن تي سايو سنت جو، تن کي ڪين لڳي، هو
لنگهي ور سراپ کون، پهتا يار اڳي،
جتي جوت جڳي، اٿ ئي پهر انيئي.

ساميءَ مايا بابت ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته هن جڳت کي پنهنجي ڪا به هستي نه آهي. اُهو فقط اگيان سبب پيدا ٿيل پرم آهي. جنهن جدا جدا روپ اختيار ڪري جيو کي ڀلايو آهي. مايا جي . اثر سبب عام رواجي ماڻهو ته ڇڏيو پر ستد سادڪ، جتي ستي، رشي مُني به ڪلپت ڪوڙ ۾ ڦاٿل رهيا آهن. ساميءَ نه رڳو ٻين ڀارتي سنت ڪوين وانگر جڳت جي ڪوڙي آڀاس جو ڪارڻ، مايا کي سڏيو آهي ۽ اُن ڏانهن حيرت ۽ حقارت جا ڀاو ظاهر ڪيا اٿس، پر اُن سان گڏ هُن ان ڳالهه تي به زور ڏنو آهي ته جيڪي ست پرش ۽ گياني آهن، سي مايا کان پاڻ بچائي وٺن ٿا. ساري جڳ

انسان اوديا يا اگيان وس ٿي، مايا کي سچو سمجهي هن ناسونت جڳت کي دائمي ڄاڻي، انيڪ قسمن جي وڪارن ۾ ڦاسي، دک ڀوڳي رهيا آهن. مايا، اڻ هوندي بازي ۽ اڻ هوندو درياه آهي، جنهن کي سامي ايشور جي مايا سڏي ٿو انسان، مايا ڄار ۾ ائين ڦاٿل آهي، جيئن ڪو هرڻ، سورج جي روشنيءَ ۾ چمڪندڙ واريءَ کي جل سمجهي، اُن کي پاڻ لاءِ ڊوڙي ڊوڙي ساٿو ٿي ساهه ڏئي ٿو. جيئن ڪنهن کي نوڙي، نانگ مثل ٿي ڀاسي ۽ ڊيڄاري، جيئن اُن ڪنهن به ويچار ڪانسواءِ سپ ڪنهن وڻ جي پنن کي ڪائيندو ويندو آهي، تيئن هي مورک جيو به بنا ويچار جي وات ڀيا هٽن ۽ پاڻ کي سياڻو ڄاڻي ٻين مهاپرشن تي ڀيا ترڪ هلائين. ۽ انهن جي نندا ڪن:

مايا ڀلائي وڏو جيءُ ڀرم ۾،
اڻ هوندو درياه، غوطا نت کائي،
'سامي' ڏسي ڪينڪي، منهن مڙهيءَ پائي،
ستگر جاڳائي، ته جاڳي جڙي پاڻ سان.

سامي صاحب، مايا بابت 107 سلوڪ رچيا آهن . جن ۾ هن مايا کي ٺڳڻي، ٻهروپي ۽ ڇل ول ڪندڙ موهڻي سڏيو آهي. مايا، هن انسان کي منجهائي سنسن ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي، جنهن ڪري هي جيوُ، پاڻ کي ٺي ڀلجي ويو آهي. پنهنجو اصل وساري ڇڏيو اٿس ۽ اگيان جا پردا دور ڪري جاڳي پنهنجو اصل نسل نٿو سڃاڻي ته مان هيءَ سرير نه آهيان، پر مان پاڻ ٺي پرماتما آهيان. مايا سڀني جيون کي موه جي ڦاسيءَ ۾ ٻڌي ڇڏيو آهي. انهيءَ مايا روپي ڏائڻ کي ڪوبه جيتي ڪونه سگهيو آهي. سيڪو اُن جي ڦندي ۾ ڦاسيو ٿو وڃي.

ڏورون هٽي ڏنگ، ناري ڪاري نانگڻي،
مورک مٿا ڪيترا، سامي ڪري سنگ
نيارو رهي نيپ جان، ڪو ماحبتي ملنگ
جل ۾ جل، لئه ڏٺو جنهن الک سان.

درياهه، اڻ هوند اسرار، اڻ هوندي حرڪت ۽ مرگهه ترشنا جو جل وغيره.

اڻ هوندي اگيان، رچي راند رنگ پري

انسان، اڻ هوندي اگيان سبب هن است کي ائين ست مڃي وينو آهي، جيئن اونده ۾ پلجي نوڙيءَ کي نانگ سمجهبو آهي، يا جيئن مرگهه پنهنجي موركتا سببان رج کي جل سمجهندو آهي:

ڏرين ڪوهه پيار ٿو 'سامي' مايا موهه سان،
اٿي سڀ اوديا جو، اڻ هوندو اسرار
جئن نانگ نوڙيءَ ۾، سپني ۾ سنسار،
ڪرين جيءُ خوار، مرگهه ترشنا جي جل ۾.

اوديا سبب، هن ڪوڙي تماشي کي اسانجي ڪلپت واري ڪايا ئي ساچ سمجهي ويٺي آهي. نه ته سنسار ائين آهي، جيئن درخت جي ڇايا.

'سامي' ڇاٽي جيءُ ست، ڪلپت جي ڪايا
درخت جي ڇايا، جاڳي ڏسي ڪينڪي

اوديا :

سامي‌ءَ موجب مايا ۾ ڦاسڻ جو ڪارڻ، 'اوديا' آهي. ان اوديا جي اونده مان نجات پائڻ لاءِ سامي ستگروءَ جي شرڻ وٺي ٿو. اوديا، جڳ ۾ جدائيءَ جو رولو وڌو آهي ۽ سيني کي پنائي پولو ڪيو آهي. انهيءَ اوديا جي اهنڪار ۾ جڳ ائين ٿو پاڇي ۽ ناچي: جيئن باندر، بازيگر جي هٿ تي ٿو ناچي. اها اوديا، جنهن ڪري سنسو ۽ ڀرم من ۾ پيدا ٿئي ٿو ۽ پرش سروپ کان پلي ٿو. اُها اسان جي پنهنجي ئي من جي رچيل آهي ۽ وري اُن کي ئي ويڙهي ويٺي آهي. جيئن ته ڪورئيڙو پنهنجي مک مان تار ڪڍي ان ڄاڙ ۾ ئي ڦاسندو آهي، اهڙوئي حال هن اگياني جيو جو آهي. اهو اوديا جو ڀاري ڀوت، نه ڪنهن جي ٻڌي، نه سٽي، نه ڪنهن جي منتر سان وڃي. هيءُ اهو زهر آهي، جو امرت روپي جيو کي زهريلو بڻائي ٿو. سامي چوي ٿو ته جيو، ساڌ سنگت ڪري ڪلپت ڪٽيندو، تڏهن ئي ساچو سک ماڻيندو:

ڪي چيچ تي نچائيندڙ مايا، ڀڳوان جي ڀڳتن جي غلام ٿي رهي ٿي. اِهو خيال سامي صاحب هن طرح ظاهر ڪيو آهي:

سڀ سنسار ڇلي، مايا ڪيو وس پانهنجي
'سامي' سپرين جي ويٺي راهه ملي
ڀلي ڀل هاري رهيا، ڪنهنجي ڪانه ڇلي
جنهنکي سچ ڀلي، تنهنکي ڏورون ڏنبوت ڪري.

مايا رواجي جيون ڪي رلائي خراب ڪيو آهي. ايشور، جهڙو پاڻ مها پربل آهي، تهڙي مها پربل سندس مايا آهي. جنهن وڏا وڏا جوڳيسر ڀلائي ڇڏيا آهن:

مهان ڇل پربل، مايا محبوبن جي
وڏو جنهن جهان ۾، نانا ڀاءِ خللُ
'سامي' چڙهيو سڀ ڪي، اڻ هوندو عملُ
پانهنجو پاڻ پٽل، ڏيئي ويٺا پاڻ ڪي.

ساميءَ مايا کي ايتري شدت سان ننديو آهي، جو اُن کي منحوص ڇتي ڪُتي، چنڊال، ڪاسائڻ ۽ ٻين بہ ڪيترن نفرت ڀريل نالن سان سڏيو آهي:

رولو وڏو رن، جُدائي جو جڳ ۾،
ماري منجهائي سڀ ڪي، ڏاري نانا ون،
سوتو هنيس سر جو، ڪنهن جاڳي ساڌو جن،
سمجهي ويو وچن، سامي چڙهيو چٽ تي.

سامي مايا کي سنساري پرم ۽ ڀولي جو ڪارڻ سڏيندي چوي ٿو:

مايا ڀلائي، وڏو جيءَ ڀرم ۾،
سامي ڏسي ڪينکي منهن مڙهيءَ پائي
جنهنکي اوديا ننڊ مون، ستگرو جاڳائي،
ويهي وڃائي سو نغارو نرڀاڻ جو.

ويدانت موجب هي سنسار هڪ وهم، ڀرم يا سنسو آهي. سامي اُن کي ٻين بہ گهڻن نالن سان ٿو سڏي. جهڙوڪ: اڻ هوندو ڀولو، اڻ هوند

مورک ۽ اگياني :

مورک يا اگياني لوڪ پاڻيهي پاڻ کي دکي ڪري رهيا آهن. هو ڪوڙي دنيا جي موه ۾ ڦاسي سک جو ساگر، جو پرماتما آهي تنهن کي نٽا ڏسن ۽ هي امولڪ مانک جنم اجايو وڃائي رهيا آهن. جهڙيءَ طرح ڪنهن دليءَ ۾ ڀڳڙا پيا هوندا آهن ۽ ٻاندر لالچ جي وس ٿي پنهنجا ٻيئي هٿ ان ٽانو ۾ وجهي، ٻيئي مٺيون ڀڳڙن سان ڀري ڪيندو آهي، پر دليءَ جي منهن سوڙهي هئڻ ڪري هو ٻئي مٺيون ڪڍي ڪين سگهندو آهي ۽ ڦاسي پوندو آهي پوءِ دانهون ڪيڪون ڪندو آهي؛ تئين هن مورک جيو به پولڙي وانگر پاڻ کي ڦاسايو آهي ۽ پوءِ پيو دانهون ڪري. انهيءَ دک کان ڪو ڪامل مرشد پنهنجي ڪرپا ڪري ڇڏائي ته پوءِ هي جيو ڇٽي سگهي ٿو :

مورک وڃائي ٿو، هيرو جنم هٿن مون،
ملي ساڌ سنگت سان، ليکي نه لائي،
ڏاور جيان پاڻ کي ٿو ڦندري ڦاسائي،
منهن مڙهيءَ پائي، سامي ڏسي ڪين ڪي.

هيءُ اگياني جيو پاڻ کي خواهشن ۽ واسنائن ۾ ڦاسي پٽڪي رهيو آهي. انهيءَ دک کان تڏهن ڇوٽڪارو پائي سگهندو، جڏهن هن جو پنهنجي ڌڻيءَ سان وصل ٿيندو. جئن سنک يا ناد بنا دک سور جي دانهن ڪبي آهي، تئن مورک جيو به ٻيائي ۽ خوديءَ ۾ ڦاسي دک جون دانهون ڪري رهيو آهي ۽ پرماتما، جو سک جو ساگر آهي؛ ان ڏانهن نٽو وڃي. هيءَ اگياني جيو پنهنجي اصل سروپ کان ڀلجي جنم مرڻ جي چڪر ۾ ڦاسي رهيو آهي ۽ اندر ۾ جا ناس نه ٿيندڙ جوت ٻري رهي آهي، ان کي نٽو ڏسي. ڪوڙ ڪپٽ، پاپ ۽ دنيا جي جنهنجهٽ کان پاڻ کي پري نٽو ڪري ۽ امولڪ مانک جنم سمنڊ ۾ ٻوڙي رهيو آهي:

ڪنهن ڪون ڪين لهي، اوديا ڪلف اندر جو
توڙي تيرٿ تپ ڪري، دک بک سڀ سهي،
تياڳ ڪري گهر ٻار جو، غفا منجهه رهي،
ساتوءَ سرن پئي تہ سکي تئي 'سامي' چئي.

سامي ان ڪري اوديا جو اُپاءُ وديا ٻڌايو آهي. اوديا ڪرمن روپي ڦاسيءَ سان ڪين ٽٽندي. جيئن باه کي پاٺي وسائيندو آهي ۽ سورج جي اچڻ سان اونده گم ٿي ويندي آهي، اهڙيءَ طرح وديا، اوديا کي ميٽي ڇڏيندي آهي:

وديا وڃائي، اوديا دک اندر جو،
جيئن پاٺي باه کي، ٻانيڻ ٻجهائي
سورج لڪائي، سڀ پدارٿ پڌرا.

اها وديا بہ وديا واري ڪان پراڻجي. جڏهن اوديا سان ٻيڙي ڪپر منهن اچي ٿي ۽ ستگر مرد ملاح سهائي ٿئي ٿو. اُن لاءِ سامي چوي ٿو:

اوديا گپ گتو، سو وديا لايو دڳ سان،
ڪُسنگت ٻوڙه ڪوه ۾ ستسنگت سان نڪتو،
دويڪ من مون تيو من اچتو،
سامي ائين رتو، جئين لوئي رچي رنگ ۾.

سامي صاحب ويدانت جي اها انوکي فلاسافي روپڪن وسيلي سمجهائي آهي تہ ايشور کي خود ڪهڙي نموني سمجهجي ۽ ٻين کي سمجهائي! علارف ۽ عشاق، يا مهاپرش ڪيئن ايشور سان هڪ ٿين ٿا. اُهو مُک ۽ اُها واٽي ڪٿان اچي جو برهم جي اننت سروپ جو ورنن ڪري سگهجي:

ويدانتي واٽي، ٻڌي جنهن ٻانيڻ چئي،
تنهن مورت محبوبن جي چاڻ ڪيي چاٽي،
جئن گهاگهر لوڻ جي، پرڻ هلي پاٺي،
سنڌ ۾ سمائي، موٽي موٽي ڪينڪي.

باب 6

#ساميءَ جي سلوڪن جو موضوع

سورهين عيسوي صديءَ ڌاري پوري ڀارت ورش ۾ ڀڳتي ڌارا ڦهلبي رهي. ميرا ،ڪبير، تلسي، سورداس، روئداس، نانڪ، دادو ديال، نرسي مهتا، نامديو، گيانيشور، تڪارام، ديارام ۽ چيتنيہ، راجستاني، هندي، پنجابي، گجراتي، مراٺي ۽ ٻين ڪيترين ئي علائقائي ٻولين جي نظميہ ادب تي ڀڳتي هلچل جو زور نظر اچي ٿو. ڀڳتي ڪال جي ان اثر کان سونهاري سنڌڙي بہ وانجهيل نہ رهي. ايتري قدر جو سنڌ جي شاعرن پير شمس، پير صدرالدين ، عثمان فقير سانگي، خليفو نبي بخش، صورت سنگھہ، روحل فقير، دريا خان، غلام علي ۽ شاهوخان وغيره تہ پنهنجو ڪيترو ڪلام ئي هنديءَ ۾ چيو. ان سان گڏو گڏ سنڌي شاعريءَ ڪي پڻ اوج ملندي رهي. ان طرح ساميءَ تائين پهچندي پهچندي سنت ساهتيہ جي اها لهر سنڌي شعر ۾ چنچلتا کي تياڳي شانت ۽ سيتل روپ اپنايو.

سامي صاحب، موضوع جي لحاظ کان هن دنيا جي ڪثرت کي ڇڏي، اُن ۾ سمايل وحدت کي وڌيڪ اهميت ڏني آهي. هن جي سلوڪن ۾ نہ ڪو سورمو آهي ۽ نہ ڪا سورمي. هو پاڻ کي صرف هڪ عورت جو روپ ڏيئي سرشتيءَ جي مالڪ اڳيان سر تسليم خم ڪندي کيس آزين ۽ نيزارين سان پاڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هو آتما کي پرماتما جو ئي جزو سمجهي ٿو ۽ وڇوڙي جا بند ٽوڙي ساڻس وصل لاءِ واجهائي ٿو. ان سموري عمل ۾ هوُ هر انسان کي پنهنجن جبرن ويرين کان بچاڻ جي تلقين ڪري ٿو. هو سنسار ساگر مان، هر جيو کي سامهون آيل مشڪلات، خوف ۽ خطري کان پاڻ سنڀالي، ڪاميابيءَ سان اڳتي وڌي منزل مقصود يا موڪش پدوي حاصل ڪرڻ جي راه ڏيکاري ٿو. 'ساميءَ جي سلوڪن' ۾ انساني زندگيءَ جو مڪمل چتر ملي ٿو.

مورک کن خوار، چوراسي ۾ پاڻ کي،
اکهين رلين ڪترو، هاڻي ٿي هوشيار،
ملي مهد جنن سان، پنهنجو ڪر اُڏار،
ههڙو سمو سار، 'سامي' لهندين ڪينڪي.

هيءُ مورک ڪوريئڙي وانگر پاڻيهي پاڻ کي ڦاسائي رهيو آهي. هوُ ساڌن جي سنگ ۾ رهي اندر ۾ جهاتي پائي پرين پيارو نٿو پسي. پرماتما اسان جي اندر ۾ وسي ٿو. پر هيءُ مورک ان کان ٻاهر پيو ڳولي. آتم آنند جو امرت يا آب حيات ڇڏي زهر کائي رهيو آهي. آتم ڌن يا روحاني خزانو انسان وٽ آهي، پر بيوقوف انسان انهيءَ ڌن هوندي بہ خوار خراب ٿي رهيا آهن. اهو آتم ڌن جو خزانو سڀ کان مٿي رهي ٿو. مورک ان دروازي کي پريم سان کولي اهو خزانو هٿ نٿا ڪن:

مورک وک کائي ٿو آتم امرت کي ڇڏي،
هيرا لعل اڻ ملها، ٿو رولي وڃائي،
سامي ڏسي ڪينڪي، منهن مڙهيءَ پائي،
هٿ ڪيو هاري ٿو، مانک ديه امول کي.

صلعم، پيغمبر ۽ ڪويس انهن دشمنن کي دفع ڪرڻ لاءِ جاڳيا. پراهي اڄ دشمن اڄ ڏينهن تائين اسان تي غالب آهن. اُهي نه رڳو اسان جي دلين ۾ پاتاري پائي وينا آهن، پر اسان جي ديوتائن جون شڪليون وٺي سڀ شيوا ۽ پوڄا پاڻ ڏي ڇڪيو وٺن. انهن پريتن کي ڪيڻ لاءِ ڪيترائي منتر پيا آهن، پر انهن دشمنن سان اسان جي اهڙي پريت لڳي ويئي آهي جو منتر ساڌڻ جو ڪوبه پڪو په اسان کان بلڪل نٿو اُجهي. 1

مورک انسان پنهنجي ڳچيءَ ۾ پاڻ ئي نوڙي وجهي رات ڏينهن ائين ٿو ناچي، جيئن ڏانور مک مان چار ٿاهيندي پاڻ ئي قيدي ٿيندو آهي. جهڙي طرح پاڻيءَ کي ڪو رنگ روپ ڪونهي، پر ڪنهن به برتن ۾ پوڻ سان اُهو ئي رنگ روپ اپنائي ٿو. اهڙيءَ طرح اسان جي خيال تي به ماحول جو اثر ٿئي ٿو. اهڙن بدلجندڙ خيالن جي چنچلتا کي من چئجي ٿو. من جي اهڙي بي لغام استتيءَ کي قابوءَ ۾ آڻڻ لاءِ پڻ ڪيترائي وسيلا آهن. هن جهان ۾ هر انسان موه مايا، رشتن ناتن ۽ ڌن دولت جي موه ۾ جڪڙيو پيو آهي. ان موه مان چاهنا پيدا ٿئي ٿي، چاهنا جي حاصلات نه هئڻ سبب ڪروڌ پيدا ٿئي ٿو ۽ ڪروڌ ۾ هر انسان پنهنجو وجود وساري، پاڻ کي وڃائي ويهي ٿو، ان عمل کي سر انجام ڏيڻ لاءِ سامي صاحب فرمائي ٿو:

بنا آتم گيان، ممت نه مٽي من جي
توڙي سڀ ساڌن ڪري، پڙهي ويد پران،
سامي سک ساکيات ڪون، اوري ٿيا انومان
گيتا ۾ ڀڳوان ارجن کي ائين چيو.

من روپي مرض کي دور ڪرڻ لاءِ گيتا ۾ ڀڳوان ارجن کي چيو، 'آتما ائين آهي جيئن ڍنڍ جو ڪو مانو پاڻي جنهن ۾ پاڻيءَ جون لهرون نه تيون اُٿن. اهڙي پاڻيءَ ۾ هر چيز پنهنجو عڪس پساني ٿي. اهڙي طرح پنهنجي قبضي ۾ آندل خيال آهي.'' جنهن ۾ اڇا روپي ڪٽ ڪانهي ۽

1- ڪلياڻ آڏواڻي: 'سامي' (انسان جو من ۽ آپو: ديارام گدومل) : صفحه 99

وشيہ جي لحاظ کان ڪنهن بہ شاعر جي ڪلام کي جدا جدا دفعن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. جيئن تہ صوفيانہ ڪلام، ناصحانہ ڪلام، عاشقانہ ڪلام، طبيعي ڪلام، رزميہ ڪلام، مديحي ڪلام وغيره. ساڳي طرح سامي صاحب جي سلوڪن ۾ بہ الڳ الڳ ويچار آيل اهن. جن کي جدا جدا هيٺين عنوانن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

من ۽ آتما جي سڃاڻپ:

انسان جو وڏي ۾ وڏو دشمن من آهي، ۽ وڏي ۾ وڏو دوست، ضمير آهي. من ۽ وويڪ جي جنگ ازلي ۽ ابدي آهي. انهيءَ جنگ کي ست پرشن وڏي جنگ يا جنگِ اڪبر ڪري چيو آهي. سامي ان من کي اهڙو تہ طاقتور دشمن سڏيو آهي، جنهن جي اڳيان وڏا وڏا بهادر بہ پنهنجي بهادري وڃائي ويهن ٿا. سمورو سنسار من جو مطيع آهي. من هڪ اهڙو آتشي اوڙاه آهي، جنهن ۾ هرڪو جيو بغير ڪنهن باه جي پيو پچري. ڪو ورلو انسان ان هيبتناڪ اجگر کان انسان بچي ٿو نڪري، جنهن اڳيان سهسين سورج جي جاءِ ناهي، تنهن اڳيان من جي تابش جي ڇا مجال جو بيهي سگهي:

سارو جڳ نچي ٿو، منن جي محلات ۾
ائئي پهر اندر ۾، بنا باه پچي
ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو، بلا کون بچي
جنهن کي درشٽ اچي 'سامي' سورج سرتي

راج رشي ديوان ديارام گدومل، من جي دهشتناڪ روپ جو ورنن، بي نظير شاعرانہ نموني ڪيو آهي. هو چوي ٿو تہ انهن دشمنن بابت ڇاڻ بہ اٿئون پوءِ بہ اسين اڃاڻ آهيون. انهن کي نڪي سپاه آهي، نڪي توبخانہ. تڏهن بہ حاڪمن کان هو وڌيڪ محڪم آهي ۽ حاڪم خود سندن محڪوم آهن. هي اُهي دشمن آهن، جن کي مات ڪرڻ لاءِ شريعتون ۽ سمرتيون، قرآن ۽ انجيل، اهي سڀ مقدس ڪتاب پرگهٽ ٿيا. وياس ۽ والميڪي، ٻڌ ۽ زردشت، موسيٰ ۽ عيسيٰ، ڪانفيوشس ۽ حضرت محمد

گرمک :

گرمک وڏي شڪتيءَ جو مالڪ هوندي بہ، هميشه جل جيان هيٺانهون ٿو هلي. هو ڄاڻي ڄاڻهار هوندي بہ، سڀ جو داس ۽ نربل ٿي ٿو رهي:

هوندي ٻل نرٻل، 'سامي' ڏٺا سنت جن،
ڌرتي ۽ آڪاس جي، رکن ساري ڪل
ڪيي سڀ خلل، نيوان چلن نير جان.

جيڪو گرمک هر ڪنهن جو گڻ ٿو ڪٺي، اُهو ئي پرم پد پراپت ٿو ڪري. اهڙي پورن شيوڪ جي وڏي عظمت آهي، ڇو تہ هو آخر وڃي، پورن گروءَ جي پدويءَ کي رسي ٿو:

گرمک گڻ ڪٺي، 'سامي' هر ڪنهن جو،
اوديا جي اهنڪار جا، ليکا ڪين ڳڻي،
آتم لک سهي ڪري، سڀ جو داس بڻي،
ورلي ماءُ ڄڻي، ڪا اهڙا پتر انيئي.

گرمک نهايت نيازمندي سان هن سنسار روپي ڀو ساگر مان ڊڄندي ستگر جي شرن اچي ٿو ۽ ڪانئس صلاح ٿو وٺي تہ هن مهاڄار مان نڪرڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي:

ستگر ڪيئن مٽي، اوديا ڪلپت جيءَ جي،
اُٿندي، وهندي، سمهندي، ٿي پل پل منجھ پئي؟

سچو گرمک، هنس مثل موتي ٿو چڳي. هميشه لاڀ ۽ الاڀ، دک سک، هار ۽ جيت کان مٿي ٿو رهي. انهيءَ جوڳ کي، ڪلياڻ جوڳ ڪري ڄاڻايو ويو آهي. گرمک هميشه اهو جوڳ ٿو ڪمائي:

سدا راڄ ۾ جوڳ، گرمک ڪري گيات سان؛
'سامي' جنهنجو ستگروءَ، ڪٽيو هنئين مان روڳ؛
هار جيت سک دک جو، رهي هرک نہ سوڳ؛
توڙي ڀوڳي ڀوڳ، تان ڀي رهي اليپ ڪنول جان.

گرمک، هن ڀو ساگر کان مٿي آڪاس ۾ پرواز ٿو ڪري. جتي

ترشنا روپي لهر عدم پيدا آهي. ان حالت ۾ هر شيءِ ۾ حالت جو صاف فوٽو ڪيناچاجي سگهاجي ٿو ۽ ست چت آنند پڙ پوي ٿو. اهو آتم پد اندرين ۾ واٽيءَ ڪان مٿي آهي. 1

نڪي جيءَ مري نڪي اچي ڳريپ ۾
نڪي پڏي جل ۾، نڪي اڳن جري،
رهي اليپ آڪاس جان، توڙي روپ تري،
سنتن سهي ڪري ساک ڏني 'سامي' چئي

من جو مرض اهڙو ته عام آهي، جو ماڻهن کي سمڪ نٿي نه ٿي رهي، ته ساچي صحت ڇا آهي؟ ساميءَ جي سلوڪ ۾ انهيءَ صحت کي هٿ ڪرڻ جا اُپاوَ ڏيکاريل آهن. جي ساڳيا اُهي آهن، جن جو سيني ترمن ۾ گرنٿن ۾ بيان آيل آهي. گيرب ڇڏڻ يا هٺ هارڻ، مڙني طريقن ۾ مول طريقو آهي. جن پنهنجي محبوب اڳيان ادب سان عاجزي ڪئي، سي ئي آتمڪ سيج جا حقدار ٿين ٿا.

هئي هٺ وڃاءِ، متان ڏسين ڏک ڏهاڳ جا،
ڪر ادب سان عاجزي، پاند ڳچيءَ ۾ پاءِ،
من مت ڇڏي ڪري، چت چرنن سان لاءِ،
پريءَ کي پرچاءِ، ته 'سامي' پائين سيج کي.

آتما ڪارج ۽ ڪارڻ پاڻ آهي. پورن آتما مان ئي سڀ جهان اُپجي نپجي ۽ لين ٿئي ٿو. پري ڪان پري ۽ اوري کان اوري آتما ئي آهي. سورمن اها يوگ ۽ ڌيان وسيلي هردي اندر ئي پاتي آهي. اها آتما ست، چت، آنند روپ آهي. سامي صاحب چوي ٿو :

سامي گهر ۾ گهر، تنهن ۾ گهر اڳهر ٿئي،
پاڻ گهرن کون پارٿي، انيڪ، پرک امر،
پيهي ڏس پرتيت سان، دل جو کولي در،
ڪيي غير ڏناجر، ميلو ڪر محبوب سان.

1- بي ايڇ ناگراڻي: 'ساميءَ جا سلوڪ' (پاڻو پهريون) : صفحه 93

ڀڳتيءَ جي مهما:

سامي، پريوءَ جي ڀڳتي کي زندگيءَ جو آخرين مقصد ڪري سمجهيو آهي. هو ايشور جي ڀڳتن جي مهما ٻڌائيندي چوي ٿو:

وڏي وڏائي، 'سامي' چاڻ ڀڳت جي؛
نيچ اوچ ٿيا ڪيترا ڪري ڪمائي؛
ڏيڍ چمار جولاها، پيپاجارا نائي؛
جنين لنو لائي، سي سيپئي ستريا.

اهڙا مها پريوءَ جا پيارا، جي ايشور جو ڌيان ڪن ٿا، ته ايشور به پڻ سندن ئي ڌيان ڪري ٿو. ان لاءِ اها ڀڳتي پريم ۽ شرڌا سان ان لاءِ خودي خواري مٽائڻي آهي. سمجهه سان ئي اڀيد جو ڀيد پوندو:

ڀڳت ورائي گيان، جيئن موتي آب ري،
ٻوڏ ورائي نه مٽي، اوديا جو ايمان،
سماجهي ڏس 'سامي' چئي، ڪيي سڀ انومان،
نرمل پد نرٻاڻ، حاضر ڏسين هٿ تي.

سامي چوي ٿو ته، ''انيئه جوت اندر ۾ سته سڌ ٻري'' ان سان سندس اشارو اُن آتما سان آهي، جيڪا پنهنجو اشارو پاڻ آهي. ساميءَ اُن جي ڀيٽ هڪ لڳاتار ٻرندڙ جوتي سان ڪئي آهي. هن برهم کي سوکيم کان به سوکيم ڪري سڏيو آهي. ساميءَ، آتما جي سوکيمتا جو وستار ڪري ڀڳوت گيتا جي فلاسافي بيان ڪندي چوي ٿو:

جاڳيو جاڳائي اپروک لکايو آتما،
ڇيديو ڀيديو نه وڃي، پون نه سڪائي،
جل نه ٻوڙيءِ، ڌرتي نه دٻي، اگن نه جلائي،
نڪي ڪال کائي، 'سامي' پرڪاسي سڀ ڪي.

سامي صاحب، انسان، آتما ۽ پرماتما کي هڪ ئي وستو ڪري مڃي ٿو. جيو جڏهن پاڻ کي، برهم کان جدا وجود سمجهي، برهم جي ڳولها ۾ پئي ٿو، تڏهن ساميءَ کي انسان جي اٻوجهائي تي حيرت ۽ کل اچي ٿي:

سنساري بڪ ۽ اُج جو مٿس ڪو بہ اثر نہ آهي. هوُ هميشه روحاني خمار ۾ ٿو رهي ۽ پنهنجي آتمڪ مقصد کان پري نٿو هٽي:

جوڳي سي چئاجن، جي منجهي ويس اويس ٿيا،
مندرا پائي من ڪي، بکيا پوڇن ڪن،
سڱي وائين سهج جي، مڌ آڪاس رهن،
ڪڏهين ڪين وهن، پو ساڱر جي پيٽ ۾.

سامي صاحب، ساچن گرمکن جي بيحد اُستتي ڪئي آهي ۽ انهن جي گڻن جو وستار ڪيو آهي. مايا، تياڳين ۽ ويراڳين کي بہ مستانو بڻائي ڇڏيو آهي. پر گرمک کي، ستگرو جو اهڙو ڪو سيتل ڀاڻ لڳو آهي: جو هو اوديا کي وساري ڀاڻ کي هن فاني جهان ۾ محض مهمان ڄاڻي، ڪايا مايا ڪل جي ايمان کان مستقل پري ٿو رهي. هوُ پنهنجي اندر جون اکيون کولي. جيئري ئي نرباڻ پد پائي ٿو:

سدائين مهمان، گرمک ڄاڻي پاڻ کي،
ڏٺو جنهن گرگيات سان، فاني سڀ جهان،
ڪايا مايا ڪل جو، رکي نہ ايمان،
پائي پد نرباڻ، 'سامي' رهي سيپاءَ ۾.

ڪامل مرشد، پنهنجي عقيدت مند سالڪ جي خوديءَ ۽ بيائيءَ جا پردا دور ڪري ڇڏيا آهن. جنهن ڪري اُهي هرهڪ چيز ۾ پرماتما کي ڏسن ٿا. پوءِ اُهي ڪنهن سان ڪوڙ ڪپٽ ڇو ڪن؟ جيڪي ساچا شش آهن، سي موه ۽ خودي ڇڏي هميشه پريم ۾ ورتل رهن ٿا، ۽ هر ڪنهن هڪ صاحب جو ديدار ڪن ٿا. اهي پرماتما جو درشن پائي، سک ولاس کان پري ۽ بي پرواه رهن ٿا. اهي اهڙي شڪتي حاصل ڪندي بہ پاڻ کي ڪجهہ نہ ٿا سمجهن. هميشه ڌڻيءَ جي ڌيان ۾ رهن ٿا ۽ خوشيءَ جا راڳ ڳائين ٿا. هن سنسار ۾ اهڙا گرمک ڪي تمام ٿورا آهن. جي دنيا کان اُداس رهن ٿا. اُن کي فاني سمجهن ٿا: ۽ پوننر وانگر واس وٺندي سڀ ڪنهن هنڌ پرماتما پسن ٿا.

پريم کان پوءِ ڀڳتيءَ جو ڏاڪو آهي، جيڪو ڀڳتي ڪمائي ٿو، ڀڳوان جو سچو ڀڳت ٿيندو، اُهو ئي ان جو لاڀ حاصل ڪري سگهندو. شاسترن ۾ نون قسمن جي ڀڳتيءَ جو بيان آيل آهي؛ پر انهن نون قسمن جي ڀڳتيءَ جو ٿوري ۾ مطلب ڏسجي ته اُهو ٿيندو لوڪ ۽ پرلوڪ يعني ٻنهي جهانن جي سک جي خواهش ڇڏي، هڪ پرماتما جي درشن جي اڇا رکي اُن جو سمرڻ يا ذڪر ڪرڻ. اها آهي ڀڳتي يا عبادت. جيئن ساميءَ پنهنجي سلوڪن ۾ پڻ چيو آهي ته جيڪي سچا ڀڳت يا عابد آهن، سي راڄ ڀوڳ، سک ۽ سرڳ جي اڇا رکن ئي ڪانه.

جيئن ڪنهن شاعر چيو آهي:

چاه مٽي چنتا گئي، منوا بي پرواه،
جن کو ڪڇو نہ چاهيي، سو ئي شهنشاه.

سچو ڀڳت، اندر ۾ ئي آنند پراپت ڪري ٿو. تنهن ڪي سامي ۽ ٻيا سنت آتم آنند يا برهم آنند سڏين ٿا. اندر جا نظارا پسي آتما جو درشن ڪرڻ، تنهن کي آتم پد چون ٿا. اهو انسان آتم آنند پراپت ڪري، انسان پاڻ ڀلجيو وڃي، ڪيس هن ڪي دنيا جي ته ڇڏيو پر پنهنجي سرير جي بہ سڌ نہ ٿي رهي. ساميءَ چيو آهي، ”گونگو کائي ڳڙ، ڪشڪي مشڪي ڪينڪي.“ ڀڳت نامديو چيو آهي، ”گونگي مها امرت رس چاکيا، پوڇي ڪهن نہ جائي هو.“ سو هيءَ گونگي واري مٺائي کائڻي آهي. ان جي آنند جي بيان ڪرڻ وقت زبان بند آهي. ڪو اندر ۾ پيهي اهي نظارا پسي ڏسي.

بصره جي شهر ۾ بيبي رابع بصريہ، هڪ مشهور ڀڳتياڻي ٿي گذري آهي. هڪ ڀيري آسمان ۾ جهڙ اچي ٿيو. ڏاڍي وٽندڙ هير پئي لڳي ۽ ڪڪرن مان ٿوري ٿوري بوند پئي وسي. ڏاڍو دلڪش نظارو هو. انهيءَ وقت بيبي رابع بصريہ اندر ڪوٺيءَ ۾ پنهنجي ڌيان يا مراقبي ۾ ويٺي هئي. سندس ساهيڙين مان ڪنهن هن کي چيو تہ، ”بيبي صاحبہ اندر اونده ۾ ڇا ويٺي ڪرين؟ ٻاهر اچي ڏس، ڇا تہ نظارا لڳا پيا آهن!“ بيبي

حيرت ائون هاسو، اچي هڪ اچرج تي،
مني ويٺو پاڻ کي، ابناسي ناسي،
سدا ڀوي 'سامي' چئي چت ۾ چوراسي،
خودري خلاصي، ڪري ڪير ڪرتار جي.

سامي ۽ پوين سلوڪن ۾ ان ڀڳت جي مهما ڳائي آهي، جنهن ان جو ٻاڄ پاڻ وٽ ڀوڪيو آهي. اهڙو انسان تدروپ ٿي، امرت ڦل کائي ٿو ۽ ديه ڏاريندي ٻه وديهي رهي ٿو. فائدي ۽ نقصان کي ڪوڙ سمجهي، هار ۽ جيت کي نه ٿو ڳڻي، سڀ منن ميٺي، سڀ کي پريم رس پياري ٿو. تن، من، ڌن، ان سڪ تان قربان ڪري ٿو. اهڙن ڀڳتن کان ڀڳوان پلڪ پرانهون نٿو ٿئي:

ڀڳتن کون ڀڳونت، پاسي ٿئي ڪينڪي،
کائي ڪاچٽي ڪير، ساڳ ڪلا ائون ڀت،
'سامي' سڀ ۾ سار، جن چاتو آتم تت،
رکي نه من ممت، چاٽي روپ سڀ تنهنجا.

سامي ڀڳتن جي اهڙي ڀڳتي ڏسي چوي ٿو ته مالڪ پاڻ ڀڳتن هٿان وڪاڻو آهي. ان ڪري ستگر کان ان جو پيد پڇي ٿو:

ڀڳتن هٿ ڀڳوان، ڪيئن وڪامي وس ٿيو؟
'سامي' چئي هي ستگرو، پرچي ڏي پرماڻ،
ڪيائون سڪ ساچي ۽ سان، تن، من، ڌن، قربان،
پائي پد نرباڻ، مائل ٿيا مهراڻ ۾

اها ساک نه فقط سامي ۽ ڏني آهي پر گورک، نادر، دت، سکديو سيني ائين چيو آهي. اهڙو ڀڳت اچا رهت ٿي ٻين جون اڇانون پوريون ڪري ٿو ۽ سندس جيون ٻين لاءِ آنندمئہ بڻجيو پوي:

جيئن هريو درخت، ڇايا، ڦل، سک ڏئي،
تيئن سڀ ڪارج ڪري پاڳوتي ڀڳت،
رکي نه رتي ۽ جيترو، مايا موه ممت،
عين اپيد اپرت، 'سامي' رهي سياو ۾.

ويساهه جي مهما ڳائيندي چوي ٿو:

وسيا سي واصل، وچي ٿيو وحدت ۾؛
جتي تون مان ناهه ڪو، نڪو هيبت هل؛
روپ، رنگ، پن پاڙ ري، ڪليو غيبي گل؛
ڪرانت جنهن ۾ ڪل، سورج چندر چراغ جي.

پاونا:

روحاني پانڌيئڙن لاءِ بيشڪ ويساهه وڏي وٿ آهي، پر ان سان گڏ گرو يا ايشور، پاونا به ڏسندو آهي. ان ڪري سامي صاحب صلاح ڏين ٿا ته پنهنجا ارادا نيڪ رکو:

سڀ ڪي ڏئي ڦل، 'سامي' پنهنجي پاونا،
چون ويد پران ٿا، ايها ڳالهه اصل،
ڏنائون ڪري دزمل، حاضر شيشو هٿ ۾.

جهڙي پاونا رکبي تهڙو ئي ڦل ملندو. ساميءَ پڇاڙيءَ وارن سلوڪن ۾ ان پاونا جو تت هيٺينءَ ريت ٻڌايو آهي:

پاونا ڪري پوُت، راڪس، مانڪ ديوتا؛
پاونا ڀڳت گياني، اچرج اوڌوت؛
پاونا پرت، استري، گرو چيلو پوُت، ڪپوُت،
'سامي' سڀ جو سوُت، پاڳوتن پائنا چئي.

چوراسي لک جوڻين جي پاڙ، پاونا آهي. پرم ۾ وجهي، پرم مان ڇڏائي، گيان، ڌيان، مورک، مسخرو، پاپي، پاکنڊي، مطلب ته هر حالت جي پاڙ پاونا ئي آهي.

ساڌ مهما:

ساميءَ پنهنجن سلوڪن ۾ ساڌ مهما ۽ ساڌ سنگت جي تمام گهڻي ساراهه ڪئي آهي. ساميءَ ساڌ مهما ڳائيندي ڪابه ڪسر ڪانه ڇڏي آهي. هُن پنهنجي سلوڪن ۾ جاءِ بجاءِ انتهائي شرڌا وچان انهن مهاتمائن جي ساراهه جا ڍڪ پريا آهن. سامي صاحب کين 'اننت اپڪاري'، 'پوجڻ يوگيه'،

صاحب اندران جواب ڏنو تہ ''توهين انهن ٻاهرين نظارن تي حيران ٿي ويا آهيو، پر پنهنجي اندر ۾ پيهي ڏسو تہ ڪهڙا نہ اسرار لڳا پيا آهن!'' اهڙا حيرت ڀريا عجب اسرار، ڀڳتن جي شرڌا ۽ ستگرن جي مهر سان ئي پڙ پون ٿا:

ڀڳت ڏني ڀڳوان، جنهن کي پرچي پانهنجي
تنهن 'سامي' سيئي، ڪيا جپ تپ دان اسنان،
جنم مرڻ دک سک جي، ڪلپت رکي ڪان،
ائين ويد پران، چون وڏ ويچار سان.

ويساه:

ساميءَ جي سلوڪن ۾ ويدانت جو وڏيڪ حصو آهي. عوامي طرز جو شعر سندس سلوڪن ۾ گهٽ ٿو ملي. ساميءَ جي سياو ۾ ڌارمڪتا جو انش جهجهو آهي. ان سان گڏ ساميءَ ستگر ۽ ايشور ۾ ويساه تي زور ڏنو آهي. سامي صاحب، ويد، پراڻ، سڌ، ساڌ سيئي پاڇي، اسان کي اها سکيا ڏني آهي تہ ستگروءَ جنهن کي ويساه ڏنو آهي، تنهن پرچي پريم نگر جي راه لڌي آهي:

وڏو چاڙ ويساه، 'سامي' سيڪنهين ڪون؛
ويد پراڻ مٿي ڪري ڪيو اهو راهُ؛
انترمک اچي ڪري، سماجهي ڪري سماءُ،
چڏ وڏائي واءُ، تہ سهجي ملني سپرين.

سامي صاحب چوي ٿو تہ، ويساه تمام ضروري آهي. جن کي ويساه ناهي، انهن کي ماڳ ملڻ محال آهي. آتم ديس جو راجا بڻجڻو آهي تہ گروءَ جي وچن تي ويساه رکڻ گهرجي. ويساه رکڻ سان ستگروءَ جي اهڙي مهر ٿيئي ٿي، جو پريم نگر جي راه ملي ٿي. اهڙن گرمکن کي پنن ۽ پوٿين جي ڪاڻ ڪانهي. چو جو هوُ گرگيات سان پاڻ کي ڦرني ڪان ڦيري وجي آتم راه کي رسيا آهن. هنن لاءِ من مترا، دل دوارڪا ۽ ڪايا ۾ ڪاشي آهي. هنن جي چت ۾ چيتن الک ابناسي وسي ٿو. سامي، اُن

اهڙا مهاپرش ڪنهن کي به چگن ڪمن ڪرڻ کان روڪن نه ٿا هو هر ڳالهه کان مٿي آهن. هو پريم جي پاڻيءَ سان دل جو شيشو ڌوئي صاف ڪن ٿا. اندر ۾ هر پل پريوءَ کي پيا ياد ڪن؛ پر ٻاهر ٻاق به نٿا ڪين:

ورلا جن ڪيئي، ساڌو هن سنسار ۾؛
ڪيڍيا جن اندر مون، سنسا سپيئي؛
سهي ڪيائون سپ ۾ پرين کي پيهي؛
سنمک ٿيا سيئي، 'سامي' سپرين سان.

سامي پنهنجن پوين سلوڪن ۾ فرمائي ٿو ته سارو جهان وويڪ سان جاچي ڏٺم، پر ساڌوءَ سمان ڪوبه ڪونه ڏٺم يا ٻڌم. هو آتم گيان ڏيئي من سيتل ڪري ٿو. ڪلپت ڪٽ لاهي ٿو، پر وٽس ويساه کپي. ڪو شرڌا سان وڃي، هٺ هاري، سرن پئي ته هوُ سندس ڪارج سڌ ڪري:

ساڌوءَ جي سرني، لکين لوڪ تري ويا،
سڪي ٿيا 'سامي' چئي، وچن صاف مني،
پرتک ڏسن پانهنجا، ٻيڙا لڳا ٻني،
ڪبير، روئداس، ڌني، ساک ڏني سيني ساچي.

اهڙو ساڌو جن، سوروير سپاهي آهي، جو من مواس کي جيتي، عدل الاهي هلائي ٿو ۽ سپ ۾ پرميشور کي پسي ٿو. هن جي ڪرپا سان گرمک جا ٻيڙا ٻني لڳن ٿا. تنو ڪوٽ جنم سيتل ٿئي ٿو. ڦرنو، هميشه لاءِ مٽي وڃي ٿو:

ڪليو، بيحد باغ، انيئه جي آڪاس ۾،
'سامي' گل سپ رنگ، ڀڳت، جوڳ ويراڳ،
سئل ڪري ساکي ٿي، ڪو ساڌو جن سڀاڳ،
ڦرني بنا ڦاڳ، پل پل کيلي پيءُ سان.

ساڌ سنگت:

ساميءَ موجب انسان کي ساڌن سنتن جي شرن وٺڻ گهرجي. انهن جي قربت ماڻي ڪانئن سچي دل سان سکيا ۽ اُپديش وٺڻ جڳائي. اهڙن

’ڀڳونت جا ڀڳت‘، ’نرمل نرالا‘، ’ديال پرک‘ وغيره جي وصفن سان ورنن ڪيو آهي. ساميءَ ويد پراڻ پڙهيا، تپ ڪيا، ساڌن ڪيا، پر ان مان ڀاڻ هن جو اهم ڀاو وڌيو ۽ ممتا ميل نہ مٽي. آخر ستگروءَ ٿي پنهنجي مهر سان پارس مثل، گرمک ڪي بہ ساڌو ڪري ڇڏيو:

ٽوڪي وڇائي، ڏئم جيءَ جهان جا،
سڀ ڪو مطلب پنهنجي، ڍنڍي ڳالهائي،
مطلب ري ڪو مهد جن، ’سامي‘ سمجهائي،
ممتا مٽائي، نرمل ڪري نيپ جان.

’سامي‘ چوي ٿو تہ ”جيڪي ساڌو جن آهن، سي جهان کان اُلٽي هلت هلن ٿا. دنيا جا ماڻهو لهوارا لڙهندا وڃن، لڙهندا لڙهندا آخر وڃيو سمنڊ ۾ غرق ٿين؛ پر جيڪي مهاپرش آهن، سي جنهن پاسي نديءَ جو منهن آهي، انهيءَ پاسي هلندا هلندا آخر وڃيو پنهنجي پرماتما سان ملن ٿا. اهڙا مهاپرش اڃانگ ماري هڪ کن ۾ هن ڀو ساگر کان وڃيو پار پهچن ٿا. اهي پنهنجي اندر مان سڀ خيال ڪڍي، سدائين حال ۾ مست ۽ لعل رهن ٿا“:

سدا سم رهن، ساڌو جن سنسار ۾؛
ٻڌن ڳالهائين من ري، نيڻن سان نرگن؛
ڪائين پيئن خوش ٿي، هاج سيائي ڪن؛
هلايا هلن، ’سامي‘ سپرين جان.

اهي ساڌو پرش هن جهان ۾ پوتر بادل وانگر آهن. جهڙيءَ طرح ڪڪر، پاڻيءَ جي برسات وسائيندا آهن؛ تهڙيءَ طرح اهي مهاپرش، پوتر آتم گيان جي علم جي برسات وسائين ٿا. انهيءَ گيان جي جل سان اندر مان اگيان روپي ميل توني لاهين ٿا ۽ پرماتما جو انيوءُ ڏين ٿا. ساڌو جن هن دنيا ۾ سم ڀاو سان رهن ٿا. هو پنهنجو آپو ڪيي ڇڏين ٿا ۽ سڀني کان الڳ رهن ٿا. هو ڪنهن جي بہ پرواه ڪونہ رکن. پنهنجي آنند ۾ مست ٿو خوش رهن ٿا. ساڌو جن هن دنيا ۾ ڪنهن بہ ڀيد ڪانسواءِ سڀني جو اپڪار ڪندا رهن ٿا. انهن ترم جي ٽيڪ وٺي پنهنجو آپو ڪيي ڦٽو ڪيو آهي. اهي مهاپرش ڀڳتيءَ جو جهاز جوڙي ساڃيءَ دنيا کي تارين ٿا

ڌاري جدا جدا ويس ڪري مختلف پارٽ ادا ڪري ٿو، تئين ئي هيءَ ناگر نٽ پڻ ڪري ٿو. ڪٿي پير، فقير ٿيو آهي ته ڪٿي شيخ، ملا ۽ قاضي. ڪٿي گيانوان ته ڪٿي سوربير داتار، مطلب ته طرحين طرحين روپ ۽ رنگ آهن. سامي هن قادر جي قدرت ڏسي نري ٿو. هوُ نه صرف انسان، پر ساري مخلوقات ۾ هڪ ئي ايشور کي پسي ٿو؛

آيو ناگر نٽ، بيک ڌاري بازار ۾،
'ٻانيڻ' چو ٻيائيءَ ري، ڪيڻي ويٺو هٽ:
پاڻ واپاري وڻج ٿيو، پاڻ تارازي وٽ،
رعيت راجا پاڻ ٿيو، ڪائر سور سڀٽ،
پاڻ ڪنير آوي ٻٽيو، چڪ متي، گهٽ مٽ،
پاڻ ڦول ڦل پتر ٿيو، پاڻ ڌاري ٻج، پٽ،
اندر ٻاهر ده دسا، کيلي گپت پرگهٽ:
پرچي کوليو پٽ، پاڻ لکائي پاڻ کي.

ساميءَ جي آخرين سلوڪن ۾ سائينءَ جي ساراه چڱي وستار ۽ گنڀيرتا سان ڪيل آهي. هو اسان کي ٻڌائي ٿو ته الک پرک پاڻ سنسار جو سير ڪرڻ آيو آهي ۽ هڪ کن ۾ خيال سان ساري جڳ جي رنگ ٻري رچنا رچائي اٿس. ايشور، نيپ جيان اندر ٻاهر وياپڪ آهي. سامي سوال پڇي ٿو:

ٻولي، ٻڌي ڪير، 'سامي' سڀ گهٽن ۾؟
چيو وچي نه منهن سان، ناچ نرمل نروير؛
جنهنجو روپ نه رنگ ڪو، نڪو سر نه پير:
گهڙي لهندي گهير، تڏي پاڻ نه رهندءِ پاڻ ۾.

رب بنا ڪوبه رفيق ڪونهي. جڏهن ستگرو، گيان جي جوت سان اوديا جي اونده لاهي، روشني ڪري ٿو، تڏهن ئي خبر پوي ٿي ۽ اهو گرمک ساميءَ جيان چوي ٿو:

مهاپرشن جي لڙه لڳڻ سان هرديه مان سڀ وهم وسوسا متجي وڃن ٿا. هيءَ جهان هڪ خواب مثل ۽ ڪوڙو آهي، سو اُن کان وسري ويندو ۽ منشيه جنم مرڻ جي دک کان ڇٽي مڪتي پراپت ڪندو؛ ڇاڪاڻ ته جيستائين انسان جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچي دک پيو ڀوڳيندو تيسين هن کي پورو آرام يا آنند پراپت ٿي ڪين سگهندو. تنهن ڪري ڪيس ڇل ول، ڪوڙ ڪپٽ سڀ ڇڏي سنتن جي شرن اچڻ سان ئي اهي سنت سندس سک ڏسي، ڪيس پرماتما جو پٽ ڏيکاريندا.

جنهن دل ڏيئي، 'سامي' ساڌ سنگت ڪي،
متيا تنهن جي من مون سنسا سڀئي:
ساڌ چڙهيو سر تي اُروار پارهيئي:
درشٽ وجي پيئي، سته ستـ سروپ تي.

سنتن جي سنگ ڪرڻ سان جگياسوءَ جي اندر مان اگيان دور ٿي ويندو آهي. جنهن کي ساڌن جي سنگ جو مزو آيو آهي، تنهن پنهنجي من کي قابو ڪري، سڀ ڀرم ۽ سنسا متائي سم درشٽيءَ جو سک حاصل ڪيو آهي. جنهن انسان پنهنجي جيئري ئي مري پنهنجو آپو وڃائي، مهاپرشن جو سنگ ڪيو آهي، سو پرماتما جو اجهو نٿو ڇڏي ۽ سڄو سنسار پرميشور ۾ سمايل ڏسي ٿو:

ڪيتري ٻُٽيان مهما ساڌ سنگت جي
ستـ ساڌڪ جوڳي جتي گاون سهس ڦٽيان
جنڪ، سنڪ، سڪديو دت، 'سامي' داس ٻٽيا
جن کي واڪ وٽيا، سي سڀئي ستريا

ايشور مهما:

ايشور من، ٻڌي، وانيءَ کان آجو آهي. ان جو نه آد آهي ۽ نه انت، نر آڪار، جڳ ۾ آڪار ڌاري آيو آهي. انسان، مايا جي وس ٿي ڪيس سڃاڻي نٿو سگهي. اها ئي سندس ليلا آهي. جيئن ناٽڪ ۾ ڪو ويس

گياني، ڌياني گرهستي، 'سامي' پنڌ پيا:
سيئي غيب ٿيا، تو ڇا سمجهيو پاڻ کي؟

ڪايا، مايا، ڪل جي وڏائي ڪوڙي آهي. اها پل ۾ پرائي ٿي وڃي ٿي. جيئن سپني جو سک جتاءُ نہ ٿو ڪري. جيئن جل ۾ بدبدو ست نہ ٿو جهلي جيئن ڪنهن درخت جي ڇانو، جتاءُ نہ ٿي ڪري، تيئن سڀ سک بہ طلسم جي پيداوار آهن. ايمان ڇڏي، سمرڻ ڪرڻ ۽ ساڌ سنگت سان واٽ وٺي سگهبي، نہ تہ پوءِ هٿ هٽئا پوندا:

ڪير نہ سار سهي، ديهي دپ پاٽي ڪري:
نانا لوڀ لهر ۾، ويو جيءُ وهي:
'سامي' سنگ ڪونہ ٿيو، اڇي چوٽي ڪال گهي:
جهڙي مان ڪئي، تهڙي انڌو پيي نہ ڪري!

جڳت جا ڏيک اَست آهن. ڪڏهن ڪال اچي، خبر نہ آهي. عمر هٿن مان وڃي ٿي گذرندي. من کي مايا کان موڙي، انتر مک آتجي، تڏهن ئي جوڳ ۽ ويراڳ ورتي حاصل ٿيندي:

بنا ويراڳ ويچار، ڪنهين پد پاتو ڪينڪي:
ٿڪي بيٺا ڪيترا، حيلا ڪري هزار:
ائين چون سڀ انيئي، دردوند داتار:
بٽي هسوار، سدا رهن 'سامي' چئي.

تياڳ ورتي پريمَ جي پانديئڙي کي ويراڳ جي پٽ تان اُڪتي وٺي وڃي، سالڪ کي مالڪ سان ملائي ٿي. پر اهو اهم ياو ۽ ڪايا، مايا، ڪل جو ايمان ڇڏڻ آسان نہ آهي:

تياڳيو جنهن اهنڪار، تنين سرب تياڳ ڪيو:
'سامي' سيتل جل جيان، ٺري ٿنڙو ٺار:
اندر ٻاهر ده دسا، ڏسي ساکي سار:
ڇاٽي سڀ سنسار، ڪلپت پنهنجي جيءَ جي.

عاشقانہ شعر:

جڏهن ڪنهن ڪلام جو موضوع، حسن ۽ عشق سان وابستہ

سچڻ جي سوپيا، ڪهڙي چوان مک سان؟
’سامي‘ سهسي سچ چنڊ، لڄامان ٿيا،
پاڇي ڏس تنين کون، جن ديدار ڪيا؛
لنگهي پار پيا، سنسي جي ساگر کون.

گيان يوگ؛

سامي صاحب، شيوا سان گڏ من وس ڪرڻ جا ساڌن پڻ ٻڌائي ٿو. گروءَ جي گيان موجب رهڻي هئڻ گهرجي. شيوا ذريعي پاڻ ماري، اندر صاف ڪجي. ان سان گڏ ويراڳ ورتي ڌاري ايڪانت واسي ٿي، شڌ ويچارن سان چنڊ چاڙ ڪبي، ته سمورو اهنڪار مٽي ويندو:

ايڪانت ري اهنڪار، ڪنهنجو مٽيو ڪينڪي،
سمجهي ڏس ’سامي‘ چئي، تون ڪري سڌ ويچار؛
ته ساکي سرجڻهار، ڏسين ساريءَ وس ۾

اوديا جي اونده ڪرم سان ڪين مٽبي. جيسين وويڪ سڄاڳ نه هوندو ۽ اجايا وهم مٽائي ممتا جي ڪٽ پنهنجي من مان ڪوري نه ڪيي آهي. تيسين حق ۽ سچ جي منزل پاڻ ڪٿن آهي:

ڦرني منجه سنسار، ڦرنو ڪلپت پانهنجي؛
جيئن سپني ۾ سڌ ٿيو، اڻ هوندو وهنوار؛
سمجهي ڏس ’سامي‘چئي، تون ڪري سڌ ويچار؛
ته اوديا جو اهنڪار، مٽي وڃيئي من مون.

ويراڳ:

سامي صاحب، انسان کي هن دنيا جي دوزخ مان ڪٽي، دلبر جي ديس وٺي وڃڻ لاءِ ويراڳ جي سٽي واٽ ٻڌائي آهي. پير، پيغمبر؛ جن پنهنجا پنٿ هلايا. جن جي هٿن ۾ رڌي سڌي هئي، جن مانک، راڪاس، ديوتا سڀ وس ڪيا. اُهي به لڏي ويا، ته هيءُ ناسونت شرير ڪيئن اسٿت رهندو:

ڪري ڪوچ ويا، سيئي سنسار مون؛
پير پيغمبر اوليا، جن پنهنجا پنٿ ڪيا؛

ساڳيل ۽ سامي به ان لاءِ آتا رهيا. انهن ٽنهي شاعرن جي فڪر ۾ يڪسانگي ۽ اڳتي هلڻ جا پنڌ ۽ پيچرا تقريبا ساڳيا ئي آهن.

زندگيءَ جو سفر اجهاڳ ۽ اٿاگو آهي. ان رستي ۾ ڪيترا ئي ڪُن ۽ ڪڙڪا، خوف ۽ خطرا آهن. زندگي ٻاہرن ڪندن تان هلڻ جو پيو نالو آهي. اهي لڪ ۽ پيچرا، پنڌ ۽ پار، اوڪا ۽ اٿاگا آهن ۽ صرف ڪنهن اعليٰ مقصد جي تانگهه ۽ طلب ئي انهن رڪاوٽن مان پار اُڪاري سگهي ٿي. اهي تمام وهم ۽ وسوسا، مصلحتون ۽ مونجهارا انسان کي ڀنيلائڻ،پريائڻ، ڊيڄارڻ ۽ مقصد کان ٿيڙڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، پر زندگيءَ جو اعليٰ مقصد، ڪوشش، جهدوجهد ۽ مالڪ حقيقيءَ لاءِ سچو عشق ان اٿانگي سفر مان پار پهچائي ٿو.

هر شاعر، عاشق آهي. دنيا ۾ ڪوبه اهڙو شاعر پيدا نه ٿيو آهي، جنهن جي جهول ۾، عشق جي چڻگ نه پيئي هجي، يا جو اُن جي اثر هيٺ نه آيو هجي، دنيا جو ڪوبه شاعرانه دفتر عشق جي وجود کان خالي نه آهي. مشرقي شاعر، اُن جو نالو ڪٽڻ سان ئي وجد ۾ اچي ٿا وڃن. مولانا رومي چوي ٿو، ته عشق ۾ اهڙو ته ٻجليءَ وارو اثر آهي، جو اُن جي نالي ٻڌڻ سان، جبل به جنبش ۾ اچيو وڃن ۽ نرتيه ڪرڻ شروع ڪن ٿا:

ڪوه در رقص آمد وچالاڪ شد

محبت جي اُڃ ڪڏهن به اُجهامڻ جي نه آهي. پريڻءَ جي عشق جي تونس ۾ سمورو سمنڊ پيئجي به جيڪر اُڃ نه لهي. جيئن جيئن محبت جو جام وڌيڪ پيئبو، تيئن تيئن اها تشنگي زور پيئي وٺندي. دنيا جا تمام شاعر مجازي يا حقيقي عشق چڻگ کان آجا رهي نه سگهيا آهن. ايترو ضرور آهي ته سندن عشق جي گهرائي ۽ اهڙي جنون جي حد الڳ الڳ آهي. ساميءَ جي ڪيترن سلوڪن ۾ پڻ وره جا ورلاپ ڪيل ڏسجن ٿا، جن مان سندن داخلي حالت جو عڪس ملي ٿو. هن صاحب عشق جي ٻرندڙ ڪوري کي گيان جي چنبي سان ڇُهائي، اهڙو ته ٿاري ڇڏيو جو ٻاهر ٻاڦ ڪيڻ نه ڏنائين. سامي اهڙو يگانو عاشق آهي؛ جنهن

هجي. جڏهن ڪو شاعر پنهنجي لفظن کي شعر جو روپ ڏيئي، پنهنجي محبوب سان هم ڪلام هجي، اهڙي شعر کي 'عاشقانه ڪلام' چئجي ٿو. ان کي وري ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ 'مجازي' ٻيون 'روحاني'. 'مجازي ڪلام' معنيٰ جنهن ۾ دنيا جي رهندڙ انسانن جي عشقيہ ناتن جي تصوير ڪشي ڪئي وڃي يا جنهن ۾ هڪ عاشق، فراق جي درد کان بي حال ٿي آهون ۽ دانهون پري ۽ محبوب سان ملڻ جي واٽن لاءِ واجهائي، اهو ڪلام مجازي دائري ۾ شمار ٿيندو؛ ۽ جڏهن خدا کي پنهنجي پرينءَ جو روپ ڏيئي وصال لاءِ تڙپ هجي تہ اهڙي شعر کي روحاني دفعي ۾ ڳڻي سگهبو. سامي جيئن تہ سنساري عشق ۽ محبت کان بي نياز هيو، تنهن صورت ۾ سندس هر سلوڪ صرف آتمڪ عشق جي اُڃ ۽ اُساٽ جو آئينہ‌دار آهي.

انسان جي ڪهاڻي ايتري پراڻي آهي جيترو سندس وجود. ڪهاڻي، پيار ۽ محبت کان شروع ٿئي ٿي. ان جي آغاز سان نئي رشتن جي تخليق ۽ ان سان گڏ نفرتن ۽ ڪدورتن جو جنم ٿيو. انين اها ڪهاڻي پيار، محبت، امن ۽ آشتيءَ سان گڏ حيوانن جي گمراهيءَ جي ڪهاڻي بڻجي تاريخ جي صفحن تي ڦهلبي رهي آهي. انسان جي ان ٻئي اونداهي، نفرتن واري رخ کي ختم ڪرڻ لاءِ پريو پاڻ ڪيترائي دفعا اوتار وٺي ڌرتيءَ تي ايندو رهيو آهي. انسان پنهنجي روزانہ لاتعداد عمل ۾ ڏينهن ۽ رات جي تضاد کي قائم رکيو ۽ ايشور پنهنجي ڪرت ۾ هن ڌرتيءَ تي سنتائي ۽ سپتائي، سچ ۽ حق کي بلند ڪرڻ لاءِ؛ جيڪي سندس گڻ آهن. انهن جو مالڪ ٿي مفڪر ۽ شاعر موڪليندو رهيو آهي. شاه. سچل ۽ سامي بہ ان ساڳئي ڪاروان جا راهي هئا. هو هن ڌرتيءَ تي عشق ۽ امن جو پيغام کڻي آيا ۽ هنن سمورن سماجي قدرن ۽ ٻنڌنن کي ٽوڙي ڇڏيو. ڇو تہ انهن جو بنياد دوئي ۽ ٻيائيءَ تي رکيل هو. هوُ انهن تمام ڪيفيتن سان سرشار آهن، جيڪي ڪين هن ڌرتيءَ تي امن ۽ محبت ڦهلائڻ لاءِ بخشيون ويون آهن. اهو پيار ۽ محبت جو پيغام، حقيقت ۾ امن ڏانهن وڌندڙ وک هئي. جنهن جي شروعات شاه لطيف جي ڏينهن ۾ ٿي.

انهن بيمارين جو علاج محبوب جي وصل کان سواءِ ٻيو ڪجهه ناهي. نه ته ٻي صورت ۾ اکيون واجهائي شايد سن ٿي وڃن، زندگي بيهجي وڃي ۽ موت اهڙن عاشقن مٿان مسلط ٿيو وڃي:

پل پل ڪن پڪار، ڪٿا درد فراق جا:
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، رئن زارو زار:
'سامي' چئي سرير جي، رکن ڪانه سنڀار:
آءُ مل جاني يار نه ته ڏيون ٿا دم درد ۾.

وره جي تپش عاشقن کي عاجز بڻائي سندن تن بدن کي نستو ڪري ڇڏيو آهي. فراق جي جر، رهي کهي طاقت به کسي شرير توڙي ڇڏيو آهي. ان ماجرا جو شڪار ٿيندي سامي چوي ٿو ته اهڙو حال محرم ڪٿان آٿيان جنهن سان اندر جو حال اوري غم جي گُھٽن گهٽايان:

اچي ٿيو معمور، عشق اٿاگو جيءَ ڪي:
تنهن سڪت سڀ کسي ڪري، ڪيو چڪنا چور:
ڪنهن ڪي سليمان سور، 'سامي' سپيرن جو.

جن جي اندر ۾ سچي عشق جا تير لڳل آهن. اهي پرينءَ جي پچار ۾ درد جون دانهون ڪندي پيا ٿا لڇن ۽ ڦٿڪن. بره جي باه کين ساڙي اهڙو ته اڌ مئو ڪري ڇڏيو آهي، جو سندن نينهن جا گهاوَ پرجڻ جا ئي نه آهن. هو هر دروازي تان پرينءَ کي پائڻ جي دعا پنن ٿا:

عاشق اڌ مئا، سدا تڙڦن تن ۾:
جن کي سڪ سچيءَ جا، اهڙا ڦٽ هئا:
درسن جي دعا، 'سامي' گهرن سڀ کان.

سڄڻ جي سڪ ۾ سالڪ جا نيڻ سدائين کليا ئي رهن ٿا. عشق جي انتها ۽ بيڪسي، اُداس اکين جي روشني ئي مدهم ڪري ڇڏي ٿي. اهڙي ڪربناڪ گهڙيءَ انسان، جيئري به جڻ زنده لاش آهي. اکيون کليل هونديون به، درشن کان عاري رهن ٿيون،

عشق جي آگ جا ٻن پنهنجي ساهه ۾ سمائي، سيتل ڪري ڇڏيا آهن. ساميءَ جي سلوڪن ۾ ويراڳ، شانتي، ڌيرج، سم درشٽي، نمرتا ۽ سرلتا ڪوٽان ڪوٽ ڀريل آهن.

سامي انهن عاشقن جي صف ۾ شمار آهي، جنهن کي ٻنهي جهانن جي مالڪ، پرينءَ پرميشور سان حقيقي لنو لڳل آهي. هو اهڙي عشق جو پانڌيئڙو آهي؛ جتي پرينءَ کي پائڻ ۽ وصل ماڻڻ لاءِ سر ۽ ساهه جي آهوتي ڏيڻي پوي ٿي. اهڙن عاشقن کان فراق جي گهڙي به سٺي نه ٿي وڃي. نيڻن مان ننڊ اُڏامي وڃي؛ ۽ اهڙن اوجاڳن ۾ لڇندي پڇندي سندن ڪل ۽ دماغ تي سپرينءَ جي تات باقي رهي ٿي. انهن کي نه ڪاڏو متو لڳي ٿو نه ويس وڳا. جدائيءَ جي درد ۽ ڪرب ۾ انهن جون تمام خوشيون، موت جي تاريڪيءَ جيان پيانڪ ڀاسڻ لڳن ٿيون:

محبت جي ميدان ۾، پيڙا جن پيغام؛
سي جاڳڻ کي آڪرا، نيڻين ننڊ حرام؛
انگ نه اودن ڪپڙا، طلب نه رکن طعام؛
جهڙا منجهه ماتام، تهڙا عاشق عيد ۾.

سامي، ساچي سک جي وياکيا ڪندي چوي ٿو ته ''هيءُ ميدان نسوارٿ ۽ تياڳ ورتيءَ جو آهي. جتي عاشقن کي سمجهي ڪري وک اڳتي وڌائڻ لاءِ تنبيه ڪيل آهي. پر هُن اُن سان گڏو گڏ ٻين محبت جي ماريلن جي پيڙا ڏسي، همت نه هارڻ، بزدلي ڇڏڻ ۽ برجستو ٿي پاڻ پڇائي پرين پائڻ جي صلاح ڏني آهي'':

پير پرجهي پاءِ، محبت جي ميدان ۾؛
ڪنا پيا ٿي ڪيترا، جانيءَ لڳ تنهن جاءِ؛
ڏسي ڏهڪين ڪينڪي، 'سامي' سک وڏاءِ،
جيئندي پاڻ جلاءِ، ته پسڻ ٿئي پرينءَ جو.

جدائيءَ جو درد، عاشقن جي سهڻ کان ٻاهر آهي. اهڙا سالڪ، پرين پسڻ لاءِ واجهائيندي واجهائيندي، نيڻن مان هنجون پيا ٿا هارين. لڙڪ لاڙيندي کين پنهنجي جسم ۽ پنهنجي وجود جو به ڪو اونو نه آهي.

تات نه اٿن:

محبت جي ميدان ۾، عاشق رنگ رچن،
پون پروانن جان، اڳيون عجيبن،
سانگ نه وارن سر جو، توڙي ملچ مچن،
ماسو ماس نه تن، بره جنين جي بگري.

عشق جڏهن انتها تي پهچي ٿو، ۽ جڏهن عاشق ۽ معشوق وچ ۾ ڪوبه ويڇو نه ٿو رهي؛ تڏهن اهڙي پريمي مٿان پرين پاڻ نڇاور ٿيو پوي. پوءِ جدائيءَ جا ڏنپ ڏيندڙ معشوق، پاڻ ئي قربي عاشق ٿيو پوي ۽ سموريون محبت جون ميخون پاڻ ئي اُکوڙجندي، ابدي وصال ملي ٿو:

لڳي ميخ نه اُکڙي، هنئي جا هوتن،
سوين سونارا مڙيا، لکين لوهارن،
انبورن سان اُکري ڪري، ڪس نه ڪيي تن،
شابس تن پرين، جن چٽر سان چوري ڪيي.

ناصحانه شعر:

جنهن به ڪلام ۾ ڪنهن نصيحت جو پيغام ڏنل هجي، ڪا نه ڪا سکيا سمايل هجي ته اهڙي شعر کي 'ناصحانه ڪلام' جي دائري هيٺ آڻي سگهجي ٿو. سنڌي ادب جي اوائلي دور کان وٺي تقريبا هر شاعر جي ڪلام ۾ ناصحانه انش ڪوٽان ڪوٽ ڀريل آهي.

سامي صاحب جي سلوڪن ۾ آدرشي جيون بابت سهڻن لفظن ۾ اُپٽار ڪيل آهي. هن سنسار روپي رڻ پٽ ۾ آدرش خيابان مثل آهي. اُتم گڻن ۾ مول گڻ آهن: سيل، سنتوش، ديا، ڌرم، نرويرتا، ۽ سهنشيلتا. اهڙن گڻن جا مالڪ هن دنيا ۾ ڪي ٿورا آهن. سيني سنتن، آدم ديو کي برهم جو روپ ڄاتي، سندس اُستتي ڪئي آهي. پر انساني سڀاءَ، وقت تي مهاپرشن جي دل کي به لوڏي ڇڏيو آهي. رومي هڪ هنڌ چوي ٿو: ''انساني صورت ۾ گهڻا ابليس پيا

لائي وير وڏي، ساڄڻ سڪ سوڙهو ڪيو،
اڇي اڌ مئن تي، ڪندين مهر ڪڏي،
تڙقي تڙقي تن مون، ويندو ساه جڏي؛
’سامي‘ چئي تڏي، ميلو ڪندين ڪن سان.

ويدانت موجب هيءَ ديهي هڪ قيد آهي، جنهن ۾ آتما اچي بند ٿي آهي. جڏهن هيءُ جسم ڍهندو، تڏهن مس وڃي آتما جو پرماتما کان وڇوڙو ختم ٿيندو ۽ فراق جون گهڙيون وصال ۾ تبديل ٿينديون. ان لاءِ سچا عاشق هميشه پنهنجو سر ۽ ساه صدقو ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن. هو شهادت جو اهڙو نذرانو ڏيندا آهن، جو پرينءَ جي هڪ اشاري تي پنهنجن ئي هٿن سان پنهنجي شرير کي پاڇي پور ڪري، محبوب اڳيان پيش رکن ٿا:

عاشق سي چئجن، جي سوري سهن سر تي،
پنهنجي هٿين پنهنجي، لاهي ڪل ڏين.

شاه پٽائي، سر سهڻيءَ ۾ چوي ٿو ته ”ڪنڌيءَ جي پڪ تي بيهي صرف ستون ڪرڻ سان پرينءَ کي پائي نه سگهبو. جيستائين دنيا جا لڳ لاڳاپا ٻي خوف ٿي درياه جي دهشت جو خيال نه ڪندي، واڳهو ۽ ڪاچ مڇ وساري ميهار ملڻ لاءِ، سهڻيءَ جيان پاڻ کي ڇُڻاب جي حوالي نه ڪيو آهي؛ تيسين سائين کي سار لهڻ جي ميار ڏيڻ اجائي آهي. مالڪ اڳيان سمورو وجود فنا ڪرڻ کان پوءِ ئي هوُ پاڻ ميهار جيان پاڻ ئي ڇڪاڇي اچي اسان کي پنهنجو ڪري ٿو.“

ڪنڌيءَ اُڀيون ڪيتريون ساهڙ ساهڙ ڪن،
ڪنين سانگو ساه جو ڪي ساهڙ ڪيو گهڙن،
ساهڙ سندو تن، گهاگهائي گهڙن جي.

(شاه لطيف)

عاشق، محبت جي نشي ۾ ايترو ته مخمور هوندا آهن؛ جو ٻره جي پيڙا ۾ ٻرندا پيا وڃن ۽ اُهو وڌ نه سهي وصال ماڻڻ لاءِ، پتنگن جيان پنهنجو جسم ۽ جان قربان پيا ڪن؛ پوءِ ٻه پرينءَ کان سواءِ ٻي ڪانهي

اُڌم ۽ پراربڌ، پيئي ڪيا تنهنجا
سمجهي ڏس 'سامي' چئي ڪيئي ممتا مت
تو ۾ ست نہ است، تون ساکي نرمل سدا.

سامي صاحب جن گڻن جي ور مهما تو ڳائي سي آهن شڪر،
حلم ۽ مرم. حليمائي انسان کي اُتم پدويءَ تي پهچائي ٿي ۽ صبر
جي ڪرامت سان هو خاصو خلوتدار بڻجي ٿو:

سدا ڪر شڪر 'سامي' در دوس جي
پاوين ملي مليدو، پاوين سڪو ٽڪر،
رکي چاه اندر ۾، گهٽ وڌ ڪڏي نہ گهر
ٿور انهيءَ ۾ ٿر، تہ خاصو خلوتدار ٿئين.

صبر ۽ شڪر، عقل ۽ عشق سان مليا ٿا رهن. هي اُهي پر آهن،
جي انسان کي چوڏول ۾ عرش اُڏائي وجي، آدي گهر ۾ پهچائين ٿا.
جتي هو هميشه وارو سک ماڻي، سديو سيتل ٿو رهي:

شڪر ۽ صبر، عشق عقل سان گڏ ٿيو،
چڙهي جي چوُڏول ۾، ڪو جهولي نرهڪ نر،
اچي لڌو جنهن پانهنجو، انيئي آدي گهر،
ميٽي ڏک ڏمر، سيتل ٿيو سامي چئي

گهمنڊ ۽ تڪبر انسان ۾ اجايو احساس برتري پيدا ڪري ٿو ۽
ٻين جي دل ۾ پنهنجي لاءِ ڌڪار پيدا ڪندڙ آهي. تنهن لاءِ مهاتمائن
جي سکيا آهي تہ زندگي ناسونت جاٽي، انسان کي غرور ڇڏي، هر
ننڍي وڏي سان پيار ڪرڻ جڳائي. ائين ڪرڻ سان ٻين جي دل ۾ بہ
پنهنجي لاءِ پيار پيدا ڪري سگهجي ٿو. اُهو ئي انساني جيون جو
نصب العين آهي. محبت ۽ عشق سپرينءَ جو ٻيون نالو آهي. پيار جي
نظر سان جتي نهار، هرهنڌ سائينءَ جو درشن ماڻبو:

جنين هٺ هاريو، تنين جيتيو جڳ کي،
نرمل ڀاو ڀڳت سان، سڀ جو چت ٺاريو،
گهٽ گهٽ نهاريو، سامي سپرين کي

آهن. سامي صاحب فرمائي ٿو'':

مڙيئي روڳي، اٿئي جيءَ جهان جا،
ٺڳيءَ جو ويس ڪري، 'سامي' ٿيا جوڳي.

ظاهري طرح هرڪو چڱو ٿي پيو هلي. چڱو جيو اهو آهي، جو پا تہ برائيءَ کان پري اهي، پر ٻئي ڪنهن جي بہ برائي نٿو ڳڻي ۽ جڳ ۾ هميشه ديا درشٽي ڌاري ٿو:

چڱا سي چئجن، چڱو جنين جي چت ۾،
برائي ڪنهن جيو جي سامي ڪين ڏسن،
ديا درشٽ رکي ڪري، سڀ تي ڪرپا ڪن،
سدا سم رهن، استٿت آتم پد ۾.

صرف لوڪن کي ريجهائڻ سان پرميشور نہ ٿو پائي سگهجي نہ ئي خلق کي چار ويد پڙهي ٻڌائڻ مان ڪو فيض ملٽو آهي. هتي دنيوي چاهنائن کي ترڪ ڪري، اندر ۾ سپرينءَ جي سڪ کي وڌائٽو آهي:

ويدن پران پڙهي ڪري، ٿو لوڪن ريجهائين
سپيريان جي سڪ ۾، جهاتي نہ پائين
چاه نہ چڪائين، تون پسين ڪيئن پرينءَ کي!

ڪال اٺ ئي پهر انسان جي ڪنڌ تي سوار آهي، پر مورک منش کي موت جي ڪڏهين بہ ياد نہ ٿي اچي:

وٺي ويندءِ تت، جت ڪنهين جي ڪانہ چلي

اُدم ئي تقدير کي اڏيندڙ آهي. جهڙو اُدم تهڙي تقدير. انسان کي جڳائي تہ ڏکئي وقت ۾ رڳو تقدير کي ڏوه ڏيئي، پنهنجي حال تي ڳوڙها نہ ڳاڙي، پر پنهنجو ممتحن پاڻ بڻجي پنهنجي اوڻاين جو احساس رکي ۽ ڪوشش وٺي. اُنهن کي دل جي سچائيءَ سان ڏوئي ميساري ڇڏي. پوءِ تقدير ٻانهي ٿي، سندس قدم چمندي. گيتا ۾ بہ چيل آهي تہ جيڪو اُدم آهي، سو مان آهيان:

باب 7

#ساميءَ جي ٻوليءَ شاعرانہ خوبيون

سنڌي مول ڀاشا جون ڪيتريون ئي اُپ ڀاشائون آهن. پنجاب جي پنجن ندين وانگر سنڌي ٻوليءَ جون پڻ پنج پرمک شاخون آهن: سريلي (اُتر واري)، وچولي، لاڙي، لاسي ۽ ڪڇي. سنڌي ٻوليءَ ۾ سرائڪي ۽ بلوچيءَ جا پڻ ڪيترا لفظ جذب ٿي ويا آهن. سنڌ ۾ عام طور اها چوڻي آهي تہ، ''ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي''. خود سنڌ جي ئي جدا جدا حصن ۾ بہ الڳ الڳ اپڀاشائون هلندڙ آهن ۽ ٿوري ٿوري فاصلي تي ٻوليءَ جون جدا جدا بناوتون آهن. چوندا آهن: ''مٺرا تين لوڪ سي نياري.'' اها چوڻي شڪارپور جي ٻوليءَ سان بيشڪ لاڳاپو رکي ٿي. شهري ٻولي ۽ ٻهراڙيءَ جي ٻوليءَ ۾ رواجي فرق تہ هوندو ئي آهي، پر شڪارپور شهر جي لهجي ۾ ٻين سيني سنڌ جي شهرن کان نرالي نزاڪت، مٺاس ۽ انوکي ڪشش سمايل هئي. انهن جي ٻوليءَ جا مکيہ منڙا ٻول هئا: ڀائو، ڀانڙا، خوشي، راضي ۽ اهڙا ٻيا بہ رس ڀريل لفظ لاشڪ دل کي ڇهي ويندا هئا. اهڙي ٻولي استعمال ڪرڻ پنيان لڪل اهم ڪارڻ هيو، شڪارپوري ڀائرن جي ڏيساور ۽ ڏورانهن ڏينهن ڏانهن آمدرفت، وڻج واپاري ناتا ۽ سير سفر جو شوق، دکن ڀارت ۾ سندن پيڍيون ڪوٺيون ۽ ڪارخانا، ايران، افغانستان، بلخ بخاره، بندر عباس سان تجارتي تال ميل سياويڪ سندن گفتگو ۽ انيڪ ٻين ٻولين جا چونڊ لفظ ۽ لهجا، سندن مکڻ جوڙي سياءَ ۾ ماکيءَ جيان ملي ويا هئا. لاشڪ اُچار جو اُچار سان، وهنوار جو ويچار سان اهڙو ئي سنبنڌ آهي جهڙو دل جو زبان سان ۽ خود زبان جو زبان سان، يعني ٻوليءَ سان اتوٽ ۽ اڻ لکو ناتو رهندو آيو آهي. سامي صاحب بہ ان خاص خوبي ۽ خصلت واري ٻوليءَ جو مالڪ ۽ ڪامل شاعر پنهنجا سلوڪ بہ اهڙي رنگ ۾ رڱي چڏيا آهن. ويتر جو هن انيڪ آتمڪ چشمن

ساميءَ جو مول اُپديش آهي ته اسان کي هيءُ جيڪو مانک جنم مليو آهي: تنهن کي سنسار جي پوساگر ۾ بي قدر ٿي رولي نه ڇڏيون، پر ان بها مانڪ کي اُتم پد هٿ ڪرڻ جو وسيلو بڻايون:

مانک جنم امول، ڪنهن پاتو پورن پن تي
سو پو ساگر جي پيٽ ۾، ريڙهي ڪر م رول
سامي سنتن سان ملي له آتم سک اڻتول
هر هر مهڙو ٿول، هٿ ۾ ايندءِ ڪينڪي.

سامي صاحب جي سلوڪن ۾ منشيه جي سڌاري ۽ اُنتيءَ لاءِ املھ موتي مڙهيا پيا آهن. سنساري ماڻهو ڪوڙين حرفتن ۾ پيا هاءِ ڪن ٿا، پر سچا انسان زهر جا انيڪ ڍڪ پيئڻ جي باوجود به حق جو دامن نه ٿا ڇڏين. اهڙن سچن صابرين کي وڏا اجر آهن. اهڙن مهاپرشن کي ئي سٺن اعمالن لاءِ، سائين پاڻ ئي انعام عطا ڪري ٿو. جڏهن ته ڪوڙن جا جوڳ ۽ جپ وتس نه ٿا اگهامن. انهن کي هر حالت ۾ دوزخ جا دروازا ڏسڻا آهن.

من مارڻ :

سامي خودي، اهنڪار يا آپي کي 'منن' تو سڏي. 'مان' ۽ خوديءَ جي نشي ۾ هرهڪ مخمور آهي. جنهن منن ملريو، تنهن من ملريو. جنهن من جيتيو تنهن جڳ جيتيو. خوديءَ تي قابو پائيندڙ انسان ئي وڏي ۾ وڏو بهادر آهي:

جنهين جيتيو من، تنهين جيتيو جڳ کي
لڌائين گر گيات سان، گهر مون آتم تن
ساکي ڏسي سپ ۾، پائي گيان انجن،
سدائين پرسن، سامي رهي سپاو ۾.

ان طرح سامي صاحب جو سمورو ڪلام نصيحت جي نقطن سان مالا مال آهي. جنهن جي هر مصرع ۾ انساني زندگيءَ جو مقصد ۽ مانک ديهيءَ کان دامن ڇڏائي موڪش پدوي پائڻ جي فلاسافي سمجهايل آهي.

ساميءَ جي اوسر جيئن تہ شڪارپور جي مڙهي، امرتسر جي سوني دربار، بابا مينگهراج جي شفقت ۽ ٻين ساڌن، سنتن جي صحبت ۾ ٿي، تنهن ڪري سندس ٻولي پڻ ٻين ڪيرتن ئي هندوستاني ٻولين جيان، سنسڪرت ستاء ڪي وڌيڪ ويجهو آهي. ان طرح ان جي تمام سلوڪن جو جائزو وٺجي ٿو تہ اُن ۾ گهڻي ڀاڱي سنسڪرت ۽ هندي نما لفظ وڌيڪ نظر اچن ٿا: جيئن تہ :

جي تون چاٽي جيءُ ،تہ جڙيو رہ جڳديس سان
جي ديهي منِي پاڻ ڪي، تہ مري مٽي ٿي
جي تون آهين آتما، تہ ڪيِ سنسي جو سيءُ
سامي پرچي پيءُ، جيئن تيئن رام رس

'جڳديس' 'ديهي'، 'آتما' 'رام رس': اهي سڀ سنسڪرت ڌاتوءَ جا لفظ آهن.
ان طرح ساميءَ جا ڪيترا سلوڪ تقريبا ان ساڳي رٿا جي پيش قدمي ڪندي ڇيل آهن:

سک ورائي سُڌ، پوي نہ پورڻ پد جي
ائين چون ٿا انيئي ڪيول ڪرپا يُڌ
جن ڪي ڏني ستگروءَ، سامي بيحد ٻڌ
ميٽي واد ووڌ، استت ٿيا آڪاس جان

ساميءَ سلوڪن ۾ سنسڪرت جا تتسم روپ بہ آهن تہ اُن سان گڏ تديو روپ بہ آهن. جيڪي سندس سلوڪن ۾ نظر اچن ٿا. جيئن تہ انيئي، ڪرپا، استت ۽ آڪاس وغيره:

اچي سک وڌي، پرين جي پسڻ جي
ديکيا پوري گر جي، ڇڪي ٻڌنيِ ٻڌي
'سامي' ڪنئين سرتي، نيڪي ائون بدي،
لنو لنو منجهہ لڌي، مورت پانهنجي متر جي.

سيڪو ڏور ڏسي ٿو، آتم پد آڪاس ڪون،
ائين چئي ڪون ڪو تہ آهيون پاڻ اسي،
'سامي' ڏسي هسي، انهيءَ ڳالهہ انوپ ڪي.

جي سُرڪي پري هئي، تنهن سندس سلوڪن ۾ لاثاني لذت ۽ مقناطيسي ڪشش پري ڇڏي آهي! مطلب ته اهڙي ڀڄڻ ٻوليءَ جو انوکو اثر سندس دل ۽ دماغ تي ڪيئن نه پيدا ٿيو هوندو! البت انهيءَ سمي جي سماجڪ يا ثقافتي تاثيرات کان تنهائي پسند طبيعت زير اثر نه ٿي سگهي. جو هو گرهستي جيوت گهاريندي به ان جي گرفت ۽ گندگيءَ کان پاڻ کي پاسي رکندو ٿي آيو. اُن ڪري سندس ٻوليءَ ۾ سادگي، سرلتا، سچائي ۽ صداقت جا ٻول هرهنڌ پيا نظر اچن.

شڪارپور جي رهاڪو هئڻ سببساميءَ فطري طور پنهنجا سلوڪ سريلي يعني اُتر سنڌ جي اُپڀاشا ۾ چيا اهن. سريليءَ جي اها نرالائپ آهي ته جمع، هميشه واحد کي 'آن' گڏڻ سان ٺهندو آهي. جتي ڏکڻ سنڌ جا رهاڪو، 'زير' ڪم آڻين، اُتي سريلي ڳالهائيندڙ 'زبر' ڪم آڻين ٿا. ٽرمپ صاحب توڙي گريئرسن صاحب جو رايو آهي ته سريليءَ ۾ سنڌي اُچارن جي صفائي صحت ۽ ٻوليءَ جي اصليت، برقرار آهي. 1

آهن اگم اپار، راهان رام ملڻ جون،
تن سيني ۾ هڪڙي، ساڌ سنگت نروان،
سامي مل تنهين سان، ڪري پريم پيار.
ته دوست جو ديدار، ڏسين پيد پرم ري.

مٿئين سلوڪ ۾ 'راه' جو جمع، 'آن' پڇيان ملائي راهان ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ٻين هنڌن تي اُن جو جمع 'راهون' ڪري استعمال ڪيو ويندو آهي. هيٺئين سلوڪ ۾ 'خبر' پڇيان آن گڏي 'خبران' جمع بڻايو ويو آهي:

عشق ڪمايو جن، پڇ تنهين کون خبران
ته جڳتن سان جوڙي ڪري، توکي ڏس ڏين،
چنبو هٽي شير جان، ماري مٿي ڪن،
تنهن کون پوءِ پڇن، سامي سُڌ سروپ جي.

1- ڪلياڻ آڏواڻي: 'سامي' صفحه 132

اکين منجهه اوطاق، آهي يار عجيب جي
سدا پڻ سڪ سان محبتي مشتاق،
جي جيئندي ٿيا جڳ کون، پانيڻ ڇنئي ٻي ٻاڪ
خلوتين جي خاڪ لائي ويٺا لعل ٿي.

’مشتاق‘، ’خلوتين‘ ۽ ’محبتي‘ عربي ڌاتوءَ وارا لفظ آهن. جڏهن ته خاڪ فارسي ٻوليءَ منجهان آيل آهي.

مومن مسلمان، ڪوڙين ۾ هڪڙو،
جو واصل ٿئي وحدت ۾ ڪڍي غير گمان،
نورمحل جي نائن تي، سيل ڪري سبحان
تنهن کي سڀ جهان، چاٽي دوست خدا جو

واصل ۽ وحدت عربي ڌاتوءَ وارا لفظ آهن.

پاڙهي ڪيو پرپڪ، مرشد خام مريد کي
چڙهي ڪين عرش تي، لنو سان هڏي لڪ
ڏسي منهن محبوب جو سامي ٿيو عاشق
لنو لنو اناالحق، ٻولي ٻيائيءَ ري سدا.

’مرشد‘، ’مريد‘ ’عرش‘، ’عاشق‘ عربي ڌاتوءَ وارا لفظ آهن. اناالحق مرڪب عربي لفظ آهي. جڏهن ته ’خام‘ لفظ فارسي ٻوليءَ منجهان آيل آهي.

ساميءَ جي تمام سلوڪن جو اڀياس ڪجي ٿو ته اهو پڌريءَ پٽ ظاهر ٿئي ٿو ته وٽس سنسڪرت ڌاتن مائل سنڌي لفظن جو اٿاه خزانو هيو، جو هن الڳ الڳ سلوڪن ۾ ڏنو آهي. مڙهين، مندرن، گردواران ۽ ٻانيڻن جي وچ ۾ رهندي سنسڪرت ۽ هنديءَ ۾ ته چڱي مهارت حاصل ڪيائين پر ان سان گڏ گڏ وقت ۽ حال سان هم قدم ٿيندي جيئن ته ان دور ۾ اهل ايمان حڪمران سنڌ تي صدين کان راڄ ڪري رهيا هئا ۽ سنڌ جي ادبي ماحول ۽ عربي فارسي ٻولين جو ٻول بالا هو؛ تنهن صورت ۾ سامي ٻه پٺيان ڪونه رهيو ۽ هو ٻه عربي فارسي ٻولين جو ڪافي قدر علم رکندڙ هو. جنهن جا مثال هن جي ڪيترن ئي سلوڪن ۾ ملن ٿا. پر ان

هر هر هٽ نہ پاءِ هيءَ ڳنڍ ڇهنبيءَ نہ ڇڙي
شيوا هٽ سمرڻ ڇي، ڪنهن جي چلي نہ ڪاءِ
سياٽپ جا 'سامي' چئي، هنر ڪيم هلاءِ
هن ور منجهائي ماءِ، ڪوڙين وڏا ڪيترا.

اٿي سڀ اياس، جڳت هي جڳديس جو
جيئن سورج چندر ۾ 'سامي' سدا پرڪاس
ڪري ڏس ڪلپت ري نئنن منجهه نواس
تہ چيتن چد آڪاس حاضر ڏسين هٽ تي

ساميءَ جي سلوڪن ۾ سنسڪرت جي تتسم ۽ تدڀو لفظ سان گڏ ڪيترائي هندي لفظ بہ ملن ٿا. جيڪي مٿين سلوڪن ۾ ظاهر آهن، جيئن : ديکيا، مورت، متر، هسي، چلي، چندر، پرڪاس، نواس، نئنن، آڪاس وغيره.

ساميءَ جي ٻول سياويڪ طرز تحرير واري آهي. جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي محنت ۽ جفاڪشيءَ جا نشان ظاهر ڪونہ آهن. سامي سڌو سنواٽو پاڻ چوي ٿو:

جيئن تہ ساميءَ جي واٽيءَ ۾ ويدن جا واڪ ڀڌايل آهن، تنهنڪري ان ۾ سنسڪرت لفظن جي گهٽائي هئڻ سياويڪ ۽ لازمي آهي. جيتوڻيڪ اُن جي باوجود بہ ساميءَ جي سلوڪن ۾ ڪٿي ڪٿي فارسي ۽ عربي لفظن جو بہ ڇڳو ني تعداد موجود آهي:

بنا رب رفيق ڪنهن جو ڪونہ ڪاٿهين،
سوڏي ڪو 'سامي' چئي طالبن تحقيق
سٽي خام خيال سڀ ٿيا بيحد باريڪ
نئنن کون نجديڪ، پيهي ڏٺائون پاڻ ۾.

'رب'، 'رفيق' ۽ 'طالب' عربي ڌاتوءَ وارا لفظ آهن، جڏهن تہ 'خام' فارسي ٻوليءَ منجهان آيل آهي.

وٺي ڪڪ ڪرپا جو، 'سامي' گهر آيو،
سهجي متايو، تنهن اوديا روڳ اندر جو.

ستگروءَ جي ديا درشٽيءَ جي هڪ نظر به سالڪ جي زندگي بدلائي سگهي ٿي. جنهن جي نتيجي ۾ اندر مان ٻيائيءَ جي ڪٽ لهي وڃي ٿي. من جا اونداها ناس ٿين ٿا. هرديه صاف، شڌ ۽ پوتر بڻجي ٿو ۽ پرينءَ جو ساڪشات درشن نصيب ٿئي ٿو.

جيئن برف جي اثر هيٺ ٻاڦ جي تپت هلڪي ٿئي ٿي، تيئن ساميءَ جي سلوڪن جي سيتلتا، اسان جي من جي پياس مانٺي ڪري ٿي. سامي، پريم جي پياسين کي اها ئي دعوت ٿو ڏئي:

آءُ ته پياريانءِ، پري پيالو پريم جو،
'سامي' هن اوسر ۾ تن من سڀ ٺاريانءِ
ده دس ڏيکاريانءِ، انيئي پر اکين سان.

عبارت :

سامي صاحب جي عبارت، سينگار توڙي سلامت جي لحاظ کان پڪي ۽ سهٽي آهي، هن جو تشبيهون بلاغت جي لحاظ کان سندس سلوڪن جو هڪ خاص زيور آهن، مترتا به اهڙي آهي، جو پڙهندي هردو باغ بهار ٿيو وڃي! خانبهادر محمد صديق ميمڻ سندس عبارت بابت لکي ٿو ته عبارت ۽ سينگار، فصاحت ۽ بلاغت جي اسباب بنسبت، ساميءَ جو ڪلام بلڪل عمدو آهي 1

ويدانت وارا جيڪي مکيه روپڪ ڪتب آڻيندا آهن. سي ساميءَ به استعمال ڪيا آهن. انهن تشبيهن وسيلي اهي ڳجهه، جي هوند عام فهم نه ٿين، سي رواجي ماڻهن کي سولي نموني ۾ سمجهايا ويا آهن، مثال طور ويدانتي، هن جيوت کي سپني مثل سڏين ٿا. هن سنسار کي سچي هستي آهي ني ڪانه. هڪ رچ آهي، جنهن جي پنيان جيو، هرڻ وانگر ڦٿڪي ڦٿڪي

1- محمد صديق ميمڻ: 'سنڌ جي ادبي تاريخ' (ٻاڳو ڀهريون) صفحه 240

سان گڏو گڏ سنڌ جي دهقاني حصن ۾ جتي ابوجهه ۽ ان پڙهيل شخص
ڪيترن لفظن جو غلط استعمال ڪندا هئا. ساميءَ ڪٿي ڪٿي اهي
غلطالعام لفظ پڻ بلڪل ساڳي صورت ۾ پنهنجي سلوڪن ۾ ڪم آندا آهن
جيئن ته :

لکين لوڪ تريا، داون لڳي تن جي

هتي 'دامن' لظ کي 'داون' جي روپ ۾ استعمال ڪيو ويو آهي.

جيڪي جڳ آيا، سي مرڳ نيان مساڻ ڏي

'مرگ' معنيٰ 'موت' هتي اُن لفظ کي 'مرڳ' ڪري لکيو ويو آهي.

نندي نواجي خاوند کسمانو ڪري،
چڙهي سڪپت سيڄ تي، عيبن ڪان آهي،
ڪنهنجي رهي ڪانه ڪا، منٿ موتاجي
نڇاٽان راجي، تيڙو ڪهڙيءَ ڳالهه تون.

'نوازيءَ ڪان 'نواجي'، 'محتاجي' کي 'موتاجي'، 'راضيءَ 'راجي' ڪري
ڪتب آندل آهي.

ساميءَ جي ٻوليءَ جي سادگي:

سامي صاحب پنهنجي فيلسوفي سمجهائڻ لاءِ سادا ۽ سولا مثال ڏنا
آهن. ائين پيو لڳي ته هن صاحب جڻ شاعريءَ جو لباس ئي بدلائي ڇڏيو
آهي. عوام جي هر طبقي سان ويجهو ٿيڻ لاءِ ٻار ٻڍي ۽ استريءَ لاءِ
نهايت سادي ٻولي استعمال ۾ ٿو آڻي:

ڏٺي جن چڪي، 'سامي' سرڪي سچ جي،
اوديا پني مٿي تون لاهي تن رکي.

سچ ۽ سونهن جي فلاسافي سمجهائڻ لاءِ ڪيڏي نه ڏيهي ۽ سادي
سلوڻي ٻوليءَ ۾ چيو ويو آهي ته جن سچ جي صحبت جو لطف ماڻيو،
انهن جي اندر ۾ اهڙو ته پرڪاش پرگهٽ ٿئي ٿو، جو سندن اوديا جي
تمام اونده پنهنجو پاڻ مٽجي وڃي ٿي ۽ هو دنيا جا تمام لڳ لاڳاپا لاهي
بي خوف ٿي، پريمءَ جي راه جا پانديڙا بڻجن ٿا:

جل ۾ ڦوٽو جيئن، لهرن لڳندي اڌ ٿئي،
تون پڻ آهين تيئن، دنيا ۾ ڪو ڏينهڙو.
(شاه لطيف)

سامي صاحب، ساڳي جل پپوٽي جي تشبيه بئي هڪ سلوڪ ۾ هن طرح ڪتب آندي اٿس:

ڏورون هٽي ڏنگ ناري ڪاري نانگڻي،
مورک مٺا ڪيترا، سامي ڪري سنگ،
نيارو رهي نِپ جان، ڪو محبتي ملنگ
جل ۾ جل ترنگ، لئہ ڏٺو جنهن لک سان.

اِهائي جل پپوٽي جي تشبيه بئي هنڌ هيئن ڪيل آهي:

حيرت ائون هاسو، اچي هڪ اچرج تي،
'سامي' ڄاتي پاڻ کي ابناسي ناسي،
ڪپڙيءَ ۾ آڪاس پيو، ڦاهيءَ ري ڦاسي،
پاڻيءَ ۾ پياسي، مري پپوٽو مت ري.

ڏسو، آتما ۽ پرماتما جي ڳولا کي ڪهڙن نہ سهڻن روپڪن سان بيان ڪيو اٿس:

حيرت ائون هاسو، اچي هڪ اچرج تي،
سائي ڦولهي آتما، ڪنڌ کي پتاشو،
ڳهٽو ڍونڊي سون کي متيءَ کي ڪاسو،
پاڻي پياسو، سامي رهي نت سِر جو.

سامي صاحب جا سمورا سلوڪ هڪ ئي طور طريقي تي ٻڌل آهن. هر هڪ سلوڪ دوهي ۽ سورٺي جو مرڪب آهي. ساميءَ نڪي لکيون ڪافيون، نہ وايون، نہ گيت، نہ غزل، نہ نغما هن جي سلوڪن جي ڪنهن بہ مصراع ۾ ماترائون مقرر انداز کان وڌي نہ ٿيون وڃن.

ساه ڏني ٿو. سامي اِن ڳالهه کي هيٺئينءَ طرح ظاهر ٿو ڪري:

ڪئي خلق انڌي، مايا موه ممت سان،
مرگهه ترشنا جي جل ۾، وڃي سڀ وهندي
ورلي ڪنهن گرمک لڌي، ڪرپا ساڻ ڪنڌي،
'پانيڻ' جنهن پنڌي پنڌ ئي ڪيا وس پانهنجي

سامي صاحب ايترين خاصيتن جو مالڪ هجڻ جي باوجود به سادو سودو پيو لڳي. اها ئي سندس سونهن آهي. جيئن ڪنهن سندر عورت کي ٻاهرئين ٺاه ٺوهه ۽ هار سينگار جي ضرورت ئي نه هوندي آهي. هئرادو رنگ روپ، سندس قدرتي سونهن کي وڌائڻ بدران پاڻ گهٽائيندو آهي، تيئن ساميءَ جي ڪوتا، سادگيءَ هوندي به ڪيڏي دلڪش پيئي لڳي:

هيءَ ڪنهن لائي آه، اوديا ڏائڻ جيءَ کي
سيوڪ ڇاٽي پانهنجو، ستگر تون سمجهاءِ

گرو جواب ٿو ڏيئس :

نانگ ڏسي نوڙيءَ ۾، پلين پولي پاءِ،
منهن مڙهيءَ ۾ پاءِ، ته سيتل ٿين سامي چئي.

تڏهن چڻ جلندي جيءَ جي اندر جي صدا بيان ڪري، وري ٿڌو ڇنڊو هنيو اٿس ۽ مايا روپي اوديا جو علاج اهڙو ته سولو ٻڌايو اٿس جو عجب پيو لڳي ته آخر اسين ڪهڙي ڳالهه تي گمراهه آهيون! وري چوي ٿو:

مايا مچايو، ڪوڙو کيل ڪلپ جو،
تنهن ۾ ڪن تدروپ ٿي، مورک من پايو،
ورلي ڪنهن گرمک کي، انيئه ۾ آيو،
'سامي' سمايو، جل پپوٽو جل ۾.

جهڙي طرح پاڻيءَ جو بدبدو، هوا نڪرڻ سان پاڻيءَ ۾ ملي وڃي ٿو، اهڙي طرح سامي صاحب چوي ٿو ته خوديءَ يا آپي جي واءُ نڪرڻ بعد جيو، جزي جي حالت مان نڪري ڪل جي ساگر ۾ سمائجي ٿو. شاه صاحب جل پپوٽي جو مثال ڏيئي، انسان جي ٻي بقا جيوت جو ذڪر ڪيو آهي:

سامي صاحب پنهنجو شعر سورٺن ۾ دوها ملائي ڪري چيو آهي. ڪٿي سورٺي ۾ اڌ دوهو آهي، ڪٿي ساڄو دوهو ۽ ڪٿي ٽي دوها.

مثلاً: سورٺي ۾ اڌ دوهو:

هيرو جنم نہ هار، مورک من جي ڀاءِ تون،
ملي ساڌ سنگت سان اوديا ڀرم نوار
پنهنجو پاڻ سنڀار تہ سکي ٿئين 'سامي' چئي

سورٺا منجهہ دوها :

جنهن کي درشن دب، ٿيو مرشد جي مهر سان
پرچي ڪيو تنهن پانهنجو، محبتي مطلب
پائي ويٺو ڪڇ ۾، راتيان ڏينهان رب،
رکي ڪين ادب، گذاري غلام ٿي.

سورٺي منجهہ ٽي دوها:

اڻ هوندي بازي، بازيگر بر حال ڪي،
ڪاٿي پير فقير امير ٿيو، ڪاٿي شيخ ملان قاضي،
ڪاٿي گرو گسائين گيانوان ڪاٿي حج ڪري حاجي،
ڪاٿي راجا پرجا چوڌاري، ڪاٿي مهتو ميان جي،
ڪاٿي سوروير داتار ٿيو، ڪاٿي منٿ موٿاجي،
ڪاٿي چور چغل ٺڳ مسخرو، ڪاٿي پنڊ ڪٽي پاجي،
ڪاٿي ڳڻتيءَ ليکي دک ۾، ڪاٿي رضا ۾ راضي،
'سامي' جنهن ساجي سو ساکي پد پار ٿي.

قافيو :

ساميءَ جي سلوڪن ۾ قافيو اڪثر مصرع جي وچ ۾ اچي ٿو. دوهي جي قانون وانگر، انهيءَ قانون جي بجا آوري ڪن ٿورن سلوڪن ۾ نظر اچي ٿي:

پرين پياريو، پري پيالو نور جو،
انڌيرو اندر جو، ڪڍ ۾ نواريو،
ازغيبي هاريو، ڏيو منهنجي ڏيل ۾.

سامي جي سلوڪن ۾ مصراعن جو تعداد :

دوهو:

هندوستان جي مشهور و معروف سنتن جا سلوڪ، دوهي جي صورت ۾ چيل آهن. دوهي جي ٻنهي مصراعن مان هرهڪ کي ٻه پد ٿيندا آهن. جن جي پڇاڙيءَ ۾ ساڳيو قافيو هوندو آهي. انهن چئن پدن مان پهرئين ۽ ٽئين پد ۾ 12،12 ماترائون، ٻئي ۽ چوٿين پد ۾ 11،11 ماترائون ڪل ۴۸ ماترائون هئڻ گهرجن. ساميءَ جا سلوڪ، باقاعده ڏوهيڙا آهن، پر هن صاحب، ويدڪ رشين وانگر اڪثر چار مصراعون ڪم آنديون آهن. ڪٿي ٽي مصراعون به آنديون اٿس. ڪٿي ڪٿي ست ۽ اٺ مصراعن تائين به ويو آهي:

مورک ڪين ڏسن سامي سپرين کي
اوديا جيءَ انڌا ڪيا، ڏنو پٽ پرين،
پرم منجهہ پلي ڪري، ٿا پنا نت پڙهن،
تپ، تيرٿ، برت، نيم، جگ، جهد ڪيو جاڳن.

غفا بن، پهاڙن ۾، بک اُڃ دک سهن،
بنا ساڌ سنگت جي وهڻ منجهہ وهن،
کي لکايا لهن، 'سامي' سپرين کي.

جڏهن تہ هينيون سلوڪ اٺن مصراعن جو چيو اٿس:

آيو ناگرنٽ بيک ڏاري بازار ۾،
'ٻانيڻ' چوي ٻيائي ري، ڪيي وينو هٽ،
پاڻ واپاري وڻج ٿيو، پاڻ تارازي وٽ،
رعيت راجا پاڻ ٿيو، ڪانئر سور سبٽ،
پاڻ ڪنير آوي بٽيو، چڪ، مٽي، گهٽ، مٽ،
پاڻ قول قل، پتر ٿيو، پاڻ ڏاريج پٽ،
اندر ٻاهر ده دسا، کيلي گپت پرگهٽ،
پرچي ڪوليو پٽ، پاڻ لکائي پاڻ کي.

انيئہ آتم ڏن، گهري لڌو جنهن گهر مون.

چوٿين مصرع :

اوديا چانديو، عقل پل، انڌن جو
ڏسن ڪين اکن سان، پٽر لال پيو،
ڪنهن سُڄاڳي سورمي ڪارج سڌ ڪيو،
ساڌوءَ سنگ ٿيو، 'سامي' جنهن کي سوجهرو.

ماترائون :

ساميءَ جي سلوڪن ۾، ڪنهن بہ مصرع ۾ ماترائون مقرر انداز کان وڌي نہ ٿيون وڃن، شاه، سچل ۽ بيدل جي ڪن بيتن ۾ پارسي عربي حوالا اچي ٿا وڃن. جنهن مصرع ۾ ڪو پارسي يا عربي حوالو اچي ٿو، تنهن مصرع جون ماترائون، مقرر تعداد کان وڌي ٿيون وڃن مثلا هيٺئين بيت جي ٻي مصرع ۾ ماترائون مقرر انداز کان وڌيل آهن. چوتہ منجهس شاه عنايت شاه جي چيل پارسي مصرع تضمين طور آندل آهي:

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻهون نهاري ٻنگ،
سر در قدم يار فدا شدچ بجا شد، وصل اهوئي ونگ،
رات جنين جو رنگ، الا! سي اُڪاريين
(شاه-سرسهٽي)

سامي صاحب، عالم فاضل شخص هيو. اهوئي سبب آهي جو هن ڪيترن ئي گرنٿن جا ويچار پنهنجي سلوڪن ۾ پڻ آندا آهن. جيتوڻيڪ ڪٿي بہ ڪنهن ڪتاب مان ڪو جنسي منتر يا سلوڪ سڌو سنئون حوالي طور نہ آندل آهي: صرف ڪنهن پستڪ مان ڪو اشارو ڏيئي پنهنجو آتمڪ ويچار پيش ڪيل آهي:

بنا آتم گيان، ممت نہ مٽي من جي
توڙي سڀ ساڌن ڪرين، پڙهين ويد پران،
گيتا ۾ ڀڳوان، ارجن کي ائين چيو.

مٿئين سلوڪ ۾ فقط شري ڪرشن ڀڳوان جي گيان وارتا ڏانهن اشارو

هيٺين سلوڪن ۾ قافيو پنهنجي جڳهه مٿانئي پهرين مصرع جي پڇاڙيءَ ۾ وجي ٿو:

پڙهيا پڙهاجن ڪينڪي، ڏاها ڪين ڏسن،
منجهون خواب خيال جي، ڪوڙا قصا ڪن،
هڪڙو اکر پريم جو، سامي رکن نہ من،
پيتون پيتو جن، سي مائل ٿيا مهراڻ ۾.

ويد پران قران ڪو، سيني ۾ هڪ سوٽ
سمجهي ڏس 'سامي' چئي، لائي من مظبوط،
جئن آڪاس گهٽ ۾ تئن سڀ ۾ ساکي پوٽ،
ڪو آتموت اوتوت، سمجهي هن سخن ڪي.

سامي صاحب پنهنجو تخلص ڪڏهن کهڙي مصرع ۾ ته ڪم آڻي ته ڪڏهن کهڙيءَ ۾ جيئن ته :

پهرين مصرع :

سامي ڪين چئي اوديا ڦاس ڪرم سان،
مرگهي جل هٿن سان، ڪڏي ڪين ڪٽي،
به مون ان نہ نڪري، توڙي راتيون ڏينهن ڪٽي،
سهجي ڦاس ٽٽي، جي سمجهي جڙي سروپ سان.

ٻئين مصرع :

دولت بنا دم، ڪوڙا هٽن ڪيترا
ڳالهيون پد اگم جون، سامي ڪن سگم
رکن نہ رتيءَ جيترو، مورک من مرم
جڏي پوين ڪم، تڏي روئي وهن راه تي.

ٽئين مصرع :

مايا منجهہ مگن، مورک رهن مت ري،
جدا ڇاٽي پاڻ کي ڏارن ناناتن،
'سامي' ماٽي سيڄ سک، ڪو پريمي پورن،

ساڃهڻ جي سوڀيا، کهڙي چوان مگ مان،
سامي سهسين سج چنبڊ للچامان ٿيا،
پاڇي ڏسي تن کان، جن ديدار ڪيا،
لنگهي پار پيا، سنسي جي ساگر کون.

سنڌ جو عالم، حامد علي قريشي خانائي جو چوڻ آهي ته ''ساميءَ جي سلوڪن جو نمونو حافظ شيرازيءَ جي ڪلام سان پڻ يڪسانيت رکندڙ آهي''. 1

شاعرانه صنعتون

النڪار ۽ ڇند :

ساميءَ پنهنجن سلوڪن ۾ تخليق جي طريقي ۽ خيال جي خوبصورتي قائم رکي آهي. هُن جي سلوڪن ۾ تشبيهون، استعارا، شاعرانه صنعتون، روپڪ توڙي تخيل جي اُڏام نفاست ۽ نزاڪت سان پري پيئي آهي. اها سڪيادانڪ واٽ پرمپرا کان رشين منينن اختيار ڪئي آهي. ساميءَ پورب جي پانڊيٽڙن واسطي پراچين واٽ ورتي آهي ۽ اها اهڙي سولئي ٻوليءَ ۾ سٽائي اٿس، جو پڙهندڙ کي پروڙڻ ۾ ويرم ئي نه ٿي لڳي.

تشبيه :

ٻن مختلف لفظن جي وچ ۾ ڪنهن خاص ڳالهه يا گڻ جي ڀيٽ ڪرڻ يا هڪجهڙائي ڏيکارڻ کي ''تشبيه'' چئبو آهي. جنهن جي ڀيٽ ڪئي وڃي تنهن کي ''مشبه'' ۽ جنهن سان ڀيٽ ڪئي وڃي، اُن کي ''مشبه به'' ڪري چئبو آهي. اها تشبيه، جهڙو، جهڙي، وانگر، وانگيان وغيره حرف تشبيه جي استعمال سان ڪئي ويندي آهي.

سامي، ڪنهن به شيءِ جي وضاحت لاءِ انهن تشبيهن جو استعمال ڪري اُنهن کي بهترين ۽ اثرائتي اسلوب ۾ بيان ڪري ٿو. ڪنول جي گلن ڏسي اُن سان مهاپرشن جي ڀيٽ ڪندي چوي ٿو ته جيئن ڪنول جون پاڙون تلاءَ جي تري ۾ ڪتل هونديون آهن ۽ پاڻ گند ڪچري ۾

---

1 - قريشي حامد علي خانائي: 'ساميءَ جا سلوڪ' (ماهنامه نئين زندگي ڪراچي اپريل 1965ع): صفحو 26

ڪيل آهي ۽ نہ گيتا مان ڪو جنسي سنسڪرت ۾ سلوڪ ڏنو اٿس. شاہ صاحب جي ڪلام ۾ قراني آيتن، حديثي حوالن ۽ عربي قولن جي ڪمي ڪانهي. هتي هڪ ئي مثال ڪافي آهي:

ڪوٺي ڪتائون، اڄ پڻ اڪڙين سين،
ماس وراهي هلئا، ڪرنگل ڇڏيائون،
موتو قبل انت موتوا، اينءَ اُتائون،
مئي مارِيائون، ڪلي گهاريو سڄڻين .

(سر بروو سنڌي)

شاہ صاحب جي ڪلام ۾ جيڪڏهن قرآن پاڪ مان آيتون ۽ عربي قول اچن ٿا، تہ اهو ڪو عيب نہ، پر هڪ نزاڪت آهي، جا هو صاحب نهايت دلڪش نموني ۾ ادا ٿو ڪري. ڪيترن هنڌن تي عربيءَ سان گڏ، اُن جي مهٽي نموني ۾ معنيٰ بہ ڏيئي ٿو وڃي. اها صنعت سنڌ جي قديم شعر جي معنوي سونهن ڪي وڌائي ٿي.

ساميءَ جو هر سلوڪ، قافيي ۽ ماترائن جي لحاظ کان پورو ۽ پختو هليو اچي ٿو. هن صاحب ڪٿي بہ قاعدي جي انحرافي نہ ڪئي آهي. قافيہ نسبت، سامي صاحب جا ڏوهيڙا بلڪل پختا آهن. ڪنهن ورلي سلوڪ ۾ قافيي جي هم آوازيءَ جو اصول ترڪ ٿيل آهي. پر اُهو ڪنهن بہ درويش جي ڪلام ۾ عيب نہ ليکجي. 1

سامي صاحب، شاہ ڀٽائيءَ کان ڪافي متاثر پيو نظر اچي، تڏهن ئي تہ هن پنهنجي ڪجهہ سلوڪن ۾ شاہ صاحب جي موضوع کي دهرايو آهي:

سهسين سڄڻ اُڀري، چوراسي چنڊن
باالاہ ري پرين، سڀ اونداهي ڀانئيان

('سر ڪنيات' شاہ)

ساميءَ اهو ساڳيو خيال لڳ ڀڳ هڪ سؤ سال پوءِ لکيو :

1- محمد صديق ميمڻ: 'سنڌ جي ادبي تاريخ' (ٻاڳو ڀڱريون): صفحہ-237

انسان، پاڻ کي ڪوريئڙي وانگر پاٽيهي موه جي ڄار ۾ ڦاسائي وينو آهي:

تاڻي منجهہ تٽي، تو ڏانور جان پاڻ کي

سامي صاحب، ساڌ سنگت تي ائين فدا آهي، جئن پوئنر گل تي ۽ مڇلي پاڻيءَ تي ۽ مرگهہ بنسريءَ تي.

'سامي' رچي ڪين، ساڌ نگت هر پڳت مون،
رهي سدائين جل ۾، جئن پياسي مين،
پنور نہ بيدي گل کي، مري ٿئي لنو لين،
مرگهہ موهيو رس بين، صرفو ڪري نہ سر جو.

ساميءَ آتمڪ پريم جو ورنن ڪندي، 'چڪور'، 'پوئنر'، 'مڇي' ۽ 'پپيهي' جي تشبيه جو استعمال ڪيو آهي:

پلڪ نہ ٿئي پري، نيهي نارائڻ ڪون
من ۾ چندر چڪور جيان، درسن ڏيان ڌري
پوئنر رهي نہ واس ري، جل ري مين جري،
'سامي' تڏهن ٺري جڏهن پوي بوند پپيهہ تي.

سامي صاحب، ويدانت جي پڻ انوکي فلاسافي روپڪن وسيلي سمجهائي آهي تہ خود ايشور کي ڪهڙي نموني سمجهجي ۽ بين کي سمجهائجي! عارف ۽ عاشق، يا مهاپرش ڪيئن ايشور سان هڪ ٿين ٿا. آهو مک ۽ اها واٽي ڪٿان اچي، جو برهم جي اننت سروپ جو ورنن ڪري سگهجي:

ويدانتي واٽي، هڏي جنهن 'باڻيڻ' چئي،
تنهن مورت محبوبن جي ڄاڻ ڪيي ڄاڻي،
جئن گهاگهر لوڻ جي، پرڻ هلي پاٽي،
سنڌ ۾ سماڻي، موٽي موٽي ڪينڪي.

سامي صاحب، اوديا جي ڪهڙي نہ سٺهي، روپ ۾ تشبيه ڏني آهي. هو چوي ٿو تہ سارو سنسار اوديا جي خوديءَ کان پاڻ بچائي نٿو سگهي. ڪو ورلي مهاپرش پاڻ کي ان کان بچائي ٿو.اوديا جو پرم روپي

رهندي بہ اُن کان ٻاهر منهن ڪيي پيو مرڪندو آهي، تيئن جنهن جي
مٿان ستگر پنهنجي ديا ڪري اگيان جو پردو پري ڪيو آهي، اُهو من
سنسار ۾ رهندي بہ ڪامنائن جي ڪن کان آجو ۽ اوجل رهي ڪنول جي
گل وانگر اليپ هوندو آهي.ساميءَ ٻيون بہ گهٽيون ئي تشبيهون ڏنيون آهن
شرير ۽ ڏن ٻيئي عارضي اهن. ٻئي جل جي ڦوٽي ۽ وڻ جي ڇايا مثل
ٿوري وقت ڪانپوءِ هميشه ختم ٿي وڃڻا آهن:

سدائين نرمل ساڌو، جن سنسار ۾
ليپ نہ لڳي تن کي، جيئن جل رهن ڪنول؛
اندر سم سيتل، ٻاهر تتا تاو جان

پريو، ڪائنات ۾ ائين وسي ٿو جيئن پاري ۾ پاڻي سمايل آهي
ان کان جدا نٿو ٿي سگهي. ساڳي طرح ايشور بہ هن ساڄي سرشٽيءَ ۾
سمايل آهي. پر اها سڌ ڪنهن ڪامل شخص ڄاتي آهي ۽ اهڙي پرش جي
ورتي، سندر سروپ پرماتما ۾ سمائجي ويئي آهي:

پاري ۾ پاڻي تئين وياپڪ وسي سڀ ۾،
سوکم سڌ پرين جي ڪنهن ڄاڻائي ڄاڻي،
سامي سماڻي، تنهنجي سرت روپ ۾.

انسان، کنڊ جي رانديڪي وانگر آهي. جيڪو پاڻيءَ ۾ ملي
پنهنجو وجود وڃائي، ان ۾ هڪ ٿي وڃي ٿو. سالڪ، جڏهن پنهنجي دل
ايشور سان جوڙي ٿو تہ پنهنجو سڀ ڪجھ وساري ان سان ملي هڪ ٿي
وڃي ٿو. هن جي من مان اوديا روپي ميل نڪري وڃي ٿو. هرديہ
پرينءَ جي ياد، اُتي آنند بخشيندڙ آهي. تيئن مالڪ، جڏهن وهم وسوس
ٽِلائي اندر مان تمام ميل ڪيي، پنهنجي دل مالڪ سان جوڙي ٿو تہ ڪيس
درشنيءَ ۾ محبوب کانسواءِ ٻي ڪابہ هستي باقي نہ ٿي رهي:

سهجي سک ٿيو، جڏي ملي دل ديال سان،
اوديا دک اندر مون، سامي سڀ ويو،
بنا درسن دوس جي، ڏسي ڪين ٻيو،
پاڻيءَ منجھ پيو، جيئن کليوٽو کنڊ جو.

رتي ويئي آهي.

اوديا جو درياه، ڪک ڪرم لنگهائين ڪينڪي
تار وهي تک تار سان، اڻ هوندو اُسگاه،
سامي ٻيڙيءَ ساچ جي چپوُ ڪري ويساه،
تہ ستگر مرد ملاح، پار لنگھائي پل ۾.

هن سلوڪ ۾ چپوءَ جي اصلي معنيٰ ڇڏي، سنسار جي لهرن مان پار پهچاڻ جو وسيلو ڪري ڪم آندو آهي. هتي چپوُ آهي ستگر ۾ وشواس جنهن جي مدد سان هن سير مان لنگهي پار پئجي سگهجي ٿو.

مراعات النظير :

اُها صنعت، جنهن ۾ هڪ لفظ جو بيان ڪري، اُن سان واسطيدار ٻيا لفظ پڻ ڪم آندل هجن، جيئن مينهن جو بيان ڪجي تہ اُن کان پوءِ چنجي يت وسيا، ڊت وسيا، تلاءَ ڀريا، نديون وهيون، سانگي سرها ٿيا وغيره جو بيان آيل هجي. ان صنعت ۾ اهڙا لفظ استعمال ڪبا آهن ۽ مضمون ۾ اهڙو مواد ڪم آڻبو آهي، جن جو هڪ ٻئي سان واسطو رهندو آهي ۽ جن جي وچ ۾ مناسبت هوندي آهي. انهيءَ ڪري هن صنعت کي 'متناسب' بہ چوندا آهن.

پنهنجي پوک سنيار، پراڻي پيهي تي چڙهي،
ڏيئي واڙ ويساه جي پاڻي پريم پيار،
ڪميا ڪانياٽيءَ سان، ڪيي ڪلپت جهار،
ڪٽنديں بيحد ٻار، سامي انيئہ ان جا.

هتي پوک جو ذڪر ڪري اُن سان لاڳاپيدار لفظ پيهي، پاڻي، جهاز ۽ ٻار لفظ ڪم آندا ويا آهن. جهڙيءَ طرح سان ٻنيءَ مان ان جا انبار ڪٽڻ واسطي جيسين پوک پاڇي راس ٿئي، تيسين ٻنيءَ جي پوري طرح سنيال ڪرڻي پوندي آهي. جيئن تہ ٻنيءَ کي پاڻي ڏيڻ، ٻنا ٻڌڻ، پيهي تي چڙهي ڪانياٽي هلائي جهار هڪلڻ (پکي پڪڻ)، اهڙي طرح اي انسان! تون بہ پاڻنين تہ توکي آتم پد جي ان جا ٻارا نصيب ٿين، جن جو انت ئي

پوت سيني کي نچائي يا رلائي رهيو آهي. جيڪو بنا ڪنهن رسيءَ يا چار جي سيني کي ڦاسائي دکي ڪري رهيو آهي. جيئن هڪ بازيگر، باندر کي در در پنائي نچائيندو آهي:

اوديا رلائي ٿي، جنمن ۾ هن جيءَ کي
جيئن بازيگر باندر کي در در پنائي،
مورک ڏسي ڪينڪي، منهن مڙهيءَ پائي،
ستگر جاڳائي، تہ سامي ڇٽي دک کون.

روپڪ النڪار (استعارو)

'استعاره' جي لفظي معنيٰ آهي 'اُڌارو وٺڻ'. ان ۾ لفظ جي اصلي معنيٰ ڇڏي، اصطلاحي معنيٰ ورتي ويندي آهي. جنهن سان ڀيٽ ڪيل هجي، اُن لفظ کي 'مستعار' ۽ ان وجود کي 'مُسعار منه' جنهن کان اُڌاري معنيٰ ورتي ويئي هجي، جنهن جي ڀيٽ ڪئي وڃي، تنهن کي 'مستعار لهہ' ڪري ڇئبو آهي، جنهن جي ئي وصفن جي وياکيا ڪرڻ لاءِ 'مستعار منه' کان اُڌاري معني ورتي ويندي آهي.

ساميءَ جا سلوڪ ڪيترن ئي استعارن سان پريا پيا آهن. جن ۾ اهي شاعرانہ صنعتون جيئن جو تيئن پريون پيون آهن. هوُ جيڪا ڳالهہ حقيقت ۾ بيان ڪرڻ چاهي ٿو، سا تيسين مخفي (لڪل) رهجي وڃي ٿي، جيسين آخري سٽ جو پويون پد نہ پڙهجي جنهن ۾ حرف تشبيه يعنيٰ جهڙو وانگيان جيان ڪتب ڪونہ آڻبو آهي. پر خود جنهن جي ڀيٽ ڪبي آهي، سو ان جو روپ ڪري ڄاڻبو آهي، جنهن سان ڀيٽ ڪرڻي هوندي آهي:

سنتن ڪيئو هٽ، هيرن ۽ لعلن جو،
کولن ڳنڍ خوشيءَ سان، ڏسي نهڪپٽ،
عينڪ ڏيئي اڻ ملهي، پر ڪائن پر گهٽ،
'سامي' لائي لٽ، جٽ جوڙي ڪن جواهري.

سنتن جي سنگ ڪرڻ سان جيون جا اڻ ميا هيرا جواهر ملن ٿا. هن شعر ۾ هيري ۽ لعل جي اصلي معنيٰ ڇڏي، ان جي قدر قيمت واري اُڌاري معنيٰ

۽ جيو آتما پرماتما سان هڪ ٿي ويندو.

حيرت ائون هاسو اچي هڪ اچرج تي
سامي ڇاٽي پاڻ کي، ابناسي ناسي،
ڪُپڙي ۾ آڪاس پيو، ڦاهيءَ ري ڦاسي
پاڻيءَ ۾ پياسي، مري پپيئو مت ري.

سامي چوي ٿو ته حيرت سان گڏ ڪل ٿي اچي ته انسان، امر هوندي به پاڻ کي مرڻي وستو سمجهي ويٺو آهي ۽ هو مُن ڪپڙي (ديه) ۾ ائين اچي اٽڪيو آهي، جيئن ڪو آڪاش ڪنهن ڪپڙيءَ ۾ قيد ٿئي. جهڙي نمونو آڪاس، هڪ بند ۾ قابوُ ٿي نٿو سگهي، ان نموني آتما به آڪاش وانگر نرليپ آهي، اُها سرير ۾ اسرير ٿي نه ٿي سگهي، پر پولي سبب منش، پاڻ کي سرير سمجهي پنهنجو نج سروپ وساري سرير جا سور پيو سهي، ساميءَ پوءِ مثال ڏيئي اها ڳالهه نرنئہ ڪري ٿو ته جيئن پاڻيءَ ۾ ڦوٽو، پياس وگهي مري، تيئن انسان به اجايو مري رهيو آهي. انهيءَ پولي جو ڪارڻ اگيان آهي.

مبالغو :

'مبالغو' اهڙي صنعت کي چئبو آهي، جنهن ۾ شاعر ڪنهن ڳالهه کي وڌائي اهڙيءَ طرح بيان ڪري، جو اعتبار ۾ ئي نه اچي:

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ذري،
لڳي ماڳ مرن کي، ڏونگر پون ڏري،
وڃن وڻ ٻري، اوپر اُٻري ڪين ڪي.
(شاه)

شاه صاحب، سسئيءَ جي دل جي ترجماني ڪري ٿو. جڏهين سسئي، ٽڪر تاڪي، جهنگ ۽ جبل جهاڳي، ٿڪي آهي؛ تڏهن چوي ٿي ته جيڪڏهن سورن جي ڳالهه جو فقط ذرو ظاهر ڪريان ته جانورن کي به حيرت اچيو وڃي ۽ جيڪر ڏونگر (جبل) به ڏري پون. انهيءَ جاءِ تي (جتي سورن جي ڪهاڻي ظاهر ڪريان) هوند نه وڻ اُٻري، نه ساوڪ

نہ آهي تہ تون پنهنجي ڪرمن جي ٻني سنڀال، اُن ڪي ايشور ۾ وشواس
جا ٻنا ڏيئي، رام نام جي پريم جو پاڻي پيار ۽ سچ جي پيهي تي
چڙهي، ڪميا جي ڪانياڻيءَ مان گيان جاگليلا مار تہ ڪلپت جي جهار،
جهري پوي. يعني ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موه ۽ اهنڪار هميشه لاءِ ناس
ٿين.ساميءَ پيا بہ ڪيترا روپڪ ڏنا آهن:

ڪري ڀاءُ ڀڳت 'سامي' تر سنسار مون،
ٻيڙي ڪر ويساه جي، چپو محبت مت،
ستگر پرک ملاح ڪر، پتڻ ڪيُ ڪمت،
ساڪي جاڻي ست، پهچين پار پرم ڪون.

هتي ترڻ جو ذڪر ڪري، اُن سان واسطيدار لفظ ٻيڙي، چپوُ،
ملاح ۽ پتڻ جوبيان ڪيل آهي. سامي چوي ٿو تہ جي سنسار ساگر مان پار
پوڻ چاهين ٿو تہ ڀڳتي ۽ ويساه جي سڙه سان ايشور ڏي شرڌا جي ٻيڙيءَ
تي چڙه ۽ ملاح (مير بحر) ستگر ڪر. اُن جو پتڻ (پار پوڻ جو پاڙو)
آهي. دل مان دغا ۽ دولاب ڪيڻ ۽ پنهنجي ساڪي (آتما) ڪي استت
(قائم) ڪري ڄاڻ. انين ڪرڻ سان ني وهم وسوسي ڪان ڇٽي وڃي
ٻيءَ پر پهچبو ۽ برهم سان لين ٿبو!

ويچار شڪتي (تخيل) :

سامي انتهائي وڏي تخيل جو مالڪ آهي. هو تمام ڳوڙها ۽
پيچيده مسئلا سرل نمونې ۽ مايدار لفظن ۾ ظاهر ڪري ٿو:

مڙهيءَ منجهہ مڙهي، تنهن ۾ مڙهي دوست جي،
پاڻ مڙهيءَ ڪون پار ٿي،چاڙهي ڏس چڙهي،
پيچي پرم گهڙي، ناٿ مليو نج ناٿ سان

سامي فرماني ٿو تہ اسان جي مڙهيءَ (سرير) ۾ هڪ ٻني جو
گهر آهي. جو اسان جو دوست آهي. مگر هن جي گهر ۾ گهڙڻ لاءِ اسان ڪي
پنهنجو گهر (پاڻ) وساري وهڻو آهي ۽ اندران ٽبي ڏيئي اها اُتاهين واٽ پار
ڪري پرم جي گهڙي، توڙبي تہ پوءِ ني ناٿ، نج ناٿ سان وصال ماڻبو.

ڪيو آهي:

پڇم ڪي پوُرب، مورک ڄاڻن مت ري،
ويٺا پير فقير ٿي، ڪري ڪوڙ ڪسبُ،
سمجهي ڪو 'سامي' چئي، محبتي مطلب،
ڏول ملڻ جو ڏب، جنهن ڪي ڏسيو ستگروءَ.

سامي صاحب فرمائين ٿا ته مت جا موڙهيا نادان ڄاڻي واڻي پشچم کي پورب پيا چون ۽ ڍونگي ٿي ڪري فريب ۽ دولاب کان ڪم وٺي ڪري پاڻ کي پير فقير پيا سڏائين. ابوجهه ماڻهن کي ٺڳن پيا. پر ان جي ابتڙ جي ستگر جي لڙه وٺن ٿا، اهي سالڪ، ڍونگ کان پري رهي من ۾ سپرين جي سار سانديندا اچن ۽ اها ئي وات اڳتي ٿا وڌن. جتي کين دوست جو ديدار نصيب ٿئي ٿو. ان طرح شاعرانه صنعت موجب سامي صاحب پشچم ۽ پورب به تضاد وارا لفظ ڪم آڻي پنهنجي معنيٰ سمجهائي آهي:

تجنيس حرفي :

اُها تجنيس جنهن ۾ ڪيترا لفظ اهڙا هجن،جن جو پهريون حرف ساڳيو هجي ان کي 'تجنيس حرفي' چوندا آهن.

مايا مت موڳي، موهي ڪئي ماڙن جي
پلي پوساگر ۾، پون ٿي پوڳي،
'سامي' مليو سروپ سان، ڪو جاڳيو جوڳي،
انيئه اروڳي، گهرو لڌو جنهن گهر مون.

هن سلوڪ جي پهرئين سٽ ۾ ڪيترا اهڙا لفظ ڪم آندل آهن، جن جو پهريون حرف 'م' آهي. ساڳئي نموني ٻئي سٽ ۾ 'پ' حرف سان شروع ٿيندڙ لفظ آهن ته ٽئين سٽ ۾ 'س' سان پڻ ٿي جدا جدا لفظ ڪم آندل آهن. جڏهن به ڪنهن شعر ۾ الڳ الڳ لفظن جي شروعات ساڳئي حرف سان ٿئي ته شاعرانه صنعت موجب اُن کي تجنيس حرفي ڪري چئبو آهي.

سبزي! شاه صاحب اهو مبالغو ڪيو آهي. جيتوڻيڪ ڪٿي قبول ڪاجي ته سسئيءَ ڪي بي انداز سور هئا، ته به سندس حالت ٻڌڻ کان جبل ڪين جلن ها ۽ نه وري زمين ئي پيدائش کان ٻيهي وڃي ها! چئبو آهي ته فلاڻي متان مصيبت جو جبل ڪڙڪيو آهي، يا هو چنڊ کان به زياده حسين آهي. سڪندر بادشاه اهڙو جبرو ۽ رعبدار حاڪم هو. جو چنڊ، تارا ڪتيون اهڙ به سندس حڪم ۾ پئي هليا. اهو سمورو مبالغو (وڌاءُ) آهي.

سامي صاحب، درد ۽ فراق جون دانهون ڪندي مبالغه آرائيءَ کان ڪم وٺندي چوي ٿو ته هي سپرين تنهنجي جدائيءَ ۾ منهنجون رڳون به روئي رهيون آهن ۽ جسم جي ذري ذري مان دانهون پيون نڪرن. اکيون، ڳوڙها نه پر رت جا ريلا پيون ڳاڙين هي پرين! شال تنهنجو درشن نصيب ٿئي ته من کو آرام ملي. هن سلوڪ ۾ رڳن جو روئڻ، جسم جي ذري ذري مان دانهن نڪرڻ ۽ نيڻن مان رت جي ڌارا وهڻ اها سڀ اڻ ٿيڻي آه. پر شاعر، درد جي پيڙا ٻڌائڻ لاءِ مبالغه آرائيءَ کان ڪم ورتو آهي:

آءُ منهنجا سپرين، تو بن جيءَ جهري
رڳان روئي ٿڪيون، ٿي لونءَ لونءَ دانهن ڪري
نيڻن نير نه نڪري، روئن رت پري
موهن ٿئي مري، درسن ڪارڻ دوس جي.

وروڌ آڀاس (تضاد) :

اها صنعت، جنهن ۾ به اهڙا لفظ ڪم اچن، جن جي معنيٰ هڪ ٻئي جي اُبتڙ هجي. جيئن قاسم جو هڪ شعر پيش خدمت آهي:

ڪيڏي قلب مان، ڪوڙ ڪثرت سندو
وٺي وات وحدت، سندي وک وڌاءِ.

مثال ۾ ڪثرت معنيٰ گهڻائي ۽ وحدت معنيٰ هيڪڙائي ٻئي هڪ ٻئي جا ضد لفظ ڪم آندل آهن. شاعر جو مطلب آهي ته دل مان ڪوڙ ۽ استيه جا پندار ڪيڏي ڪري هيڪڙائيءَ جي سچي وات وٺڻ کپي. ساڳئي نموني سامي صاحب پڻ پنهنجي سلوڪن ۾ ان صنعت جو استعمال

انسان اوديا جي اوٽ سبب صحيح عڪس ڏسڻ کان عاجز آهي.

سنڌي ادب ۾ شاه عبداللطيف پنهنجين ڪهاڻين ۾ مالڪ کي مرد ٻڌائي، سيني سورمين کي سالڪ ٻڌايو. ساچل پڻ اهڙي تمثيل ڪم آندي آهي. گرونانڪ ديو، ڀڳت ڪبير به ساڳي واٽ ورتي. اُن جي سمجهاڻي نفسياتي علم جي ويچار کان، اسان کي نارد جي ڀڳتي سوترن ۾ ملي ٿي.آد کان وٺي، نارد پرم ڀڳت ڪري ليکيو ويندو آهي. هندو ڌارمڪ اتهاس موجب، اُن ئي ڀڳتي مارگ ڦهلايو. اسان کي ڀڳتيءَ بابت اهڙا ويچار، نارد جي ڀڳتي سوترن ۾ ملن ٿا.

ايشور کي نرگڻ ۽ سگڻ روپ ۾ ياد ڪجي ٿو. انساني دماغ لاءِ سگڻ روپ جو ويچار آسان آهي. ان سگڻ روپ ۾ پڻ، انساني ناتن دواران هن محدود جيو، بيحد کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. عيسائي اُن کي پتا جي روپ ۾، مسلمان نرگڻ روپ ۾ ۽ سوامي ڪرشن پرم هنس جهڙو سنت پاڻ کي ٻالڪ سمجهي کيس ماتا جي روپ ۾ ڏيائي ٿو. جو ته ٻالڪ کي پيءُ کان وڌيڪ ماءُ ويجهي ۽ مٺي لڳندي آهي.

ارجن، سري ڪرشن جو وراٽ روپ ڏسندي ڊڄي ويو ۽ کيس اُستتي ڪري چوڻ لڳو ته ''هي ناٿ جي توکي متر سمجهي، اُٿندي، وهندي چرچا گهڻا ڪندي، ڪا بي ادبي ڏيکاريم ته معاف ڪجانءِ.''
هنومان، شري رامچندر کي مالڪ ۽ پاڻ کي ان جو شيوڪ سمجهي شيوا ڪئي. يشوڌا ان گرڌر کي ٻالڪ سمجهي، ان جي ٻال ليلائين سان موه رکيو. راڌا، پتي پريم ڏيکاريو. ميرا، پاڻ کي سندس استري سمجهي ان پيتار کي ڏيائيو.

انهن انساني رشتن دواران پريم جو اظهار ٿئي ٿو ۽ ناتو پڻ وڌي ٿو. پر ويجهي ۾ ويجهو ناتو جنهن ۾ ٻيائيءَ جا ٻنڌن گهٽجي قدر دور ٿي وڃن ٿا.سو آهي زال مڙس جو، جي هڪ ٻئي جو ارڌ سرير آهن. زال جي جيوت، مرد، بنا اڌوري ۽ مرد، زال بنا اڻپورو. اهو ناتو، اهڙو روپ ني آهي، جنهن ۾ سالڪ پنهنجي پريٖنءَ جي مشاهدي ماڻڻ جي ڪوشش

تجنيس خطي :

اُها تجنيس، جنهن ۾ لفظن جي اکري صورتخطي اهڙي هوندي آهي. جيڪڏهن ان جا نقطا ڊاهي ڇڏجن ته باقي هڪجهڙو روپ وجي بيهندو. يعني لکڻ جي صورت ۾ هڪجهڙا پر الڳ الڳ نقطا ڏيڻ ڪانپوءِ نهيل حرفن ۽ معنيٰ ۾ مختلف. جيئن 'محبت' ۽ 'محنت'.

ڪئي جنهن جفا، گرگم سڪ سچيءَ سان،
ڪتيا تنهن ڪلپت جا، سامي سڀ خفا.

متئين سلوڪ ۾ 'جفا' ۽ 'خفا' ٻنهي لفظن مان جيڪڏهن نقطا ڪيي ڇڏبا ته ٻئي لفظ ساڳي صورت ۽ روپ جا وجي بيهندا. پر الڳ الڳ جاين تي نقطا ڏيڻ سان اهي پنهنجي الڳ معنيٰ ڏيکارين ٿا. شاعرانه صنعت موجب اُن کي تجنيس خطي ڪري چئبو آهي. يعني جنهن ۾ لفظ هڪ ئي خط و خال وارا ڪم آندا وڃن.

ايهام :

صنايع معنوي جي هن صنعت ۾ اهڙو مواد ڪم آندل هوندو آهي. جنهن جون ٻه معنائون ٿي سگهنديون آهن:

(1) قريب الذهن : يعني جيڪا ذهن کي ويجهو هجي ۽ جلد سمجھ ۾ اچي.

(2) بعيد الذهن : جيڪا ذهن کان دور هجي، جنهن تائين پهچڻ ۾ سمجھ کان ڪم وٺڻو پوي ۽ توري جاکوڙ ڪرڻي پوي:

ٿئڙو جيءُ انڌو، اوديا منجھ اچي ڪري
ڏيئي ويٺو پاڻهين، اکيون مڪ سنڌو
راتيون ڏينهن ڏنڌو، 'سامي' رچي سڪٽو.

متئين سلوڪ جي پهرين سٽ ۾ 'انڌو' لفظ جي پهرين معنيٰ ذهن تي تري اچي ٿي سا آهي نابين. جنهن جي اکين جي روشني ويل هجي پر توري سوچ کان پوءِ جا اصلي معنيٰ شاعر چوڻ چاهي ٿو. اها آهي ته

سيني کان الڳ هڪ اوچي پد تي براجمان ڪن ٿا."[1]

ساميءَ جي شاعريءَ ۾ شاهه جهڙي پهاڙ جي چوٽيءَ تان ڪرندڙ پاڻيءَ جي رواني ۽ تيزي نه آهي. پر ان جي سيني ۾ جو سيتل جل جو چشمو ۽ انحد جو آواز، عرق عنبر جيان پڪل ۽ نرمل نير اسان جي ترشنائن جي تتل من کي ٺاري ڇڏي ٿو. جڏهن دنيا جا دهشت انگيز واقعا دل کي بيقرار ڪن ٿا، جڏهن حرص ۽ هوس جي جيوت، ظاهري ٺاٺ باٺ جا ساڌن، اُتم ڌن وڃائي ٿا ڇڏين، تڏهن ساميءَ جا سلوڪ، امولڪمانڪ-ديه جي ياد ڏياري، اُن ۾ ساڃاهه ۽ خبردار رهڻ سيکارين ٿا.

سامي جي سلوڪن ۾ جيون جهانڪي کان وڌيڪ سندس ادبي درشن سمايل آهي. هن جا تمام سلوڪ سادا، سرل سلوڻا، ساهتڪ رس ۽ معنوي موتين سان سرشار آهن. جن ۾ پرتوي، آنند ڌام ٻڌاجي جڙ وستن ۾ چيتن جو چمتڪار پسڻ جي پريرڻا ڏني ٿي. سامي به شاهه ۽ سچل جيان سماع تان صدقي ويندو هو ۽ پنهنجي تنبوري جي تار تي اهڙا سلوڪ آلاپيندو هو. جي اڄ به انساني جيوت جو حصو بڻيا پيا آهن:

> سدا ڪر شڪر، 'سامي' در دوست جي،
> ياوين ملي مليدو، ياوين سڪو ٽڪر
> رکي چاهه اندر ۾، گهٽ وڌ ڪڏي نه گهر،
> نور انهيءَ ۾ نر، ته خاصو خلوتدار ٿيئن.

اهڙا پيا به ڪيترائي سلوڪ آهن، جن ۾ اجوڪي جيءَ جلائيندڙ ذهن جي تنتن تان تناو جي بوجهه هلڪي ڪرڻ لاءِ اُپاءَ آهن. جيڪڏهن جڳياسو، سڪ سان ستگروءَ يا ساڌ سنگت جي ستسنگ جي واٽ وٺندو تڏهن ئي ترشنا جي تيز تار، جنهن ۾ دنيوي، ڪوڙن ناتن جا واڳهو ۽ ڪاڇ مڇ آهن، انهن کان محفوظ رهي سگهندو.

1- ليکراج عزيز 'سامي' :صفحه 11

ڪري ٿو. سامي صاحب پڻ ان سهاڳڻ جي ساراهه ڪئي آهي، جنهن پنهنجي پرينءَ کي ريجهايو آهي ۽ پرين جنهن کي پنائي ٿو:

جنهين من ڏيئي، پرين ريجهايو پانهنجو،
سا سهاڳڻ ٿي، پرينءَ ڳل پيئي،
منن ساڻ مرم جي، سرتيون سيئي،
تاريائين هيئي 'سامي' پيڪا ساهرا!

شاهه جون ست سهاڳڻيون ساميءَ جي هڪ ئي سهاڳڻ جي عڪاسي ڪن ٿيون. ان ڪانسواءِ مايا، اوديا، ڪلپت، مانک ديه، سيوا، سک پڳتي وغيره سندس تخيل جي پرواز آهن، جي انساني جيوت جو جزو مڃيا وڃن ٿا. ساميءَ جي عبارت، جڙتو ۽ بي سوادي ناهي. هن جا ويچار ۽ سنسڪار، انڀوءَ ۽ آزمودا ڪيس صوفي شاعرن شاهه ۽ سچل جي صف ۾ ترويڻيءَ جيان بيهاريو آهي. هن جا سلوڪ ويدانت جي خالص خوشبوءَ سان سرشار آهن، جن جي مطالعي مان جسماني يا نفساني خواهش جي چڪ ڇڏايو وڃي ۽ روحاني يا آتمڪ آنند جي پراپتيءَ ڏانهن من مائل ٿيو پوي. اهو ئي آهي هڪ ڪامل ڪويسر جو ڪلام جو ڪيس شاعري جزويست از پيغبريءَ جي اعليٰ درجي تي ٿو پهچي. هن سلوڪ ۾ اهو ئي سنديش سمايل آهي، جو ماضي، حال ۽ مستقبل ۾ پيو هليو هلي.

ليکراج عزيز ساميءَ جي شاعريءَ بابت چوي ٿو :

''سامي'ءَ جا سلوڪ ويهي پڙهبا تہ من جا مچ، پيٽ جا پچ ۽ دل جا ڏاڍ ڪافور ٿي ويندا ۽ اندر ٿڌيل پاڻيءَ وانگر ٺري پوندو هن جي سلوڪن ۾ چندرما واري سيتليتا، ساگر واري گهرائي ۽ آڪاش واري وشالتا آهي. اهي ٿيئي، امولڪ گڻ آهن. جي ڪيس سنت جي ڪوين ۾

اب 8

سنڌي ڀڳتي شاعريءَ ۾ ساميءَ جو يوڳدان
۽ شاعرن تي اثر

سنڌ جي سر زمين، انيڪ سخن ور شاعرن کي جنم ڏنو آهي. جن
هنجي ذات ۽ ڪلام سان وحدت الوجود توڙي ايشور جي هيڪڙائيءَ
و پيغام پئي ڏنو آهي. انهن جو ڪلام هڪ اهڙو عميق ساگر آهي، جنهن
ن ادبي غواصن وقت به وقت پئي سپون سوجهي ڪڍيون آهن. ڪيترن
ي ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن، انهن عارفن جي ڪلام جي فلسفيانه ڇنڊ ڇاڻ
ڪندي سندن ساراه جا ڍڪ پئي ڀريا آهن.

دنيا جي اتهاس جو اڀياس ڪندي معلوم ٿئي ٿو ته وچولي زماني
نه رڳو هندستان پر ٻين ملڪن ۾ به حڪومت، مذهب يا جاگيردارانه نظام
لاف جيڪا وڏي ۾ وڏي هلچل هلي اُن ۾ رهسيواد (Mysticism)
رفهرست هئي. جيو آتما ۽ پرماتما جي پريم کي رهسيواد چئجي ٿو.
ندستان ۾ صوفي ۽ سنت ڪوي ان هلچل جا باني هئا. جن مان ڪيترن
و ڪلام ظاهري طور ڌرم جي رنگ ۾ رڱيل ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پوءِ به
يڪبينيءَ سان ڏسڻ سان اُن ۾ عام جنتا جو ڏک درد، حاڪمن، تنگ دل
ذهبي ڪٽرپنٿين ۽ مٿين طبقي جي ظلم وستم جي عڪاسي ڪيل
لر اچي ٿي. انهن عارفن، مدي خارج رسمن، ڌرمي ڏيکاءَ ۽ پاکنڊ تي
ڪڙي ٽيڪا ٽپڻي ڪندي، هڪ ايشور جي ڀڳتيءَ جي سکيا ڏني آهي.
هن جي ٻولي سنسڪرت نه پر هندي يا ٻيون ڪيتريون ئي علاقائي
ليون هيون. اهڙي سماجي ڪشمڪش ۽ راڄنيتي مونجهاري وقت
ذيب ۽ وشواس جي هڪ نئين سجاڳيءَ جو جنم ٿيو. انهن سنت ڪوين

ان طرحساميءَ جي سلوڪن ۾ صنايع ۽ بدايع جملي شاعرانہ صنعتون ۽ ويد جي گلزار جا گل آهن، جن جي رنگيني نہ صرف سنڌي سخن جي باغ ۾ هڪ بي بها رونق لڳائي ٿي، پر انهن سلوڪن جي عبارت ۾ پڻ طرحدار تراوت آڻي فصاحت ۽ بلاغت پيدا ڪري ڇڏي آهي.

موڙ ڪين ڏسن، سامي سپرين ڪي،
تپ، تيرٿ، ورت، نيم جڳ، جهد ڪيو جاڳن،
غفا، بن، پهاڙ ۾ بک اُڃ دک سهن،
بنا ساڌ سنگت جي وهڻ منجهه وهن،
ڪي لڪايا لهن، سامي سپرين ڪي.

اهڙي نموني ساميءَ سچڻ کي آڪاش تان لاهي ڌرتيءَ تي آڻي
ن، پهاڙن، شاسترن ۽ ڪتابن جي قيد مان ڪڍي عام ماڻهن جي وچ ۾
ري ٿو. جيئن صدين کان سڪايل پوئتي پيل انسان به اُهو جو مشاهدو
ي سگهن. ڌارمڪ پوڄا ڪي، پاکنڊ ۽ اڊمبر کان آجو ڪري سليس ٻٽائڻ
ڪ ايشور جو ويچار ۽ اُن کي پريم ۽ ڀڳتيءَ سان پائڻ جو حق عام کي
ي ڏيڻ، ان يگ جي تقاضا هئي، جيڪا ساميءَ ڪافي حد تائين پوري
ئي، جنهن جي اهميت اڄ به قائم آهي. ايتري قدر جو هاڻوڪي
ي ۾ گرديو ٽيگور کي به ان ڏانهن ڌيان ڇڪائڻو پيو:

پوڄا پاٺ ڀڄن آراڌن، سمرن کي ڪر ترڪ صفا،
ڪول اڪيون ۾ جاچ نه ڪرڪا، ڪٿي آهي تنهنجو ڀڳوان؟
هو ته وڃي ان جاءِ رسيو، جت هاري ڌرتي کيڙي ٿو،
پهڻ مزور جتي پيو ڀوڙي، ڀوڙي ۾ ڳڌ ميڙي ٿو.
(ٽيگور)

ٽيگور، ساميءَ کان گهڻو پوءِ جو شاعر آهي. جڏهن ڌرم ۽ مذهب
زور ڪافي گهٽيل هيو، پر جنهن دور ۾ ساميءَ اهو سڀ ڪجهه چوڻ
 جرئت ڪئي. اُها ملن ۽ پنڊتن لاءِ هڪ وڏي للڪار هئي. هوُ سندن
وڙي ڏيکاءَ، پاکنڊ ۽ بهروپ کي بي نقاب ڪندي چوي ٿو:

لکين لباڙي ٻالهيون ڪن اڱم جون،
'سامي' ڪوڙائي ساڌ ٿيا، مٿو ۽ ڏاڙهي،
ڪلڪائين ڪپٽ جي ڪاتي کهاڙي.

ساميءَ نه رڳو انهن پنڊتن ۽ مولوين جا پول پڌرا ڪيا، پر ٻين

اسان جي ساهتيہ ۽ سنسڪرتيءَ کي هڪ نئون موڙ ڏنو.

هندستان ۾ اها هلچل پندرهين عيسوي صديءَ جي شروعات ۾ ٿي ۽ ارڙهين صديءَ تائين هلي. رامانند (1400ع-1470ع) پاڻ براهمڻ ۽ سنسڪرت جو ودوان هو، ته به پنهنجي سکيا ۽ ڪوتا عوام جي بولي هنديءَ ۾ ڇئي. هُن اوچ نيچ، ذات پات ۽ ڌرمي ڀيد ڀاو جي زبردست مخالفت ڪئي. هن چيو ته پرماتما هڪ آهي. اهو نہ مندر، نہ مسجد ۾ آهي، پر پنهنجي دل اندر آهي ۽ ڪير بہ اُن کي پنهنجي پريم ڀڳتيءَ سان حاصل ڪري سگهي ٿو رامانند جو وشواس هو تہ جيڪو بہ رام کي سچي سڪ ۽ ڀڳتيءَ سان ڌيائيندو. سو نئي ڪيس پائيندو. سنڌي ادب جي اڀياس مان پليءَ پت جاڻ ملي ٿي تہ سامي پڻ انهن سنت ڪوين جي صف ۾ شمار آهي، جنهنجي سلوڪن ۾ ان هلچل جي تصوير ملي ٿي:

وڏي وڏائي، 'سامي' جاڻ ڀڳت جي،
نيچ اوچ ٿيا ڪيترا، ڪري ڪمائي،
ڊيڊ، چمار، جولاها، پيباچارا پائي،
جنين لنو لائي، سي سيپئي سڌريا

ساميءَ جي مٿين سٽن کي جڏهن ان زماني جي پس منظر ۾ مادي نقط نگاه کان ڏسجي ٿو تہ انهن ۾ حقيقت جو بيان ڏنل آهي، تہ جن کي هيل تائين نياچ سمجهي ايشور جي ڀڳتي ڪرڻ کان وانجهيو ويو هو؛ تن جاڳي پنهنجو حق حاصل ڪيو هو ۽ اهو ستد ڪيو هو تہ ايشور اڳيان اوچ نيچ جو ڀيد ڀاو نٿو هلي ان زماني ۾ جڏهن پنڊتن ۽ ٻانيڻن، ملن ۽ مولوين ايشور ۽ خدا کي الڳ الڳ روپن ۾ ورهائي مندرن ۽ مسجدن، شاسترن ۽ ڪتابن، ورتن اشنانن ۽ روزا نمازون، نرڳ سرڳ ۽ بهشت دوزخ جي خيالي قلعن ۾ قيد رکيو تڏهن اهڙي ڪرب زده ماحول ۾ ساميءَانهن زنجيرن کي پرزا پرزا ڪندي ڪليو ڪلايو ڇئي ڏنو.

سچ آهي ته جڳت به سچ آهي. برهم ئي هن سرشٽيءَ جو خالق آهي. هن
ڪوريئڙي جي ڄار وانگر پاڻ مان ئي هي جهان خلقيو آهي. اُن جو
ڪارڻ ۽ ڪاريه ٻئي پاڻ آهي:

ڪارج آئون ڪارڻ، پرتڪ پورن آتما
اُپجي نپجي لين ٿئي، جنهن ۾ سڀ جهان.

هرهڪ جيو، جڙ ۽ چيتن (آتما) جو ميلاپ آهي. جيڪي ٻئي چيزون برهم ۾ ئي سمايل آهن. رامانج جي ويدانت مت کي وششٽ ادويت واد چون ٿا. ان مت ۾ اها ترغيب ڏنل آهي ته سنسار سچ آهي ۽ نه مايا يا سپنو. ساميءَ جي سلوڪن ۾ نه فقط شنڪر آچاريه ۽ رامانج جا ويچار سمايل آهن، پر اُپنشدن ۽ گيتا ۾ سمايل ويدانت واري فلاسافي پڻ ڏنل آهي. ان ڪري ساميءَ جي ويچارن ۾ ڪٿي ڪٿي تضاد ملي ٿو. هوُ اُتي ئي چوي ٿو ته هي جڳت برهم خلقيو آهي، جو خلق ۾ موجود آهي؛ يعني جڳت ست آهي. هيءَ ڪا ساميءَ جي پنهنجي فيلسوفي ڪانهي، ڇو ته سو فيلسوف ڪونهي، پر هوُ هڪ شاعر آهي، جنهن جي ويچارن ۾ جيڪو تضاد آهي، سو اُن يگ جو تضاد آهي، اُن يگ جوچتر آهي.

ساميءَ موجب اگيان، برهم ۽ جيو جي وچ ۾ جيڪو ڀيد پيدا ڪيو آهي، سو برابري ڪرڻ ۽ سڀ سان سلز سلوڪت ۾ رهڻ سان دور ٿئي ٿو.

جڳت ڏٺو جانيءَ ۾، جانيءَ منجهه جڳت
سمت سلوڪت، مک رکي موجان ڪري.

اڄ جي وگيانڪ دور ۾ برهم ۽ جيو جي ڀيد جو مسئلو ڇڻ سي ئي ڪونه. اڄ آهي انسان جو انسان سان ئي ڀيد ڀاو. جنهن جو مکيه سبب آهي،ناٽي جي اڻپوري ورهاست. ان ڪري سامي صاحب پنهنجن وڪارن، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موه ۽ اهنڪار کي دٻائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي. هو صرف ائين به ڪونه ٿو چوي ته ڪاجهه ڪرم ئي نه ڪريو ۽ تقدير تي پاڙي ويهو. پر هو اُدم ۽ پرشارٿ کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ٿو ڏني:

حاڪمن ميرن، حاجين مکين ۽ چوڌرين تي جرح ڪرڻ کان بہ ڪونہ
رهيو آهي:

ڪلجڳ جا ڪوڙا، مير متعدي چوڌري
راتيون ڏينهان لوڀ جا، گهرپنڌن هوڙا،
ويساهي ويساه سان، ٻهن وسوڙا،
سامي مت موڙها، مرڻ نہ جاڻن من ۾.

ساميءَ جو اهو سلوڪ پنهنجي يگ جي هڪ وڏي سچائي تو
بيان ڪري، جيڪا اڄ جي بہ سچائي آهي. سامي اڃا بہ اڳتي وڌي
پنهنجي يگ جي تصوير هيئن ٿو چٽي:

چوري نہ چاٽان، مال پرائو نہ چِڏيان
ڏيان بار اٿن جا، ڦريان نماڻا،
تنهن ڪون پڇاڻان، ڪريان حق حلال جون.

ان سلوڪ پڙهڻ سان اکين آڏو اهڙيون تصويرون اُڀرڻ لڳن ٿيون
جن ۾ ڪو نادرشاه آهي، ڪو احمدشاه ابدالي آهي ۽ ڪو قاسم خان
آهي. ڪو انگريز آهي، ڪو ڏيهي حاڪم ڪلهوڙو يا مير آهي، جنهن
ظلم ۽ ستم جا تمام ليڪا پار ڪري ڇڏيا هئا. ساميءَ رڳو انهن حاڪمن
کي نہ پر پوري سرشتيءَ جي تمام غاصبن کي للڪار ڪئي آهي؛ جي
ڦرلٽ ۽ چوري ڪندي پنهنجا محل اڏين ٿا.

هي سنسار ستيہ نہ پر ڀرم آهي، جنهن انسان کي اهڙو تہ ڀلايو
آهي جو هو اُن کي انين سچ سمجهي وينو آهي؛ جيئن نوڙيءَ کي نانگ
سمجهجي. اهو ڀرم، اوديا جي ڪري آهي جيڪو گروءَ کان گيان حاصل
ڪرڻ سان دور ٿئي ٿو. شنڪر آچاريہ بہ اها نانگ ۽ نوڙيءَ جي تشبيہ
ڏني آهي، جنهن ۾ ويدانت مت موجب رڳو برهم ني سچ آهي. برهم
جيو ۾ ڪوبہ ڀيد ڪونهي. جيو رڳو، مايا (ڀرم) ڪري برهم کان پاڻ
کي الڳ سمجهي، سنسار کي سچ سمجهي وينو آهي.

سامي، رامانج جي ويدانتي ويچارن موجب چوي ٿو تہ برهم

سنسار جي ترشنائن کان پري رهي، انل جيان آڪاس ۾ اُڏامندي وڃي پنهنجو آشيانو ناه:

ورلي ڪنهن لکي، گرمک لک الک جي،
پرچي ڏٺو جنهن پاڻ کي ٿيئي رمز رکي،
سيتل ٿيو 'سامي' چئي بيحد بوند چکي
جيئن انل پکي، استت رهي آڪاس ۾.

سنڌي ادب جو اڀياس ڪندي خبر پوي ٿي ته ساميءَ ڪانپوءِ جي ڪاجهه شاعرن بيدل ۽ دلپت وغيره تي ته سندس شخصيت ۽ ڪلام جو اثر آهي ئي، پر هوُ خود به جيئن ته هڪ سڄاڻ شاعر هيو ۽ پاڻ کان اڳ جي پڻ ڪيترن ئي مفڪرن ۽ شاعرن کان نه صرف واقف هيو. بلڪ انهن جو ڪلام سندس وجود تي ائين ڇانئيو پيو آهي؛ جو لڳي ٿو ته ٻي خوديءَ ۾ هُن جا ڪاجهه سلوڪ اُنهن اڳين شاعرن کان پڻ زبردست متاثر نظر اچن ٿا. ايتري قدر جو تقريبا منجهن هڪ ئي پيغام سمايل آهي. جيئن ته بيدل صاحب به انل پکيءَ لاءِ پنهنجي بيت ۾ فرمائين ٿا :

انل جان آڪاس ۾، ڪيول تو ڪٿي اڏ. (بيدل)

سامي صاحب پنهنجي ستگروءَ جي مهر سان 'آتمڪ اُنتي' جو مالڪ بڻيو. جنهن لاءِ هنن جي سکيا آهي ته انسان پنهنجي اندر مان ميل ڌُهن ئي ڪيڻ ۾ ڪامياب ٿيندو جڏهين مٿس ڪنهن ڪامل پرش جي درشٽي ٿيندي. 'پورن پرک پنهنجي شش کي پڳتي، جوڳ ۽ ويراڳ جي خزانن سان مالا مال ڪري ٿو. پوءِ ئي اُن جي اندر مان هر قسم جا دک ۽ پيڙائون غائب ٿيون ٿين ۽ هو سڄاڳ ٿي انيئي جوت جي وسيلي هر جاءِ تي پرميشور پرتک ڏسي ٿو:

جتي مينگهه منڊل، تتي بيحد بجلي
گروءَ لکايو گيات سان، اهڙو پد اچل،
پائي مک سروپ جو، 'سامي' ٿيو سيتل
ائئي پهر عمل، اُتري ڪين اکين مون.
(سامي)

’سامي‘ سپ جو ديوه آهي پُرڪارت پانھنجو
ڪوڙن مون کو مکڙو گرمک چاٽي پيو،
اوديا جو اهنميو، ڪييو جنهن اندر مون.

سامي صاحب اجا به اڳتي وڌي سمجھائي ٿو ته ڪنهن به مقصد جي حاصلات لاءِ رڳو اُدم ئي ڪافي ڪونهي، پر ان سان گڏ پنھنجي ڪرم سان محبت، همت ۽ بي ڊپائي به هئڻ کپي:

ورچي منڊ ۾ ويه، ڪاه ته ڪيچن کي ملين
ساجهر ئي سامي چوي، چُلي چيرين پيه
ڏورينڊن جو ڏيه، ويئن کي واري وري.

سالڪ کي منزل مقصد ماڻڻ لاءِ اجايو ادمبر نه، پر دل جي پاڪائي ۽ گهري پيار جي ضرورت آهي، جنهن کانسواءِ سڀ حيلا اجايا آهن.

بنا سڪ سچڻ، ڪنھين پاتو ڪينڪي
نڪري ڪينءَ ڏهيءَ ري، منجھون کير مکڻ،
ڦل ورائي وڻ، ’سامي‘ سُچو سڪٽو.

سامي صاحب، انسان کي عقاب جهڙي پکيءَ سان تشبيه ڏيندي چوي ٿو ته، عميق عشق سان گڏ عقل و فهم جو دامن به نه ڇڏڻ گهرجي. اها سمجھه ۽ سکيا سچي گروءَ کان ئي ملي سگھي ٿي، جنهن جي صحبت انيڻ جي آڪاش جا سير ڪرائي ٿي.

عشق عقل آهين، ٻئي پر پکيءَ جا
انيڻ جي آڪاس ۾، گر گم پهچائين
درسن سار سروپ جو، لنو سان لکائين،
ممت مٽائين، ’سامي‘ سڀ اندر جي.

سامي صاحب پنھنجي يگ جو آئينو آهي، جنهن جي ڪلام ۾ اُن دور جي پوري عڪاسي ڪيل آهي. اُن سان گڏ هُن الڳ الڳ وشين کي سمجھائيندي بهترين راهنمائي ڪئي آهي. سامي، انل پکيءَ جو مثال ڏيئي منش کي هدايت ٿو ڪري ته اي انسان! تنهن جي لاءِ واجب آهي ته

اهڙيءَ ولايت کي 'دلپت' پورب ديس ٿو سڏي ۽ ان جي تصوير به
ساڳي ساميءَ جهڙي چٽي ٿو:

جتي ساز نه سرود ڪو، نڪا تند تنوار،
نڪا حد نه بيحد ڪا، نڪو روپ آڪار،
نڪو سج نه چنڊ ڪو، نڪو ڏنڌ وڪار.
(دلپت)

محبوب جي ديدار جو ڪهڙو بيان ڪجي! جنهن کي نه رنگ،
نه روپ، نه ڪا شڪل ۽ سروپ اُهو آخر ڪهڙو ازغيبي اسرار آهي،
تنهن جو وزنن ڪرڻ کان ٻاهر آهي:

دوست جو ديدار، ڪامل آهي ڪهڙو؟
چيو وڃي نه منهن سان، ازغيبي اسرار،
نڪو روپ نه رنگ ڪو، نڪو انگ آڪار،
جڏهن ملنديءَ يار،تڏهن پونديءَ سڌ سروپ جي.
(سامي)

گرونانڪ صاحب به چيو آهي:

روپ نه ديک، رنگ ڪڇ، تره گڻ تي پريو ين،
تسه ٻاڇهائي نانڪا، جس هو وئي سه پرسن.

اها جوت ۽ خدائي نور، هرهڪ جيو، بلڪ هرهڪ شيءِ ۾
موجود آهي، جنهن جو ديدار انهيءَ کي ئي ٿيندو، جنهن جي دل صاف
هوندي ۽ جنهن جي اندر ۾ پريم يا عشق هوندو. ان لاءِ ساميءَ چيو آهي:

بنا پاڪائيءَ پاڪ، ڪنهين پاتو ڪينڪي،
سمجهي ڪو 'سامي' چئي محبتي مشتاق،
چڙهي جنهن عرش تي، هڏو وحدت واڪ،
چڏي سنسو ساڪ، جدا ٿيو جهان کون.

مولانا روميءَ چيو آهي:

سامي صاحب جي سلوڪن ۾ ڪٿي رومي جو اثر پڻ نمايان نظر اچي ٿو.

جيئن تہ روميءَ پڻ پنهنجي گروءَ جي مهما ڳائي آهي؛ جو پنهنجي ڪامل مرشد شمس تبريز جي مهر سان وڏي منزل جو صاحب بڻيو:

چونڪہ باغ من بهار ازشمس تبريزي گرفت
درد رون خنديده‌ام، گرازبرون ناليده ام
(رومي)

سامي صاحب غيبي ۽ روحاني دنيا جو عجيب و غريب بيان ٿو ڪري. جنهن طالب جي اک کلي ٿي، سو جيئري ئي انهيءَ سوکيم جهان جو مشاهدو ماڻي ٿو، جتي زمان ۽ مڪان، آڪاس ۽ پاتال جا بندن ناهن. جتي نہ ڪرم آهي نہ ڪام، نہ غم آهي نہ زوال، نہ بک نہ اُڃ. جتي هردم خاوند جو خيال پيو وسي. سامي انهيءَ 'غيبي ولايت' کي 'بيگم پور' 'ديس ملار' يا 'نور محل' سڏي ٿو.

ڪنهن کي ڪريان حال، پورب ديس ملار جو،
جتي اُڃ بک ناه ڪا، نڪي ڪائي ڪال
نڪو ڏينهن نہ رات ڪا، نڪو آڪاس پاتال،
خاوند جو خيال، سہ ورتي 'سامي' چئي.

انهيءَ 'نور محل' ۾ رات آهي نہ ڏينهن، نہ سج آهي نہ چنڊ. اُتي هميشہ مهر جو مينهن پيو وسي:

نيڻن لايو نينهن، نور محل ۾ ناٿ سان،
جتي سج نہ چنڊ ڪو، نڪو رات نہ ڏينهن
مهرون وسي مينهن، 'سامي' سدا عرش جو.

ساميءَ 'بيگم پور' جو حوالو ڏيئي 'غيبي ولايت' جي کھڙي نہ من موهڪ سمجهاڻي ڏني آهي.

بيگم پور جو شهر، اٿي عين آڪاس ۾،
من ٻڌ واٽيءَ ڪون پري، اگم اگوچر.

ڪبير تون تون ڪرتا تون هوئا
مجھہ مهہ رها نہ هوُن
جب آپا پر ڪا مٽ گيا، جت ديکئہ تت تون
(ڪبير)

خودي مٽي تب سک پئي، من تن پئي اروگ
نانڪ درشٽي آئيا، اُستت ڪرني جوڳ.
(گرونانڪ صاحب)

سامي صاحب فرمائين ٿا تہ صرف پڙهڻ سان ئي سڀ ڪجهہ نہ
ٿو آهي. اُن سان گڏ رهڻي پڻ سني ڪرڻ گهرجي. انسان پهرين پنهنجو
ڻ سان وفادار ٿئي ۽ قول ۽ فعل ۾ فرق نہ رکي:

رهت هڪ رتي، پلي جن پرتيت سان،
تن کي لڳي ڪينکي ٽڏي ۽ تتي،
سي رسيا راه سنئينءِ تي پائي پران پتي،
جئن لوئي رنگ رتي، تئن سامي رتا رهن رنگ ۾.

ڙي طرح روحل پڻ ساميءِ کان متاثر ٿيندي ساڳيو ئي خيال دهرائي ٿو:

ٻڪن مڙيئي بات، تات ڪنهين جي تن ۾،
ٻڌيون سٽيون ڳالهڙيون واڪاٽين وات،
پر ظاهر ٿيندن ذات، رهڻيءَ مان 'روحل' چوي.

ڪتابي علم کان حقيقي علم حاصل ڪرڻ بهتر آهي. ان ڪري ساميءَ
يو آهي.

بنا آتم گيان، ممت نہ مٽي من جي،
توڙي سڀ ساڌن ڪري، پڙهي ويد پران،
گيتا ۾ ڀڳوان، ارجن کي ائين چيو.

ڪبير بہ ساڳيو خيال پيش ڪيو آهي.

پوٿي پڙه پڙه جگ مئا، پنڊت ڀيا نہ ڪوءِ
ڍائي اکشر پريم ڪا، پڙهي سو پنڊت هوءِ.

آئينہ دل چوُن، شوُد صاف وَ پاڪ
نقشہ هاءِ بيني، پرون از آب و خاڪ

شاعر فرمائي ٿو، تہ جڏهن اندرجي آئيني کي صاف ۽ اوجر ڪاجي ٿو تہ پوءِ ڪائنات جي ذري ذري ۾ قدرتي توڙي سمنڊ هر جاءِ تي پرينءَ جو عڪس پسجي ٿو.

سامي صاحب چون ٿا تہ پرينءَ کي پائڻ لاءِ اولين شرط آهي، پوتر تا ۽ پاڪائي. جيسين اسان جي اندر ۾ ڪوڙ، ڪپٽ ۽ پاکنڊ موجود آهي، تيسين پريوءَ جي درشن ماڻڻ ناممڪن آهي:

سو ساڌو جن ڄاڻ، جو ساڌي من شڌ ڪري،
دک سک، لاڀ الاڀ ۾، رهي ثبوتيءَ ساڻ،
'سامي' چئي سڀ ڪنهن جو، ڪيول گهري ڪلياڻ،
ڪيي پنهنجي پاڻ، پيئي پياري رام رس.

ڪبير صاحب فرمائي ٿو:

ڪبير من نرمل ڀيا، جئسا گنگا نير،
هرلاڳي پاڇو ڦري، ڪهي ڪبير ڪبير.

صرف دل جي پاڪائي بہ ضروري ناهي، پر ان سان گڏ چنچل من کي بہ قابو ۾ رکڻو آهي. من تڏهن مرندو جڏهن ان مان هٺ، ايمان ۽ خودي ڪيبي، ڇوتہ خودي ۽ خدا هڪ جاءِ تي ڪونہ هوندا آهن.

خوديءَ منجهہ خراب، مورک وڪ اپار ٿيا
ماجي ويٺا ست، سڀ جڳت جو اسباب،
اڳيون ڪال قهار جو 'سامي' جهلن تاب
هر هر ڏين حساب، سماجهہ ورائي سڪٿا.

خوديءَ يا وجود وڃائڻ تي بيدل فقير، ڪبير ۽ گرونانڪ بہ ساڳي ڳالهہ چئي آهي:

مڪ تون رمز وجود وڃائڻ دي،
نهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي...

(بيدل)

پتنگ جئن پاڻ کي، ڏسي مچ مچي،
'سامي' رنگ رچي سته سپيرين جي.
(سامي)

پتنگن په ڪيو، مڙئا متي مچ،
پسي لهس نه ليئا، سڙئا متي سچ.
(شاه:سريمن ڪلياڻ)

ايشور جو عاشق اهڙو مها پرتابي تو ٿئي، جو هرڪو پاڻمرادو اچيو سندس اڳيان سيس جهڪائي:

ساري رات ساجان، جاڳي جن ياد ڪئو،
اُن جي عبداللطيف چي، متيءَ لدو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، اڳه اچيو اُنجي
(سر سريراڳ-شاه)

سامي صاحب اِهو ساڳيو خيال هيٺين لفظن ۾ چيو آهي:

جپيو جنهن هرنام، گرمک پوري مک ري،
پاتو تنهن پرتيت سان، انيئي ديس انعام،
چڙهي ويٺو تاخت تي، ڪري اپيد آرام،
سيڪو ڪري سلام، سامي چئي شيوڪ تي.

ايشور انيڪ روپ ڌاري، هن جڳ ۾ پرگهٽ ٿيو آهي. ساميءَ جي ٻوليءَ ۾ هو ٻڌندڙ به پاڻ آهي، ڏسندڙ به پاڻ آهي، نرآڪار، هن جڳ ۾ سهسين آڪار وٺي، پنهنجو ديدار پاڻ پيو ڪري. شاه جي ٻوليءَ ۾ ايشور پاڻ ئي حسن جو خلقيندڙ آهي ۽ وري پنهنجي حسن تي پاڻ ئي حيران آهي. هو پاڻ ئي پاڻ تي عاشق آهي ۽ پنهنجو معشوق به پاڻ آهي:

پاڻهين پسي پاڻ کي پاڻهين ئي محبوب،
پاڻهين خلقي خوب، پاڻهين طالب تن جو.
(سر ڪلياڻ-شاه)

سامي صاحب ڪان نہ صرف ٻيا شاعر ٿيا، پر خود سامي پاڻ بہ پنهنجي دور ڪان اڳ ڪيترن ئي شاعرن جي ٻڌايل موضوع جو تتبع پنهنجي سلوڪن ۾ ڪيو آهي. شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ ڪان تہ هوُ بيحد متاثر پيو لڳي، جو هن سندس ڪيترو ئي پيغام تمام ٿوري ڦير گهير سان پنهنجي لفظن ۾ پڻ بيان ڪيو آهي.

جيئن تہ شاه صاحب هيٺين مصراعن ۾ فرمايو آهي:

ڳهڙي ڳهڙو هٿ ڪري، ٻوڙيائين ٻانهون،
ويچاري وڏيون ڪيون، وچ دريا داهون،
موٽ، محب! پاهون، تاڪن تڪي آهيان.
(سرسهڻي)

نانگن ڪين نمايو، ناٿ نمايو نيہ:
مڙهن اُتا ميہ، جوڳيا سندي ذات ڪي.
(سر رامڪلي)

پڙهيو تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
تئن تا ڏوه چڙهن، جي ورق ورائن وترا.
(سريمن ڪلياڻ)

اهي ساڳيا ئي ويچار سامي صاحب اجهو هنن لفظن ۾ تحرير ڪيا آهن:

ڳهڙي ڳهڙو هٿ ڪري، ٻوڙيائين ٻانهون،
ويچاري وڏيون ڪيون، وچ درياه مٿي داهون،
اڇڄ اوراهون، نہ تہ دوست ٿي دم ڏيان.

شاعرن جي دل ۾ ڪا غيبي آتش آهي! ساميءَ جي ڪوتا ۾ ڪٿي ڪٿي اها باه، پڙڪو کائي ٻاهر ٿي نڪري ۽ شعلا ٿي ڏيکاري، هتي ڪي مثال پيش ٿا ڪجن، جن مان ظاهر آهي تہ شاه ۽ ساميءَ ڪي ساڳئي تڙپ هئي. عاشق، پاڻ کي محبت جي مچ ۾ پتنگ مثل ٿا جلائين.

و. سلوڪن جي سموري ستاء بہ اُها ساڳي قائم ڪيل آهي. جا هن ڪان
گ سامي صاحب پنهنجي سلوڪن ۾ سمائي آهي. اهڙي هڪجهڙائي
ڏيڪاريندڙ دلپت جا سلوڪ پيش خدمت آهن. پرين پسڻ، ويراڳ، مايا وغيره
جو ساڳيو ئي ساميءَ وارو وشيہ دلپت ۾ بہ نظر اچي ٿو. سلوڪن جي
سموري ستاءَ بہ اُها ساڳي قائم ڪيل آهي، جا هن ڪان اڳ سامي صاحب
پنهنجي سلوڪن ۾ سمائي آهي. اهڙي هڪجهڙائي ڏيڪاريندڙ دلپت جا
سلوڪ پيش خدمت آهن.

گرو :

گروءَ جي گيان جو ڏيهي ڏيو چار،
تہ نانگ اندر ناٿ جو نرڪين نور نروار،
دلپت ديدار، پيهي پس پاڻ ۾.
(دلپت)

چوراسي لک جوٽين ڪان موڪش:

لک چوراسي چولا چيتن پهر يا رنگ رنگ اپار
لڪيهن لباس ۾ تو ڪيل ڪري گيلار
(دلپت)

ادويت واد جو پيغام:

ٻيائي ڀولي ڪري ڀوري ڀرم نہ ڀل
هوت تنهنجي هنج ۾ ناحق روه نہ رل.
(دلپت)

پاڻ ۾ پرين پسڻ

پرين پس پاڻ ۾ ڀوري ڀرم ڀڃ
پئي تون پاڻيءَ ۾ موڳي مرين اُڃ
چاڪي سهڪين اُڃ، دلپت چڏي پرين کي
(دلپت)

سامي 'سامي' سڀ ديدار اٿيئي عجيبن جو،
ڏسي ڀنڌي پاڻ تو، ڀولي ڀولٽهار،
نر آڪار آڪار، ڏاري آيو جڳ ۾.

سنڌي ادب جي ورق داني ڪندي پلئيءَ پت جاڻ ملي ٿي ته نه صرف شاه لطيف، پر ٻيا به ڪيترائي سامي شاعرن آهن، جن جو موضوع سڌي يا اڻ سڌي طرح سامي صاحب جي زبان تي آيل آهي. ٿوري ۾ ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا.

سچل سائينءَ جي ڪافي مشهور آهي:

پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو، صورت جو سلطان
ڪاٿي امير وزير سڏائي، ڪاٿي سڏائي دربار....

سامي

اڻ هوندي بازي، بازيگر برحال ڪي،
ڪاٿي پير فقير امير ٿيو، ڪاٿي شيخ ملان قاضي.

پارسي شعر ۾ انهيءَ خيال جو گهڻو ورجاءُ آهي. مثلا روميءَ جو هيٺيون بيت مشهور آهي.

گه صدر تاج زر کند گه خاک روبر سر کند
گه خویش را قیصر کند گه دلق پوشد چوگدا
(ديوان شمس تبريز)

شاعرن تي اثر :

دلپت : (1769-1841ع)

'دلپت' جي ڪاويه تي سامي صاحب جي سلوڪن جو وڏو اثر نظر اچي ٿو. گروءَ جي مهما، چوراسي لک جوڻين کان مڪتي، 'ادويت واد' جو پيغام ڏيڻ، 'پاڻ ۾ پرين پسڻ'، 'ويراڳ'، 'مايا' وغيره جو ساڳيو ني ساميءَ وارو وشيه دلپت ۾ به نظر اچي

تون جو ٻڌولين تات سو مولا ملڪن ۾ پيو.
سماجهي ڏس سورپ کي، صاحب سو ساکيات،
نهال پاڪين پاڪ،تن مڙو ئي تنهنجو

گرومها:

ڏاڍو لوڏو لهر جو هيڏي پراڻي،
صاحب تي ساٺي، هيڙهہ تائين ٻاجهہ سين.

سنت جيوت سنگھ:

1831ع ۾ قمبر، لاڙڪاڻو سنڌ ۾ شبوڪرام سئنانيءَ جي گھر جيوت سنگھہ جو جنم ٿيو. هن پوليس کاتي ۾ نوڪري ڪئي، پر جلد ئي اُتان استعفا ڏنائين. سائين ولايتراءِ جي سنگ ۾ ڪيس گرو ڪري ڪانئس آتمڪ گيان پاتو. ان طرح هو غريب گھرجائن ۽ پنهنجي ستگروءَ جي سيوا ڪندي 15 جنوري 1891ع ۾ برهملين ٿيو.

جيتوڻيڪ ڪو وڏو شاعر نہ هو، پر هُن ڀڳتي ڀاونا ڌاريندي هُن ڪي ڀڄن ڳايا. اُن جي واڻيءَ تي سامي صاحب جو ڪافي اثر ڏسجي ٿو. جئين تہ 'گرو مهما' بابت جيوت سنگھہ فرمائين ٿا:

ڪئي مالڪ ولايت مهر پنهنجي جيوت ٻانهي غلام ڪي،
هر جاءِ جوت آهي يار تنهنجي ڏس ڪرشن ڪنعيي شيام کي

جيئن سامي صاحب ايشور مهما جي وياکيا ڪندي چيو آهي:

سامي سڀ ديدار، اٿي عجيبن جو،
ڏسي ٻُڌي پاڻ ٿو، ٻولي ٻولڻ هار،
نرآڪار آڪار ڌاري آيو جڳ ۾.

اهو ساڳيو موضوع اسان کي جيوت سنگھہ جي لفظن ۾ اجهو هيئن لفظن ۾ نظر اچي ٿو:

جئون جو تئون نرنڪار تنهنجو نام نہ روپ آڪار،
ورن نہ چهن نڪو روپ توهي، سوهنگ ست سروپ،
تون هي نرگڻ نرآڪار تون هي سرگڻ سرو آڪار
تون هي آهين سڀ ۾ سار، تون هي آهين سڀ پاسار.

ويراڳ:

ويراڳ رکي جودو ۾ سڀ تي ٿيءُ نراس،
بن سمرن رام جي ڪڻ نہ کو اِڪ سواس
دلپت هردم هر جي ٿيءَ داسون جو داس
تہ وئنڪٺ لهين واس، وڃي حضور هر جي
(دلپت)

مايا :

ڪي ڪاپڙي قلوب مون مايا موہ اُپاند
مک ويهي ستسنگ ۾ نمرتا ڪميا ڪاند،
ڪن اکيون عالم کون ہئي ہوٿي ہاند،
وستہ ورتئہ گروءَ کان سا سوگهي ساہ ۾ سانڍ،
منزل تنهنجي مهاند، دلپت ويہ نہ هت ٿي ويسلو
(دلپت)

نهالچند:

'نهالچند' جو جنم 1898ع ۾ مانجهد ضلع دادو سنڌ ۾ لکميچند پارواڻيءَ جي گهر ٿيو. ڪوٽڙي، ڪراچي، سکر ۽ ٻين ڪيترن شهرن ۾ پنهنجون ڪوٺيون ۽ پنهنجا باغ باغيچا هوندي بہ نهالچند جي من ۾ ويراڳ ورتي رهندڙ هئي. پرمهنس گروءَ کان آتم گيان پائي اڌياتمڪ رنگ ۾ اهڙو تہ رڱجي ويو جو ڪيترا وري هن جا شرڌالو ٿي پيا. 1865ع ۾ هيءَ سنت فاني چولو مٽائي رب سان هڪ ٿيو. نهالچند جا سلوڪ رتن جوت (ڀاڱو پهريون) ۾ موتيرام رامواڻيءَ جي سمپادن هيٺ گڏ ڪيل آهن.

نهالچند پنهنجي گروءَ کان مليل گيان ۽ ساڌنا جي نتيجي ۾ ساميءَ جيان آتمڪ آنند ماڻڻ بابت چوي ٿو:

وٺي گيان گروءَ کان، چشمو چاڙهائي
چر جو چيرائي، تہ نهال ميوو ماڻ تون.

پنهنجي اندر ۾ پرين پاڻ ۽ آتم سروپ کي سڃاڻڻ لاءِ نهال چوي ٿو:

مان رکي مڙدن جو ڏکي شان شرم،
پيا بہ ڪروڙين ڪاجن ڪم، ڌرمون هن ڌوتيءَ مان.

سامي صاحب، اگياني انسانن کي سجاڳ ڪندي چوي ٿو:

ڪوڙن کي قدر، ڪونهي مانک ديہ جو،
يون يوءِ ساگر ۾، تي اڏين آٿرو
سچارن سوڌي لڌو، نڪر مون ناڪرُ
عين اييد اڦر، 'سامي' رهن سياءَ ۾.

اهڙي نموني سوامي ڌرمداس پڻ اگياني انسانن کي هوشيار ڪندي چوي ٿو:

مانش جنم امول کي تو متيءَ ساڻ ملائين
هڪ هڪ سواس ڪروڙان ويسر منجهہ وڃائين
منهن مڙهيءَ پائي 'ڌرمون' ڌسين ڪين ڪي.

سوامي گنگارام:

سوامي گنگارام جو جنم 1860ع ڌاري چڪ تعلقي، سکر سنڌ ۾ شري ياونداس جي گهر ٿيو. ننڍپڻ کان ئي وٺي پريوءِ پاسي سندس لاڙو وڌيڪ هو. هيءُ سچو ساڌڪ هو، ساڌڪ مان سنت ٿيو. ڀڳتي ساڌنا جي پٽ تي پنڌ ڪندي، جيڪي هن جي من ۾ ويچار هن جي من ۾ پيدا ٿيا؛ تن کي هن صاحب سلوڪن جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي. 1950ع ۾ هيءُ صاحب ڏانهن راهي ٿيو.

سوامي گنگارام تي سنڌ جي ويدانتي سرمور ڪوي ساميءَ جو ڪافي اثر آهي. هوُ ڪاويہ روپ توڙي ڀاو پکش جي لحاظ کان سامي صاحب جي پرمپرا جو ڪوي آهي. ڪٿي ڪٿي تہ لفظن جي سٽا بہ ساڳي ڪم آندي اٿس. هن صاحب جي ٻاڻيءَ ۾ سندس دارشنڪ ويچار ڌارا جو درشن ٿئي ٿو. گرو، برهم، جيو، جڳت، مايا ۽ مڪتيءَ بابت هن صاحب جيڪي سلوڪ چيا آهن، اُنهن جو مختصر بيان ڪجي ٿو.

وشنداس:

اڳ ذڪر ڪيل ڪوي نهالچند جي پٽ وشنداس پارواٺيءَ ۾ سنڌ ۾ ڪجهه اهڙا سلوڪ چيا آهن، جي سامي اسڪول سان تعلق رکن ٿا. هن جو جنم 1845ع ۾ ٿيو ۽ 1926ع ۾ رب جي راه ڏانهن راهي ٿيو. هن جي سلوڪن ۾ پڻ ساميءَ جيان مايا، اوديا ۽ برهم جا ويچار نظر اچن ٿا. جيئن ته:

مايا: مايا ڪي سڀ لوڳ طالب، مئنون نا ڪڇ چاه هئه،
آوي اُڙدون تسي، نا آوي نا پرواه هئا.

اوديا: اوديا روڳ اندر جو ڪامل سڀ ڪٽيو،
انيئي جي آواز سان، پريمي محل پٽيو،
گوندر غم گنري ويا، لالن لوڙه لٽيو.

برهم: حقيقت ۾ حق، ڏٺم هڪڙو يار سو،
رام رحيم پڪارين، تنهن ۾ ناهي شڪ،
روشني ڪيي سو ئي سمشٽ ديکيو.

سوامي ٽرمداس:

سوامي ٽرمداس جو جنم سنڌي مهيني چيٽ جي 2- تاريخ سن 1854ع ۾ لاڙڪاڻي ضلع جي نوڙهي ڳوٺ ۾ شري 'متومل' جي گهر ٿيو. هوُ 4 جون 1947ع ۾ برهملين ٿيو. هُن ۾ ڀڳتي ڀاونا ڪُوٽان ڪوٽ ڀريل هئي. ٽرمداس، ڏنڌو وهنوار ڪندي گهڻو وقت ڀڄن ۾ گذارڻ لڳو. ساميءَ جيان هن جي واڻيءَ ۾ به ويدانتڪ ويچارن جي جهلڪ ملي ٿي. هوُ چئني طرفن، ڏهني ڏسائن ۾ هڪئي برهم جو پرڪاش پسي ٿو:

اصلي اؤنڪار جي آهي چئني ڪنڌين چانڊاڻ،
اندر ٻاهر ڏهه دسان سنگي آهي ساڻ.

مايا بابت پڻ هن ذڪر ڪيو آهي:

ڏوتي ڏوتي نه چئو تين ڏوتيءَ مان ٽرم،
تپ تيرٿ دان پڃ سيئي شڀ ڪرم.

ڪيترائي سلوڪ لکيا آهن. جن ۾ ڀڳتي، گيان، ڪرم ۽ ڪيترن
سماجڪ وشين تي خيالن ظاهر ڪيل آهن. هن جي ڪاويہ ۾ دارشنڪ
خيالن ۽ تت توم اسي، ويدانت سوتر جي جهلڪ ملي ٿي. هن جا
ڪيترائي سلوڪ ساميءَ سان هڪجهڙائي رکن ٿا:

ڪرم:

ساڳيو لڌم سو ڳوليم ٿي ڳوٺن ۾،
هيرا هتي هو، پنڪيس وٺي پرم ۾.

ويدانت:

سمجه پاڻ کي سيٺ، غافل نانهن گماشتو،
ڏيٺو ڏوڪڙ ناهہ ڪو، هيرا ڪنهن جي پيٺ.

مايا:

مايا ئي مايا جن مانگي سي مسجي ويا،
ايشور جن آراڌيو، وري نا ڇايا،
چيٽي چيتن شڌ کي، سروپ سمايا،
پد انهن پايا، هيرا پنهنجي ڪرم جا.

مهاراج جئہ ڪرشنداس:

مهاراج 'جئہ ڪرشنداس' جو جنم 1875ع ڌاري حيدرآباد، سنڌ ۾
ٿيو. هوُ پنهنجي زماني جو مشهور پنڊت هو. جهڙي نموني ساميءَ
پنهنجي سلوڪن ۾ ستگروءَ جي مهما ڳائي آهي:

ستگر جهڙو شاه، ڪونہ ڏٺوسين ڪاٿهين،
پرچي ڏنو جنهن پوربي، آتم ڏن اٿاه،
نڪي پڇيائين ذات پات، نڪي پڇيائين راه.
ڪري من اڇاه، 'سامي' ڇڏيائين چن ۾.

ساميءَ تان متاثر ٿي مهاراج جئہ ڪرشنداس پڻ پنهنجي سلوڪن
۾ ستگروءَ جي مهما ڳائيندي چوي ٿو:

گرو:

چڱي سڀ ڏنڊو، لڱس تنهنجي ڏيان ۾،
ڪرپا ڪري قلوب مون، ڪيو سنسي جو سنڊو
غلفت جي غار ۾ متان ڪري ٿيان گنڊو
آهيان اصل انڌو، ’گنگارام‘ ساوڌان ڪر تون سيگهہ ۾.

سوامي گنگارام برهم ست، جڳت مٿيا جي تائيد ڪندي چوي ٿو، تہ ”هي جڳت جوٺو آهي. هڪ برهم ئي ست آهي. هڪ برهم ئي سڀني ۾ وياپڪ آهي:“

جوٺو سڀ جهان، سچو صاحب هڪڙو،
برهم ست جڳت مٿيا، سچو ڪر گيان.
ايڪو الک ڀڳوان، گنگارام ساکي سروپ.
پرتک پرميشور ساکي وسي سڀ ۾.
انڌا ڏسن ڪينڪي گهمي پنهنجو گهر،
رڳ رڳ منجهہ رمي رهيو، آد پرک امر.

سوامي گنگارام جيو کي جاڳرت ڪندي فرمائي ٿو:

جنهنجو انگ نہ آڪار، سو ئي سروپ تنهنجو
جيڪي ڏسين ٿو اکين سان، سو پنڄن تتن جو پسار،
تون شڌ چيتن مک سورپ، آهين ساکي سرجڻهار.

مايا پنهنجي ين ين روپن دواران ماڻهن کي ڀنيلائي ڇڏيو آهي:

ڦندريءَ ڦاسائي، ڀڌا جيءَ جهان جا،
پير فقير سڌ ساڌ کي، ٿي ڏائڻ ڏڪائي،
پيڙي چل فريب جو، ٿي ڀلا ڀلائي،
مڙدا ڪيون کائي، گنگارام ڏائڻ ڏيهہ کي.

شري هيرانند ناٿاڻي:

شري هيرانند جو جنم 1874ع ۾ نوابشاه، سنڌ جي مٺوجن ڳوٺ ۾ شري کٽمل ناٿاڻيءَ جي گهر ٿيو. سن 1945ع ۾ پرلوڪ پڌاريو. هن

ڀائي رتارام رتناڻي:

ڀائي 'رتارام' جو جنم 13 اپريل سن 1877ع قمبر علي خان ضلع لاڙڪاڻي ۾ شري شامنداس رتناڻيءَ جي گهر ٿيو. هُن کي سائين ولايتراءِ ۽ سائين جيوتسنگهہ جي سنگ جو رنگ لڳو. گهر گرهستيءَ ۾ رهندي نام سان نينهن لڳايائين. سن 1921ع ۾ هي پريوءَ جو پيارو پرلوڪ پڌاريو. ڀائي رتارام، سامي صاحب جي سلوڪن جي طرز تي سنڌي ٻوليءَ ۾ سلوڪ لکيا آهن.

هوُ گروءَ جا گڻ ڳائيندي چوي ٿو:

ستگر ڏنو حال، سدا آتم جوڳ جو،
متي وئي من مون، هوءَ مان ريک اوال
رتا تيس نهال، پسي پنهنجي پر کي.

مٿيون سلوڪ رتارام جو ساميءَ جي هيٺئن سلوڪ سان ڪيتري نہ هڪجهڙائي ٿو ڏيکاري:

ستگر پرک سڄاڻ، رکيو هٿ مٿي تي،
متي ويئي من مون سامي ڪنڇاتاڻ
وسيو ميگهہ مهر جو پريا نينهن نياڻ،
اڇي بيٺا پاڻ سنمکہ منهنجي سپرين.

ڀائي رتارام جا ٻيا بہ ڪيترائي موضوع ساميءَ جي سلوڪن سان مشابهت رکن ٿا. جهڙوڪ:

مايا:

ماچي چار برهم جو، وڏءِ جيءُ جنجال

پاڻ سڃاڻڻ:

پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، پاٺهين پنج پاڻ،
ستت پاڻ سڃاڻ، رتا رهبر سان ملي.

ستگرو هٿ ڌريو، پنڌ مون پانهي ٽريو،
وچن امول پڌي، منهنجو تتو من ٺريو،
آنند اديت جو، سر تي ڇتر ڌريو،
پائي منهن مڙهيءَ، ٽئڙو چت چريو،
اوناشي امر پد پر جهي آءُ تريو.

مهاراج جئہ ڪرشڻداس، پنهنجي سلوڪن ۾ نہ صرف ساميءَ جيان
ستگروءَ جي ساراه ڪئي آهي، پر ٻين سلوڪن جا وشيہ پڻ ساميءَ وانگر
لڳن ٿا. ان مان ظاهر آهي تہ هن تي ساميءَ جو تمام گهڻو اثر آهي. جيئن:
برهم، ويدانت، جيو، جڳت وغيره.

برهم: ٻاهر اندر هت هت پورڻ جنهن جري خالي نہ وار،
ڪنڪري ٺڪري ٻاٽري، آتم جو ديدار.

ويدانت واڪيہ 'تت توم اسي' جي تائيد ڪندي چوي ٿو:

تون برهم آهين ست روپ هري
چت آنند تي نا تون ين جري
هن ساڪي آهين انيو ڪر هيئن
چوي جئہ ڪرشڻا گهٽ درشڻا جيئن.

هوُ جيو ڪي جاڳرت ڪندي چوي ٿو:

جڪ مارين چو من ماني، ساري عمر ولوڙين ٻاٽي
رام رتن توهين تن پيتر، ڏوري ڪوه ڏوراٽي
وستو آهين تون سچي، مري ديهہ هيءَ ڪچي
جئہ ڪرشڻا آتم رنگ رچي، پاڻ پس تون نامرين.

هي جڳت، رڄ جي ٻاٽيءَ وانگر آهي. اگيان صرف ڏسڻ ماتر آهي. ان ڪي
ڪا سچي حقيقت ڪين آهي:

جڳ هيءُ آهي رڄ جو ٻاٽي،
نڪي هو، هوندو نڪي ڏس هاٽي.

ڀوڻن ۾ ڀولين، تون ور وهاري هنج ۾،
ديد گنوائي ديد جي چو فڪر ۾ ڦولين؟
راتيان ڏينهن روڄ ۾، چو روح پنهنجو رولين؟
اکيون جي کولين، عاجز پاڻ ئي پاڻ تون.

سوامي ٻوڏراج:

سوامي ٻوڏراج جو جنم 6 فيبروري سن 1897ع ۾ ڪوئٽيا ۾ ديوان لوڪومل واڌواڻيءَ جي گهر ٿيو. سوامي ٻوڏراج جو اصلي نالو ٻيوجراج هو. هن کي ستگرو، سوامي پرمانند چداڪاشي سندس گيان ۽ ودوتا پرکي کيس ٻوڏراج جو تخلص ڏنو. هن کيس گروءَ گيان پڳتي ۽ ويراڳ جا پندار پري ڏنا. هن جي پروچن ۾ پرياءُ ۽ تحرير ۾ تاثير هو. اڪتوبر 1944ع ۾ هيءُ سنت، مالڪ سان هڪ ٿيو.

سوامي ٻوڏراج جي ڪاويه ۾ سندس دارشنڪ مانيتائن جي جهلڪ ملي ٿي. هيءُ صاحب ويدانت جي ويچار ڌارا کان متاثر نظر اچي ٿو. ويدانتڪ ويچار ڌارا سبب سندس سلوڪ ساميءَ سان پڻ ملن ٿا. برهم:

آد آڌار اروپ نرنجن پرک اگوچر انترِيامي
سک نڌان سرو دک ناشڪ سندر ست چت آنند سوامي.
نريئه پورن نرمل، سيتل شانت سوروپ مها اُجيارو.

جيو، اگيان ۽ اوديا سبب پاڻ کي برهم کان جدا سمجهي ويٺو آهي:

آهين شڌ ٻوڌ تون آتم، چدانند نروڪار نت،
آهين تون امر سچدانند منوتن توکي آهي ماريو.

ٻوڏراج جي هيٺين سلوڪ مان ''اهم برهم اسمي''، ويدانت مهاواڪيه جو ڀاوُ ظاهر ٿئي ٿو:

سروپ آهيان مان سچدانند، آنند آنند نج آنند
چوڏهن لوڪ آهن گهر منهنجو عرش سچو ئي آهي اڳنڊ.

جڳت:

اڳ نہ ڄاتم ڄاڻ، جڳ مڙيو ئي سپنو،
جڏي ٽيڙو سنگ سنتن جو مٽيو سيئي ماڻ.

ساڌ سنگت:

جيڪو پوي ڪري، اچي ساڌ سنگت ۾
سو اچي ڪين ڦري، رتا چوراسيءَ ۾.
وڃي ٽي وهندي، آورجا هن هٿ مون،
ساڄهر سار ڌٽيءَ ڪي باقي رک رهندي،
موٽي ايندءِ ڪينڪي، اهڙي موج بندي،
تون ساڄهر وٺ ڪنڌي، ڪيول ساڌ سنگت جي.

ٽولارام 'عاجز':

ٽولارام 'عاجز' جو جنم 1884ع ۾ ڏياريءَ ڏينهن نوشهرو فيروز سنڌ ۾ منشي مينگهراج بالاڻيءَ جي گهر ٿيو. هو هڪ آدرشي اُستاد هو. هو شاگردن ۾ قومي يڪجهتيءَ لاءِ روح ڦوڪيندو هو. عاجز ديش ڀڳت بہ هوندي هڪ ايشور ڀڳت هو. 12 جولاءِ 1912ع ۾ هي قوم پرست، سنان ڪرڻ مهل گهاڙ ۾ ٻڏي ڏيندي راه رباني وٺي ويو. هن صاحب جا ويچار ساميءَ سان لاڳاپو رکن ٿا. برهم سروَ وياپڪتا جو ورڻن ڪندي عاجز صاحب چوي ٿو:

تنهنجو نالو آهي سدا سچو نام.
روم روم ۾ رمي رهيو آهين تون رام،
حاضران حضور تون آهين هرهنڌ
ساکيات سماجهون سيئي توکي هرهنڌ.

جيو. اگيان سبب پنهنجي آتم سوروپ کي ڀلجي ويو آهي. هيءُ شاعر، جيو کي جاڳرت ڪندي چوي ٿو:

سگڻ ۽ نرگڻ روپ، سڀ هڪ ئي برهم جا روپ آهن:

سرگڻ ۽ نرگڻ روپ اُنهيءَ جا.

هن جي سلوڪن ويدانت مهاواڪيہ، 'تت توم اسي' جي پرتي ڇاپا ملي ٿي:

پرمانند پاڻ آهين، صفت نٿو سڃاڻي
تت توم اسي ويد واڻي، ڇڏ خيالن سندو ڪتڪو،

مايا ۽ اوديا جو ڀيد وڃائڻ سان چيتن جو چد اياس پسي سگهبو:

مايا اوديا ڀيد وڃائي، چد اياس چد آڪاس ئي آهي،
من ڇڏي ڏي غير گمان، آدم ٿي هت آيو آ.

سوامي پرمانند، جڳت بابت ويچار ظاهر ڪندي چوي ٿو:

جڳہ هيءُ سچو رچ جو پاڻي،
نڪي هو، هوندو نڪي ڏس هاڻي.

اهڙي طرح مذڪوره شاعرن جا ٻيا بہ ڪيترائي اشعار آهن، ڪيترا ٻيا بہ شعراءِ ۽ حضرات آهن؛ جن جي ڪلام تي ساميءَ جو سڌو يا اڻ سڌو اثر آهي. پر جيترو مواد مهيا ٿي سگهيو آهي، اُن جو هتي ذڪر ڪيل آهي.

سوامي ٻوڌراج جي ويچار انوسار هيءُ جڳت صرف خيال جو پسارو آهي:

جڳت ۾ ڏسين جو تو احوال بابا،
سمورو ئي آهي تنهنجو خيال بابا،
دنيا جا جي سنبند آهن سمورا،
ممت موهہ جا جيڪي ظاهر ظهورا
خيامي نظارا آهن سڀ نسورا.

گرو:

ستگرن جي سنگ ۾ ڪر ٽيڪ من جو وزن تار.

سوامي پرمانند:

سوامي پرمانند جو جنم شڪارپور شهر ۾ مڪر سنڪرات جي ڏينهن شري چوڪسرام چگهہ (آسراڻيءَ) جي گهر ٿيو. ڪيس يوگيراج سوامي مسترام ديو، گروءَ جي روپ ۾ پراپت ٿيو. جنهن پرمانند کي يوگ ساڌنا ۽ گيان جو مارگ ٻتائي، سندس مارگ درشن ڪيو. سهن جي سلوڪن مان ساميءَ واري ساڳي جهلڪ نظر اچي ٿي.

جيئن ساميءَ پنهنجي ستگروءَ جي گڻن جي واکاڻ ڪندي چيو آهي:

ستگر جهڙو شاه ڪونہ ڏٺوسين ڪاٿهين،
پرچي ڏنو جنهن پوربي آتم ڌن اٿاه،
نڪي پڇيائين ذات پات، نڪي پڇيائين راه،
ڪري من اڇاه 'سامي' ڇڏيائين چن ۾!

تيئن سوامي پرمانند بہ ساميءَ وانگر گروءَ جي مهما ڳائيندي چوي ٿو:

ستگر سندي شبدن سان، درسيو دسو ون دوار،
پريم پلٽائي ڪيو بيحد بي اختيار
منڊايون موتي ويون، لونءَ ٿي گلزار،
جتي چڙهيو خمار، پرمانند پتو تن ڪي.

28) 'شڪارپور صدين کان' (ڇاپو پهرين)-مرتب ڊاڪٽر عبدالخالق (راز) (شڪارپور سنڌ 1988ع)

29) 'ادبي چمن رسالو': (شاه سامي)-ساهتيه اڪادمي (1985)

30) 'لطيفي لاٽ': ممتاز مرزا- (حيدرآباد سنڌ 1992ع)

31) 'شاه جا سرمور': منوهر مٽلاڻي (اُلهاسنگر 1991ع)

32) 'شاه لطيف جو شعر ۽ سنڌس سورما ۽ سورميون': پوپٽي هيراننداڻي-ديپ شيکا پبليڪشن (ممبئي اپريل2000)

33) 'مان چا اهيان' (ويدانت جي سولي سمجهاڻي): ڇاپو ٻيون-پوپٽي هيراننداڻي (مي ۽ 1977ع)

34) 'سنڌي ڪويتا ۾ ويدانت' (ترتيب اين.بيلاڻي): راجستان سنڌي اڪادمي (جئپور 1993ع)

35) 'شاه جو رسالو': پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي- (بمبئي 1966)

36) 'شاه جو رسالو': (هڪ اپياس) مرليڌر جيٽلي (اجمير 1992ع)

37) 'شاه جو رسالو': (جلد پهريون) ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي (ڪراچي 1923ع)

38) 'شاه جو رسالو': (جلد ٻيون) ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي (ڪراچي 1924ع)

39) 'شاه جو رسالو': (جلد ٽيون) ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي (ڪراچي 1931ع)

40) 'شاه جو رسالو' (چونڊ) فتح چند واسواڻي (اجمير 1962ع)

41) 'شاه جو رسالو' (ٽن جلدن ۾)-ڊاڪٽر گربخشاڻي (بمبئي 1966ع)

42) 'شاه جي رسالي جا سرچشما': ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ (حيدرآباد سنڌ-1979ع)

43) 'شاه جو رسالو': ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جلد 1- (حيدرآباد سنڌ 1972ع)

44) 'لطيفي سير': پيرومل مهرچنداڻي (دهلي 1983ع)

45) 'شاه جون سورميون ': پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻي (ڇاپو ٻيون) (بمبئي 1982ع)

46) 'شاه لطيف جي شاعري': جلد ٻيون-تنوير عباسي (حيدرآباد سنڌ-1958ع)

47) 'پيغام لطيف': جي.ايم. سيد. (ڪنڊيارو سنڌ-1988ع)

48) 'حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي': سنڌي ٻوليءَ جو معمارا-ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ(حيدرآباد سنڌ 1969ع)

49) 'شاه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو معيار-'ڊاڪٽر بلوچ(حيدرآباد سنڌ 1968ع)

50) 'وساريان نه وسرن': ممتاج مرزا (حيدرآباد سنڌ 1988ع)

51) 'شاه جون آکاڻيون': جيٺمل پرسرام گلراجاڻي (ٽن ڀاڱن ۾) (اجمير 1990ع)

52) 'سنڌ ۽ اسان جو ورثو': مرتب موتيرا. رامواڻي- (بمبئي 1987)

53) 'فن. شاعري': اندر پوڃواڻي (ڪلڪتي 1983ع)

54) 'شاه جو شعر': ڊاڪٽر پرسو گدواڻي- (بمبئي 1973ع)

55) 'شاه سنڌي تهذيب جو روپ': پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي (بمبئي 1983ع)

56) 'شاه جون ست ڪهاڻيون': رام پنجواڻي (بمبئي 1952ع)

57) 'شاهاڻو شاه' موتيرام رامواڻي (بمبئي 1983ع)

58) 'سچل سرمست جو چونڊ ڪلام': پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي (بمبئي 1979ع)

59) 'سچل': پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي (بمبئي 1954ع)

60) 'سچل جون واديون': ٻلديو مٽلاڻي (اُلهاسنگر 1995ع)

61) 'فن تحقيق ۽ اُن جا اصول': ٻلديو مٽلاڻي، ممبئي يونيورسٽي (ممبئي 1997ع)

ڪتابن جي يادداشت

سنڌي

1) 'ساميءَ جا سلوڪ' (ڀاڱو پهريون): بي.ايڇ.ناگراڻي-ڇاپو پهريون (بمبئي 1955ع)

2) 'ساميءَ جا سلوڪ' (ڀاڱو ٻيون): بي.ايڇ.ناگراڻي-ڇاپو پهريون (بمبئي 1958ع)

3) 'ساميءَ جا سلوڪ' (ڀاڱو ٽيون): بي.ايڇ.ناگراڻي-ڇاپو پهريون (بمبئي 1967ع)

4) 'ساميءَ جا سلوڪ' (ڀاڱو ١-٢-٣): بي.ايڇ.ناگراڻي-سنڌي اڪادمي (دهلي 1997ع)

5) 'ساميءَ جا سلوڪ' (جلد ١-٢): بي.ايڇ.ناگراڻي ۽-سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو (حيدرآباد 1992ع)

6) 'ساميءَ جا سلوڪ' (ڇاپو-٣): ڪوڙومل چندنمل کلناڻي-ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل (حيدرآباد سنڌ 1885ع)

7) 'ساميءَ جا چونڊ سلوڪ' (ڇاپو-5): ڇپائيندڙ سيتلداس آهوجا-آتمڪ ساهتيه مالا (بمبئي 1984ع)

8) 'ساميءَ جا چونڊ سلوڪ': ڪوڙومل چندنمل کلناڻي (ترتيب واڌومل مولچند)- ڪوڙومل سنڌي ساهتيه اجمير (بمبئي 1955ع)

9) 'ساميءَ جا آتم سلوڪ': چونڊ ۽ ترتيب شري تياجومل ڪلاچند ميرچنداڻي (جلد پهريون)

10) 'ساميءَ جي سلوڪن جو جائزو': قيمت هريسنگهاڻي- (ڀوپال 1990ع)

11) 'ساميءَ سنديون سپون': ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو- (لاڙڪاڻه 1975ع)

12) 'ساميءَ ڏاتو ڪوش': (ڇاپو پهريون) ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو- (لاڙڪاڻه 1978ع)

13) 'سامي': (ڇاپو پهريون) ليکراج عزيز- (بمبئي 1965ع)

14) 'سامي': (ڇاپو پهريون) ڪلياڻ بي آڏواڻي-چيتن ليکراج ماڙيوالا- (بمبئي 1965ع)

15) 'شاهه ۽ سامي': رام پنجواڻي- (بمبئي 1951ع)

16) 'سنڌي شعر جو انتخاب': رام پنجواڻي-ساهتيه اڪادمي (1976ع)

17) 'شاهه سچل سامي' (نئين نظر): اي.جي.اُتم-نئين دنيا پبلشرس (بمبئي 1962ع)

18) 'شاهه سچل سامي' (هڪ مطالعو): محمد ابراهيم جويو- (ڪنڊيارو سنڌ 1990ع)

19) 'ساهتيڪ پشپ': منوهرداس ڪوڙومل-ساهتيه اڪادمي (بمبئي 1960ع)

20) 'سنڌ ۽ سنڌي': پيرومل ميرچند آڏواڻي- (اجمير 1994ع)

21) 'قاضي قادن جو ڪلام': هيرو ٺڪر (دهلي 1978ع)

22) 'تحقيق ۽ تنقيد': (ڇاپو پهريون) هيرو ٺڪر-پوجا پبليڪشين (ڊسمبر 1997ع)

23) 'سنڌ ۽ اسان جو ورثو': مرتب-موتيرام راماڻي- (بمبئي 1987ع)

24) 'جاني جهروڪن ۾': ڀڳوانداز ٽولٽاڻي هوش- (احمدآباد 1987ع)

25) 'سپون منجهه معراج': ڀڳوانداس ٽولٽاڻي هوش- (احمدآباد 1987ع)

26) 'ادبي آئينو': ليکراج عزيز- (بمبئي 1955ع)

27) 'علم بديع': سنديلو-ڊاڪٽر عبدالڪريم (لاڙڪاڻه ....)

62) 'موتي چاچڻ هنس': ڊاڪٽر ديال آشا- (اُلهاسنگر 1995ع)

63) 'سنڌي شعر جي تواريخ': (ڇاپو ٻهريون) ڊاڪٽر ديال آشا-انجلي پرڪاشن (اُلهاسنگر 1984ع)

64) 'سچل سائين': ڪريم بخش خالد (ڪراچي 1983ع)

65) 'فڪر بيدل': ڊاڪٽر ميمڻ عبدالعيف سنڌي (سکر سنڌ-1970ع)

66) 'شاعر هفت زبان': فخر پاڪستان-قاضي علي اڪبر درازي (سنڌ 1975ع)

67) 'هڪ جلد سنڌي لغت': (ڇاپو ٻهريون) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (حيدرآباد، سنڌ 1998ع)

68) 'سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس': ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد-روشني پبليڪشن ڪنڊيارو (جنوري 1996ع)

69) 'تاريخ معصومي': (فارسي متن) مير محمد سيوهاڻي- (حيدرآباد سنڌ 1983ع)

70) 'تحفة الڪرام' (سنڌي ترجمو)-سنڌي ادبي بورڊ (حيدرآباد سنڌ)

71) 'روح رهاڻ': ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي- (حيدرآباد سنڌ 1960ع)

72) 'سنڌ جي ادبي تاريخ': (ٻاگو ٻهريون) ڇاپو ٽيون-خانبهادر محمد صديق ميمڻ (حيدرآباد سنڌ 1962ع)

73) 'تاريخ سنڌ ادب': جلد ٻيون خانبهادر محمد صديق ميمڻ- (حيدرآباد سنڌ 1959ع)

74) 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ': ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ-:يب ادبي مرڪز (حيدرآباد سنڌ 1980ع)

75) 'سنڌي ادب جي مختصر تاريخ': (ڇاپو ٽيون) عبدالجبار جوڻيجو-روشني پبليڪيشن (ڪنڊيارو سنڌ)

76) 'سنڌي ٻومي جي تاريخ': ڀيرومل مهرچند آڏواڻي- (حيدرآباد سنڌ 1972ع)

مخزنون

1) رچنا آڪٽوبر ۽ ڊسمبر 1985ع انڪ 28

2) سماهي مهراڻ-حيدرآباد سنڌ جا الڳ الڳ ڇاپا

3) ڇهه ماهي سنڌي ادب حيدرآباد سنڌ جا الڳ الڳ ڇاپا

4) سامي سيمينار ڀوپال يادگار 18-19 سيپٽمبر 1985ع

5) نئين زندگي-(حيدرآباد سنڌ-آگسٽ 1992ع)

هندي ڪتاب

1) 'भारतीय दर्शन' - آچاريه ٻلديو اُپاڌيه (دهلي 1979ع)

2) 'वेदान्त और अद्वैतवाद' سوامي گنيشداس اُداسين (بمبئي سنبت 2015)

3) 'हिन्दी साहित्य की दार्शनिक पृष्ठभूमि' (ڇاپو ٻيون): ڊاڪٽر وشمبرناٿ اُپاڌيه- (آگرا سيپٽمبر 1961ع)

English Books

1) 'Song of the Spirit'- Translated by Shanti L. Shahani (Karachi 1947)

2) 'History of Sindhi Literayure' : by L.H.Ajwani (Delhi 1997)

3) 'Sindhi ain Sindhyat" -by Prof. Ram Panjwani (Bombay 1987)

4) "A Dictonary of Sindhi Literature" -by Motilal Jotwani (Delhi 1996)

5) "Sindhi Medieveal Literature"-by Dr. Baldev Matlani (Mumbai 1998)

SAMI

HIK VEDANTI SHAIR

(SAMI -A VEDANTIC POET)



Dr. VANDANA ASHOK RAMWANI